مُحبّ سَندا موتِي

{محَبَ علي خان ٽالپر جي شعرن جو انتخاب}

مرتب

ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر

مُحِبّ سَندا موتِي

[فقير روشن ضمير مُحِبّ علي خان ٽالپر جي شاعري]

وِرهَ وارا وَڏيل ويهي، بَتائِن بِرهَ جون باتِيون،
سُخن سهڻا سچارن جا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

مُحِبّ سَندا موتِي

[فقير روشن ضمير مُحِبّ علي خان ٽالپر جي شاعري]

مرتب

ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر

ايم. بي. بي. ايس

ڇپائيندڙ

فقير روشن ضمير مُحِبّ علي خان ٽالپر فائونڊيشن

ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو : مُحبَ سندا موتي
(فقير روشن ضمير مُحِبّ علي خان ٽالپر جي شاعري)
مرتب : ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر
ڇاپو پهريون : آگسٽ 2011ع
ڇپائيندڙ : ڊاڪٽر حاتم علي ۽ ڊاڪٽر سهراب خان ٽالپر
فقير روشن ضمير مُحِبّ علي خان ٽالپر فائونڊيشن
51 ـ ٻي الرحمان ڪاٽيجز حيدرآباد ٻاءِ پاس،
حيدرآباد، سنڌ. موبائيل: 03332853386
ڪمپوزنگ : راڻو ميگهواڙ
سُورج پرنٽرس، 7 ـ ربي چيمبر، سامهون چائنيز
ريسٽورنٽ، حيدر چوڪ، حيدرآباد، سنڌ
قيمت : 500 (پنج سؤ رپيا)

انتساب

هيءُ ڪتاب ارپيم پنهنجي هادي پاڪ والد
بزرگوار بابا محبّ سائين جن کي جيڪي
اسان جا پيرِ مغان آهن.

اِيءَ گتِ غَواصَن، جيئن سَمنڊُ سوجهيائون،
پيهِي منجه پاتارَ جي، ماڻِڪَ ميڙيائون،
آڻي ڏِنائُون، هِيرا لَعلَ هَٿن سين.
(لطيفؒ)

سَهيڙيامِ سِڪَ مان، جي مُحبَ سَندا موتِي،
جَواهَرَ سي جوتِي، شَمِسَ کي شَهَ ڏِيَن.
(حاتم)

سٽاءُ

- مهاڳ ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر 9
- زندگيءَ جو مختصر احوال 11

حصو پهريون : ڪلام

- ذڪرِ خداوندي 63
- شانِ مصطفيٰ ﷺ 89
- شانِ عليؑ 99
- شانِ مرشد 100
- الاهي عشق 108
- سوزِ عشق 131
- جام- ساغر و مينا 145
- نيڻ - اکيون 148
- اسرار سارو اندر ۾ 155
- وَحدةُ الوجود - منصوري مام 162
- سُر سَسُئِي 177
- سُر سهڻي 185
- سُر هير رانجها 187
- سُر ليليٰ مجنون 190
- سُر مومل راڻو 191
- سُر عمر مارئي 195
- سُر ڪاموڏ (نوري ڄام تماچي) 199
- سُر ڪاپائتي 200
- سُر سورٺ 201

- سُر ڪيڏارو 202
- سُر رامڪلي 205
- سُر سريراڳ 207
- حالِ يتيم 209
- شانِ ميخانہ 210
- آجيانہ 212
- عاجزي 214
- دنيا فاني: هوش ڪر 218
- شيطان 228
- مُلان ۽ منصور 229
- يادِ وطن: يادِ اَلست 230
- حياتِ ابدي 234
- اونچي اڏام 235
- رازداري 237
- سجدا 238
- مرحبا 239
- نذرانہ عقيدت 240
- اظهارِ محبت (يادِ رفتگان) 242
- اردو ڪلام 246
- هندي ڪلام 253

حصو ٻيو: ابيات

- ذڪرِ الاهي 260
- شانِ مُرشد 264
- الاهي عشق 267
- سِڪ ۽ سوز 269
- سُر سسئي 272
- سُر ڪاموڏ 275
- سُر ڪاپائتي 276
- سُر مومل راڻو 277

- سُر سهڻي 284
- سُر ڪيڏارو 285
- جي توڪي سَڏَ 286
- جي ڀانئين جوڳي 289
- جي ڀانئين حال 290
- الله مان اثبات 294
- عشق ۽ آذر 297
- تيرِ نگاهه 300
- خطن لاءِ بيت 301
- ابياتِ متفرقه 303
- پنجن جو پاسو 304
- سِهه حرفي (ٽيهه اڪري) 305
- نظم: مذهب ۽ مت ڀيد 306
- مذهب ۽ متڀيد شعر جي ڏکين لفظن جي معنيٰ 320
- ضميمو 335
- اختتام 351

مهاڳ

حق موجود!

سنڌ صوفين جي سرزمين آهي جنهن ۾ معرفت جا ڪيئي گل ٽڙيا آهن جن سان اسان جي هيءَ ڌرتي مهڪي رهي آهي. اسان جا مرشد هادي بابا محبّ علي خان ٽالپر به انهن گلِ رنگ و خوشبو مان هڪ گل آهن. پاڻ سڳورن پنهنجي علم و عرفان ۽ روحاني تعليمات سان ڪيئي چراغ روشن ڪيا ۽ ڪيترين ئي مئل دليون جياريون.

پاڻ سڳورا سن 1923ع ۾ ڳوٺ مهر علي ٽالپر تعلقو شهدادپور ضلع سانگهڙ (جيڪو ان وقت نوابشاهه ضلعو هو) ۾ مهر علي خان ٽالپر جي گهر ۾ تولد ٿيا. هيءُ ڳوٺ شهدادپور کان اٽڪل 5 ميل اتر اولهه طرف آهي. ڪنهن زماني ۾ هتي واريءَ جون ڀِٽون، ڪٻر، ڪرڙ ڪنڊا ۽ جهنگل هوندو هو ڇو ته ڪنهن وقت ۾ هتان درياءِ سنڌ وهندو هو جيڪو هن وقت رخ مٽائي هالا پراڻا کان وهي رهيو آهي پر هينئر جاگرافيائي حالتون تبديل ٿي چڪيون آهن ۽ ڳوٺ جي چوڌاري سرسبز ٻنيون نظر اچن ٿيون.

1970ع ۾ مون کي بابا سائين جن جي ڪلام سهيڙڻ جو خيال دل ۾ پيدا ٿيو. ان لاءِ ضروري سمجهيم ته ڪلام سان گڏ سندن زندگيءَ جا ظاهري توڙي روحاني حالات به قلم بند ڪجن. مون کين عرض ڪيو ته پنهنجي سوانح حيات لکي ڏيو ته نوازش ٿيندي. منهنجي عرض کي قبول فرمائي پاڻ سڳورن 1970ع تائين پنهنجي زندگيءَ جا حالات و واقعات لکي ڏنائون جيڪي نهايت دلچسپ ۽ سبق آموز آهن. اُهي سندن ئي زباني توهان جي خدمت ۾ پيش ڪندس. 1970ع کان بعد جا حالات آئون پنهنجي تحرير ۾ عرض رکندس. پهرين سندن خاندان جو مختصر شجرو جيڪو کين معلوم هو اُهو هتي تحرير ڪريون ٿا. ان بعد سندن خود نوشته سوانح حيات پيش ڪبي. ان کان علاوه سندن طرز زندگي، روحاني حالات، ملفوظات ۽

تعليمات، مرشد محمد سائين جن جو احوال، طالبن جو مختصر احوال، محبتي. صحبتي ۽ عقيدتمند، ڪجهه خاص صحبتين جو مختصر احوال ۽ بابا سائين جن جي قريبي خانداني رشتن جو ذڪر به ڪيو آهي. داستان واقعي طويل ٿي ويندو پر مون اهو صرف ان ڪري ڪيو آهي ته جيئن بابا سائين جن جي زندگيءَ جي حالات ۽ رشتن جو ڪو به پهلُو تشنه تحرير نه رهي. شال فقراءَ ڪي هي ڪاوش قبول پوي.

لکين شڪرانه خالقِ ڪائنات جا جنهن مون کي پنهنجي ڪرم سان قوت بخشي جو بابا سائين جن جو هي ڪتاب "محبِ سندا موتي" لکڻ جي استطاعت ملي. ان بعد بابا سائين جن جي روحاني علم و عرفان جي پرڪاش منهنجي رهنمائي فرمائي نه ته ايترو ڪجهه نه لکي سگهان ها. فقير اعجاز علي، ولي محمد فقير ۽ ڀاءُ سهراب خان جي مشاورت ۽ معاونت لاءِ به سندن ٿورائتو آهيان. ڀاءُ سهراب خان جي دوست مسٽر ابرار احمد مجيداڻو جو به شڪرگذار آهيان جنهن ڪمپوزر راڻو خان سان شناسائي ڪرائي. دوست راڻو خان ميگهواڙ جو به دل جي گهراين سان شڪريو ادا ڪريان ٿو جنهن سٺي ڪمپوزنگ سان گڏوگڏ ڇپائيءَ جي هر مرحلي ۾ مدد ۽ تعاون ڪيو. الله جَل شانه سندس اداري "سوُرج پرنٽرس" کي اجا به وڌيڪ ترقي ڏئي ته جيئن هي ادارو علم و ادب جي بهترين خدمت ڪري سگهي. آمين

ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر

الرحمان بنگلوز ۽ ڪاٽيجز
باءِ پاس روڊ، حيدرآباد.

5 جنوري 2011ع

فقير روشن ضمير محبّ علي خان ٽالپر جي سوانح عمري

شجرو:

دراصل سيئي بلوچ قومون ”مير حمزي خان“ جي اولاد مان وجود ۾ آيون، جيڪو يمن ملڪ جو حاڪم هو ۽ حضرت عليءَ جي دستِ مبارڪ تي مسلمان ٿيو هو. بلوچن ۾ ڪجھ خانہ جنگين سبب سندن قبيلا ٽڙي پکڙي ويا. اهڙيءَ طرح ٽالپر قوم ۽ بلوچن جا ٻيا بہ ڪيترائي قبيلا گهمندا ڦرندا سنڌ ۾ اچي پهتا ۽ هميشہ لاءِ هتي آباد ٿي ويا. بابا سائين جن جا وڏا اڳي ڳوٺ محبت ديرو (ڪڏ ڪوهي، پيرواهہ) تعلقہ ماتليءَ جا رهاڪو هئا. ميرن جي صاحبيءَ ۾ گادي نشين ميرن هنن کي، هِنَ علائقي (جتي هينئر اسين رهون ٿا) ۽ ٽنڊي الهيار کان ڏهہ ميل ڏکڻ طرف (جتي هينئر حمزه ٽالپر جو ڳوٺ آهي) ڪجھ زمين بطور جاگير عطا ڪئي هئي (جيڪا بعد ۾ اسان جي وڏن سروي ڪرائي ڇڏي). انهن ئي ڏينهن ۾ اسان جي وڏن ۾ ڪجھ گهريلو اٽبڻت ٿي پئي. تنهنڪري پهريائين ”مير حمزو خان“ اُتاهين لڏي اچي ٽنڊي الهيار واري جاگير تي ويهي رهيو ۽ ”حمزي خان ٽالپر“ جو ڳوٺ ٻَڌائين. ڪجھ وقت بعد ”مير بهرام خان“ وري لڏي اچي هِنَ جاگير تي ويٺو. مير بهرام خان کي ”مهر علي خان“ نالي پٽ هو ۽ تنهنڪري ئي هيءُ ڳوٺ ”مهر علي خان ٽالپر“ جي نالي سان سڏجڻ لڳو.

مير حمزي خان ۽ مير بهرام خان، محبت ديري وارن سان هميشہ لاءِ قطع تعلق ڪري ڇڏيو باقي اسان جي ڳوٺ ۽ حمزي ٽالپر جي ڳوٺ وارن جو اچا تائين پاڻ ۾ گهاٽو تعلق هليو اچي. جيئن تہ مير حمزو خان ۽ مير بهرام خان پاڻ سان گڏ اُتاهين جا ڪي ٽالپر، خاصخيلي ۽ هندو بہ وٺي آيا هئا، تنهنڪري اسان جي ڳوٺ ۽ ’حمزي ٽالپر‘ جي، ٽالپرن، خاصخيلين ۽ هندن

جا پاڻَ ۾ تعلقات هئا ۽ اهي اڃا بہ قائم آهن. فقط هندو پاڪستان ٺهڻ بعد هندستان لڏي ويا آهن.

جيئن تہ اسان جا وڏا اڻ پڙهيل هئا. تنهنڪري منجهن شجري رکڻ جو ڪوبہ شعور نہ هو. هن وقت اسان کي فقط ”مير بهرام خان“ تائين شجري جي خبر آهي ۽ ان کان مٿي ويندي ”مير حمزه خان“ تائين سمورو شجرو محبت ديري وارن ميرن وٽ محفوظ آهي، پر انهن سان بي تعلقيءَ سبب اڃا وٽائنئن سڄو شجرو هٿ نہ ڪري سگهيا آهيون. اسان جي وڏن کي هينئر اُنهن مائٽن مان رڳو چند ماڻهن جا نالا ياد اچن ٿا. جن مان هڪ پير مرد جو نالو ”گولو خان“ ٻڌائين ٿا.

بابا سائين ’محبَ علي خان ٽالپر‘ کان ’مير بهرام خان ٽالپر‘ تائين شجرو:



اسان جو خاندان ٽالپرن جي ”گڱاڻِي“ پاڙي سان تعلق رکي ٿو.

هاڻي آئون بابا سائين جن جو پنهنجي هٿ سان لکيل داستانِ حيات پيش ڪري رهيو آهيان، جيڪو نهايت دلچسپ، پردرد ۽ سبق آموز آهي.

خود نوشتہ سوانح عمري:

انسان جي زندگي هڪ ڪَٺِ پتليءَ جو کيل آهي، جنهن جي ڏور ڏاهي جي هٿ ۾ هوندي آهي، تاهم حياتيءَ جا حالات جن سان انسان دوچار ٿئي ٿو انهن ۾ ڪي حالات تقديري هوندا آهن تہ ڪي وري ماحول جي اثرن ۽ انسان جي عملن جا نتيجا.

‘سوانح حيات’ جو مطلب آهي. "ڪنهن انسان جي آفرينش يعني آغاز کان انجام تائين حالات جو ميزان". مگر آئون پنهنجي زندگيءَ جو جيڪو احوال لکي رهيو آهيان سو فقط پنهنجي ماضيءَ کي دهرائيندي حال تي ختم ڪندس، ڇاڪاڻ ته منهنجو حال اجا ماضيءَ ۾ تبديل ٿيندو ٿو رهي. والله اعلم ته اهو سلسلو اجا ڪيترو عرصو جاري رهندو.

آگاہ اپنی موت سے کوئی بشر نہیں،
سامان کیا سو برس کا، اک پل کی خبر نہیں.

منهنجو جنم اسڪول جي رجسٽر مطابق 12 سيپٽمبر 1923ع آهي، جنهن ۾ آئون خود مشڪوڪ آهيان ڇاڪاڻ ته اسان جا وڏا لاعلم هئا تنهنڪري هنن استاد کي ڪا صحيح تاريخ نه ٻڌائي هوندي. منهنجي خيال ۾، ڄاڻايل جنم کان ٻه ٻه سال ڪن وڏو هوندس.

اُن کان اڳ جو آئون پنهنجي زندگيءَ جا حالات بيان ڪريان، پنهنجي وڏن جي بي علميءَ ۽ اڏنگن ڪمن تي هلڪي روشني وجهڻ چاهيان ٿو جن منهنجي سوانح حيات کي گهڻو متاثر ڪيو آهي. [منهنجي شعور جو زمانو ٻراج جي ڪوٺائيءَ کان اڳ اٽڪل ڇهه سال ڪن ٿيندو. اُنهيءَ زماني ۾ سڄي سال ۾ فقط هڪ فصل ٿيندو هو ۽ پاڻي رڳو ٽي چار مهينا ئي وهندو هو. اسان جي ڳوٺ وٽان ‘لهاڻو’ ڊوري مان ٽي وڏا واهه نڪرندا هئا، جن مان ‘عاشق واهه’ اڳتي وهي "عبدالحڪيم ڀنيري" جي ڳوٺ ڏانهن به ويندو هو ۽ هِتي اسان جي زمين کي به آباد ڪندو هو. مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي ته 1927ع ۾ اسان جي وڏن پاڻيءَ جي اَڻاٺِ سبب ‘عاشق واهه’ کي وڏو بند ڏيئي ڇڏيو ته جيئن پاڻي اڳتي نه وڃي. انهيءَ ڳالهه تان اسان جي وڏن ۽ "خانصاحب عبدالحڪيم ڀنيري" جي وچ ۾ سخت تڪرار هليو. پهريائين ته وڏيري اسان جي وڏن کي منٿ ميڙ ڪئي ته بند کوليو پر هنن نه مڃيو پوءِ وڏيري ڏيڍ سؤ ماڻهون وٺي اچي مٿن حملو ڪيو پر شڪست کائي واپس موٽيو ۽ بند نه کولائي سگهيو. آخرڪار هُن ٻين وڏيرن ۽ هندو زميندارن سان ساز باز ڪري حڪومت وٽ پُڪاريو جنهنڪري سال 1928ع ۾ اسان جي ڳوٺ تي پوليس جو وڏو حملو ٿيو جنهن ۾ منهنجو والد، ٽي چاچا ۽ هڪ سؤٽ گرفتار ٿيا ۽ انهن سان گڏ ٻيا ٻه ويهارو کن ڳوٺ جا ماڻهون گرفتار ٿيا. سڄي ڳوٺ جو چوپايو مال به ضبط ٿي ويو جيڪو بعد ۾

حڪومت نيلام ڪرائي ڇڏيو. اسان جي ڳوٺ وارن تي ان وقت جهيڙي ڪان سواءِ چوري، پاٽاريداري ۽ ڌاڙي هڻڻ جا الزام بہ هئا. انهن تهمتن جا اڳواڻ، چاچو شهعلي خان ۽ بابا مهر علي خان هئا، جيڪي واقعي انهن الزامن جا مجرم هئا. منهنجا چاچا، بابو ۽ ڪي ويجها عزيز پير صاحب پاڳاري جا مريد هئا تنهنڪري حرن سان سندن گهاٽو تعلق هو ۽ ڪيترائي دفعا مختلف جرمن ۾ سزائون بہ ڀوڳي چڪا هئا. تنهنڪري هنن جي ڪارنامن جون رپورٽون وقت جي وائسراءِ ڪي بہ وڃي پهتيون هيون. هنن تي سختيءَ سان ڪيس هلايو ويو. جنهن ۾ چاچي شهعلي خان کي ست سال سزا ۽ ڏنڊ، بابا کي پنج سال سزا ۽ ڏنڊ ۽ ٻين بہ ڪيترن ئي کي اهڙيون سزائون مليون ۽ جيڪي آزاد ٿيا تن ۾ چاچو بهرام خان، چاچو حيات خان ۽ سؤٽ احسان خان بہ شامل هئا. جن کي پنجن کان ستن سالن تائين سزائون مليون تن کي بمبئي، پونا، ناسڪ، ٺاٺا جيل، ديوناگري ۽ حيدرآباد دڪن ۾ موڪليو ويو. بابا جن کي 'ناسڪ' جيل ۾ رکيو ويو. (ان وقت سنڌ علائقو بمبئيءَ سان شامل هو)

اسان جي وڏن جي پونچي اهڙن مقدمن ۽ اڏنگن خرچن ۾ اجڙ تي چڪي هئي ۽ ڪافي زمين پڻ گهڻو وقت غير آباد رهڻ ڪري نوبت هيٺ اچي ويئي هئي، جيڪا حڪومت نيلام ڪري ڇڏي. اسين ان وقت والدين هوندي بہ گويا يتيم ٿي چڪا هئاسون ۽ اسان جي حالت قابلِ رحم هئي. ويتر جو پراڻن واهن جو پاڻي بند ٿي ويو ۽ بئراج کوٽجڻ شروع ٿيو تنهن تہ هيڪاري رهي سهي حالت بہ ابتر ڪري ڇڏي.

سال 1929ع ۾ چاچي بهرام خان ۽ سؤٽ احسان خان کي پنهنجي ۽ اسان معصوم ٻچن جي بي علميءَ ۽ حالتِ زار تي سوچڻ جو فهم جاڳيو جنهن جي نتيجي ۾ هنن ڪوشش ڪري اسان جي ڳوٺ ۾ اسڪول کولايو ۽ اسان تعليم وٺڻ شروع ڪئي. 1929ع ۾ مون ٻاراڻو ڪتاب پورو ڪيو ۽ 1930ع ۾ پهريون ڪتاب پڙهڻ لڳس. ان وقت اسان جي گذران جا وسيلا تنگ ٿي چڪا هئا، تنهنڪري اسان جي ناني 'ابراهيم خان ٽالپر' (ساڪن حمزو ٽالپر، تعلقہ ٽنڊو الهيار) اسان ٽن ڀائرن نواب خان، دودي خان ۽ مون کي، پاڻ وٽ گهرائي ورتو. آئون ٻنهي ڀائرن کان ننڍو هئس. ڳوٺ حمزي ٽالپر جي اسڪول ۾ اسان جو ماسترُ 'گهنور خان' نائب استاد هو جنهن جي زيرِ نگراني 1932ع تائين ٽي درجا پورا ڪيم. 1933ع جي شروعاتي

مهينن ۾ جيئن ئي چوٿون درجو شروع ڪيم ته خبر پئي ته بابا صاحب ناسڪ جيل مان آزاد ٿي آيو آهي، تنهنڪري اسين به موٽي پنهنجي ڳوٺ آياسين جتي وري اچي پڙهڻ شروع ڪيوسين. سن 1936ع ۾ مون ستون درجو شروع ڪيو ته اوچتو ئي اوچتو اسان جي ڳوٺ مان اسڪول کڄي ويو ۽ ايئن اسان جي تعليم اڌوري رهجي وئي.

سال 1936ع ۽ 1937ع گهرو ڪم ڪار ۽ مويشي چارڻ ۾ گذاريم، مگر مون کي سدائين اهو اونو رهندو هو ته ڪيئن به ڪري هڪ سال پڙهي ڪم از ڪم فائينل ته پاس ڪري وٺان! مائٽن سان جڏهن به اهڙي ارادي جو اظهار ڪندو هئس ته ناراض ٿي پوندا هئا ۽ سختيءَ سان انڪار ڪري ڇڏيندا هئا، ڇو ته هو پاڻ اڻ پڙهيل هئا تنهنڪري هنن وٽ منهنجي تعليم کان وڌيڪ پسنديده ڪم 'ڍور چارڻ هو'. اهڙي ماحول ۽ حالتن هوندي به مون پڪو پَهُه ڪيو ته 'چاهي ڇا به ٿي پوي پر مون کي تعليم حاصل ڪرڻي آهي.' اهوئي ارادو دل ۾ رکي هڪ ڏينهن مائٽن کان لڪي وٺي ڀڳس ۽ سڪرنڊ ۾ وڃي استاد 'خان محمّد ملڪ' وٽ پهتس جيڪو اڳي اسان جو استاد ٿي رهي ويو هو ۽ مون کي تعليم لاءِ گهڻو همٿائيندو هو. استاد منهنجي حقيقت ٻڌي چيو ته، "ابا منهنجي ته هن اسڪول مان بدلي ٿيڻ واري آهي، تنهنڪري هينئر تون موٽي وڃ. جڏهن ٻئي هنڌ ڪا سهوليت واري جڳهه ملندي ته پوءِ توکي جاڻ ڪندس ۽ پوءِ تون ڀلي اچي مون وٽ پڙهجان." منهنجي ته جڻ پيرن هيٺان زمين ئي نڪري وئي ۽ ذهن تي مايوسي ڇانئجي وئي ته ڪهڙي نه خوش فهمي وٺي هتي آيس ۽ ڪيئن وري هتان بي مراد ٿي واپس ڳوٺ ويندس، جتي جهالت جو راڪاس مون کي ڳيهڻ لاءِ وات پٽيو ويٺو آهي. اهي ئي پَهه پچائيندو هڪ هوٽل تي چانهه پيئڻ لاءِ اچي ويٺس ته انهيءَ وقت جي مشهور اخبار "سنسار سماچار" آئي. آئون هو ٽل واري کان اخبار وٺي پڙهڻ لڳس جنهن ۾ هڪ هنڌ 'قيمتي قول' لکيل نظر آيم، جن ۾ هڪ قول هيءُ به لکيل هو ته، "جنهن جو ارادو پڪو ۽ نيڪ هوندو سو ڪڏهن به ناڪامياب نه ٿيندو." انهيءَ قول پڙهڻ سان منهنجي روحاني قوت ٻيالا ٿي وئي ۽ پاڻ کي چوڻ لڳس ته "حيف اٿئي جو تون ناڪام موٽي وڃين!"

هاڻي آئون پنهنجي ڪاميابيءَ لاءِ دوباره سوچڻ لڳس. نيٺ منهنجي ذهن تي پنهنجي ٻئي محسن استاد 'جناب محمّد ڄام مغل' (ساڪن ڳوٺ

ڪولاچي، لڳ پورتي تعلقہ نوشهروفيروز) جو نالو ٽري آيو ۽ مون ارادو ڪيو تہ ان وٽ وڃان، شايد اهو منهنجي مدد ڪندو. ٻئي ڏينهن استاد خان محمَد ڪان موڪلائي، ڳوٺ ويڄڻ جي بجاءِ 'ٽارو شاهہ' جي ٽڪيٽ ورتم. شام جو سج لٿي مهل استاد محمّد ڄام وٽ پهتس ۽ کيس پنهنجو ارادو پيش ڪيم جنهن پنهنجي نوازش فرمائي منهنجي همت افزائي ڪئي ۽ پاڻ وٽ رهايو.

ان صاحب مون کي پهريائين اسڪول 'سخي داد واهيءَ' ۾ پڙهڻ لاءِ ڇڏيو جتي ٽي مهينا پڙهندو رهيس مگر اتي جو ماحول سٺو نہ هو تنهنڪري مون ڪابہ ترقي نہ ڪئي ۽ استاد صاحب بہ انهيءَ پڙهائيءَ مان مطمئن نہ هو. استاد محمّد ڄام ان وقت 'ٽڳرن' جي اسڪول ۾ هو جتي هڪ آريہ هيڊ ماستر هو جنهن جو استاد سان سٺو سلوڪ نہ هو تنهنڪري انهيءَ اسڪول ۾ بہ مون کي داخل ڪرائڻ نٿي چاهيائين. نيٺ استاد سوچ ويچار ڪرڻ بعد مون کي اسڪول 'پورٽيءَ' ۾ داخل ڪرايو جتي جو ماحول بہ سٺو هو ۽ استاد بہ محنتي ۽ هوشيار هئا، ان وقت اُتي جو هيڊ ماستر، مسٽر علي نواز سولنگي هو جيڪو ضلعي جو ٻيو نمبر هوشيار استاد ليکيو ويندو هو (جو بعد ۾ سال 1950ع ۾ تعلقي شهدادپور جو A.D.I.S بہ ٿي آيو هو.) استاد موصوف اسان ڇهن ڄڻن کي فائينل جي تياري ڪرائي. جڏهن اسين استاد علي نواز صاحب کان موڪلائي امتحان لاءِ وڃي رهيا هئاسين تہ استاد موصوف مون کي سرگوشيءَ ۾ چيو تہ، ”اي پرديسي نوجوان! فقط تنهنجي خاطر مون ٻين بہ پنجن ڇوڪرن کي فائينل جي تياري ڪرائي آهي پر مون کي يقين آهي تہ توکان سواءِ ٻيا سڀ فيل ٿيندا.“ جڏهن رزلٽ آئي تہ استاد جي پيشنگوئي صحيح نڪتي، آئون ئي هڪڙو پاس ٿيس ۽ منهنجا ٻيا پنج ئي دوست فيل ٿيا. سال 1938ع ۾ مون فائينل ڏني ۽ سال 1939ع ۾ 'سڪرنڊ زراعتي فارم' تي 15 روپيہ درماهو پگهار سان پورو سال نوڪري ڪيم. سال 1940ع ۾ اتاهين ڇڏي شهدادپور آيس جتي حڪيم و ڊاڪٽر جناب عبدالحق جتوئي بلوچ وٽ حڪمت سکڻ لڳس. صاحبِ موصوف سان منهنجي ڳچ سالن کان ڏيٺ ويٺ هئي ۽ مون کي چوندو رهندو هو تہ فائينل پاس ڪري اچي مون وٽ رهہ تہ حڪمت سيکاريانءِ. سال 1940ع ۽ 1941ع وٽس رهيس. منهنجو پگهار نہ هوندو هو فقط حڪيم صاحب پنهنجا اڏوراٽا ڪپڙا پائڻ لاءِ ڏيندو هو ۽ پيٽ کارائيندو هو. سال 1941ع

جي آخر ۾ مون شادي ڪئي ۽ ٻيون بہ ڪي گھرو مجبوريون هيون، جنهن ڪري مون کي استاد صاحب وٽان ڇڏڻو پيو. سال 1942ع ۾ منهنجو ماسات سبز علي خان (جيڪو منهنجو سالو بہ ٿئي) مائٽن سان ڪاوڙجي حيدرآباد لڏي ويو ۽ مون کي بہ پاڻ وٽ اچڻ لاءِ چيائين. آئون بہ بيروزگار ويٺو هئس تنهنڪري وٽس وڃي رهڻ لڳس. اسان ٽنڊي مير محمود ۾ پراڻي پاور هائوس لڳ مير فيض محمد کان جڳهہ مسواڙ تي وٺي رهائش ڪئي. مون حيدرآباد ۾ جيڪو ڏنڌو ڪيو سو نہ تہ توهان کان لڪائڻ چاهيان ٿو ۽ نہ وري ان کي ظاهر ڪرڻ ۾ ڪو عار ٿو سمجهان، ڇو تہ منهنجي نظر ۾ ’حقيقت تي پردو وجهڻ عيب آهي.‘ مون حيدرآباد ۾ پورو هڪ سال ٽانگو هلايو. جيڪو سبز علي خان پنهنجو خريد ڪيو هو. سال 1943ع جي شروع ۾ سبز علي خان کي مائٽ پرچائي ڳوٺ وٺي ويا ۽ آئون وري موٽي پنهنجي ڳوٺ آيس. سال 1943ع ۽ 1944ع دوباره ساڳئي حڪيم صاحب وٽ شهدادپور ۾ رهي پنهنجي حڪمت جي علم کي تجربي جو موقعو ڏنم. اهي ٻئي سال حڪيم صاحب وٽ 15 روپيہ ماهياني پگھار سان گذاريم. سال 1945ع ۾ بابا صاحب کي ’حُر ائڪٽ‘ مطابق دوباره گرفتار ڪري جهول جي لوڙهي ۾ نظربند ڪيو ويو ۽ مون کي لاچار موٽي گھر اچڻو پيو. اهو وقت منهنجي تمام تنگ دستيءَ جو هو. هڪ طرف بابا نظربند ٿي ويو ۽ ٻئي طرف منهنجو وڏو ڀاءُ نواب خان اوچتو ’ماليخوليا‘ جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي پيو ۽ منهنجو ٻيو وڏو ڀاءُ دودو خان تہ اڳيئي 1940ع ۾ وفات ڪري ويو هو تنهنڪري جملي گھرو جوابداريون منهنجي مٿان ٿي پيون. اهو عرصو منهنجي لاءِ گويا قدرت جو سخت ترين امتحان هو. گھرو چوپائي مال مان بہ مينهون، هڪ اٺ، هڪ ڳئون ۽ ڏاندن جو جوڙو چند مهينن جي اندر اندر مري ويا. تنهنڪري آئون ٻني ٻارو بہ نہ ڪري سگھيس ۽ پرائيءَ مزدوريءَ تي گذران شروع ڪيم. ان وقت ڪٽنب جي ڏهن ڀاتين جو بار منهنجي ڪلهن تي اچي چڪو هو. ڪافي ڪوشش ڪيم تہ من ڪا ماستري نوڪري ئي ملي وڃي پر ان وقت هندن جي زور ڪري مسلمانن کي نوڪريون ڏکيون ٿي مليون تنهنڪري ناڪام رهيس. تنگدستيءَ جي اها حالت رهندي هئي جو بعضي ڪو ويلو بکيا بہ رهجي ويندا هئاسين. چوڻي آهي تہ، ”سياه بختيءَ ۾ ڀاڄو بہ انسان جو ساٿ ڇڏي ڏيندو آهي.“ سو اهڙي مشڪل وقت ۾ عزيز ۽

خويش به ساٿ ڏيڻ کان نٽائيندا رهندا هئا. نيٺ مون اهڙي نازڪ وقت ۾ وري ڪاٺين وڪڻڻ جو ڌنڌو شروع ڪيو ۽ پنهنجي اٺ تي کڻي روزانو شهدادپور وڪڻڻ ويندو هئس ۽ مجبوريءَ سان گذران ڪندو رهيس.

مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي ته ان زماني ۾ انگريز سرڪار هندستان کي آزادي ڏيڻ لاءِ آماده ٿي چڪي هئي ۽ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ هندستان جي ورهاڱي تان ڪافي ڪشمڪش جاري هئي. سنڌ جي هندن ۽ سکن کي تقسيمِ هند جو يقين ٿي چڪو هو تنهنڪري هو پنهنجي ڌنڌن جون دلچسپيون ڇڏي ڀڄڻ جون راهون سوچي رهيا هئا.

اهڙي افراتفريءَ جي وقت ۾ هڪ ڏينهن آئون دستور مطابق ڪاٺيون کڻي نارومل جي سِرُن جي ٻئي تي ويس ته مون کي نارومل مخاطب ٿي چيو ته "مير صاحب! اسين هاڻي سنڌ ۾ چند ڏينهن جا مهمان آهيون. هي ڪارخانا، زمينون، باغ، ماڙيون ۽ محلاتون اسان لاءِ ويرانه ۽ سنڌ جو اناج پاڻي زهر ٿي چڪو آهي، تنهنڪري اڄ کان وٺي اسان کي ڪاٺيون درڪار ڪين آهن." اهو ٻول ٻڌندي آئون ڪاٺيون کڻي شهر ۾ وڪڻڻ ويس مگر هندن ۾ هراس ۽ مسلمانن ۾ وري سندن مال اسباب تي قبضي ڪرڻ جو موهه. اهڙي عالم ۾ منهنجيون ڪاٺيون نه وڪاميون سگهيون ۽ انهن کي واپس کڻي نارومل جي ٻئي تي آيس ته جيڪر اٺ تان ڪاٺيون لاهي ڪيس بار کان ته آجو ڪري وڃان! جڏهن اٺ تان ڪاٺيون لاهي پوئتي هٽيس ته نارومل، جنهن منهنجو اهو رنگ پئي ڏٺو سڏ ڪري مفت ڪاٺين لاهڻ جو سبب پڇيو. مون ڪيس سچي خبر ڪري ٻڌائي، تڏهن هن چيو ته "ڀائي توهان هميشه اسان کي ڪاٺيون ڏيندا آيا آهيو ۽ اڄ تون خالي هٿين ٿو وڃين. اها ڳالهه مون کي پاپ ٿي نظر اچي هي وٺ ڏهه آنا وڃي ٻچن لاءِ ڪو اٽو ٻاٽ ڪر. باقي اڳتي لاءِ ڪاٺيون نه آڻجان. توهان جي اها حالت ڏسي اسان کي پاڻ ڏک ٿو ٿئي."

شهدادپور کان واپس ايندي آئون پنهنجي ۽ پنهنجي وڏن جي بي علميءَ، اخلاقي ڪوتاهين ۽ حالتِ زار تي سوچيندي تمام شرمسار ٿي رهيو هئس. ان ڏينهن مون پنهنجي خالق کي تمام عجز و نياز سان عرض پيش ڪيو ته "اي مولا! اڳتي لاءِ اهڙي ڌنڌي کان مون کي نجات ڏي ۽ مون کي ۽ منهنجي وڏن کي ڪيل خطائن جي معافي عنايت فرماءِ." خداوندِ قدوس

منهنجو اهو عرض اگهايو ۽ ان ڏينهن کان وٺي اڄ تائين وري مون ڪائين جو پورهيو نہ ڪيو.

ٻئي ڏينهن حمزي ٽالپر کان ماساتَ سبز عليءَ جو خط پهتم تہ ”آئون بہ هت اڪيلو آهيان ۽ تون بہ اتي دشوار زندگي گذاري رهيو آهين تنهنڪري مون وٽ لڏي اچ تہ ٻئي گڏجي زندگيءَ جي سفر کي اڳيرو ڪريون.“ مون اها صلاح نيڪ سمجهي ۽ ڏهن ڀاتين ۽ باقي ٻچيل چند مويشين سميت لڏي ‘حمزي ٽالپر’ هليو ويس. اتي مون بَڪرُ پوکڻ شروع ڪيو جيڪو ٽنڊي الهيار جي مارڪيٽ ۾ پهچائيندو هئس. انهن ئي ڏينهن ۾ هندستان جو ورهاڱو عمل ۾ آيو. سڄي ملڪ ۾ عالمِ اضطراب عروج تي هو. هندو ۽ سک هندستان وڃي رهيا هئا ۽ مهاجر وري پاڪستان اچي رهيا هئا. ريل گاڏين ۾ ايتري تہ رش هوندي هئي جو ماڻهون گاڏن جي مٿان چڙهي بہ سفر ڪندا هئا. انهيءَ عرصي ۾ لڏپلاڻ ۽ خونريزيءَ جا جيڪي واقعات اسان جي اکين ڏٺا، سي اڄ بہ ياد ٿا اچن تہ سچ پچ روح ئي ڪنبيو وڃي. انهيءَ افراتفريءَ جا حالات جيڪڏهن ويهي قلمبند ڪجن تہ هڪ ضخيم ڪتاب ٿهي پوي.

هندن جي وڃڻ ڪري پاڪستان جي سڀني سرڪاري محڪمن ۾ ملازمن جي سخت ڪمي ٿي وئي. اهو وجهہ ڏسي اپريل 1948ع ۾ حيدرآباد ضلعي ۾ ماستري نوڪريءَ لاءِ درخواست ڏنم. خدا تعاليٰ جي فضل سان هڪ مهيني بعد مون کي ڳوٺ ‘نصير خان لغاري’ لڳ چمبڙ تعلقہ ٽنڊي الهيار جو آرڊر مليو ۽ مون 21 مئي 1948ع تي مذڪوره اسڪول ۾ چارج سنڀالي. ان وقت هيڊ ماسٽر مسٽر وشنداس، اڇوت هندو (ميگهواڙ) هو. سندس رويو مون سان نهايت سٺو رهيو ۽ اڄ تائين منهنجو گهرو دوست آهي. (هينئر هو چمبڙن ۾ رهي ٿو).

1950ع ۾ منهنجي بدلي اسڪول ‘حمزي ٽالپر’ ۾ ٿي جتي مون 10 مارچ 1950ع تي هيڊ ماسٽر جي چارج ورتي. پندرهن ڏينهن بعد خبر پئي تہ حضرت پير صاحب پاڳاري جي ڪوشش سان سيئي ‘لوڙها’ ختم ڪيا ويا آهن، تنهنڪري بابا صاحب جن بہ آزاد ٿي ڳوٺ پهچي ويا آهن. اها ڳالهہ ٻڌي مون کي بي اختيار پنهنجو ڳوٺ ياد اچي ويو ۽ مون بروقت ئي ضلعي حڪام ڏانهن ٽرانسفر جي درخواست لکي. مون کي 23 جولاءِ 1950ع تي پنهنجي ئي ڳوٺ مهر علي ٽالپر، تعلقہ شهدادپور، ضلع نواب

شاهہ جو آرڊر مليو. (نوٽ: سانگهڙ ضلعو بعد ۾ ٺهيو هو تنهنڪري اڳي شهدادپور تعلقو نواب شاهہ ضلعي سان شامل هو.) مون اسڪول مهر علي ٽالپر ۾ 1 آگسٽ 1950ع تي هيڊ ماستر جي چارج ورتي. ڳوٺ پهچڻ تي ڏٺم تہ اسان جي لڏي وڃڻ ڪري، والدين جي هٿن جون ٺهرايل جايون نيست وَنابود ٿي چڪيون آهن، تنهنڪري مون پهچ آهر گهرن جون جايون نيون ٺهرايون جي اڃا تائين موجود آهن. هن اسڪول ۾ نوَن مهينن گذرڻ تي مون کي "ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج مٽياريءَ" موڪليو ويو جتي آئون 22 مئي 1951ع تي داخل ٿيس. ڪاليج ۾ ٻہ سال رهيس. مون کان ننڍو ڀاءُ 'خداداد خان' عرف 'ٺارو خان' بہ ٻئي سال مون سان گڏ مٽياريءَ ۾ رهيو ۽ هو اتي ڪپڙي جي مشين تي ڪم ڪندو هو. ٺاري خان جي اتي رهڻ جو مقصد رڳو اهو هو جو هُن جي مون سان سخت محبت هوندي هئي، تنهنڪري مون کان جدا رهي نٿي سگهيو. ڪاليج جو عرصو پورو ٿيو تہ مون کي وري بہ پنهنجي ئي ڳوٺ 'مهر علي ٽالپر' جو آرڊر مليو ۽ 1 اپريل 1953ع تي هيڊ ماستر جي چارج سنڀاليم جتي اڃا تائين مقرر آهيان.

اسان جي ڳوٺ جي لڳ ايرنڊئين پاسي، ڳوٺ جي حد ۾ هڪ ويران زمين جو ٽڪر پيل هو. مون ۽ ٺاري خان[1] گڏجي ان جي صفائي ڪري زمين تيار ڪئي ۽ خانگي ٽائيم ۾ اتي اوطاق ۽ باغيچي ٺاهڻ جو ڪم ڪندا رهياسين جيڪو پورا نوَ مهينا هلڻ بعد مڪمل ٿيو. هينئر انهيءَ هنڌ اوطاق (جنهن کي عام توڙي خاص ماڻهو 'ميخانو' سڏيندا آهن) ۽ ان جي اڳيان انبن جو باغ تہ پوري شباب سان موجود آهن مگر جنهن دوست انهن لاءِ گهڻي محنت ۽ جانفشاني ڪئي سو اسان کان (15 ڊسمبر 1965ع بروز اربع صبح جو ساڍي پنجين وڳي) هميشہ لاءِ الوداع ڪري ويو. 'انالله وَانااليہ راجعون'

مَچي ميخاني ۾ محڪم، پيين ٽا پُر ڪري پيالا،
مَٿيءَ وٽ سِرَ متارن جا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

آخر ۾ آئون اهو پڻ ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ هن وقت جنهن جاءِ ۾ اسان جو ميخانو آهي، سا اهائي جاءِ آهي جنهن ۾ اسان جو اسڪول هو ۽ اسان

---

[1] . ادا ٺارو خان خوش طبع، چالاڪ، ڪچهريءَ جو مور، صوفين جو صحبتي، راڳ ويراڳ جو شوقين ۽ وڏو بختاور انسان هو. مون سان خاص ڪري سڀني عزيزن کان وڌيڪ پيار هئس ۽ مون سان تازندگي وفادار رهيو. 'آئون سندس محبت کي هرگز نہ وساري سگهندس.' ڪيس سندس وصيت مطابق ميخاني ۾ئي سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

منجهس تعليم حاصل ڪئي هئي. جيتوڻيڪ انهيءَ جاءِ ۾ ڪي تبديليون به آيون آهن، ته به ڪي ڀتيون ۽ نقشو ساڳيون ئي اٿس. انهيءَ ڪري اسان لاءِ هيءَ جاءِ نهايت متبرڪ آهي ۽ اسين ڪيس پنهنجي روحانيت ۾ وڏي عزت جي نگاهه سان ڏسون ٿا.

روحاني حالات:

هن کان اڳ مون پنهنجا ظاهري يعني دنيوي حالات بيان ڪيا آهن ۽ هاڻي آئون پنهنجي باطوني حالات تي قلم ڪشائي ڪريان ٿو:

مندرجه بالا حقيقت ۾ آئون بيان ڪري چڪو آهيان ته سال 1936ع ۽ 1937ع مون گهرو ڪم ڪار ۽ مويشي چارڻ ۾ گذاريا. انهن سالن ۾ منهنجي بلوغت جو آغاز هو. علم النفس مطابق بلوغت جو وقت انسان جي ڪردار سازيءَ لاءِ نهايت نازڪ هوندو آهي ۽ انسان پنهنجي نفساني قوتن تي مشڪل سان قابو پائي سگهندو آهي، مگر منهنجيون قوتون اعتدال کان ٻاهر نڪري نه سگهيون ۽ ان جي برعڪس منهنجيون روحاني قوتون اجاگر ٿيڻ لڳيون.

جڏهن آئون پنهنجو چوپايو مال ڪاهي جهنگ ۾ چارڻ ويندو هئس ته جهنگل ۾ مويشين کي چرڻ لاءِ ڇڏي وڃي ڪنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ آرام ڪرڻ لاءِ ويهندو هئس يا ليٽي پوندو هئس. جهنگ جي پُرسڪون ماحول ۾ انهيءَ وقت اوچتو ئي اوچتو مون تي هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿيندي هئي جنهن جي معنيٰ جي ان وقت مون کي ڪا به خبر نه هوندي هئي ته هن ڪيفيت جو آخر ڇا نتيجو نڪرندو؟ ٿيندو هيئن هو ته منهنجي نظر بي اختيار جهنگ جي وڻن ٽڻن ۽ پکين ۾ کُپي ويندي هئي ۽ دل ۾ چوندو هئس ته هي به زنده شيون آهن ۽ ضرور هي به سوچينديون هونديون ته اسين به ڪجهه آهيون! شايد هنن وڻن ٽڻن کي به انسان وانگر حواسن جون قوتون هونديون جنهن جي بناتي هرهڪ شيءِ پنهنجي پاڻ لاءِ "آءُ" جو لفظ استعمال ڪندي هوندي يا محسوس ڪندي هوندي! ايئن سوچيندي اوچتو منهنجي خيال جي قوت پاڻ ڏانهن موٽندي هئي ۽ منهنجي دل ۾ اهي الفاظ اڀرندا هئا ته "آخر تون ڇا آهين؟" ۽ يڪدم آئون پنهنجي روح کي پنهنجي جسم کان جدا محسوس ڪندو هئس. گويا روح جدا ٿي منهنجي جسم کان

سوال ڪري رهيو آهي ته ”تنهنجي حقيقت ڇا آهي؟“ ان وقت مون کي پنهنجي ’اسم‘ جي ’هست‘ هئڻ ۽ ’جسم‘ جي ’نيست‘ هئڻ جو احساس جاڳندو هو ۽ آئون پنهنجي اندر ۾ هڪ قسم جو مخفي سرور محسوس ڪندو هئس. اهڙيءَ طرح منهنجي جسم جي بي ثباتيءَ جو خاڪو فنا جا عڪس ٺاهيندو رهندو هو.

اها ڪيفيت روز بروز وڌڻ لڳي ۽ منهنجي دل ۾ هڪ قسم جو ويراڳ پيدا ٿي پيو ۽ آخرڪار ان جي نتيجي ۾ دلي سوزَ وڏي سال 1942ع ۾ (جڏهن منهنجي عمر 19 سال هئي) شعر جي صورت اختيار ڪئي. مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي ته مون پهريون شعر سسئيءَ جي سُر جو چيو هو جنهن جو ٽل هن ريت هو:

”منهنجو هوتن ڏي آهي حرف حَقِي،
ڇڏي ننڊ ۾ نماڻي ويا لال لِڪِي.“

ان بعد ٻيو شعر عشقيه هو جنهن جو ٽل هو ته:

”حُسن تنهنجي حيران مون کي ڪيو
تُرت مچائي تابَ.“

ان وقت اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ درويش فقير نالي دلاور خاصخيلي[2] رهندو هو جو خود شاعر ۽ روحاني رمزن جو ڄاڻو هو. فقير صاحب جو ڀائيٽو ’الهه وڏايو‘ منهنجو همعصر ۽ دوست هو جنهن منهنجا اهي ٻئي شعر وڃي فقير جي ڪَنِ وڌا. فقير مون کي پاڻ وٽ سڏائي پهريائين ته آفرين ڏني

---

[2] دلاور فقير جي والد جو نالو عمر فقير هو جنهن پنهنجي سڄي زندگي جوڳي فقيرن سان هند ۽ سنڌ جي سير ۾ گذاري ۽ البته 60 ورهين جي ڄمار ۾ شادي ڪيائين، انهن مان دلاور فقير پيدا ٿيو. دلاور فقير پنهنجن وڏن کان وٺي لواريءَ وارن بزرگن جو مريد هو. فقير صاحب جيتوڻيڪ صوفي طريقي جو هو ته به عام ماڻهون لکي ئي نه سگهندا هئا ته فقير ڪهڙو فرقو ٿو رکي. فقير صاحب خوش اخلاق، شيرين زبان، سخي، داناءُ، نهٺو ۽ بلند حوصلي جو مالڪ هو. پاڻ جيتوڻيڪ ”اُمي“ هو تنهن هوندي به شاعر، علم دوست ۽ علم ادب جو گهڻو ڄاڻو هو. سندس سينو پاڪ علم و ادب جي خزاني سان لبريز هوندو هو. سندس زبان جون چيل ڳالهيون اسان بعد ۾ وڏن ادبي ۽ تاريخي ڪتابن ۾ پڙهيون آهن. اسان کي افسوس آهي جو سندس روح رهاڻ کي قلمبند نه ڪري سگهياسين ۽ هينئر انهن گوهرن مان ڪي ٿورا سندس صحبتين جي ذهن ۾ باقي رهجي ويا آهن. زندگيءَ جا ڪيترائي دؤر ڏسي فقير صاحب تقريباً 90 ورهين جي ڄمار ۾ (تاريخ 9 مئي 1964ع بروز ڇنڇر، 5 وڳي شام) رحلت فرمائي ويو. کيس سندس وصيت مطابق مون خود غسل ڏياريو سفيد ڪفن جي بجاءِ ڪارو ڪفن ڏنوسين ۽ ڪڙيءَ ڪُنيءَ جي بجاءِ تامري ٻٽُ ڪيو ويو. فقير صاحب کي 10 مئي تي 2 وڳي ڳوٺ واري مقام ’رڪيل شاهه‘ ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو ۽ هر سال ’صفر‘ جي ٻين تاريخ سندس ياد ۾ ڏهاڙو به ملهائيندا آهيون.

۽ همت افزائي ڪئي ۽ بعد ۾ مون کان سوال ڪيائين ته. ”ابا ڀڏاءِ ته سَهي ته ڪير ٿو چوي ته ’منهنجو هوتن ڏي حرف حقي آهي‘؟“ مون يڪدم وراڻيو ته ”سائين. سَسُئِي ٿي چوي“ فقير چيو ته ”ابا اها ته ٿي ظاهري معنيٰ پر ان جي روحاني معنيٰ ڇا ٿيندي؟“ ان لاءِ مون اڻڄاڻائيءَ جو اظهار ڪيو جنهن تي فقير صاحب مون کي ڀنهي شعرن جي روحاني معنيٰ سمجهائي ۽ هدايت ڪئي ته ”ابا شعر ۾ ظاهري معنيٰ سان گڏ روحاني مطلب به هئڻ ضروري آهي نه ته شعر چوڻ اجايو آهي.“

فقير صاحب جي انهيءَ فهمائش منهنجي اکين جو انڌيرو دور ڪري ڇڏيو ۽ ان بعد آءٌ هرهڪ شعر ۾ ظاهري مطلب سان گڏ روحاني مقصد جو پڻ خيال رکڻ لڳس. منهنجي شعر جو دائرو به وسيع ٿيڻ لڳو ۽ فقير صاحب سان صحبت به گهاٽي ٿيڻ لڳي. فقير صاحب جن وقت به وقت منهنجي روحاني رهبري ڪندا رهندا هئا.

اڳتي منهنجو قلم ۽ منهنجو ضمير مون کي مجبور ڪري رهيا آهن ته اهڙي محسن درويش ۽ رهبر فقير جي باري ۾ چند سٽون تحرير ڪريان جيئن پڙهندڙن کي سندس رهڻي ڪهڻيءَ ۽ حالات جي خبر پئجي سگهي.
(ڏسو حاشيو نمبر 2 ص 21)

اهڙي نيڪ درويش جي صحبت منهنجي دل تي ڪافي اثر ڪيو ۽ منهنجي دل خودبخود تصوف ڏي مائل ٿي ويئي. جيئن جيئن زماني جا ڌڪ وڌندا رهيا تيئن تيئن منهنجي روحاني قوت ۽ شاعري رجحان به ترقي ڪندو رهيو. اسڪول نصير خان لغاريءَ وارو عرصو منهنجي روحاني ولولي جي گويا انتها هئي. انهيءَ عرصي ۾ به قدرت مون کي پنهنجيءَ نوازش سان، ’حاجي عبدالڪريم ڪنيار‘ صاحب (ساڪن حمزو ٽالپر) جهڙي نيڪ ۽ صوفي انسان جي صحبت عطا فرمائي. سنديس صحبت منهنجي نفساني اوڻاين تي گهڻو اثر ڪيو ۽ محبتِ الاهيءَ جو زور گهڻو وڌي ويو. مون انهيءَ عرصي ۾ روحانيت جا عجيب و غريب اسرار ڏٺا جن مان هڪ خواب تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. اهو خواب ته تمام طويل هو پر ان جو حاصل مقصد هيءُ هو ته ”ڪنهن شخصيت مون کان سِرُ گهريو ۽ مون انهيءَ جي اڳيان پنهنجو سِرُ پيش ڪيو جيڪو هن ڪٽي ورتو ۽ پوءِ منهنجي ڌڙ جي پُٺي ٺپوري چيائين ته ’وڃ! هاڻي تون بيسِرِ آهين.“ ان وقت ته مون کي انهيءَ خواب جو ڪو به مطلب سمجهه ۾ نه آيو ته آخر هيءَ ڪهڙي ماجرا آهي؟ پر

ڪجھ سالن بعد اهائي خواب واري شخصيت، جنهن مون کي ’ٻي سِرِ‘ جو خطاب ڏنو هو سا روبرو ڏٺيم تڏهن مون تي انهيءَ خواب جو اسرار کلي پيو. اها شخصيت هئي، ”حضرت محمّد فقير گهوٽو“ (ساڪن حسين ٻيلي تعلقو گهوٽڪي، ضلع سکر) جنهن جو آئون سال 1954ع ۾ دست بيعت طالب ٿيس. مذڪوره فقير صاحب جن سان منهنجي ملاقات هڪ دوست نالي ’علي شير ولد نظر محمد ڪولاچي بلوچ‘ (ساڪن لڳ گهوٽڪي) جي معرفت ٿي جيڪو اڳيئي فقير صاحب جن جو طالب هو. علي شير خان منهنجي ياءُ ٿاري خان سان نواب شاهه ۾ گڏ پوليس ڪانسٽيبل هو ۽ ان وقت کان وٺي اڄ تائين اسان جي ساڻس گهاٽي پريت هلندي اچي.

مرشد سڳوري جي صحبت مان تصوف جي ٻن مشهور طريقن جي پروڙ پئي: (1) ”همہ اوست“ يعني ”سڀ ڪجھ هُو (الله) آهي.“ ۽ (2) ”همہ از اوست“ يعني ”سڀ ڪجھ هُن (الله) جي طرفان آهي.“ جيئن تہ فقير صاحب جن ”همہ اوست“ ۽ ’قادري قلندري‘ طريقو رکندا هئا، تنهنڪري اسان طالبن ۾ بہ اهوئي رنگ رَلجي ويو آهي.

جيئن تہ زندگيءَ جو مستقبل پس پرده آهي تنهنڪري اڳتي ”وَاللهُ اَعلم بِاالصَوابہ“

ڳوٺ مهر علي خان ٽالپر.

راقم

محّب علي خان ٽالپر

6 آگسٽ 1970ع

سوانح عمري

(1970ع کان 1999ع تائين)

بابا سائين جن جا 1970ع تائين جا حالات توهان جي نظر مان گذريا. هاڻي اڳتي جا حالاتِ زندگي پيش ڪريان ٿو: جيئن ته بابا سائين جن 1 آگسٽ 1950ع ۾ ڳوٺ مهر علي ٽالپر ۾ هيڊماستر جي چارج سنڀالي ۽ ٻه سال 1951ع ۽ 1952ع ۾ مٽياري ٽريننگ وٺڻ لاءِ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج مٽياريءَ ۾ رهيا. ان بعد واپس اچي هتي ئي هيڊماستر ٿيا ۽ 1980ع ۾ رٽائرمينٽ تائين ساڳئي عهدي تي فائز رهيا. انهيءَ سڄي عرصي دوران پاڻ سڳورا درس و تدريس سان گڏ حڪمت به ڪندا رهيا ۽ ميخاني تي فقير فقراءَ مهمان مسافر ۽ مريضن جي خدمت ڪندا رهيا. انهيءَ سان گڏ گهر جو ڪم ڪار، مال مويشيءَ جي خدمت به پاڻ ڪندا هئا. ظاهري طرح مسڪيني حال هوندي به اسان اولاد جي تعليم تي به ڀرپور توجهه ڏنائون. ميخاني تي رات ڏينهن ننگر به جاري رهندو هو ۽ انشاالله هميشه جاري رهندو. هتي آئون پنهنجي امان سڳوريءَ جو ذڪر ڪرڻ به ضروري سمجهان ٿو جنهن ميخاني جي ننگر نياز جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. راتين جو جنڊ تي اٽو پيهڻ، گهر جو ڪم ڪار ٻار سنڀالڻ، گرمين سردين ۾ هر وقت خنده پيشانيءَ سان مهمان مسافرن لاءِ ننگر پچائڻ ۾ مصروف هونديون هيون. نهايت صابرين ۽ نرم مزاج هونديون هيون. بابا سائين جن فرمائيندا هئا ته "تو ته هتي ئي جنت ڪمائي ورتي آهي." 1995ع ۾ اسان کان جدا ٿي دارالبقاءَ تي ويون. سندن وفات تي بابا سائين جن هي شعر چيو:

ويا جي اچن وري، ته پڻ ساهه سُڌِيرَ ٿئي،
"ڪُل شَيءٍ يَرجَعِ اِلا اَصُلهٖ" _ اِها آهي ڳالهه ڳري،
جيڪي ويا 'مُحبَ' مري، آهي مشڪل موٽڻ تن جو.

الله جَل شانه کين جنت الفردوس ۾ آباد رکي. آمين

1980ع ۾ رٽائرمينٽ وٺڻ بعد منهنجي اڪيلائيءَ کي محسوس ڪندي سڄي زندگي جتي به منهنجي سروس هوندي هئي اتي مون سان ۽ منهنجي ٻارن سان گڏ رهيا. مون سان گڏ رهندي به ميخاني ۾ ڳوٺ کي نه وساريندا هئا ۽ ڪجهه عرصو اتي به رهي ايندا هئا. جيئن ته منهنجا به ٻائر ڳوٺ ۾ رهندا هئا ته انهن وَٽ به رهي ايندا هئا. اُن وقت منهنجي سروس سنجهورو ۾ هئي. 1981ع ۾ منهنجي ڪنهن غلطيءَ سبب اسان تي ڏکيو وقت اچي ويو پر پوءِ به پاڻ سڳورن منهنجي عظيم غلطي درگذر ڪري وري به مون سان ساٿ ڏنائون ۽ سڄي زندگي ڇپر ۽ ڇانوَ ٿي رهيا ۽ هميشه رهندا. 1981ع ۾ اسان روهڙي، ڪندرا، روشن آباد ۽ گهوٽڪيءَ ۾ ڪجهه وقت گذاريو جتي چاچا علي شير جي فرزند ڀاءُ عبداللطيف ڪولاچيءَ اسان جو سٺو ساٿ ڏنو. 1982ع ۾ اسان ڪجهه عرصو ٽنڊوالهيار ۾ ۽ پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ رهياسين. سيپٽمبر 1982ع ۾ جيئن ئي منهنجي پوسٽنگ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اسپتال نوابشاهه ۾ ٿي ته پوءِ اتي ئي اسپتال جي اندر فليٽ ۾ رهڻ لڳاسين. اُتي ڊسمبر 1989ع تائين رهياسين. نوابشاهه ۾ بابا سائين جن جا پراڻا صحبتي استاد وشن داس به پنهنجي پٽ ڊاڪٽر لونگ سان گڏ رهندا هئا، انهن سان به ڪچهريون ڪندا رهندا هئاسين. ڊسمبر 1989ع ۾ منهنجي پوسٽنگ ڪپرو تعلقه اسپتال ۾ ٿي ته اسان جنوري 1990ع ۾ اُتي شفٽ ٿي وياسين جتي آگسٽ تائين پوسٽنگ رهي. وري سيپٽمبر 1990ع ۾ کان اپريل 1994ع تائين رورل هيلٿ سينٽر قلهڏيون ۾ رهياسين. ان بعد منهنجي پوسٽنگ تعلقه اسپتال هالا ۾ ٿي ته اسان شهدادپور شفٽ ٿي وياسين ۽ هنگورا روڊ تي جاءِ ٺهرائي اتي ئي رهڻ لڳاسين. بابا سائين جن آخري وقت تائين اُتي ئي رهيا. 1998ع ۾ پاڻ سڳورن ميخاني تي پنهنجي نگرانيءَ ۾ پراڻي مسجد جي جاءِ تي نئين مسجد ٺهرائي ۽ ٻه ٻاٿ روم به ٺهرايا. انهيءَ سال فقير ولي محمد کي سنڌن هٿ اکر لکيل هڪ ڪلام هٿ آيو جيڪو اسان وٽ به نه هيو. اهو پراڻو ڪلام ڪجهه هن ريت هو:

جاٽي لوڪ لهوارو وَهي، اُتي عاشق اوڀارا اچن،
سمنڊ جا سِيرُ و سُهيلا، سُتَرَ سوڀارا اچن.

اُن ڪلام جي هڪ مصرع هيءَ به آهي ته:

"تار مان طالب تريو سؤدو سچائيءَ جو ڪريو
'اِلا اَصُلهٖ' واپس وريو سڀ وِير وڻجارا اچن."

پاڻ جڏهن اهو ڪلام ڏٺائون تہ فرمايائون تہ "ابا اها هاڻي اسان ڏي يار جي تار آئي آهي تہ واپس پنهنجي اصل ماڳ تي موٽي اچو تنهن ڪري هاڻي اسان کي هتان واپس ورڻو آهي." ان سال جي آخري مهينن ۾ سندن طبيعت ناساز رهڻ لڳي ۽ جگر جي تڪليف سبب ڪمزوري وڌندي وئي. تڪليف هوندي بہ ڪڏهن درد جي شڪايت نہ ڪيائون. ڪمزوريءَ جي حالت ۾ بہ ڪو سِڪَ وارو ايندو هو تہ ان سان روحاني رهاڻ ڪندا هئا ۽ سندن فيض جاري رهندو هو. بيماريءَ جي حالت ۾ طالب ۽ عقيدتمند شهدادپور اچي اسان گهروارن سان گڏ سندن خدمت ڪندا هئا. ڀاءُ سهراب خان، اعجاز فقير، ولي محمد فقير، استاد عبدالغني، استاد محمد ابراهيم ميمڻ، غلام دين فقير، جان محمد فقير گهوٽو ڀاءُ مير علي، ڀاءُ انور علي ۽ ٻيا ڪيترائي فقير فقراءَ خدمت ۾ حاضر هوندا هئا. آخر محبوب حقيقيءَ سان سندن وصال جو وقت اچي ويو. پاڻ سڳورن بروز اربع 6 جنوري 1999ع بمطابق 17 رمضان المبارڪ 1419 هجري فجر جو ساڍي چئين بجي جامِ وصل نوش فرمايو.

"اِناللہ وَاِنااِليہ راجِعُون"

غسل ۽ نمازِ جنازه جو شرف مولوي محمد اسماعيل پنهور کي عطا ٿيو. انهيءَ ڏينهن ئي شام جو سندن جُسدِ خاڪيءَ کي ميخاني جي مٽيءَ جي سُڳنڌ حوالي ڪيو ويو. جتي سندن مزارِ مبارڪ رجوعاتِ خاص و عام جو مرڪز آهي. اوليا الله تہ هميشہ حيات آهن ۽ سندن فيض جاري و ساري رهي ٿو. هُو صرف جامو مٽائين ٿا. هتي مولانا روميءَ جو هڪ انمول شعر ياد اچي ٿو تہ:

هرگز نميرد آنکہ دلش زنده شد بعشق،
ثبت است برجريده عالم دوامِ ما.

يعني: اُهي هرگز نٿا مرن جن جي دل (الله جي) عشق سان زنده ٿيل آهي. دنيا جي دفتر تي اسان جي دائمي زندگيءَ جي مُهر لڳل آهي.

پاڻ سڳورن بہ فرمايو آهي تہ:

"هردم تنهنجي حياتي وي، ميٺ مرڻ جو تون يار مونجهارو"

هن وقت هر مهيني جي سنڌي 17 تاريخ تي ڏهاڙو ملهائبو آهي جنهن ۾ اوري پري جا فقير فقراءَ ايندا آهن ۽ راڳ ويراڳ بہ ٿيندو آهي. هر سال

17 ۽ 18 رمضان المبارڪ تي ساليانو عرس مبارڪ ٿيندو آهي جنهن ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ فقير فقراءَ ۽ سڪ عقيدت وارا اچي شامل ٿيندا آهن جنهن ۾ ننگر نياز سان گڏ راڳ ويراڳ به ٿيندو آهي. تمام گهڻا راڳي ويراڳي ايندا آهن.

17 تاريخ جو سائين رڪيل شاهه اول، دلاور فقير ۽ بابا سائين جن جي مزارن تي چادر پوشي ۽ مينديءَ جي رسم صوفيانه راڳ ويراڳ سان ٿيندي آهي. ڪيترن ئي صوفيانه گادين جا سُنگ اچي شامل ٿيندا آهن. هتي آئون مرحوم عثمان فقير سولنگيءَ کي خراجِ تحسين پيش ڪندس جيڪو هر سال عرس، سرگس ۽ مينديءَ جي رسم ۾ صدقِ دل سان راڳ ويراڳ ڳائيندو هو. هاڻي سندن پاڻ پنهنجي سُنگ سان اچي شامل ٿيندو آهي. ان کان علاوه درگاهه محمد سائين گهوٽو جو سُنگ، سائين رڪيل شاهه فتحپور وارن جو سُنگ، سائين موتڻ شاهه، مانجهي فقير، شفيع محمد فقير، سائين جانڻ چَن جا طالب ۽ ٻيا ڪيترائي راڳي ويراڳي اچي محفل کي رونق بخشيندا آهن. پنهنجي ميخاني جا فقير اعجاز سائين، عاشق علي ۽ لياقت رند به آجياڻي جا ڪلام ۽ بابا سائين جن جو ڪلام پيش ڪندا آهن. آجياڻي ۾ خاص طرح سان بابا سائين جن جو هي ڪلام پيش ڪندا آهن:

"اوهان جي اچڻ جون، خوشيون ٿا ملهايون،
ڪيو ڪرم قادر، پلي ڪيون پلايون."

طرزِ زندگي:

بابا سائين جن جي زندگيءَ تي غور ڪبو ته سندن زندگي جُهدِ مسلسل جو اعليٰ نمونو هئي. جيئن علامه اقبال فرمايو آهي ته:

یقین محکم، عمل پیہم، محبت فاتحِ عالم،
جہادِ زندگانی میں ہیں یہ مردوں کی شمشیریں.

اهڙي طرح بابا سائين جن به ڪامل يقين ۽ مستقل مزاجيءَ سان ۽ عظيم محبت سان زندگيءَ جي هر قدم تي جدوجهد ڪئي آهي. علم حاصل ڪرڻ لاءِ جهاد، معاشي مسئلن سان جهاد، نفس سان جهاد، مرشد تي محڪم يقين سان سلوڪ جي منزل ماڻڻ. هر انسان سان محبت، مرشد سان محبت، الله سان محبت، دليون ائين فتح ڪيائون جو هر ڪو چوي ته سائينءَ جو مون سان سيني کان وڌيڪ پيار آهي.

سادگي: پاڻ سڳورا تمام سادگي پسند هئا. هميشه سفيد شلوار قميض پائيندا هئا. ڪلهي تي هڪ ننڍڙو ٽوال رکندا هئا. جڏهن استاد هئا ته اسڪول ۾ جناح ڪيپ پائيندا هئا، بعد ۾ سنڌي ٽوپي به پائيندا هئا. ظاهري ڏيکاءَ لاءِ ڪڏهن به گيڙو ڪپڙا نه پاتائون. سواءِ اهلِ دل جي ڪير نه سمجهي سگهندو هو ته هنن سادن ڪپڙن ۾ ڪو هيرو لڪل آهي. ڪڏهن ائين به فرمائيندا هئا ته دل ٿي چوي ته جيڪر ڇَتيون لڳل ڪپڙا پايان.

اخلاقِ حسنه: پاڻ سڳورا نيڪ طبع، صلح جُو بلند همت، مضبوط قوتِ اراديءَ جا مالڪ، رِلڻا مِلڻا، سخي دل ۽ محب الفقراءُ مرد هئا. مسڪينن، يتيمن، بيواهن جا همدرد هئا. مهمان نوازي ۽ رياضت سندن خاص شيوه هو.

دَرس و تَدريس: پاڻ سڳورا جيئن ته استاد هئا تنهنڪري درس و تدريس سان منسلڪ رهيا. سندن شمار ضلعي جي ذهين استادن ۾ ٿيندو هو. سندن پڙهائيءَ جو طريقو دلچسپ ۽ پراثر هوندو هو. پاڻ سڳورا شاگردن کي ظاهري علم سان گڏ روحاني علم جي سُٽِي به ڏيندا رهندا هئا. سنڌي، اردو فارسي، هندي ۽ عربيءَ جا ڄاڻو هئا. اسان شاگردن سندن تعليم مان ايترو حاصل ڪيو جو اڳتي اسان کي ڪا به دقت نه ٿي. بالا آفيسر به کين قدر جي نگاهه سان ڏسندا هئا. سندن شاگردن مان آئون، ڊاڪٽر الطاف حسين ٽالپر ۽ سهراب خان ڊاڪٽر ٿياسين. اعجاز علي ايگريڪلچر گريجوئيٽ ٿيو. ڪيترائي استاد، بئنڪ مئنيجر ۽ پوليس آفيسر ٿيا. ڪي شاگرد ٻين عهدن تي به پهتا. سڀئي شاگرد بابا سائين جن سان تمام گهڻي عقيدت رکن ٿا.

حڪمت:

پاڻ سڳورن حڪيم عبدالحق کان چار سال طب جي تربيت به حاصل ڪئي هئي تنهن ڪري درس و تدريس سان گڏ سڄي زندگي حڪمت به ڪندا رهيا. تمام سٺا حڪيم هئا، الله جل شانه کين شفا جي ڏات به ڏني هئي. پري پري کان مريض علاج ڪرائڻ لاءِ ايندا هئا. عام علاج سان گڏ ٻاهرين جراحي به ڪندا هئا. پري وارن مريضن کي ميخاني تي رهائي علاج سان گڏ خدمت به ڪندا هئا.

روحاني حالات:

الله جَل شانه طرفان مٿن ازلي عنايت ٿيل هئي. ننڍي هوندي کان ئي کين وجداني ڪيفيت نصيب ٿيندي هئي. پنهنجو روح پنهنجي جسم کان جدا محسوس ڪندا هئا. اُن ڪيفيت ۾ پنهنجي پاڻ کان سوال ڪندا هئا ته هُو ڪير آهي ۽ آئون ڪير آهيان. جيئن پنهنجي هڪ شعر ۾ فرمايو اٿن ته:

وہ جو سامنے ہے میرے کھڑا، وہ کون ہے میں کون ہوں؟
لگتا مجھے یہ معمہ بڑا، وہ کون ہے میں کون ہوں؟

ظاهر ۾ پاڻ سڀورا دنيوي ڪم ڪار ۾ مشغول هوندا هئا پر قلب ۾ ذاتي خفي ذڪر جاري رهندو هُين. فرمائيندا هئا ته هٿ ڪار سان ۽ دل يار سان هجي. تصوف ۾ قادري قلندري طريقو رکندا هئا ۽ "همہ اوست" يعني "سڀ ڪجهہ هُو آهي" جا قائل هئا. "همہ اَزُوست" يعني "سڀ ڪجهہ هُن جي طرفان آهي" جي باري ۾ فرمائيندا هئا ته "اها ٻاراڻي راند آهي."

مذهبن جي مت ڀيد ۽ فرقن جي فرق کان هميشہ دور رهيا. سندن مذهب صرف انسانيت هو. مذهب ۽ متڀيد تي هڪ ڏکهو نظم بہ لکيو اٿن. هڪ شعر ۾ فرمايو اٿن ته:

هرگز هندو ناهيان، نڪي مسلمان،
سِکيو پاٺُ پريم جو ٿيڻ سچو انسان،
اسان جو ايمان، محبت آهي 'مُحبُ' چوي.

ٻئي هنڌ فرمائين ٿا ته:

مسجد، مندر، دَير ۽ ديول، فرق نہ ڄاڻان تن ۾ ڦير.

فرقن لاءِ فرمائين ٿا ته:

شيعا، وهابي، سُني ۽ صوفي، آڙيان ڪونہ اُنهن ۾ ايرُ.

ميخاني جو رنگ: ميخاني تي هر وقت سڪ محبت وارا ۽ اهل الله موجود هوندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا ته "هيءُ ميخانو مٺي پاڻيءَ جو چشمو آهي هتي هنج بہ ايندا ته ڪنگ بہ ايندا. توهان انهن جي خدمت ڪندا رهو. اگر توهان هنن هَنجن کي نہ بہ سڃاتو ته بہ هو توهان تي پنهنجي عنايت ڪري ويندا." روحاني ڪچهريون ۽ راڳ ويراڳ هلندو رهندو هو. اوري پري جا فقراءَ ۽ راڳي ويراڳي ايندا رهندا هئا. پاڻ سڀورا بہ الهوڏائي فقير ۽ استاد غلام علي سان گڏ راڳ ويراڳ ۾ شامل ٿيندا هئا. سائين دلاور فقير بہ محفل

کي رونق بخشيندا هئا. ننگر نياز بہ جاري رهندو هو ۽ الاهي عشق جي پياسن کي ميخاني جو مَدُ بہ ملندو هو.

ميخاني جي باري ۾ فرمايو اٿن تہ:

هي مرشد جو در آ ۽ بيت الفقر آ
هيءَ دربارِ عالي، مُنير البدر آ...

*

مچي ميخاني ۾ محڪم، پين ٿا پُر ڪري پيالا،
مَٿيءَ وٽ سِر متارن جا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا...

انشاالله ميخاني جو اهو رنگ ڍنگ هميشہ قائم رهندو.

ملفوظات ۽ تعليمات:

فرمائيندا هئا تہ ”ابا پنهنجي پاڻ کي سڃاڻو تہ توهان جي هستي ڇاهي ۽ هتي ڪهڙي مقصد لاءِ آيا آهيو؟“ جيڪڏهن توهان پنهنجي نفس کي سڃاتو ۽ نفساني خواهشن تي ضابطو آندو تہ پوءِ توهان خود اها شيءِ ٿي پوندؤ جنهن جي توهان کي تلاش آهي. ذڪر سان گڏ فڪر بہ ڪريو ڇو تہ فڪر ذڪر کان بہ وڌيڪ آهي. فرمائيندا هئا تہ انسان جي نفس جون پنج اِندريون (حواس) آهن: ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار. انهن کي قابو ۾ آڻي نفس کي فنا ڪري سگهجي ٿو. سڀ کان اول مشڪل ’ڪام يعني شهوت‘ آهي جيڪا ڪنٽرول ڪرڻ ڏکي آهي. ان کان پوءِ ’ڪروڌ يعني دنيا جا جهيڙا جهڳڙا ۽ حسد‘ آهي. پوءِ دنيا جو ’لوڀ لالچ ۽ موه‘ آهي. اگر پهريان چار حواس ڪنٽرول ۾ اچي ويا تہ پوءِ آخر ۾ ’اهنڪار يعني غرور‘ آهي جيڪو قابوءَ ۾ ڪرڻ مشڪل آهي. سڀ ڪجهہ حاصل ڪرڻ بعد غرور ڪيائين تہ بہ طالب منزل تان ڪري پوندو. اهي منزلون مرشد جي مدد سان آسان ٿي وڃن ٿيون.

مرشد تي ڪامل يقين ئي طالب لاءِ مشعل راهہ بنجي ٿو. بنا رهبر جي راه ناهي. مرشد (مطلوب) ئي طالب کي ڪشش ڪري ٿو تڏهن طالب مرشد جي حضور ۾ اچي ٿو. فرمائيندا هئا تہ مرشد جي اڳيان طالب جي دل آئيني مثل هوندي آهي، توهان جي دل ۾ جيڪو خيال پيدا ٿئي ٿو مرشد ان کان باخبر آهي، تنهنڪري مرشد جي اڳيان هميشہ باادب رهو. مرشد جي ظاهري رنگ ڍنگ تي نظر نہ ڪريو. جيئن بيدل رحہ فرمايو آهي تہ:

حال محرم سان هميشہ خيال دل جو کولجي،
غير جي آڏو نہ هرگز راز پنهنجو رولجي.

فرمائيندا هئا تہ صوفين جا ٻہ قسم آهن: سالڪ، تارڪ ۽ مجذوب. ’سالڪ‘ اهو آهي جو دنياداري ٻہ نڀائي، پنهنجي محنت سان ڪمائي ٻچن ٻارن کي ٻہ پالي، غريبن، مسڪينن کي ٻہ کارائي ۽ ان سان گڏ الاهي ذڪر فڪر ۾ ٻہ هجي. فرمائيندا هئا تہ زال اها ڀلي جيڪا پيڪا ٻہ ملهائي ۽ ساهرا ٻہ ملهائي. ’تارڪ‘ اهو آهي جيڪو دنيا کي ترڪ ڪري هڪ هنڌ ويهي رهي. اهو پاڻ پنهنجي ضرورتن لاءِ محتاج آهي. تارڪ کان سالڪ جو درجو بلند آهي. ’مجذوب‘ فقير تہ پنهنجي دنيا ۾ مست رهي ٿو. فرمائيندا هئا تہ ابا مجذوب سان گهڻي حُجَت نہ ڪريو اگر توهان کي رنڱيندو تہ ٻہ پاڻ جهڙو ڪري ڇڏيندو ۽ اگر ناراض ٿيو تہ ٻہ توهان لاءِ بهتر نہ ٿيندو.

فرمائيندا هئا تہ ابا الله وارن جي صحبت اختيار ڪريو جيئن مولانا روميءَ فرمايو آهي تہ:

يک ساعت صحبت بااولیا،
بهتراست از صد ساله عبادت بے ریا.

يعني: ”الله وارن جي هڪ گهڙيءَ جي صحبت، سؤ سالن جي بي ريا عبادت کان بهتر آهي.“

فرمائيندا هئا تہ جهڙي تهڙي حال سان ٻہ الله وارن جو ساٿ سٺو آهي، جيئن لطيفؒ فرمايو آهي:

ترِي ڀڳي ڪينگري، نلها ڦيرا ڏئي،
آٽي نہ نِئي، پر سلهاڙي وٽي ساٿ سان.

فرمائيندا هئا تہ ”سُرتِي يعني هوشياري“ جا ٽي قسم آهن:

1. تيليا سُرتي: اها آهي جنهن ۾ انسان اشاري يا سمجهائڻ سان فوراً سمجهي وڃي.
2. موتيا سُرتي: اها آهي جنهن ۾ انسان کي ڪجهہ دفعا سمجهائڻ سان هو سمجهي وڃي.
3. نوديا سُرتي: اُها آهي جنهن ۾ انسان کي ڪيترو ٻہ سمجهائجي پر هو بلڪل نہ سمجهي.

فرمائيندا هئا تہ هُونءَ تہ اسلام ۾ اَسراف يعني اجايو خرچ ڪرڻ جي منع ٿيل آهي پر مهمان لاءِ اسراف ڪرڻ بہ جائز آهي. مهمان مسافر جي پنهنجي وَس آهر دل کولي خدمت ڪريو. ڪنهن ڏينهن مهمان مسافر جي اچڻ ۾ دير ٿيندي هئي تہ فرمائيندا هئا تہ اڄ شايد الله جل شانہ اسان سان ناراض آهي. ڪڏهن ائين فرمائيندا هئا تہ دل ٿي چوي تہ جيڪر مهمان مسافر جو بچايل کاڌو کاوان.

فرمائيندا هئا تہ ننڊ ۾ جيڪي نظر اچي ٿو اهو "خواب" آهي ۽ الله وارا جيڪي ڪرشما سجاڳيءَ واري حالت ۾ ڏسن ٿا اهو "مشاهدو" آهي. اهو بہ فرمائيندا هئا تہ اگر ذاتي ذڪر ڪندي توهان کي ننڊ اچي وڃي تہ پوءِ توهان جو قلبي ذڪر جاري رهندو ۽ اها ننڊ بہ عبادت آهي.

سندن ڪچهري اهڙي تہ پُراثر هوندي هئي جو انسان دنيا وَ مافيها کان بي خبر ٿي محو ٿي ويندو هو. سندن سمجهائڻ جو طريقو بہ بهترين هوندو هو. اگر ڪنهن کي ڪا فهمائش ڪرڻي هوندي هئي تہ بہ اهڙي رازداريءَ سان ڪندا هئا جو سمجهڻ وارو سمجهي ويندو هو ۽ ان جو راز بہ راز ۾ رهندو هو. طالبن ۽ عقيدتمندن سان ڪچهريءَ ۾ ائين گڏ ويهندا هئا جو ڪير فرق محسوس نہ ڪندو هو. طالبن کي ظاهري ڪچهريءَ کان علاوه خيال واري رمز سان بہ تلقين فرمائيندا هئا ۽ خيال ئي خيال ۾ رهبري ڪندا هئا. حضرت شاهہ لطيف، سچل، سامي، بيدل، ڪبير ڀڳت، علامہ اقبال، مولانا رومي، حافظ شيرازي جي شعرن جي شرح ۽ روحاني معنيٰ سمجهائيندا هئا. قرآن شريف، حديث، گيتا، انجيل ۽ جپ صاحب جي ڄاڻ بہ ڏيندا هئا.

پاڻ سڳورا ظاهري ڪرامات ڏيکارڻ کان بہ احتراز ڪندا هئا پر جيئن فرمائيندا هئا تيئن ٿي پوندو هو. هڪ ڏينهن ڪو فقير آيو ۽ چيائين تہ "سائين توهان حضرت عيسيٰ ۽ حضرت موسيٰ کي ڏٺو آهي؟ ڇا توهان ڪرامات بہ ڏيکاريندا آهيو؟" پاڻ سڳورا ٿڌي طبيعت جا مالڪ هئا پر ان ڏينهن جوش ۾ اچي چيائون تہ "اسان جو حضرت عيسيٰ ۽ حضرت موسيٰ سان ڇا. اسان لاءِ اسان جو مرشد پاڪ ئي سڀ ڪجهہ آهي. باقي ڪرامتون اسان گهَٽين ۾ ڊوڙائي ڇڏيون آهن." اُن فقير تي اهڙو اثر ٿيو جو فوراً قدمن تي ڪري پيو ۽ چيائين تہ سائين منهنجي پُٽي نَپوريو ۽ دعا ڪريو. بابا سائين جن اُن جي پُٽي نَپوري دعا فرمائي.

پاڻ سڳورا ڪرامات ڪندا بہ هئا تہ محسوس ٿيڻ نہ ڏيندا هئا. واقعات تہ ڪافي آهن پر هتي بہ ٽي واقعا پيش ڪريان ٿو: 1997ع ۾ اسان شهدادپور ۾ رهندا هئاسين ۽ منهنجي پوسٽنگ تعلقي اسپتال شهدادپور ۾ هئي. هڪ ڏينهن اوچتو مون کي وزارتِ مذهبي اُمور اسلام آباد مان هڪ ليٽر اچي مليو تہ توهان کي ”حج ميڊيڪل مشن“ ۾ ڊيوٽيءَ لاءِ نامزد ڪيو ويو آهي. ٻئي ڏينهن اسلام آباد ۾ انٽرويو لاءِ گهرايو ويو هو. آئون حيران رهجي ويس تہ مون تہ ڪا درخواست بہ نہ ڏني هئي ۽ نہ ڪا ان سلسلي ۾ ڪڏهن ڪوشش بہ ڪئي هئي. اسان جي ڪافي دوستن ان لاءِ ڪوششون ۽ سفارشون ڪرايون هيون پر ڪم نہ ٿيو هئن. آئون يڪدم گهر آيس ۽ بابا سائين جن سان حقيقت ڪيم تہ بابا سائين جن مسڪرائي فرمايو تہ ”ابا توهان جي مرضي وڃڻ چاهيو تہ ڀلي وڃو.“ بهرحال آئون رات جو ڪراچيءَ مان فلائيٽ پڪڙي اسلام آباد پهتس ۽ ٻئي ڏينهن پمز اسپتال ۾ انٽرويو ڏنم. هڪ تہ هئا انٽرويو وارا فوجي ۽ ٻيا ڏٺم وڏا وڏا سفارشي ڊاڪٽر انٽرويو ڏئي واپس گهر آيس تہ بابا سائين جن پڇيو تہ ”ابا انٽرويو ٿي ويو؟“ مون چيو تہ بابا سائين انٽرويو تہ ڏئي آيو آهيان پر پڪ ڪونهي تہ ڪم ٿيندو يا نہ. تہ پاڻ وري بہ مسڪرائي فرمايائون تہ ”ابا توهان جو ڪم ٿي ويندو.“ چند ڏينهن ۾ Selection جو ليٽر اچي ويو. اهڙي طرح حج بہ نصيب ٿيو ۽ حاجين سڳورن جي خدمت جو موقعو بہ مليو. اها هئي سندن باطني سفارش ۽ ڪرم نوازي ۽ سندن ڪوٺا مان حج! سندن ٿورا ڪهڙا ڳڻي ڪهڙا ڳڻيان.

1998ع ۾ هڪ ڏينهن ميخاني تي ويٺا هئاسين، ان وقت اسان جي ڳوٺ ڏي لنڪ روڊ ٺاهڻ جو پروگرام پئي هليو. ڪجهہ بااثر ماڻهن چاهيو پئي تہ روڊ ڳوٺ جي اولهہ پاسي کان اچي ۽ ميخانو وري ڳوٺ جي اوڀر پاسي کان آهي. مون عرض ڪيو تہ بابا سائين اگر هي روڊ پنهنجي ميخاني جي اڳيان لنگهي تہ ڪيڏو نہ سٺو ٿئي! پاڻ مسڪرائي آهستگيءَ سان فرمايائون تہ ”ابا اهو روڊ هتان ئي لنگهندو.“ پوءِ ٿيو بہ ائين تہ سندن رضا کان پوءِ روڊ ميخاني جي اڳيان اچي لنگهيو.

ولي محمد فقير هڪ واقعو ٻڌايو تہ هڪ رات ميخاني تي ويٺا هئاسين تہ اعجاز فقير هڪ ڀرواري ڳوٺ ڏي ويل هو. اوچتو بابا سائين جن فرمايو تہ ”ابا! اعجاز اچي ويو يا نہ؟“ ولي محمد چيو تہ نہ بابا سائين. پاڻ ان ڳوٺ

ڏانهن آڱر جو اشارو ڪري فرمايو "يا اِلاهي خير" ۽ چيائون تہ هاڻي خير ٿي ويو. اُن وقت ئي ان ڳوٺ تي ڌاڙيلن جو حملو ٿي ويو ۽ گولين جا ڌماڪا ۽ شعلا نظر اچڻ لڳا پر ٿوري دير بعد اعجاز فقير صحيح سلامت ميخاني تي پهچي ويو. اهڙيءَ طرح اڪثر اوچتو فرمائيندا هئا تہ "يا اِلاهي خير". ان وقت سندن روحاني بصيرت ڇا ڏسندي هئي ۽ ڪنهن جي لاءِ دعا فرمائيندا هئا اها تہ ڪين ئي معلوم هئي.

پاڻ سڳورا فرمائيندا هئا تہ "ابا اسان جو راز اسان جي هتان وڃڻ بعد ظاهر ٿيندو."

بابا سائين جن جون تعليمات ۽ فرمودات ايترا آهن جو لکي پوري نہ پئي سگهبو تنهن ڪري هن باب کي هتي ئي مختصر ڪريون ٿا.

نثر نگاري: پاڻ سڳورا تمام سٺا مضمون نويس ۽ نثر نگار بہ هئا. مگر مصروفيتن سبب اُن صنف کي وقت نہ ڏئي سگهيا. سندن لکڻيءَ جي فصاحت ۽ بلاغت توهان کي سندن خودنوشتہ سوانح حيات مان ئي محسوس ٿي هوندي

شاعري: بابا سائين جن جي شاعري روحانيت سان ڀرپور ۽ توحيدي شاعري آهي. مجاز وارن لاءِ مجاز جو رنگ بہ آهي تہ حقيقت وارن لاءِ اعليٰ عرفان بہ رکيل آهي. جيئن تہ پاڻ سڳورا 'وحدت الوجود' ۽ 'همہ اُوست' جا قائل هئا تنهن ڪري سڄي ڪلام ۾ اهو رنگ غالب آهي. مثال طور فرمائين ٿا تہ:

تُو ہر جا ایک اِکوئی، تیرے بن اور نہ کوئی....

*

عشاقن جي عجب عادت، وتن وحدت کي ووڙيندا....

اڪثر ڪلام ڪافي، بيت ۽ دوهيڙن جي صورت ۾ آهي. ڪن ڪلامن ۾ قوالي ۽ غزل جو بہ رنگ ملي ٿو. حمد، نعت و ثنا بہ آهي. سُورمين، جوڳين سامين جو ذڪر تہ ڪٿي وري ساغر و مينا ۽ دلبر جي ديدن جو ذڪر آهي. ڪٿي عجز و نياز آهي تہ ڪٿي وري اونچي اُڏام جو ذڪر آهي. مذهبن جي مت ڀيد ۽ فرقن کان دوريءَ جو ذڪر آهي. مرشد پاڪ سان محبت ۽ عقيدت جو ذڪر آهي. ڪٿي هجر تہ ڪٿي وصال جو ذڪر- همہ صفت شاعري آهي تنهن ڪري آئون صرف ايترو چوندس تہ:

مشک آن اَست کہ خود بِبوُید - نہ کہ عطار بِگوید.

يعني: "مُشڪ اهو آهي جيڪو خود خوشبو ڏئي - نہ اِهو تہ عطر وارو چوي تہ هِي مُشڪ آهي."

بابا سائين جن جو ڪلام سنڌي، سرائيڪي، اردو ۽ هنديءَ ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ مون ڪلام کي موضوع ۽ مفهوم جي لحاظ کان الڳ الڳ حصن ۾ ترتيب ڏنو آهي. حاشيه ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ به ڏني آهي. ان کان علاوه ڪو ڪلام ڪنهن خاص مقصد لاءِ چيو ويو آهي ته ان جي به وضاحت ڪئي آهي. پنهنجي حال سارو ڪوشش ڪئي آهي، شال پڙهندڙن کي قبول پوي.

هادي پاڪ محمد فقير گهوٽو

هادي پاڪ محمد فقير گهوٽو بابا سائين جن جا مرشد هئا، جن جي دستِ مبارڪ تي پاڻ بيعت فرمايائون. بابا سائين جن کي ڪيئن خواب ۾ ديدار ڪرايائون ۽ ڪيئن فيض نصيب ٿيو ان باري ۾ ته بابا سائين جن پنهنجي سوانح حيات ۾ تفصيل سان بيان ڪري چڪا آهن، هتي آئون سندن باري ۾ ڪجهه وڌيڪ معلومات جيڪا بابا سائين جن عنايت ڪئي اها عرض رکندس. حضرت محمد سائين جن گهوٽا قبيلي جي سرداري گهراڻي ۾ 1896ع ۾ ڳوٺ حسين ٻيلي ۾ مولوي عبدالحق جي گهر ۾ تولد ٿيا. ان زماني ۾ اڪثر مدرسن ۾ تعليم ملندي هئي، تنهن ڪري پاڻ سڳورا به مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪري دستاربند عالم بڻيا ۽ ’ملان محمد‘ سڏجڻ لڳا. پر هن رنگ ۾ کين قرار نه آيو ۽ معرفت جي جستجو ۾ لڳي ويا. پهريائين مولوي شمس الدين اِنڍڙ وٽ ويا جيڪو وڏي فضيلت وارو اولياءَ هو. تنهن وٽ وڃي عرض ڪيائون ته “سائين آئون توهان وٽ ڪلمو سکڻ آيو آهيان.” پهرين ته مولوي صاحب چيو ته پڙهه “لا اِلله الا الله محمد رسول الله”. چيائون ته سائين اهو ڪلمو ته مون کي به اچي ٿو پر اهو ڪلمو پڙهايو جيڪو حضور پاڪ اصحابن کي پڙهايو هو. اهو ٻڌي سائين شمس الدين جن جوش ۾ اچي فرمايو ته “محمد اچ ته توکي اهو ڪلمو ٿو پڙهايان–” پوءِ سائين جن کين روحاني رمز سان ڪلمو پڙهايو. محمد سائين جن ڪجهه وقت سندن خدمت ۾ رهيا پوءِ سائين جن چَيُن ته “ابا توهان جو فيض بابا خيرالدين شاهه جيلاني سکر وٽ رکيل آهي اُتي وڃو.” محمد سائين جن پاڻ ذڪر ڪندا هئا ته “ابا مان ڪيترو ئي عرصو الاهي عشق ۾ جهر جهنگ

۾ مست ڦرندو رهيس. روهڙي، اروڙ ۽ خيرپور ضلعي جي پهاڙين ۾ ڀٽڪندو رهيس. ڪيڏي مهل اهڙي به مستي چڙهي جو چوان ته ”محمد! هن پهاڙ تان ڪٽي پاڻ سَٽِ ته پرزا پرزا ٿي پوين.“ پر وري هوش اچيو وڃي ته نه محمد ائين نه ڪبو. پوءِ سائين جن سکر ۾ درگاهه سائين خيرالدين شاهه عرف ‘جيئي سائين’ تي اچي رياضت ڪرڻ ۽ مٿيون ڀيرڻ لڳا ۽ ذڪرِ الاهيءَ ۾ مصروف رهڻ لڳا. تقريباً ست سال اُتي رياضت ۽ ذڪر و اذڪار ڪيائون پوءِ مٿن نوازش ٿي جو سائين خيرالدين شاهه صفاتي جامي ۾ اچي کين دستِ بيعت ڪيو ۽ ائين فيض حاصل ٿيو. سائين خيرالدين شاهه، بادشاهه پير دستگير جي اولاد مان آهن ۽ سندن درگاهه پراڻي سکر ۾ مرڪزِ رجوعات و فيض آهي.

ڪجهه عرصي بعد سائين جيئي شاهه جي امر سان فيض جاري ڪرڻ جو حڪم ٿين. پوءِ سائين جن پنهنجي ڳوٺ ڏي روانا ٿيا ۽ ڳوٺ جي ٻاهران ڪٻڙن ۾ اچي ويٺا. ڳوٺ جي ماڻهن ڳالهه ڪئي ته ڪو درويش آهي جيڪو ڪٻڙن ۾ ويٺو آهي. جڏهن سندن حليو مبارڪ بيان ڪيائون ته سائين جن جي امڙ سڳوريءَ فرمايو ته ابا اهو پڪ منهنجو محمد هوندو. پوءِ سائين جن کي ڳوٺ وٺي آيا ۽ سائين جن اچي پنهنجو آستانو ٺاهيو جتي هن وقت درگاهه آهي ۽ رياضت ۽ ذڪر فڪر ۾ مشغول رهيا. وري به جيئي شاهه بادشاهه خيال ۾ اشارو فرماين ته محمد اڃا به تو ۾ ڪجهه اَنا آهي اها به ختم ڪر. جيئن ته پاڻ سرداري گهراڻي جا هئا ۽ خان سڏبا هئا ته ان خانيءَ وري خيال کي ختم ڪرڻ لاءِ ڳوٺ ۾ گدا ڪرڻ شروع ڪيائون ۽ پهريائين پنهنجي گهر جي در تي صدا ڏنائون. اهڙي طرح نفس جو هر غرور جلائي ڇڏيائون. جيئن پنهنجي هڪ شعر ۾ فرمايو اٿن ته: ”خانيءَ واري خيال ڪڍي ڇڏ تون قلب مئون“. پوءِ پنهنجو فيض جاري ڪيائون ۽ شمع تي ڪئين پروانا اچي ويا. ڪيترائي فقير طالب ٿيا ۽ فيضياب ٿيا. پاڻ سڳورن سڀ مسڪين طالب ڪيا. امير به آيا پر فرمايائون ته ابا هنن کي طالب ڪيوسين ته اسان جي مسڪين فقيرن کي گهٽ سمجهندا تنهن ڪري انهن تي توجهه نه ڪيائون. وڏن اوليائن جا همعصر ۽ صحبتي رهيا. سائين داتا ولايت شاهه هنباهه وارا، انور شاهه سائين جهان پور وارا، محمد فقير ڪنياڻ، فولاد فقير شَرُ، سائين عبدالستار وڏو جهوڪ شريف وارا، غمدل فقير، نصير فقير جلالاڻي، سيد رڪيل شاهه ميرانپوري (درگاهه فتحپور بلوچستان)،

پيرل شاهه، پيرل فقير ۽ ٻيا ڪيترائي اهل الله فقير سندن صحبتي رهيا. فولاد فقير پنهنجي طالبن کي زنجيرن سان ٻڌي رکندا هئا. محمد سائين جن جي چوڻ تي سندن طالبن کي هميشه لاءِ زنجيرن کان آزادي ملي. پاڻ پنهنجي طالبن سان گڏ درگاهن تي سير سفر به گهڻو ڪندا هئا. جهوڪ شريف تي سائين عبدالستار جن کين ڪافي ٺاهڻ لاءِ جاءِ عنايت فرمائي جتي پاڻ فقيرن سان گڏجي رياضت ڪري ڪافي ٺهرايائون جيڪا هن وقت لکي دروازي وٽ موجود آهي ۽ اسان جا فقير ان کي سنڀاليندا اچن. هڪ آفيسر کين زمين ڏيڻ جي آڇ ڪئي ته فرمايائون ته ابا اسان پنهنجي مال ملڪيت ئي تَرڪُ ڪري ڇڏي آهي ته تنهنجي زمين کي ڇا ڪنداسين. پوءِ به ان آفيسر هڪ مسڪين طالب کي زمين جو ٽڪرو ڏنو. سندن ڪيئي ڪرامات به آهن، ڪڏهن ڪڏهن سندن جسم ٽڪرا ٽڪرا ٿيل نظر ايندو هو ۽ ماڻهو ڊڄي ويندا هئا ۽ وري ڏسندا هئا ته محمد سائين ته جيئرا ويٺا آهن. ڪڏهن شينهن جو روپ ڌاري ويندا هئا. هڪ دفعي گهوٽڪي شهر جي ڪنهن ماڻهوءَ جو ڇوڪرو گم ٿي ويو. ڪافي تلاش بعد به نه مليو. ڪنهن جي چوڻ تي اچي محمد سائين جن جي درگاهه تي دعا گهريائين. چند ئي ڏينهن بعد اهو ڇوڪرو صبح جي وقت پنهنجي گهر جي دروازي تي مليو. مائٽ ڏاڍا خوش ٿيا. پڇيائونس ته تون ڪٿي هئين ۽ هتي ڪيئن پهتين، جواب ڏنائين ته آئون پٽڪي انڊيا جي ڪنهن شهر ۾ وڃي پهتو هوس، ڪجهه دير پهرين سائي لباس ۾ ڪو فقير آيو اهو مون کي هٿ مان وٺي هتي ڇڏي پاڻ غائب ٿي ويو آهي. ڇوڪري جو والد سمجهي ويو ته اها ڪرم نوازي محمد سائين جن ڪئي آهي، پوءِ عقيدت وچان درگاهه جي مقبري جي تعمير لاءِ سرون به ڏنائين. پاڻ سڳورا تمام سادگي پسند هئا، موڱي رنگ جو پهراڻ، سائي دستار مبارڪ، نيري رنگ جي شلوار ۽ گهيتلو جتي پائيندا هئا. ظاهري ڏيکاءَ لاءِ ڪڏهن به گيڙو ڪپڙا نه پاتائون. هڪ شعر ۾ فرمائين ٿا ته:

صوفي ٿيڻ نه سُٿرو ٿو سڏائي سيڪو
سِيٽيا وتن سِيٽَ ۾ نه پائن ٿا مَٿُ ڪو
مُوڙهن ٻڌو مٿي تي، ڪٽي گيڙوءَ جو پٽڪو
ناحق جو ٽَنڪو "محمّد" مارائيندو موچڙا.

پاڻ سڳورا وحدت الوجود ۽ همه اُوست جا قائل هئا. سندن شاعري به آفاقي ۽ وحدانيت واري آهي. سندن سمجهائڻ جو طريقو به تمام بهترين هوندو هو. بابا سائين جن ٻڌايو ته هڪ دفعي مون تجاهلِ عارفانه سان عرض ڪيو ته ”سائين اگر ڪنهن انسان سان پاڪ محبت هجي ته اُن کي چُمي ڏيڻ ۾ ڪو حرج ته ڪونهي؟“ سائين جن مسڪرائي جواب ڏنو ته ”ابا توهان ڪباب جون به سيخون ڪڻو ۽ انهن کي ٽانڊن تي پچايو. هڪ ٽانڊن کان مٿي جهلي خالي سيڪ تي پچايو ۽ ٻيءَ کي ٽانڊن تي رکي ڇڏيو. پچي ته ٻئي وينديون پر جيڪا ٽانڊن تي رکبي سا ڪٽان پچي ويندي ته ڪٽان وري سڙي ويندي ۽ ٽانڊن کان پري جهليل سيخ صحيح پچي ويندي اهڙي طرح مجاز به پري کان پچائڻ بهتر آهي.“ بابا سائين جن فرمائيندا هئا ته اسان جڏهن به وٽن حاضر ٿيندا هئاسين ته پڇندا هئا ته ابا پوئتي ٻچن ٻارن جو خيال ته رکي آيا آهيو يا نه؟ اگر توهان انهن کي ناراض ڪري آيا آهيو ته پوءِ مان به توهان مان راضي ڪونه ٿيندس ڇو ته انهن جو به اسان تي فرض رکيل آهي. ٻچن ٻارن جي خدمت ڪرڻ به الله ڏي قدم آهي. پاڻ ائين به فرمائيندا هئا ته ابا ڪو لک روپيه به منهنجي اڳيان رکي ته به آئون خوش نه ٿيندس پر آئون ان مان خوش ٿيندس جيڪو منهنجي ڏسيل راهه تي ثابت قدم رهي ۽ پنهنجي دم قدم جو خيال رکي. فرمائيندا هئا ته طالب کي مرشد تي ويساهه ئي منزل تي پهچائي ٿو. جيئن هڪ شعر ۾ فرمائين ٿا ته:

نڪو اسين نڪو الله، نڪا ٻيڙي نڪو ملاح،
وچ تي ويساهه، ”محمّد“ تاري تارَ مَٿُون.

سائين جن جون تعليمات تمام گهڻيون آهن جيڪي سڀ هتي لکي نه سگهبيون. مون ناچيز کي به سائين جن جو ديدار نصيب ٿيو ۽ مٿي تي شفقت جو هٿ به. پاڻ سڳورن 5 آگسٽ 1959ع بمطابق 21 صفر 1379ھ بروز اڱارو سکر ۾ رضا فرمائي. سندن درگاهه گهوٽڪيءَ کان چار ڪلوميٽر اولهه طرف ڳوٺ حسين ٻيليءَ ۾ مرڪزِ رجوعات آهي. هن وقت گادي نشين سائين سائينڏنو عرف سائنل سائين گهوٽو جن آهن. هر سال صفر جي 21، 22 ۽ 23 تاريخ تي عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي جنهن ۾ صوفيانه ڪچهري ۽ راڳ ويراڳ ٿيندو آهي. دوست ’عبدالرؤف پارس دايو ۽ منظور علي خان گهوٽو جي ڪاوش سان ”صوفي محمد فقير فائونڊيشن“ جي زيرِ اهتمام ادبي ڪانفرنس به منعقد ٿيندي آهي.

طالب

بابا سائين جن کي گهڻن طالبن ڪرڻ سان ٻه دلچسپي نہ هئي پر هن فيض کي جاري رکڻ لاءِ عمر جي آخري سالن ۾ ڪجهه طالب ڪيائون. سال 1996ع ۾ هي طالب ٿيا: اعجاز علي فقير ٽالپر، ولي محمد فقير ٽالپر، چاچا شفيع محمد ٽالپر، الهڏنو فقير خاصخيلي، محمد رحيم فقير خاصخيلي سيئي ساڪن ڳوٺ مهر علي ٽالپر. استاد عبدالغني نوتڪاڻي ساڪن ڳوٺ دليل آباد نزد چمبڙ. غلام دين فقير جلباڻي ساڪن ڳوٺ ماڙي جلباڻي تعلقو سڪرنڊ ۽ سَروڻ ڪمار مهراج ساڪن قلهڏيون تعلقو سنڌڙي 1997ع ۾ آئون (حاتم علي) ۽ ڀاءُ ڊاڪٽر سهراب خان دست بيعت ٿياسين. ان کان علاوه تہ ڪيترائي عقيدت مند آهن جن کي سندن روحاني فيض نصيب ٿيو.

دعاگو آهيون تہ:

اسان عاجزن سان، سائينءَ جو سَٿُ رهي،
هيٺن تي هميشہ، هاديءَ جو هَٿُ رهي.

طالبن جو مختصر احوال

فقير اعجاز علي ٽالپر (گادي نشين):

فقير اعجاز علي ولد قربان علي 10 مارچ 1966ع تي ڳوٺ مهر علي ٽالپر ۾ تولد ٿيا. پاڻ بابا سائين جن جي سؤٽ جا وڏا فرزند آهن. ڏاڏي جو نالو حاجي بهرام خان اٿن. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۽ شهدادپور ۾ حاصل ڪيائون. پوءِ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام مان ايگريڪلچر ۾ M.Sc. ڪيائون. 1989ع کان 1996ع تائين گورنمينٽ هاءِ اسڪول شهدادپور ۾ ايگريڪلچر انسٽرڪٽر جي سروس ڪيائون. 1996ع ۾ بابا سائين جن جا طالب ٿيا ۽ مٿن وڏي نظرِ ڪرم ٿي. پوءِ تہ سروس ڇڏي ڏنائون ۽ ميخاني جي رياضت لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيائون. پنهنجي زمين بہ سنڀالڻ لاءِ ماٽن حوالي ڪري ڇڏيائون. بابا سائين جڻ ميخاني جو واڳون بہ سندن

حوالي ڪيون ۽ فرمايائون تہ ”ابا اسان توهان کي بادشاهي ڏني آهي.“ اعجاز فقير شاعري بہ شروع ڪئي تہ بابا سائين جن فرمايو تہ ”ابا اسان جيڪو ڪُنو چاڙهيو آهي ان جو ڍڪڻ تون لاهيندين.“ فقير فقراءَ جي خدمت ڪرڻ، ننگر نياز ڪارائڻ ۾ هر وقت مست ۽ مصروف رهن ٿا. هر دلعزيز شخصيت جا مالڪ آهن. سير و سياحت جا بہ شوقين آهن. سنڌ، پنجاب، بلوچستان جي درگاهن کان علاوه انڊيا، ايران، عراق جون زيارات بہ ڪري چڪا آهن. اڪثر پنهنجي سُنگ سان گڏ ويندا آهن. صوفيانہ توحيدي شاعري اٿن. پاڻ پنهنجي سُنگ سان راڳ ويراڳ بہ ڪندا آهن، جنهن ۾ لياقت فقير رند، عاشق علي خاصخيلي، ولي محمد فقير، ڀرا قائم ۽ ٻيا ساٿ ڏيندا آهن. انتهائي سخي دل، بردبار ۽ جوشيلا آهن. پنهنجو وڏو حلقہء احباب رکن ٿا. فقير فقراءَ کين عقيدت وچان ”اعجاز سائين“ سڏين ٿا.

ولي محمد فقير: ولي محمد فقير ولد سليمان خان ٽالپر 1 آگسٽ 1963ع تي ڳوٺ مهر علي ٽالپر ۾ تولد ٿيا. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۽ مئٽرڪ شهدادپور مان ڪيائون. تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد ٿيا ۽ هن وقت بہ پنهنجي ڳوٺ ۾ پرائمري ٽيچر آهن. 1996ع ۾ طالب ٿيا. رات ڏينهن ميخاني تي رهن ٿا ۽ فقير فقراءَ جي خدمت ۽ رياضت ڪن ٿا. سالڪ ۽ ٽڏي طبيعت جا مالڪ آهن. صوفيانہ علمي ادبي ۽ شاعري ڪتابن جي مطالعي جا شوقين آهن. سلوڪ جي صحبت ۽ گفتگو جا وڏا ڄاڻو آهن. اعجاز فقير جي سُنگ ۾ انڊيا، ايران ۽ عراق جون زيارتون بہ ڪري آيا آهن. راڳ ويراڳ ۾ گهَڙو چَپڙيون، ڏَفِلي (ڪَنجري) بہ وڄائيندا آهن ۽ سُر ۾ سُر بہ ملائيندا آهن.

چاچو شفيع محمد: بابا سائين جن جي ڀائرن ۾ پنجون نمبر ڀاءُ، سادي طبيعت، سخي دل، ميخاني جو خدمت گار، بابا سائين جن سان تمام گهڻي عقيدت ۽ محبت رکندڙ. ٻني ٻاري جو ڪم ۽ مزدوري ڪندا هئا. پنهنجي زمين بہ هُين، اولاد ڪونہ هُين. 9 آڪٽوبر 1996ع تي رضا فرمايائون. سندن مزار ميخاني تي آهي.

الهڏنو فقير: الهڏنو فقير ولد سانوڻ خاصخيلي ڳوٺ مهر علي ٽالپر ۾ تولد ٿيا. تعليم مڊل پاس ٻني ٻاري جو ڪم ڪن ٿا. سادي طبيعت، عقيدتمند ۽ خدمت گار. ميلي ۾ ٻنيءَ ۽ ننگر نهرائڻ جو ڪم سنڀاليندڙ. هن کي فقير فقراءَ پيار مان اي ڊي (A.D) سڏيندا آهن. جنم 18 آڪٽوبر 1967ع.

محمد رحيم فقير: محمد رحيم ولد ڏتي بخش خاصخيلي ڳوٺ مهر علي ٽالپر ۾ تولد ٿيا. تعليم پرائمري، سادي طبيعت، خدمتگار ٻني ٻاري جو ڪم ڪندا هئا. 26 فيبروري 2011ع تي وفات ڪري ويا. جنم 7 مارچ 1969ع.

استاد عبدالغني: استاد عبدالغني ولد حاجي خان نوتڪاڻي بلوچ ڳوٺ دليل آباد نزد چمبڙ تعلقو ٽنڊوالهيار جا رهواسي هئا. 1950ع کان بابا سائين جن جا صحبتي ۽ عقيدتمند هئا. 1996ع ۾ بابا سائين جن جا دست بيعت طالب ٿيا. پرائمري استاد هئا. وڏي علم ۽ روحانيت جا صاحب هئا. تصوف جي ڪچهريءَ جا ماهر هئا ۽ اسان جي ٻه رهنمائي ڪندا هئا. وفات ٻه ميخاني تي فرمايائون. 4 آگسٽ 2003ع تي رضا ڪري ويا. سندن مزار سندن ڳوٺ جي ڀرسان ماڪن شاهه جي قبرستان ۾ آهي، جتي هر سال 6 جمادي الثانيءَ تي ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي.

فقير غلام دين: فقير غلام دين ولد ڪندو خان جلباڻي، 1 اپريل 1959ع تي ڳوٺ ماڙي جلباڻي تعلقو سڪرنڊ ۾ تولد ٿيا. سڪرنڊ هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ۽ سڪرنڊ زرعي انسٽيٽيوٽ مان فيلڊ اسسٽنٽ جو ڪورس ڪيائون. هن وقت چمبڙ ۾ فيلڊ اسسٽنٽ جي سروس ڪري رهيا آهن. استاد عبدالغنيءَ معرفت بابا سائين جن سان صحبت ٿين. 1996ع ۾ بابا سائين جن جا دستِ بيعت ٿيا. نهايت عقيدتمند ۽ ڄاڻ وارا آهن. علمِ تصوف جو مطالعو ڪندڙ ۽ درگاهن جون زيارتون ۽ اولياءَ ڪرام جا ميلا ٻه ڪندا آهن.

فقير سَروڻ ڪمار: فقير سروڻ ڪمار ولد مهراج پهلاج رام (پريم پرڪاشي) 9 اپريل 1981ع تي قلهڏيون تعلقو سنڌڙي ۾ تولد ٿيا. قلهڏيون هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪيائون ۽ هاڻي قلهڏيون ۾ ڀرت جو ڪم مشين تي ڪن ٿا. اسان جڏهن رورل هيلٿ سينٽر قلهڏيون ۾ هئاسين ته پرائمري اسڪول جا ٻه شاگرد عبدالرزاق لنڊ ۽ سروڻ ڪمار بابا سائين جن وٽ مفت ٽيوشن پڙهڻ ايندا هئا. سروڻ ڪمار جو بابا سائين جن سان پريم ٿي ويو ۽ 1996ع ۾ طالب ٿيا. ننڍڙي سروڻ تي ايترو اثر ٿيو جو ڪير نالو پڇيس ته چوي ته ”مُحب آهيان“. پاڻ فقير سان گڏوگڏ والد جي وفات بعد پنهنجي قوم جو مهراج ٻه آهي. ميخاني تي اچي حاضري ٻه ڏيندو رهندو آهي.

ڊاڪٽر سهراب خان: بابا سائين جن جي پياري ڀاءُ خداداد خان جا فرزند، 1963ع ۾ ڳوٺ مهرعلي ٽالپر ۾ تولد ٿيا. پنهنجي ڳوٺ، شهدادپور، حمزو

ٽالپر ۽ ٽنڊوالهيار ۾ تعليم حاصل ڪري، 1992 ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان .M.B.B.S پاس ڪيائون. 1995ع کان Contract تي سروس ۾ آيا ۽ 2003ع ۾ ڪنفرم ٿيا. 2008ع ۾ پيٿالاجيءَ ۾ .D.C.P جو امتحان پاس ڪيائون. 2010ع ۾ ڪميشن جو Specialist جو امتحان پاس ڪيائون. هن وقت ڊسٽرڪٽ اسپتال ٽنڊوالهيار ۾ سروس ڪري رهيا آهن. اڍائي سالن جي عمر ۾ سندن والد رضا ڪري ويا ۽ پوءِ بابا سائين جن جي زيرِنگراني رهيا. بابا سائين جن کيس اسان ٻچن وانگر پاليو ۽ تعليم ڏياري. 1997ع ۾ بابا سائين جن جا دستِ بيعت طالب ٿيا. خوش طبع، هردلعزيز ۽ رمز وارا فقير آهن. هن وقت ٽنڊوالهيار ۾ رهن ٿا.

ڊاڪٽر حاتم علي: آئون بابا سائين جن جو وڏو فرزند 18 آڪٽوبر 1948ع ۾ ڳوٺ حمزو خان ٽالپر تعلقه ٽنڊوالهيار ۾ تولد ٿيس. پرائمري تعليم چار درجا پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول ۾ بابا سائين جن وٽ حاصل ڪئي. ميٽرڪ ميونسپل هاءِ اسڪول شهدادپور مان 1966ع ۾ پاس ڪئي. انٽر سائنس گورنمينٽ ڊگري ڪاليج سانگهڙ مان 1969ع ۾ پاس ڪيم. جنوري 1970ع ۾ L.M.C ۾ داخلا ورتي ۽ جنوري 1976ع ۾ .M.B.B.S پاس ڪئي. مارچ 1976ع کان هاؤس جاب شروع ڪيو ۽ سيپٽمبر 1976ع ۾ ئي L.M.C ۾ ميڊيڪل آفيسر ٿيس. جنوري 1979ع تائين اتي رهيس. ان بعد سنجهورو اوپن جيل بدين، پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اسپتال نواب شاهه ڪپرو قلهڏيون، هالا ۽ شهدادپور ۾ سروس ڪئي. آخري پوسٽنگ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج نوابشاهه ۾ ٿي جتان 2008ع ۾ 60 سالن جي عمر ۾ رٽائر ٿيس. هن وقت فيمليءَ سان حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهيان. 1997ع ۾ بابا سائين جن جو دست بيعت طالب ٿيس. سندن احسان ته ڳڻتي پورو نه پئي سگهندس، صرف ايترو چوندس ته:

جيهي جي تيهي، ته ٻه ٻانهي ٻاروچن جي،
حجت هوت پنهونءَ سين، مون ڪميڻيءَ ڪيهي
اصل آريءَ ڄام جي، پَلئُه آئون پيئي،
هُو جا پائين پير ۾، تنهن جُتيءَ نه جيهي،
وساري ويهي، تِن ڪيچين ڪي ڪيئن رهان؟

صوفيانه علم و ادب ۽ شاعريءَ جي مطالعي سان دلچسپي آهي. فقراءَ جو خادم آهيان. جهڙي تهڙي حال سان شل خدمت قبول پوي. آمين

صحبتي

◈ ڳوٺ مهر علي ٽالپر: پنهنجي ڳوٺ جا تہ سيئي همعصر ماڻهو سندن صحبتي ۽ محبتي رهيا. ننڍي تهيءَ وارا تقريباً سيئي سندن شاگرد بہ رهيا، هتي ڪجهہ نالا عرض رکون ٿا. سيد رکيل شاهہ، سيد محمد شاهہ، دلاور فقير خاصخيلي، قادو فقير ولد دلاور فقير، الهوڏايو فقير خاصخيلي، چاچو نور علي خاصخيلي، استاد غلام علي خاصخيلي ۽ سندس فرزند عاشق علي، خميسو عرف ٽاريو فقير خاصخيلي، پرا قائم دين خاصخيلي، الهڏنو فقير خاصخيلي، ڏٽي بخش عرف ٽارو خاصخيلي ۽ سندس فرزند محمد رحيم فقير، رستم فقير خاصخيلي، وڏيرو ننگر خان خاصخيلي ’صوفي‘، سيٺ صادق خاصخيلي، لونگ خاصخيلي، وڪيو خاصخيلي، بادل ولد سومر خاصخيلي، پيارو فقير خاصخيلي. مير ڏٽي بخش خان ٽالپر ۽ سندن فرزند مير علي مراد، ڊاڪٽر الطاف حسين ٽالپر (سرجن لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ڄامشورو)، ڀائي خان ٽالپر، فقير مولا بخش ٽالپر، فقير ولي محمد ٽالپر، گل محمد ’ڪماني‘ ٽالپر، بنده علي ٽالپر، محمد رفيق ٽالپر، محمد صديق ٽالپر، واحد بخش ٽالپر، ڪرم علي فقير ٽالپر ۽ سندس فرزند معشوق علي ٽالپر، احمد عرف شڪيل ٽالپر، ڀورو خان ٽالپر، خير محمد عرف آروُ عرف ’مسلمان‘ ٽالپر، اشرف خان ٽالپر، محمد بخش عرف ’موسو‘ ٽالپر، محمد حسن عرف ’چيف‘ ٽالپر. ويجها عزيز جيڪي صحبتي رهيا: سندن چاچو ڏاڏو حاجي بهرام خان ٽالپر، سئوٽ: احسان خان ۽ سندس فرزند دين محمد خان، حاجي بهرام خان جو ڀڻات: دريا خان ۽ سندس فرزند محمد عرس. ڀاڻيجو: ميهرالدين. سئوٽ: محمد صالح عرف ’قلو خان‘، باغ علي خان، نياز علي، قربان علي ۽ سندس فرزند فقير اعجاز علي. ڀائٽر: نواب خان، خداداد خان، شفيع محمد ۽ ڪريم بخش خان. ڀائيٽا: تاج محمد، جمعون خان ۽ سهراب خان. پٽ: حاتم علي، مير علي ۽ انور علي. اُن کان علاوہ لياقت فقير رند، پانڌي فقير حاجاڻو دلبر حاجاڻو ڪاريگر ڪنڊل فقير ڪنيار، ڏاڏو احمد بروهي، موالي شيرُو زرداري، فقير ڄيٺومل ۽ فقير "ڦر ملينگا" بہ شامل مجلس رهيا.

◆ ڳوٺ حسين ٻيلي تعلقو گهوٽڪي: بابا سائين ڏنو فقير گهوٽو سائين محمدڻ فقير گهوٽو ۽ سندن فرزند ارشاد علي خان، الهه رکيو فقير گهوٽو جان محمد فقير گهوٽو لال خان گهوٽو مير مولا بخش خان گهوٽو منظور علي خان گهوٽو مولوي صاحب عبدالغني گهوٽو غوث بخش خان گهوٽو عبدالرزاق گهوٽو نانا عبدالڪريم گهوٽو استاد عرض محمد گهوٽو مجنون فقير گهوٽو استاد حڪيم محمد يونس چارڻ، سيد پريل شاهه ۽ سيد اياز شاهه "عاقل".

◆ گهوٽڪي پسگردائي: چاچو علي شير فقير ڪولاچي ۽ سندن فرزند عبداللطيف ڪولاچي، نماڻو فقير گهوٽو (طالب رازي فقير درگاهه لاهور)، فقير نُورالله ڪوکر، سيد عظيم شاهه مولوي غلام رسول گهوٽو استاد عبدالرحمان گڏاٽي، صديق فقير مَلڪ، بابا بچل فقير، شهيد غوٿل فقير، جهنگل فقير، نور محمد فقير، ميول فقير، پنهل فقير گجر راڳي، ساجن فقير ميربحر، ذوق علي فقير.

◆ جيڪب آباد: واڌل فقير.

◆ لاڙڪاڻو: نَبن فقير ڪُوڪاريو نازڻ فقير آڳاٽي.

◆ ڳوٺ منڌرا نزد ڏوڪري: حاجي ميرل خان جوڻيجو ۽ سندن فرزند غلام اڪبر ۽ محمد شمن خان.

◆ ڳوٺ سوڀو خان مگسي نزد ميهڙ: مومن فقير مگسي، اميد علي فقير مگسي (رئيس) ۽ نعيم فقير مگسي.

◆ سکر: سائين عيدن شاهه، قاسم فقير پٺو فقير عبدالله انصاري، فقير غلام نبي سومرو، استاد غلام شبير سومرو راڳي، حاجي غلام شبير پٺو سونارو، فقير لال بخش، استاد محمد عيسيٰ سومرو ۽ حڪيم ڪوثري صاحب.

◆ خانواهڻ ضلعو نوشهرو: استاد ماهي خان سيال ۽ سندن فرزند شير محمد.

◆ شڪارپور: شير محمد فقير ميمڻ

◆ پير ڳوٺ: راڳي فقير: موتڻ شاهه سائين، غلام حسين فقير ميمڻ، عزيزالله فقير ميتلو ۽ ارباب فقير پٺو.

◆ سهڪجي: سيد عالي شاهه.

◆ مٽياري: حاجي خدا بخش فقير ڪٽي.

◆ مورو: فنائي فقير ۽ سندس عزيز محمد بخش فقير خاصخيلي (شاهه لطيفؒ جو پارڪُو)، استاد شير محمد خان لغاري.

◈ پنج مورو: فقير امام علي وادو.

◈ ڳوٺ ماڙي جلباڻي تعلقو سڪرنڊ: استاد محمد حسن سمون، استاد هدايت الله، غلام دين فقير جلباڻي ۽ عطا محمد جلباڻي راڳي.

◈ ڳوٺ مهرشاهه نزد سعيد آباد: سيد احمد علي شاهه لڪياري شاعر

◈ ڳوٺ اڳرو راهو نزد سعيد آباد: سيد اميد علي شاهه عرف سخي سائين

◈ ڳوٺ ملدسي: مولا بخش فقير ملاح.

◈ ڳوٺ ڀليڏنو ڪاڪا نزد هالا: سيد نور محمد شاهه عرف نُورالموليٰ (مزار هرڻي فقير حيدرآباد).

◈ پراڻا هالا: رازي فقير (ڪتاب رازيءَ جو رمزون) .

◈ هالا: سيد عاليشاهه، عاشق فقير هالائي ميمڻ.

◈ ڳوٺ بکر جمالي نزد سعيد آباد: نور محمد خان جمالي.

◈ ڳوٺ عالم زرداري: استاد عنايت علي زرداري.

◈ ڳوٺ بخشو نظاماڻي: استاد غلام حسين نظاماڻي.

◈ ڳوٺ صاحب خان نظاماڻي: استاد محمد عمر ڪُوريو ۽ سندن فرزند، استاد محمد ملوڪ سهتو ۽ امين فقير پنهور (طالب سائنل فقير گهوٽو).

◈ ڀٽ شاهه: سيد پير ڏنو شاهه ۽ سندن فرزند جان محمد شاهه ۽ شجاع محمد شاهه عرف سِجن سائين، سيد خداڏنو شاهه.

◈ ڳوٺ ڪبڙ ڳاهو: سيد محمد علي شاهه.

◈ ڳوٺ سوائي ٽالپر: ڪُهاڙو شاهه.

◈ ڳوٺ بقا ڏاهري: فقير عبدالرحيم راهو

◈ ڳوٺ ڀِڙو: ڀڳت خُوبو فقير

◈ ڳوٺ رانجهو خان ٽالپر: سائين ٻڍل شاهه بخاري، استاد محمد رمضان ٽالپر، استاد محمد عثمان ٽالپر ’ناظم‘، استاد عنايت علي ٽالپر، حاجي بقادار ٽالپر ۽ سندس فرزند فقير علي خان ٽالپر، محمد عمر خان ٽالپر ۽ سندن فرزند لطف علي، استاد محمد حسن خاصخيلي ۽ سندس فرزند محراب خان، محمد موسيٰ (مُوسَن خان) ٽالپر، محمد علي ٽالپر ۽ استاد عزيزالله ٽالپر.

◈ ڳوٺ چِلي وارا اُنڙ: وڏيرو محمد جمن اُنڙ.

◈ ڳوٺ احمد خان ملاٽو: ڪوڙو خان ملاٽو ۽ مير محمد ملاٽو.

◈ ڳوٺ قيصر خاصخيلي: ليمون فقير خاصخيلي.

◈ ملنگ فقير: الھجڙيو فقير، قابل فقير، نبي بخش فقير، مير محمد فقير ۽ لُڏڻ فقير.

◈ ڳوٺ جعفر خان لغاري: گلڻ فقير ’غازي‘ لغاري.

◈ ڳوٺ گلڻ خاصخيلي: سيد احمد شاھ بخاري راولپنڊيءَ وارو.

◈ دلور موري: محمد شاھ سيلاني.

◈ ميخاني تي ڪافي وقت رهڻ وارا فقير: صابر فقير قلعي گر بينگلور وارو خُدن فقير سوڍڙو خانومل فقير گھورڙيو پيرومل وارو فقير محمد رحيم خاصخيلي ڳوٺ ڦلڪارا تعلقو ٽنڊو محمد خان (هن کي ’فقراءَ جي ماءُ‘ ۽ ’لاڙيچو‘ بہ چوندا آهن)، علي بخش خاصخيلي عرف شهزادو عرف کهيڙو فقير.

◈ سانگهڙ: استاد محمد ابراهيم ميمڻ ۽ سندن فرزند اسلم ميمڻ ۽ ٻائر، سانگهڙ جي سابق D.C امداد رضا سيهڙ جو والد استاد حاجي خدا بخش سيهڙ.

◈ ڳوٺ دليل آباد نزد چمبڙ: استاد عبدالغني نوتڪاڻي، استاد دليل خان نوتڪاڻي.

◈ ڳوٺ حمزو خان ٽالپر تعلقو ٽنڊوالهيار: استاد حاجي عبدالڪريم ڪنيار، استاد ونهيل دَرس، استاد علي نواز رستماڻي، حاجي سبز علي خان ٽالپر ۽ امير بخش ٽالپر (ٻئي بابا سائين جن جا ماسات).

◈ ڳوٺ مَسُو بوزدار: دائود خان بوزدار.

◈ چمبڙ شهر: استاد وشن داس.

◈ ٽنڊوالهيار شهر: فقير ڪرشن مهراج حڪيم، مير انور علي ٽالپر ۽ ڊاڪٽر عبدالشڪور جروار.

◈ ڏليار تعلقو ڪپرو: حاجي مينهل خان مگريو ۽ سندس فرزند تاج محمد.

◈ ڳوٺ ڪاٽي راڄڙ تعلقو ڪپرو: منٺار فقير جو گادي نشين فقير محمد بخش راڄڙ ’ضامن‘.

◈ ڦلهڏيون تعلقو سنڌڙي: رورل هيلٿ سينٽر جا سڀ اسٽاف وارا، ڊاڪٽر مهڪ علي مري، محمد صالح شَر، ولي محمد شر، عبدالڪريم شر، سائين داد شر، اسلم شر، عبدالمجيد مري، چڳو خان خاصخيلي ۽ ٻيا.

◈ ڦلهڏيون شهر جا: محمد زبير ايڊووڪيٽ، محمد رمضان نُهڙي وڪيل، مهراج پهلاج رام ۽ ان جو فرزند سروڻ ڪمار.

◈ ڳوٺ منُو فقير جو دڙو: پيرل فقير لنڊ، قلندر بخش فقير ۽ سندن فرزند حسين بخش فقير لنڊ.

◈ نزد قلهڏيون: وڏيرو غلام رسول لغاري، عبدالرزاق لنڊ.

◈ شهدادپور: ممتاز فقير نوناري، فقير پورل داس (جنهن بابا سائين جن کي هندي لکڻ پڙهڻ سيکاري ۽ پوءِ مون بابا سائين جن کان هندي لکڻ پڙهڻ سکي)، هيرو ڀڳت، لاهوتي فقير خدمتگار فتح محمد شاهه بخاري درگاهه، محترم محمد خان ٻُرڙو (پرنسپال ۽ پروفيسر آف سنڌي ڊگري ڪاليج شهدادپور)، ڊاڪٽر پير غلام سرور قريشي، ڊاڪٽر محمد علي سهتو ڊاڪٽر غلام محمد راڄپر، محمد علي ڪلوئي، ڊاڪٽر ڪرشن لال، صحافي نور سنڌي (ملدسي)، فقير تاج محمد ميمڻ هرداس پور وارو فقير فيض علي سُرهيو (طالب درگاهه سائين رکيل شاهه فتحپور)، عبدالله فقير ابڙو (طالب سائين طالب الموليٰ)، انور علي شاهه (بيلف) [مزار ميخاني تي]، فقير اقبال مارواڙي عرف ”ڇُٽيان ڳالهيان“ (ميخاني تي رضا ڪيائين)، فقير عبدالله ٽالپر.

◈ حاجي خدا بخش فقير ڪٽيءَ جا طالب: سائين دُر محمد شاهه، صفر فقير ابڙو، پتاشو فقير، گل محمد فقير ڪُوريو گل محمد فقير ٽُرڪ، علي اڪبر سومرو ۽ پتاشي فقير جو طالب، استاد لالو باگراٽي.

◈ ڳوٺ نِڇايو ياڻُوجو: استاد محمد بخش ياڻوجو.

◈ ڳوٺ مائي سهڻي شهدادپور: چاچو مير امام بخش ٽالپر، استاد غلام نبي ٽالپر ۽ انور ميمڻ. شهدادپور جوئي دادا علي بخش.

◈ شهدادپور جا دوڪاندار: بابا سائينءَ جن به دوڪاندارن سان واسطو رکيو ته سڄي زندگي انهن سان ئي وهنوار رکيائون، جيئن ته پير بخش سُرهيو ڪپڙي وارو شمن سُرهيو درزي، ميوو درزي، محمد هاشم سومرو ۽ زاهد ميمڻ ڪرياڻه مرچنٽ، ليڪومل ڪئبن وارو لونگ فقير حجام، الله بخش موچي ۽ فياض پنساري.

◈ منهنجا ڪجهه دوست جيڪي بابا سائين جن جا صحبتي رهيا: ڊاڪٽر عبدالخالق بروهي (ڳوٺ رئيس بروهي)، نور احمد بگٽي ۽ مير محمد مري (ٻئي پيرومل جا)، غلام عباس زرداري (رٽائرڊ بئنڪ آفيسر نوابشاهه)، ليفٽيننٽ ڪرنل (رٽائرڊ) ڊاڪٽر امان الله ڪوسو صاحب (حيدرآباد).

بابا سائين جن جا صحبتي تمام گهڻا هئا جن جو شمار نٿو ڪري سگهجي، جن صحبتين جا نالا ناچيز ذهن ۾ نه آيا هجن سي معاف ڪري ڇڏين ته نوازش ٿيندي.

ڪجهه خاص صحبتي

◈ علي شير فقير ڪولاچي: سندن ذڪر بابا سائين جن پنهنجي سوانح حيات ۾ ڪري چڪا آهن. محمد سائين جن جا طالب. بابا سائين جن جي ظاهري ملاقات محمد سائين جن سان ڪرايائون. سڄي زندگي دوستي نڀايائون. هن وقت سندن فرزند عبداللطيف به محبت جو رستو نڀائيندو اچي. ياءَ عبداللطيف به بابا سائين جن وٽ سنڌي فائنل پاس ڪئي ۽ هن وقت پوليس مان انسپيڪٽر جي عهدي تان رٽائر ٿي روشن آباد نزد ڪنڊرا ۾ رهائش پذير آهن. چاچا علي شير جن گائڪي ۽ سُرن جا ماهر، راڳ رنگ ۾ گوَيا ۽ هارمونيم وڄائڻ جا استاد هئا. سن 1989ع ۾ رضا فرمايائون.

◈ دلاور فقير: بابا سائين جن جا پهريان روحاني رهبر جن جو ذڪر بابا سائين جن پنهنجي سوانح حيات ۾ تفصيل سان ڪري چڪا آهن. بابا سائين جن سندن ڏهاڙو صفر مهيني ۾ ملهائيندا هئا پر هاڻي اسان بابا سائين جن جي ميلي سان گڏ ئي ڪريون ٿا.

◈ اُستاد عبدالڪريم ڪنيار: بابا سائين جن جا شروعاتي روحاني رهبر. مولوي هيا. حج تي ويا. حضور پاڪ جي روضي اقدس تي دعا گهريائون ته ”يا رسول الله ﷺ مون کي پنهنجو سچو دين اسلام عطا فرمايو.“ سندن دعا قبول ٿي جيئن ئي ڳوٺ آيا ته الاهي عشق جاڳي پيو. عشق جي مستيءَ ۾ اسڪول کي تالو لڳائي گم ٿي ويا. فيض حاصل ٿيو پوءِ موٽي آيا. استغراق ۾ رهندا هئا. ٿوري ٿوري دير ۾ جذب واري ڪيفيت ۾ هلياً ويندا هئا ۽ چهري تي نوراني مسڪراهٽ هوندي هئي. بابا سائين جن جو نڪاح به مستيءَ واري عالم ۾ پڙهايائون ۽ پوءِ فرمائيندا هئا ته ”ابا محب‘ مون توهان جو نڪاح عشق جي مستيءَ وارو پڙهايو هو.“ آخر ۾ مَين پرائمري اسڪول ٽنڊوالهيار ۾ تعلقي ماسٽر ٿي رهيا ۽ ٽنڊوالهيار ۾ ئي رضا فرمايائون.

◈ استاد وشن داس: چمبڙ تعلقو ٽنڊوالهيار جا رهواسي هئا. ڳوٺ نصيرخان لغاريءَ ۾ بابا سائين جن سان 1948ع ۾ سروس ڪندا هئا. سڄي زندگي بابا سائين جن سان پريم جو رشتو قائم رکيو. سندن فرزند ڊاڪٽر لونگ به

فقير صفت آهي ۽ اسان سان رشتو نيائيندو اچي. استاد وشن داس جي سماڌي چمبڙ شهر ۾ آهي.

◈ **عبدالله فقير انصاري:** سکر وارو محمد سائين جن جو طالب. وڏي روحانيت وارو ۽ صاحبِ علم هو. محمد سائين جن فرمائيندا هئا ته ڪو به روحاني مسئلو سمجهه ۾ نه اچي ته عبدالله فقير کان پڇجو. بابا سائين جن سان گهڻي محبت صحبت رهي.

◈ **استاد محمد ابراهيم ميمڻ:** اصل ڳوٺ خانواهڻ نوشهرو ضلعو گهڻي عرصي کان سانگهڙ ۾ رهن ٿا. 1955ع ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ بابا سائين جن وٽ نائب ماستر ٿي آيا. بالا آفيسرن کين سزا طور ڀهراڙيءَ جي اسڪول ۾ موڪليو هو. تنهن ڪري سندن دل نه لڳندي هئي. هڪ ڏينهن الهوڏائي فقير کي چيائين ته آئون نوڪري ئي ڇڏي ٿو وڃان. اها ڳالهه فقير اچي بابا سائين جن کي ٻڌائي. بابا سائين جن استاد کي ڳرانٽڙي پائي چيو ته: ”ابا ڇو دل برداشته ٿيو آهين. تون اڄ کان ائين سمجهه ته تون هيڊماستر آهين ۽ آئون تنهنجو نائب آهيان.“ بابا سائين جن جو ايڏو پيار ڏسي استاد اسان وٽ ئي رهجي ويو. پوءِ ته مٿن وڏي ڪرم نوازي ٿي جو محمد سائين گهوٽو جن کين لطيف سرڪار جي درگاهه تي دستِ بيعت ڪرڻ فرمايو ۽ فيضياب ٿيا. بابا سائين جن سان تمام گهڻي عقيدت ۽ فقراءَ سان محبت رکن ٿا. هر حال هر موسم ۾ بابا سائين جي 17 تاريخ ۽ ميلي تي ضرور پهچن ٿا. سندن فرزند محمد اسلم (ڪاوش، ڪي ٽي اين سانگهڙ جو بيورو چيف) به فقراءَ جو محبتي ۽ عقيدتمند آهي.

◈ **استاد عبدالغني نوتڪاٽي:** 1950ع واري ڏهاڪي کان بابا سائين جن جا صحبتي ۽ محبتي رهيا. سن 1996ع ۾ بابا سائين جن جا طالب ٿيا. روحانيت جا صاحب ۽ صاحبِ علم هئا. اسان جي به رهبري ڪندا هئا. شعر و سخن ٻڌائڻ جا ماهر هئا. سندن ڳوٺ دليل آباد نزد چمبڙ آهي. پاڻ 2003ع ۾ رضا فرمائي ويا. سندن فرزند به رشتو نيائيندا اچن.

◈ **چاچو خداداد خان:** بابا سائين جن کان ننڍا ڀاءُ. بابا سائين جن سان تمام گهڻي عقيدت ۽ پيار هئن. بابا سائين جن جو ساڻن گهڻو قرب هو. سڄي زندگي بابا سائين جن سان گڏ رهيا. کين بابا سائين جن سان ايتري ته محبت هئي جو جڏهن بابا سائين جن مٽياري ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج

پڙهڻ وچي رهيا هئا تہ چاچا ريلوي اسٽيشن تي رخصت ڪرڻ مهل روئڻ لڳا ۽ هي شعر پڙهيائون تہ *"تم تو بجن پردیس پدھارے، پھوٹے بھاگ ہمارے"* پوءِ تہ بابا سائين جن ڪيس پاڻ سان گڏ مٽياڙي وٺي ويا ۽ ٻئي سال گڏ رهايائونس. تمام خوش مزاج، بختاور انسان هئا. ڏڪئي ڪان ڏڪئي ماڻهوءَ مان بہ ڪم ڪيڏي ايندا هئا. راڳ ويراڳ ۾ ڍولڪ وڄائيندا هئا. چاچي کي ٽارو خان، لانگهَهُ ۽ خاڪُو بہ سڏيندا هئا. پاڻ 15 ڊسمبر 1965ع تي رضا ڪري ويا. هن وقت سندن مزار ميخاني تي آهي. بابا سائين جن سندن ياد ۾ هي ڪلام چيا:

ڪيئن تون يار وئين ناتا ٽوڙي،

*

ويڙا ماڳئون مٿي، هُو جي جانب جيءَ جا...

◈ ليمون فقير: ميخاني جو هڪ اهڙو خدمت گار جنهن کي وساري نٿو سگهجي. اسان جي ڳوٺ جي پرسان قيصر جو ڳوٺ آهي جتي ليمون خاصخيلي نالي هڪ شخص رهندو هو. هڪ ڏينهن بابا سائين جن ميخاني تي ويٺا هئا تہ هُو آيو ۽ سلام دعا بعد چيائين تہ سائين آئون توهان جي نيڪ نامي ٻڌي هڪ مشورو ڪرڻ آيو آهيان. بابا سائين جن فرمايو تہ ابا ٻُڌاءِ! هن چيو تہ سائين منهنجو فلاڻي مائٽ سان سخت تڪرار هلي رهيو آهي ۽ مون کي ايترو تہ تنگ ڪيو اٿس جو مون پڪو پَهُ ڪيو آهي تہ هن کي ٺُپ ماريندس. توهان صلاح ڏيو تہ ڇا ڪريان؟ بابا سائين جن ڀاڪر پائي تمام گهڻي پيار سان هن کي دنيا جي بي ثباتي سمجهائي ۽ حرص ۽ لالچ ۽ اهڙي گناهہ کان بچڻ جي تلقين فرمائي. اُن وقت تہ هو چپ چاپ واپس ڳوٺ هليو ويو. ٻئي ڏينهن هو پنهنجو بسترو ۽ ڪجهہ ضروري سامان پنهنجي گڏهہَ تي کڻي ميخاني تي پهچي ويو. بابا سائين جن جي قدم بوسي ڪري چيائين تہ سائين آئون هاڻي ان دنيا کي، مٽن مائٽن، ٻارن ٻچن کي ڇڏي توهان وٽ پناهہ وٺڻ آيو آهيان، هاڻي مون کي پاڻ وٽ رهايو. بابا سائين جن فرمايو تہ "ابا جي بسم الله". پوءِ تہ ليمون فقير ميخاني تي هڪ ڪِبڙ جي هيٺان جهوپڙي اڏي پنهنجي گڏهہ سميت اتي رهڻ لڳو. منهنجي عمر ان وقت تقريباً 6_7 سال هوندي. فقير ڏينهن رات ميخاني جي رياضت ۽ فقير فقراءَ جي خدمت ۾ مصروف رهندو هو. جهنگل مان ڪاٺيون ڪري پنهنجي گڏهہ

تي شهر ڪٽي وڃي ڪپائي ايندو هو ۽ گذر سفر ڪندو هو. ميخاني سان گڏ اسان جي گهر جو به ڪو ڪم هوندو هو ته ڪري ايندو هو ۽ اهو سڀ ڪجهه ٻي لوٽ تي ڪندو هو ۽ اسان به ڪيس پنهنجي گهر جو ڀاتي سمجهندا هئاسين. ڪجهه عرصي بعد بابا سائين جن جي سمجهائڻ تي ڳوٺ ويندو هو سو به مهيني ۾ هڪ ٻه رات اتي رهي وري پنهنجي آستاني تي موٽي ايندو هو. اهڙيءَ طرح 20_25 سال ميخاني جي رياضت ۽ فقراءَ جي خدمت ڪيائين. سندس ٻه پٽ به بابا سائين جن وٽ پڙهڻ لڳا. انهن مان هڪ مجنون خان بئنڪ مئنيجر ٿيو ۽ ٻيو وري استاد ٿيو. پوءِ بابا سائين جن فقير کي فرمايو ته ابا هاڻي تنهنجا ٻار به جوان ۽ ٻچڙي وال ٿي ويا آهن، روزگار سان به آهن. هاڻي انهن جي به سارسنڀال ڪر. پوءِ فقير شهدادپور ۾ پٽن سان گڏ رهڻ لڳو پر وري به سڄي زندگي اسان کي ۽ ميخاني کي نه وساريائين ۽ ايندو رهندو هو. پاڻ ڀٽ شاهه جي سائين پير ڏنو شاهه جو مريد هو. اسان کي به پنهنجي ٻچن وانگر ڀائيندو هو. اسان کي ننڍي هوندي ڀٽ شاهه جو ميلو ڪلهن تي کڻي گهمائيندو هو. فقير هاڻي رضا ڪري ويو آهي. الله جل شانه هن تي پنهنجي رحمت فرمائي. آمين

◈ بابا لاهوتي فقير: فقير بابا انڊيا کان آيا هئا ۽ شهدادپور ۾ درگاهه فتح محمد شاهه بخاري تي خدمتگار ۽ متولي ٿي رهيا. بابا سائين ۽ فقير جو پاڻ ۾ تمام گهڻو پيار هو. بابا سائين هميشه فقير سائين وٽ ويندا هئا ۽ اتي رهندا به هئا. فقير بابا پاڻ به ميخاني تي ايندا ويندا رهندا هئا. هادي پاڪ محمد سائين جن به شهدادپور ايندا هئا ته درگاهه تي لاهوتي بابا وٽ اچي قيام فرمائيندا هئا. بابا سائين جن کي هادي پاڪ ذڪر به اُتي ئي عنايت فرمايو. هن وقت فقير جي مزار روضي جي احاطي ٻاهران آهي.

◈ سائين پير ڏنو شاهه: سائين جن ڀٽ شاهه جا رهواسي هئا. ڊگهو قد، ويڪرو نوراني چهرو سونهاري مبارڪ، هَنس مک، خوش طبع ۽ پرڪشش شخصيت جا مالڪ هئا. پري کان ڪلندا ايندا هئا. بابا سائين جن کي پنهنجو ڀاءُ سڏيندا هئا. اسان جڏهن به ڀٽ شاهه ويندا هئاسين ته سندن ئي ميخاني تي ترسندا هئاسين. هن وقت سندن فرزند سائين جان محمد شاهه ۽ شجاع محمد شاهه (عرف سڄن سائين) نينهن جو ناتو نڀائيندا اچن.

◈ سائين اميد علي شاهه (سخي سائين): سائين جن ڳوٺ اڳرو راهو نزد سعيد آباد جا رهاڪو هئا پر اڪثر سير سفر ۾ گذاريندا هئا. ڪافي عرصو پورو مڱريو ۾ درگاهه عالي شاهه بادشاهه تي رهيا. بابا سائين ۽ ڏاڏي حاجي بهرام خان سان گهڻو پيار هئن. اڪثر ميخاني تي ايندا ويندا رهندا هئا. ڪئين ڏينهن ڪئين راتيون محفل مچائي ويٺا هوندا هئا. خوش طبع، عارف باالله عوشاق هئا. ڏاڏو حاجي بهرام خان ۽ سندن فرزند قربان علي هروقت سندن خدمت ۾ هوندا هئا ۽ ڏاڏو حاجي چوندو هو ته "ابا محب! سائين جن جو ننگر هميشه مون تي آهي." سائين جن ميخاني تي ايندا هئا ته کلندا ايندا هئا. صوفيانه ڪچهريون هلنديون رهنديون هيون. خوش طبعيءَ ۾ فرمائيندا هئا ته "ابا محب سائين! اسان جڏهن به سفر ۾ هوندا آهيون ته ماڻهو چوندا آهن ته سائين توهان اڳيان هلو. ماڻهو به اهڙا هوشيار آهن ته اگر ڪو ڪڏو ڪوٻو هجي ته ڀلي پهرين سائين اُن ۾ ڪري ۽ اسان بچي وڃون." سخي به اهڙا هئا جو جيڪي مليو اهو ان وقت ئي فقراءَ کي ڪارائي ختم ڪندا هئا وري توڪل الله تي. ان ڪري ئي مٿن نالو "سخي سائين" پئجي ويو. سندن آخري آرامگاه ڳوٺ اڳري راهوءَ ۾ آهي.

◈ چاچو حاجي ميرل خان جوڻيجو: بابا سائين جن فرمائيندا هئا ته "ابا جن روحن جو ازل ۾ هڪ ٻئي سان ميلاپ، شناسائي ۽ محبت ٿئي ٿي انهن روحن جو هن جهان ۾ به ميلاپ ٿئي ٿو." اهڙي طرح بابا سائين جن سان چاچا سائين جن جي اوچتو شناسائي ۽ دوستي ٿي. 1954_55ع ڌاري بابا سائين جن ڪنهن ڪم سانگي ڏوڪريءَ ويا ۽ چاچا سائين جن جي ڳوٺ منڊرا نزد ڏوڪريءَ پهتا ۽ پڇا ڪيائون ته "ادا هتي ڪا اوطاق آهي جتي ڪجهه آرام ڪري سگهجي؟" ڳوٺ جي ماڻهن ڪين چاچا ميرل خان جي اوطاق تي پهچايو. چوندا آهن ته "دل کي دل سان راهه ٿيندي آهي." جڏهن بابا سائين ۽ چاچا سائين جن مليا ته هڪ ٻئي سان گهڻي محبت ۽ گهري دوستي ٿي وئي. پوءِ ته هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ جو سلسلو جاري ٿي ويو ۽ سڄي زندگي محبت قائم رهي. چاچا سائين جن اسان وٽ نواب شاهه ۽ آخري دفعو تقريباً 1992ع ڌاري ڦلهڏيون ۾ به آيا. اسان ٻائرن کي به ڏاڍي ڀاڀوهه ۽ پيار ڏيندا هئا جيڪو وساري نٿو سگهجي. چاچا سائين جن لاءِ فقط ايترو چوندس ته:

ماٺهو سڀ نہ سهڻا، پکي مڙيئي نہ هَنج،
ڪنهن ڪنهن ماٺهو منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

پنهنجي ڳوٺ جا چڱا مڙس هئا پوءِ بہ انتهائي سادا، خوش مزاج، بردبار ۽ يارن جا يار هئا. هاڻي بہ سندن نيڪي ڳائجي ٿي. چاچا سائين جن 1995ع ۾ تقريباً 75 سالن جي ڄمار ۾ رضا فرمائي ويا. الله جل شانہ کين پنهنجي جوارِ رحمت ۾ آباد رکي. آمين

سندن فرزند غلام اڪبر خان ۽ پوٽار محمد شمن اڄا بہ اسان سان پريت جي ريت نڀائيندا اچن.

◈ علي خان فقير ٽالپر: ڳوٺ رانجهو خان ٽالپر، حاجي بقادار خان ٽالپر جا فرزند، بابا سائين جن جا صحبتي ۽ نهايت عقيدتمند. بابا سائين جن جي هر سترهين تاريخ جي ڏهاڙي ۽ سالياني عرس مبارڪ تي خاص خدمتگار سادي ۽ قربدار صورت، ميونسپل هاءِ اسڪول شهدادپور ۾ استاد هئا. هيءُ پيارو پرين 7 نومبر 2010ع تي اسان کان جدا ٿي دارالبقا تي ويو. رب پاڪ مٿس رحمت فرمائي. آمين

◈ ممتاز فقير نوناري: شهدادپور جي نوناري ڳوٺ جو رهواسي. انتهائي سادو ۽ مسڪين فقير، بابا سائين جن جو نهايت عقيدتمند، محبت ڪندڙ صحبتي. فقير درگاهہ لواري شريف جو طالب هو پر چوندو هو تہ مون کي جيڪو فيض مليو سو بابا محبّ سائينءَ کان مليو. بابا سائين جن سان تمام گهڻي صحبت ڪيائين. بابا سائين جن جي رضا کان پوءِ بہ مون وٽ ۽ ميخاني تي حاضري ڏيندو رهيو. تصوف جي علم ۽ عرفان جو گهڻو ڄاڻو وسيع مطالعو ڪندڙ هو. فقير هڪ هيرو هيو. تقريباً ڏيڍ سال کن اڳ دارالبقا تي ويو. الله جل شانہ پنهنجي گلشنِ اقدس ۾ هن طائِر لاهوتيءَ جو آشيانو آباد رکي. آمين

◈ استاد محمد عمر ڪوُريو: ڳوٺ صاحب خان نظاماڻيءَ جو رهواسي هو. بابا سائين جن جي صحبت ۾ غوثل فقير شهيد جو طالب ٿيو. غوثل سائين محمّد فقير گهوٽي جا تمام پيارا طالب هئا. استاد بابا سائين جن سان گڏ ڪافي سير سفر بہ ڪيا ۽ گهڻو وقت صحبتي رهيو. رياضتي طبيعت هئن پر جوشيلا بہ هئا. پهرين اپريل 2010ع تي رضا ڪيائون. سندن مزار گل محمد شاهہ قبرستان شهدادپور ۾ آهي. سندن فرزند گل حسن فقير ۽ غلام قادر قرب جو رشتو نڀائيندا اچن. هر سال 15 ربيع الثاني تي سندن ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي.

قريبي خانداني رشتا

ڀائر: بابا سائين جن وارا پاڻ ۾ 6 ڀائر هئا:

1. حضور بخش عرف نواب خان
2. دودو خان
3. بابا سائين محب علي خان
4. خداداد عرف ٺارو خان
5. شفيع محمد خان
6. ڪريم بخش خان (حال حيات)

اولاد: بابا سائين جن کي ٻن نياڻين ۽ ٽن پٽن جو اولاد ٿيو.

پٽ:

(1) حاتم علي: جنم 18 آڪٽوبر 1948ع. ڊاڪٽر M.B.B.S. سرڪاري سروس. 2008ع ۾ رٽائر ٿي هاڻي حيدرآباد ۾ رهائش پذير.

(2) مير علي: جنم 15 جولائي 1955ع. مئٽرڪ ۽ ڊسپينسر ڪورس. 1992ع کان سروس ۾. پنهنجي ڳوٺ جي B.H.U. ۾ ڊسپينسر آهي ۽ رهائش به پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ اٿس.

(3) انور علي: جنم 17 جنوري 1958ع. M.A ۽ B.Ed. ڪيائين. هن وقت پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ پرائمري ٽيچر آهي. رهائش شهدادپور ۾ اٿس.

پوٽا:

1. عرفان علي ۽ عمران علي ولد حاتم علي
2. فرحان علي ولد مير علي
3. سڪندر علي ۽ سجاد علي ولد انور علي

ڏوهٽا:

1. سبز علي ولد شير محمد خان
2. دانش علي ۽ امير بخش ولد دوست علي خان.

ناناڻو خاندان:

بابا سائين جن جي نانيءِ لُنڊ بلوچ خاندان مان هئي جيڪي ڳوٺ امام بخش خان لنڊ نزد بخشو لغاري ضلعي حيدرآباد ۾ رهن ٿا. اُنهن مان مامو مراد علي خان، مامو علي بخش خان. مراد علي خان جا فرزند: گل حسن خان، بخش علي خان، فيض محمد خان ۽ خدا بخش خان. مامي علي بخش خان جو فرزند منتار خان. انهن کان علاوه ٻيا عزيز ٻه بابا سائينءَ جا صحبتي ۽ قربدار رهيا. گل حسن خان جو فرزند مظفر حسين (پوليس انسپيڪٽر) ۽ سندس سؤٽ مشتاق (بينڪ مئنيجر) ۽ ٻيا عزيز مائٽي ۽ قرب جو رشتو نڀائيندا اچن.



١

ڪلام عـــــرُ ٥-٤-١٩٦١

عشق اهڙي ذات آهي زابرُ - قدم ڪل تي ڪڍائي ٿو.

ڏيا تيلان سنڌو ڏاڪو - عرش تي ويرج واڪو - ملائڪ جن
بشر جهاڪو - حڪم هر تي هلائي ٿو.

بهادر بانڪو ٻيجوڻي - وڙهي ٿو راند ڪاڇوڻي - هينئو
نڪي نڪي نظروڻي - گهور نسان گهوٽ گهائي ٿو.

عمل ۽ علم جا صاحب - نظر سان ٿو ڪري نائب - رمز سان
رند وڏا راهب - مست مجنون بنائي ٿو.

عشق اسلام جا جاني - نڪي ديول مندر ماڻي - عاشقن
تي اثر آڻي - ملت ٻهڻي مچائي ٿو.

اول آخر عشق اعلىٰ - بره برتر آهي بالا - ڪري ٿو
محبّ متوالا - اثر عقلي اڏائي ٿو.

فقير روشن ضمير مُحبَ علي خان ٽالپر جن جي
سنڌي هٿ اکرن جو عڪس



33

کلام عصر

خدایا میں تیرا کرم چاہتا ہوں
نگہ پاک تیری نرم چاہتا ہوں
۱ کشمکش مذاہب سے اکتا گیا ہوں
تیرے آنس کا بس دھرم چاہتا ہوں
۲ کہاں دور جاؤں کہ دل میں گھر ہے تیرا
یہ نزدیک کعبہ حرم چاہتا ہوں
۳ مجھے توفیق فرما دے صبر و شکر کی
زیادہ نہ زر کا درہم چاہتا ہوں
۴ عطا ہو مسلسل تیرا ذکر ذاتی
اسی خیال سے دل گرم چاہتا ہوں
۵ عجب کہ مجھے مطلوب تیری موج محبت
نہیں بہشت باغِ ارم چاہتا ہوں

فقير روشن ضمير مُحبَ علي خان ٽالپر جن جي
اردو هٿ اکرن جو عڪس

فقير روشن ضمير
مُحِبّ علي خان ٽالپر
جي زندگيءَ جو احوال
تصويرن جي آئيني ۾

مرشد پاک محمد فقیر گھوٹو



فقير روشن ضمير بابا محب علي خان ٽالپر

مهر علي خان ٽالپر (والدِ محترم)



نواب خان (ڀاءُ)



شفيع محمد خان (ڀاءُ)

ڪريم بخش خان (ڀاءُ)

رئیس گل حسن خان لُنڊ (عزیز)



خداداد عرف تارو خان (پاءُ)

انسپیکٹر مظفر حسین لُنڊ (عزیز)

ڊاکٹر سہراب خان (پائتیوءِ طالب)

ڊاڪٽر حاتم علي (پٽ ۽ طالب)

مير علي (پٽ)

انور علي (پٽ)

عرفان علي (پوٽو)

عمران علي (پوٽو)

فقير اعجاز علي ٽالپر (گادي نشين)

فقير ولي محمد ٽالپر (طالب_ مُحڪُم مردِ ميخانه)

بابا سائین ڈنو فقیر گھوٹو


فقیر جان محمد گھوٹو

حکیم محمد یونس چارنؒ

لال ڈنو خان گھوٹو

فقیر نوراللہ کوکر

استاد محمد عمر کُوریو

استاد عبدالغني (طالب)

استاد محمد ابراهيم ميمڻ

فقير غلام دين (طالب)

محمد اسلم ميمڻ

فقير الهڏنو خاصخيلي (طالب)

فقير محمد رحيم خاصخيلي (طالب)

انسپيڪٽر عبدالطيف ڪولاچي



سرجن ڊاڪٽر الطاف حسين ٽالپر



فقير علي خان ٽالپر

ممتاز فقير نوناري



مير انور علي ٽالپر

ڊاڪٽر عبدالشڪور جروار

ساڄي کان: مير علي، حاتم علي، سهراب خان، انور علي ۽ بابا سائين (ميخاني تي)

ساڄي کان: حاتم علي، ڊاڪٽر الطاف حسين ۽ بابا سائين (ميخاني تي)

بابا سائين ۽ حاتم علي - ”حنا ڍنڍ“ ڪوئيٽه تي (جولاءِ 1988ع)

ساڄي کان: سهراب خان، بابا سائين، حاتم علي (شهدادپور 1998ع)

بابا سائين جن فقراء سان گڏ ميخاني تي (1998ع)

بابا سائين فقراء سان گڏ ميخاني تي سال (1998ع)

موقعِ وصال (جنوري 1999ع) ساڄي کان: سيد جان محمد شاهہ، الهہ رکيو خان گهوٽو اعجاز فقير، حاتم علي، سائينل سائين گهوٽو آخر ۾ مير امام بخش خان.

مزار مبارک تي پهرين چادر پوشي (جنوري 1999ع)

عرس مبارڪ (2005ع) ساجي ڪان: سائين ڏنو فقير گهوٽو، خدا ڏنو شاهه، استاد محمد ابراهيم، اعجاز فقير، حڪيم يونس چارڻ، لال ڏنو خان گهوٽو.



عرس مبارڪ (2005ع) ساجي ڪان: ڊاڪٽر سهراب خان، ڊاڪٽر الطاف، ڊاڪٽر حاتم علي ۽ ممتاز فقير.

عرس مبارڪ (2005ع) ساڄي ڪان: ڊاڪٽر الطاف، جان محمد گهوٽو، ممتاز فقير، سائينل سائين، استاد محمد عمر، اعجاز فقير، محمد يونس چارڻ، لال ڏنو گهوٽو.

عرس مبارڪ (2005ع) ساڄي ڪان: سيد خدا ڏنو شاهه، استاد محمد ابراهيم، اعجاز فقير، ولي محمد فقير هار پارائيندي، لال ڏنو گهوٽو، نورالله ڪوڪر، پويان غلام دين فقير.

حصو پهريون

ڪلام

ذڪرِ خداوندي

(1)

’لاَاِلـٰهُ اِلاّ اللهُ‘، ’لاَاِلـٰهُ‘[1] اِلاّ اللهُ‘
بهشت ڪؤن ٿيو آدم ذَمَرَ[2] ڪؤن جدا،
پڙهيائين پي ڳالهيون ٿيو راضي خدا،
نتيجو عجب ٿيو ’نَصِرهُ‘ مِن[3] الله‘- لاَاِلـٰهُ.........
نبيءَ نوحَ کي هو تنگ ڪيو طوفانَ،
پڙهيائين ذڪر ٿي الله جي اَمانِ[4]،
بيڙو باجَهه سان ٿيو تَرِي تَڙِ ٿَلاهَ- لاَاِلـٰهُ.........
پڙهي روز اَيوبَ ڪيو ٿي عَرضُ،
مولا مهر سان ڪر هِي معافِي مَرضُ،
شافِيءَ شفا ڪئِي، ٿيو ڳالهيون دَوا- لاَاِلـٰهُ.........
محمّد سان مولا ڪئِي محفل جِي راتِ،
حڪم ٿيو رباني، ’چا آندءِ سوغاتِ‘[5]،
پڙهيائين حَمدُ[6] هِي، ٿي ويو خوش الله - لاَاِلـٰهُ.........
”مُحبَ“ پڙهُ هميشانُ تون رَبَ جي ثَنا[7]،
آهي قِيامَ[8] اچڻِي، ٿيندو جَڳُ فَنا،
پَر ڪَر يادِ، ڳيوءِ قولُ ’قالوبَلَيٰ‘[9]- لاَاِلـٰهُ.........

◆

---

(1) ”ناهي الله، سواءِ الله جي“. يعني هڪ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ الله نہ آهي. (2) ڪاوڙ. (3) ’الله جي مدد ٿي.‘ (4) پناهہ (5) سوکڙي (6) ساراهہ (7) ساراهہ (8) قيامت (9) الله تعاليٰ انسانن جا ارواح خلقي، کانئن پڇيو تہ ’اَلست بِرَبُکُمر؟‘ يعني ”ڇا آئون اوهان جو رب آهيان؟“ تڏهن روحن چيو تہ ”بليٰ“ يعني ”هائو“. تنهنڪري انهيءَ قول کي ’قالوبليٰ‘ وارو قول چيو ويندو آهي. ’قالوبليٰ‘ جي لفظي معنيٰ آهي تہ ”چيائون هائو“.

(2)

اَٺئي پَهَر پڙهـ اِسِمُ آلا هُو
ٻيءَ ڪي ٻَنَ ۾ ٻوڙجي – حَقُ ووڙجي(1)
جو دم غافل سو دم ڪافر
ڪُفُر گنان مُنهن موڙجي – حَقُ ووڙجي
سَپنُو(2) هِيِ سَنسار(3) سَمورو
ڊوهَ(4) انهيءَ ڪان ڊوڙجي – حَقُ ووڙجي
دارُ(5) دنيا جو دوڪي بازي
ٺَڳو(6) تِڪَرِ(7) جو توڙجي – حَقُ ووڙجي
ٻاهر ڳولڻ عبث اجايو
جُوءِ اَندرَ ۾ جوڙجي – حَقُ ووڙجي
”مُحبَ“ انهيءَ مذڪور جو محڪم
خيال ۾ خيمون کوڙجي – حَقُ ووڙجي

◆

---

(1) ڳولجي (2) خواب (3) دنيا (4) ٺڳي (5) تختو (6) لباس (7) نياڳ.

(3)

ٿُونهِين تون، ٿُونهين تون.

اول نام تنهنجو هو واحد نشان،
ڪيوءِ ’ڪُن فَيڪُون‘ سان پيدا جهان،
ڪُل چيز ۾ پئي بي انت بُونّ.
پيدا پيار مان گيُءِ محمّد جو نُور،
بنائي مثل بت جي ڪيوءِ آدم ظهُور،
حُڪم سان ٿيو سجدو آدم جي اڳيئن.
محمد جو جلوو ٿيو جڳ ۾ جڏهن،
ذڪر لااِلله جو ٿيو قائم تڏهن،
عرش ۽ فرش ۾ هلِي هُونگَ هُون.
نبيءَ پاڪ تنهنجو پُهچايو پيغام،
”مُحبَ“ ڪي عطا ٿيو سِڪَ وحدت جو جام،
مَستِيءَ ۾ اچي ويو اِسم ياد مُون.

◆

(4)

الله الله وَتُ ڪِيندو بندا، جَلَ شانه چِيندو بندا.
’سُبحانَڪ اَللهُم وَ بِحَمدِڪ‘(1)، جِيءَ ۾ ره جَپِيندو بندا.
ڳرِ ”وَتَبارَڪ اِسمُڪ“(2) قائم هِي وَتُ حَرفَ هِجِيندو بندا.
چَئو ’وَ تَعاليٰ جَدُڪ‘(3) جهڙو ٿيو نَڪو ٻيو ٿيندو بندا.
’وَلااِلهَ غَيرُڪ‘(4) وارو سبق وَتُ سوچيندو بندا.
جي تون ”مُحبَ“ مَداحِي رهندين، ڏانُ(5) ڏاتَر توکي ڏيندو بندا.

◆

(5)

تون ذُوالّجَلال وَالاِڪِرام، سائين سچو آ تنهنجو نام.
ٻيا سڀ نام ٻيائيءَ وارا، واحد تون وريام......
تون ئي ظاهر تون ئي باطن، اول تون ئي انجام.....
ڪي اَلکُ چون ڪي الله چون، ڪي هري چون هرنام.....
پَنڊت پَروهَت ٻُڌَّ ۾ ٻاوا، جَينَ پڙهن جَئي رام.....
گُرڌُ واري ۾ گُروءَ پڙهايو سِکَن ڪي سَت نام.....
ڪُل ئي ڪتاب ڪمال تُنهنجي جو پَوتر(6) ڏين پيغام.....
مطلبَ ”مُحبَ“ مڙئي ٿين پورا، رَبُ ڪيو جن رام(7)......

◆

---

(1) ”اي الله تون پاڪ آهين ۽ آئون تنهنجي ساراهه ڪريان ٿو.“ (2) ”تنهنجو نالو برڪت وارو آهي.“ (3) ”۽ تنهنجو شان تمام اوچو آهي“ (4) ”۽ تنهنجو ڪوبه غير ڪونهي.“ (5) انعام، خيرات (6) پاڪ (7) راضي ڪيو

(6)

آهي سائين سَڳوري ٿُنهنجي، ذات آلمّ نَشّرَح،[1]
هِي صورت بنا ڪَئين نالا، صفات آلمّ نَشّرَح.

لاَاِلـٰهَ لُغتَ ۾ ٿي موجود تنهنجي معنيٰ،
هي اِلاَاللهُ اشارو اَثبات اَلم نشرح.

هيءَ ڪائنات قدرت، سڀ تو ۾ مُحِيط[2] موليٰ،
ٿي هر شئي اچي نظر ۾ آيات الم نشرح.

هِي مِرگهہ[3] جِيت ماڻهون، سڀ تنهنجي ذِڪر فِڪر ۾،
تن ڪي ٻہ تونهين تون جي، تات الم نشرح.

آهي وڻ ٽڻ ۾ تنهنجي وائي، ۽ مستيءَ ۾ مُرغ[4] سارا،
ٿا لَئون سان پڙهن لطيفي، لات الم نشرح.

تنهنجي سَبحَ[5] ثَنا[6] جي، ناهي مام ڪا "مُحبَ" ڪي،
آهي تنهنجو بيان بيحد، بات الم نشرح.

◆

---

(1) مشهور (2) گهيريل (3) هرڻ (4) پکي (5) پاڪائي (6) تعريف.

(7)

مولا تنهنجو هردم شُڪر آ شُڪر آ،
دم دم تنهنجو دل ۾ ذڪر آ ذڪر آ.

يڪي آهين ياقِي، آهين اَحد الله،
صفت تنهنجي آهي، قائم قُل هُو الله،
تنهنجي ذات ڪي هيءُ، فَخُر آ فَخر آ.

منهنجو تون آهين مالڪ، آئون تنهنجو بندو،
ٽُنهنجي لطف جو ناهي، سِيڙهو ڪو سَنڌو،
اُٽو رحمِتي جڻ ڪگرَ آ ڪڪر آ.

وِلهو ڪِينَ هرگز تون مون کي ڇڏين ٿو
منهنجي عيب تي گَئين اَجهائون اَڏين ٿو
تو ڪيو معاف منهنجو مَڪرُ آ مَڪرُ آ.

اميدون اجها پيي تو ۾ شهنشاهه،
قبر ۽ حشر ۾ ڏجان پردو پناه،
پر جيڪو "مُحبَ" من ۾ فِڪِر آ فِڪِر آ.

◆

شانِ مصطفيٰ ﷺ

(1)

محمّد مُصطفيٰ مُنور، محمّد مصطفيٰ مُنور
عجائب شان تو اَطَهَرُ(1) ......

تنهنجو اول ۾ ظَهُورو، تنهنجو آخر ۾ ظَهُورو
تنهنجو ظاهر ۾ ظهورو تنهن جو باطن ۾ ظَهورو
تون الله جو اَنور.......

تنهنجي بعثيت(2) جي بشارت، ڪري انجيل اشارت،
تنهنجي زبور ۾ زيارت، ڪري توريت تنوارت،
تنهنجو مصحاف(3) مدح(4) گرُ......

تنهنجي ڪيڏي نہ ڪماليت، تنهنجي روشن ٿي رسالت،
ڪري انبياءَ جي امامت، ڪيئي واحد سان وصالت،
ڪُل انبياءَ جو اَفسر.......

آهين نبين جو نبي تون، ساڳيو روپ ربي تون
آهين شافع ۽ شفعي تون، اَسيرن جو اَخي(5) تون،
سردار تون سَرورُ........

تو عربن کي اُجاريو تو نصارن ڏي نهاريو
تو يَهُودين کي سيکاريو تو مَجُوسين کي سڌاريو
کولي دين جو دفتر........

تنهنجي شان جي شادي، ڪري ٿو "مُحبُ" منادِي،
تون هر جڳھ هادي، ڪرين عالم جي آزادي،
آهين رهنما رهبر.......

◆

---

(1) پاڪ (2) نبوت جو اشارو (3) قرآن شريف (4) ساراهہ ڪندڙ (5) ياءُ.

(2)

يا سردار، مهندار[1] شفادار[2] شافي[3]،
مدد مصطفيٰ[4] ڪر، ڪَرمَ ساڻ ڪافي.

ڪچاڙو[5] ڪمائِم چئي چا ٻڌايان،
سندم هَٿُ آ سَکڻو[6] وَکَرُ[7] چا وِهايان[8]،
سُڄاڻ تو اڳيان سخت سودو صَرافِي.

معلوم ناهي سَفَر حالُ سارو
اٿم ياد جيڪي تہ ڪاغذ آ ڪارو
اها سُڌِ سموري ٿا ڄاڻن صحافِي[9].

ڪريان ڳالھ ڪھڙِي، ڪرڻ ڪان ٿي ٻاهر،
مران تو مَرَمَ[10] ۾، ذِري ٿئي جي ظاهر،
اجائي عمر جو اٿم سوز صافي[11].

بحر بيڪران[12] ۾ تنهنجو توهُ[13] ٿُرهو
اَٿمِ آرزو هِي ٿيندو ساٿُ سُرهو
ڪري راز رحمت ڏيو "مُحبَ" معافي.

◆

---

(1) اڳواڻ (2) شفا ڏيندڙ (3) شفا ڏيندڙ (4) حضور پاڪ جو نالو (5) چا (6) خالي (7) سودو سلف (8) خريد ڪريان (9) لکندڙ هتي اشارو ڪراما ڪاتبين ڏي آهي (10) شرم (11) باقي، بچيل، رڳو (12) اهو سمنڊ جنهن جو ڪنارو نہ هجي (13) مدد

(3)

تنهنجي صورت پاڪُ سُبحاني، ڪيا حُسنَ لکين حيراني
تنهنجو حُسن پرين هاڪارو⁽¹⁾ جنهن جو فَلڪ⁽²⁾ فرش تي آ نعرو
لڳي ڪهِڪشان⁽³⁾ پيو ڪارو چَلي چندَ جواُتِ ناچارو⁽⁴⁾
توکان روشن ٿيو سِجُ سارو اَنااحمدَ⁽⁵⁾ ۾ اِظهارو⁽⁶⁾
بِلاميمَ⁽⁷⁾ سان بااَختيارو تون پاڪُ پرين پڳدارو
مٿُ ڪِينَ تنهنجو ڪِنعانِي،⁽⁸⁾ ڪيا حسن لکين.....

دلدارَ عجب تُنهنجون ڏِيدُون، آهن ڪاڻِ عوشاقَن عِيدون،
سي ڪن ٿيون خانَ خَريدُون، جَمُ⁽⁹⁾ دارا،⁽¹⁰⁾ دوسُ،⁽¹¹⁾ فرِيدون،⁽¹²⁾
سُبحان سڳورِيُون سَعِيدون، اِهي رحمت جون ڪي رَسِيدون،
ٿيون ڪولِن قَلبَ ڪليدون،⁽¹³⁾ تَلقين ڏِيَنِ توحِيدون،⁽¹⁴⁾
رخُ پاڪُ سَندُءِ رَحمانِي، ڪيا حسن لکين .....

تنهنجي در تي لَکين لِيلائِن، ماڻهون، مَلڪ⁽¹⁵⁾ ادب ۾ آهن،
جِنَ، ديوَ پَريون اڳيان چاهِن، ٿيون حُورون حيرتَ ڪائِن،
غُلمانَ⁽¹⁶⁾ غُلامِي چاهِن، ڪيئِن توسان سينو ساهِن،
تا پاندُ ڳچيءَ ڳَلِ پائن، تنهنجا ڳُڻَ⁽¹⁷⁾ پيا هزارين ڳائِن،
ڪُلِ قَدمن تان قُربانِي، ڪيا حسن لکين .....

آهيان تنهنجو "مُحبَ" مَداحِي،⁽¹⁸⁾ ءِ در جو صاف سِپاهِي،⁽¹⁹⁾
تنهنجي گولَن جو پُڙ گاهِي،⁽²⁰⁾ توشانُ ميان تنهنجو شاهِي،
آءُ هِير تون منهنجو ماهِي،⁽²¹⁾ لڳو توسان عشقُ اِلاهِي،
ڏيو اچڻ سندِي آگاهِي،⁽²²⁾ ڪريو صورتَ ساڻ سُهائِي،⁽²³⁾
دل درشَنَ⁽²⁴⁾ ڪاڻ ديوانِي، ڪيا حُسن لکين حيرانِي.....

◆

---

[9] (1) مشهور (2) آسمان (3) سنهن تارن تي مشتمل آسمان ۾ جيڪو ڊگهو ليڪو ٿيندو آهي، جنهن کي عام ماڻهون نوح نبيءَ جي ٻيڙي جو پيچرو چوندا آهن. (4) وَسُ، پُهچ (5) آئون احمد آهيان. (6) پڌرائي (7) سواءِ ميمَ جي (8) حضرت يوسف ڏي اشارو آهي، جو تہ پاڻ ڪنعان شهر جو رهاڪو هو. (9) جمجمان بادشاهہ توڙي جمشيد بادشاهہ جي اختصار طور ڪم اچي ٿو. (10) ايران جو وڏو بادشاهہ جنهن سڪندراعظم سان مقابلو ڪيو هو. (11) يمن جو حاڪم جنهن پنهنجي بادشاهي خدا جي نالي تي خيرات ڏني هئي. (12) ايران جو بادشاهہ هو (13) ڪُنجيون، چابيون (14) الله جي هيڪڙائيءَ جي (15) ملائڪ (16) جنت ۾ رهندڙ حسين ۽ نوجوان خدمتگار ڇوڪرا (17) نيڪيون (18) ساراهہ ڪندڙ (19) دربان (20) گاهہ ڪندڙ نوڪر (21) محبوب (22) خبر، ڄاڻ (23) روشني (24) ديدار * خدا دوست بادشاهہ.

(4)

رَسُ يا رسولِ عربي، تار منجهان اچي تارجان،
تار منجهان اچي تارجان، تون واڳ وِلهيءَ تي وارجان.

درد دنيا جي دؤر جو، ظالم جي ظلم زور جو
شافي شيطاني شور جو ٽاڻو(1) تون مون تان ٽارجان.

منهنجي مدد تي مُصطفيٰ، تو ۾ آهن نوري نفعا،
سڏڙا ڪيا مون سئو دفعا، تون وارث ڪين وسارجان.

تون غور ڪر مانڏانهن جو بيڪس بندي بي واه جو
پردو پوش پناه جو تون ڊول ڍڪيءَ جو ڍارجان.

عاصيءَ(2) سندو تي تون اَجهو معاف ڪر هي ڏک ڏنجهو
مرڻ کان پوءِ "مُحبَ" جو ڪانڌي تي ڪَرُ اُجارجان.

◆

---

(1) وقت (2) گنهگار.

(5)

ٿيندي مهر مُرسَل تو هاديءَ هٿان،
سڄ سوال سرور منهنجي ڪَٿِ ڪٿان.

ڇڏ خدا لڳ نہ خالي، آهيان سائل سوالي،
آئون توکي عرض عالي، تو گهايَلُ گهتان.

اُهو ڏينهن ٿيندو، لهي وهم ويندو،
سارو ڏيهہ ڏيندو مبارڪ مٿان.

سَيد سوال سُڻ تون، ڏي ڪو مهرمٽ تون،
پنهنجو هٿ نہ ڪڻ تون، ”مُحبَ“ جي مٿان.

◆

(هي ڪلام بابا سائين جن سرورِ ڪائنات کان ڪنهن مقصد جي حاصلات لاءِ دعا طور عرض ڪيو هو. پوءِ سندن اها مراد پوري ٿي هئي.)

(6)

گُهرايو خود خدا معراج، محَمد يا رسول الله،
عجب ٿيو عرش تي آواز، محَمد يا رسول الله.

ٻيئي ٿيو وحده واصل، مولا سانِ مير ڪئي محفل،
اڳيئون الله جي افضل، محَمد يا رسول الله.

لقب ’خيرُالَبشر‘[1] وارو، مليو مُرسَل کي موچارو
صاحب سرتاج سوڀارو محَمد يا رسول الله.

شرف حاصل ٿيس شافعي،[2] اُمتَ لئہ ٿيو نبي نافعي،
قيامت ۾ ڪوثر ساقي، محَمد يا رسول الله.

”مُحبَ“ يومُ الحشر ٿيندو عَمَلُ مِيزان[3] تي ايندو
اُمت کي آسرو ڏيندو محَمد يا رسول الله.

◆

---

(1) سڀني انسانن کان چڱو (2) شفا ڪندڙ (3) ساهمي تورڻ واري

(9)

اج تي مان عيد يانيان، دلدارُ آيو آيو.
رونق عجب ڪئي مجلس، منثارُ آيو آيو.

مُنهَڙو ڪوليائين مَهتابِي،(1) تِي ويو شُعاعُ(2) شِتابِي،(3)
گُل سو سَدا گلابي، گلزارُ آيو آيو. - اج تي مان......

دلدار آيو سوئِي، جنهن جو نہ ثانِي(4) ڪوئِي،
غمڙا لٿا سَيوئِي، سو غمَ ٽارُ آيو آيو. - اج تي مان......

آيو روحَ منهنجي جو رانجهَن، سهڻو سو سانوَلُ ساجَن،
جنهن جي دُرُسُ(5) چُمِي مون داوَن(6) سو مهندارُ(7) آيو آيو. -اج تي مان......

آيو "مُحبَ" مُرسلُ(8) مَدنِي، عَربِي عَجبُ سو عَدنِي،
صَلواۃَ چَئِي جنهن تي سَينِي، سو سردارُ آيو آيو. - اج تي مان......

◆

---

[1] (1) چنڊ جهڙو (2) روشني (3) تڪڙو (4) مٽ، برابر (5) سچ پچ (6) دامن (7) اڳواڻ (8) رسول پاڪ

(10)

ڪهون تيري صفت نبي سرور، ميرا پنج تن لَڄا پرور(1).

سب سي پَهلي ايڪ ٿا تارا، جس ۾ نوري نشان سارا،
اُس ۾ پنجتن پاڪ پيارا، نورُ هويا انور...

جب ٿُم جلوه جگ ۾ پايا، آڪي تم ني ڪُفر گنبايا،
سب ڪو حق ڪا سبق سِڪايا، عمل هويا اڪبر...

مولا ني معراج مَنگايا، تخت نوراني ليِ ڪر آيا،
سب ڪي لئي سردار بنايا، اول پِيڇي آخر...

رحمت گرِدي رب ني راحم، نبي بنايا ٿُمڪو دائم،
هرجا هوگيا ڪلمہ قائم، مُلڪُ فَلڪُ اوُپر...

جب جلوه قيامت ڪي دن لاوين، آب ڪوثر ڪا جام پلاوين،
"مُحبُ" جماعت نال ملاوين، حامي هووين محشر...

◆

---

(1) لَڄ رکندڙ.

(11)

اڄ يار ميڏي گھر آيا، مئن پاند ٻڇي ٻل پايا.

دل وچ ھوڳئي عجب بھاري ڏِتي مبارڪ خلقت ساري،
جڏھن پير اڱڻ وچ پايا...

نالا جَنھِين دانور نوراني، حُسن جنھين دا يوسف ثاني،
شمس قمر شرمايا...

جنھن آ پِلايا جام وصل دا، نينھن لڳا جنھن دي نال ازل دا،
اک نال اک اٽڪايا...

”مُحبُ“ دي سِردا صاحب سوئي، معاف مدايان جنھن ڪِتيان مڙوئي،
مَئن بديان سڀ بخشايان...

◆

شانِ عليءِ

(1)

علي ڪر اسانجِي رَسِي رَهنُمائِي،
آهين عاجزن جو تون حيدر حالَ ڀائِي.

تنهنجي در تي تهدل[1] جي وٺي عرض آيا،
ٿَنهِين ويرَ تن ڪي تو مقصد مِلايا،
مولا ڪئِي مِٺن جِي تو مشڪل ڪُشائِي.

سِرَ مالَ ۽ آلَ[2] جِي تو سَخا ڪئِي،
هميشه تو حيدر وِلهَن[3] سان وفا ڪئي،
تون سخين جو سردار ۽ جَوادُ[4] جائِي.[5]

ڀلي سان ڀلائي ته سڀ ڪو ڪري ٿو
مطلب جي خاطر ته هرڪو مري ٿو
مگر مرتضيٰ تو ڪئي آ ٻُرن سان ڀلائي.

مَظلومَ محتاج جو تون سهارو
آٿرين اولِٿَن ۽ يَتيمنَ سان يارو
آهن تو ۾ آقا هي خوبيون خُدائِي.

”مُحبَ“ جو تون مولا ٿي واهَرَ وسيلو
سخي تو سوا ٻيو هلي ڪونه حِيلو
حيدرَ پنهنجي هَٿَ سان ڪر حاجَتَ روائِي[6].

◆

---

(1) سچيءَ دل سان (2) ٻچڙن، اولاد (3) ڪمزورن (4) اهو سخي جيڪو بنا گهرڻ جي ڏئي (5) سچو (6) ضرورت پوري ڪرڻ.

شانِ مرشد

(1)

هادي توکان هردم هدايت گُهران ٿو
نوازش نوازش نهايت گُهران ٿو.

مُئَلَ دل جِيارِج مَسِيحيٖ ٿي منهنجو
سَخِي توکان اهڙي سعادت گهران ٿو.

رسم ۽ رِيا کان جيڪو صاف سَجدو
اُها عشق واري عبادت گهران ٿو.

هُجي خلق راضي ۽ تُنهنجي رضا پُڻ،
اَهِڙي راهَ روشن رياضت گهران ٿو.

پلا جيڪا نَعمتَ نوازش ٿئي مون تي،
اُها عامَ سَڀَ لَئِهِ عنايت گهران ٿو.

گُهرَڻُ توکان توکي، آهي ’مُحبَ‘ مقصد،
طلبَ پاڪُ تُنهنجي ۽ طاعتَ گهران ٿو.

◆

(2)

هادي ڏي مون کي هَٿُ، هيءَ راه عشق جي آهي اوکيري.
پنڌ هِي اَڙانگو ڪايا اٿم ڳهڻي،(1) جوڙُ نہ مونسان ڪو جَٿُ(2)،
تون ساٿ ڏيئي ڪر، سَٺَ سوکيري.
راول وِيسُ آئون راه ۾ رهجي، پورب ويو سارو پَٽُ(3)،
مون کان ٿي ويئي آ، اوٺَڪ اويري.

مڌي مون مٿي تي، پُون آيَئو واري، ڪونهي ڪُپيريءَ جو ڳَٽُ،
ويئون هٿ وَڪوڙي ڇِبان چوڦيري.
ڪرم سان پنهنجي اچي ڪامل ڪرتون، راهِ روان منهنجو رَٽُ(4)،
اڳيان سامهون سُجهي ٿي، سَڙَڪ سؤ پيري
هادي "مُحبَ" سان اچي ٿيءُ حامي، هي وِلهو ڪهڙي آوَٽُ،
طالب جي آهي، تو ۾ توقعيري.(5)

◆

---

(1) پراڻي بي طاقت (2) جماعت، ساٿي (3) جماعت (4) پراڻي زماني جو ٽانگو (5) توقع، آسرو امید.

(3)

اهڙو عطا ڪر جامُ، مون کي محمّد سائين،
محمّد سائين، تون هادي سائين.
بُوءِ جَنهين ۾ بيخود واري، گويا هجي گلفام(1).....
ڏيئي ٽپو آئون ٽوڙيان، دُرس دارين جو دام.....
خاطر(2) خوب خمار ۾، بولي قُدسِي(3) ڪلام.....
مَستِيءَ ۾ مدهوش ٿي، آبدي وٺان آرام.....
عرصو گهڻو ارداس(4) ۾، ٿيڙو "مُحبُ" مدام.....

◆

(4)

ٺُنهنجي گهوٽ گَهرانّ او گَهرانّ داور(5) مان دانُ مڱان ٿي.
ساريو ٺُنهنجي سهاڳ کي، نَريو مان پئي ٿَران او ٿَرانّ.
ٻُڪِي ڪا ڏِيارج ٻاجهه جي، داتا تنهنجي دَران او دَرانّ.
سَنسارِي تہ سموندَ ۾، تَوڪل ساڻ تَران او تَرانّ.
مرڻ ويلي "مُحبُ" چوي، محبت منجهه مَران او مَرانّ.

◆

---

(1) گل جي رنگ جهڙو ڳاڙهو (2) دل (3) پاڪ (4) عرض، اميد، آسرو (5) عادل، انصاف ڪندڙ.

(5)

دل ۾ لڳو تنهنجو ٻهڳڻ(1) ٻاڻ(2)،
جهام(3) ڏئي وئين ڪا جَهٽَ جَهٽَ ۾.

پيتم پيالو پرت جو هو مَئي سان پريل ماڻ،
تو پُر جام پياريو ڪو پَٽَ پَٽَ ۾.

ٽَوڪل آنديم تو سندي، ٻيو پڳهيو آندم پاڻ،
هاڻي سام سڄڻ تنهنجي سَٽَ سَٽَ ۾.

مستيءَ ۾ هاڻي ”مُحبُ“ چوي، ڄاتم اهوئي ڄاڻ،
ڪونهي ٻيو مامُ(4) محمّد جي مَٽَ مَٽَ ۾.

◆

---

(1) گهٽن ڳٽن وارو حَسين (2) تِير (3) چِڪَ (4) امام

(6)

هادِي تنهنجا هزارَ ٿورِيءَ تي لَکَ ٿورا ٿورا.
ساري سبق پڙهايءِ سِڪَ جو هِجي حرف ڪرايُءِ هِڪَ جو
پيالو پاڪ پياريءِ پِڪَ جو وهم ٻيا ويچار ڀرِمَ (1) ڀڄي ڪَيئي ڀورا ڀورا......

سُرِتيءَ (2) سان تو سِير اُڪارِين، ڏيئي ٻانهَن ٻُڏَل تو تارِين،
تون ئي مَسيحا مُئلَ جِيارين، جڻ ٻِي ڏيئي جمار دَمَ جا بَخشِين دورا دورا......

تون ئي وِلهيُن (3) جو وارثُ والِي، تُنهنجي نظر ڪيا اُجڙيل عالِي، (4)
گَنجَ مان گوهَرَ (5) هَتِ ڪري حالِي، پُرسي ٿيا پينارَ (6) جيڪي ڇَنيءَ ڪوڻ ڇورا ڇورا......

مَدُ (7) ميخاني جيڪو پِيئي، مونث (8) مٿجي مَرد سو ٿِيئي،
ڏاتَرَ ڏاتِ ٿنهن کي ڏِيئي، خاصو خوب خُمارُ (9) ذوقُ اُنهيءَ کي زورا زورا......

روحَ مان ريبَ (10) مٽيئي ريٿي، ڇَڏِيُوَ "مُحبَ" مَدايون (11) ميٽي،
ڏِسجن ڪَهِڙيون ڀَلايون پيٽي، پُهچان ڪِينَ پَچارَ ٿَنَ ۾ اها اٿم تورا تورا......

◆

---

[1] (1) شڪَ (2) چالاڪيءَ، هوش (3) ڪمزورِن (4) مان وارا (5) موتي سچا (6) پينو (7) شراب (8) مادي (9) نشو (10) بُرايون (11) بچڙايون.

(7)

ڪين ٿو وسري ۽ ڪِينَ وسرندو،
دوست جيڪو تو ديدار ڏنو هو.

مُنهن منور(1) تان حجاب هٽائي،
جيڪو جهاتي پائي تو جهَلڪار(2) ڏنو هو.

نرگس(3) نيڻ نيڻن سان لائي،
بره جيڪو تو بِسيار(4) ڏنو هو.
سِڱَ جي سُرڪِي پرين پياري،
خُوب جيڪو تو خُمار(5) ڏنو هو.
عشق جو آخر ناتو نيائڻ،
اصل جيڪو تو اقرار ڏنو هو.

پاڪر پائي ۽ ڇاتِيءَ سان لائي،
جيڪو ”مُحبَ“ کي محمدّ تو پيار ڏنو هو.

◆

---

(1) نوراني، روشن (2) تجلي، روشني (3) هڪ اڇو خوبصورت گُل (4) تمام گهڻو (5) نشو

(8)

منهنجو يارُ بہ تون ۽ دلدارُ بہ تون،
سائين سِرَ جو سڄڻ ۽ سردار بہ تون.

تُنهنجو عَطا ٿِيڙو عشقُ اَٿَمِ نالو نيڪُ تنهنجو دل تي نَقشُ اَٿَمِ
تو ڪَئِي نينهنَ جي نَعمتَ بَخشُ اَٿَمِ سارو الفت جو اِسرارُ بہ تون....

تون ئي حَبيبُ حَياتيءَ جو آهين تون ئي مُحّبُ مَماتِيءَ[1] جو
سارو سَببُ مُنهنجي تون آن ثَباتِيءَ[2] جو بِاللهُ[3] بقا[4] جو بهارُ بہ تون....

تُنهنجي ڏِني ڏُکَ تا ڏُورِ ٿيَن، دل مان چائِتَ[5] چِنتا[6] ٻَئِي چُور ٿين،
دَمَ هِي محبتَ ۾ تا مَسرُورُ ٿِيَن، آهين يارَ غمن ۾ غَمخُوار بہ تون....

سدا يار توسان مُنهنجِي يارِي آ، لڳِي محبتَ پاڪُ پيارِي آ،
تُنهنجِي دل ڪيِ ڏِنَل ڪا دِلدارِي آ، آهِين ”مُحبَ“ مُدامِي مَدارُ[7] بہ تون....

◇

---

(1) مرڻ بعد (2) هُئڻ (3) الله جو قسم (4) زندگي (5) خراب ارادا (6) ڳڻتي (7) آسرو آڌار.

(9)

دَم دَم دلبرَ تُنهنجِي صورت سانوڻ لايو
محبت مينگهه ملهار برَ کي برسايو.
اڳوانُ عشق تِيَڙو هڪدم حِجابُ وِيَڙو
پاٺهي پيارَ منجهاران، پيارَل پيچُ پِيَڙو
لالَڻَ پائي لِيَڙو(1) پنهنجو پاڻُ پَسايو. - دم دم ....
جنهن دَم چِشمَ چايَءِ، جَڻ بِجِليون بَچايَءِ،
طَبقَ تابَ تنهن سان، چوڏَهئين چَمڪايَءِ،
هرجاءِ حُڪُمَ هلايَءِ، ’ڪُن‘(2) تي گهايو. - دم دم ....
ڪيو اڪڙين اِشارو لڳو نينهنَ نَعرو
ويهِي وُجودَئون ’وَنَحن‘،(3) ڳيُءِ آدمُ اوتارو
پنهنجو ڳيڙِئِي پَسارو(4) تون ’سِره‘(5) سمايو. - دم دم ....
سَبَ ۾ پَسان تو صورتَ، آهي محبوبَ جِي مُورتَ،
مُرشِدَ ”مُحبَ“ دِليُن تان، ڪورِي ڳدُورَتَ،(6)
منجهان ذاتِ ضَرورتَ، اَحمّدَ تِي آلايو. - دم دم ....

◆

”وَنَحن اَقربُ اِليہ مِن حَبلِ الوَرِيدِ.“
يعني: ”آئون اوهان کي نڙيءَ جي رڳن کان بہ وڌيڪ قريب آهيان.“

---

(1) جهاتِي (2) ”تي پئہ“ (الله تعاليٰ ڪائنات کي پيدا ڪرڻ وقت فرمايو هو.) (3) مٿي بيان ڪيل آيت واري معنيٰ رکي ٿو (4) ڏيکاءُ (5) ڳجهيءَ طرح (6) دل جي ميرائي.

الاهي عشق

(1)

اي بهادر بي خطر، اچ عشق جي ايوان ۾
ٿا مقابل مرد بيهن، جنگ جي ميدان ۾.

عَدوُ(1) هِي عرصي گهٽي کان، خون جو خواهان(2) اٿئي،
مرد ٿي، موذي متان، ناحق وجهئي نقصان ۾.

گوشي ۾ گمنام ٿي، واجب ناهي توکي وِهَڻُ،
همت جا هٿيار کڻ، آ فتح تو فرمان ۾.

طلب جي تلوار سان، هي دوبدو دشمن دَسي،
لاجي خنجر سان لُٽي، ظالم اُچل زندان(3) ۾.

اَصغرِيءَ(4) کان اڳيرو تون اَڪبَرِيءَ(5) جو کڻ عَلَمُ،
”مُحبَ“ مولا جي مدد سان، نفس رک نيشان ۾.

◇

---

(1) دشمن (2) چاهيندڙ (3) اونهي کڏ، غار قيد (4) ننڍي جنگ (دين خاطر، جهاد ڪرڻ) (5) نفس سان جهاد.

(2)

هادي عشق امام، جنهن دا اعليٰ مقام، حملا ڪرڪي آيا،
جُملا جوڙڪي آيا، حُسن دا حُڪامُ......

بره برسر آيا، آ ڪي جوش جڳايا، لئون لئون منجھ چا لڳايا،
هي طَبلُ تمامُ.......

چالِي چشم چَلاڪي، رمزي غمزي رَلاڪي، هوڪا هجر دا هُلا ڪي،
ڪِيتا مست مُدامُ........

جلوه ڪرڪي جَلِي، احمّد بڻ ڪي علي، وارث هوڪي ولي،
لايا نينهن دا نظام........

انحد(1) والي اِشاري، ڪرڪي نيهي نظاري، آيا ”مُحبُ“ اوتاري،
ڪِيتم سجده سَلامُ........

◆

---

(1) هڪ فقيريءَ جو روحاني مقام.

(3)

ويکو عشق اسانُون يار، ڪيها سبق پڙهَيندا هي،
ڪيها سبق پڙهيندا هي، ڪيها دَرسُ پڙهَيندا هي.

ڪڏهان آکيندا، دم هِوين توڙي، يار دي ڪر گفتار
سوزين نال سَڙيندا هي.

ڪڏهان آکيندا، هر ڪنهين ڪٺون، تيڏا تڪيا هووي ڏار
توڙئون يار تڙيندا هي.

ڪڏهان آکيندا، يار دي خاطر، ڇوڙ چا گهر ٻار
مهٺي لِک مَڙهيندا هي.

ڪڏهان آکيندا، ”صُمَ بُڪمَ[1] عُمَي“ ڪر اختيار
سارا قلب ڳڙهيندا هي.

ڪڏهان آکيندا، ”مُحبَ“ مدامي، توحيدي هووي تار
اُتان خيال ڪڙيندا هي.

◆

---

[1] ٻوڙا، گونگا ۽ انڌا

(4)

هرڪو آکيندا مئن عاشق، ويڪو عاشق ڪؤن سَڏاوي،
عشق حَيا نُون توڙ گهتيندا، پَل وچ خُواريان جوڙ گهتيندا،
بُهتان بَديان جيڪو چاوي،

عشق ساقي هي قاتل ڪيفي، زوُدفَهم(1) نُون ڏيندا ضعيفي،
جو قَيسَ مثل ڪيف ڪاوي،

عشق ڳسائِي تي عاشق بَڪري، ڪات آڏيان وچ ڳريندا ٹُڪڙي،
جو دم دم آپ ڳُهاوي،

”مُحبَ“ هِوين تون ڪڏهين مونث،(2) ڪڏهن مَحو وچ مام مخنث،(3)
مَردان نُون عشق جُڳاوي،

◆

---

(1) تيز سمجهہ وارو (2) عورت، زناني جنس (3) ڪدڙو

(5)

هَئِي ڏکيا عشق ڏھون(1) آوٽا، اپٽا پير ڪَپُر(2) اُتي پاوٽا.
لوڪ دي لانش مھٽي وَل طعني، اِھو سِر(3) قاتل ھي ڪاوٽا.
دين ڪفر تي دنيا وَل عقبيٰ، سِر تون ھٿ پيي چاوٽا.
”مُوتُوا قِبل(4)“ وَ اَنت مُوتُوا“، ھي جيتي ھِي مَرجاوٽا.
”وَذِڪر رَبّڪَ“(5) بره بَتِي وچ، ھي ٿَتي دل ڪون تپاوٽا.
”مُحبَ“ مَدارت(6) ھُڻ مرشد ٻاجھون،(7) نينھن نہ ڳدھون لاوٽا.

◆

(6)

وَلِ وَلِ وائي وات، تيڏي ذوق ذِڪر دِي،
ذوق ذڪر دي، شوق شُڪر دِي.

لايم ساوَلِ لئون نالَھندِي، شام صبح پريات،
تيڏي ھُوڪَ ھِجردِي.

رات ڏينھاٽي روح وچ رھندي، وچ اندر آيات،
تيڏي فوق فِڪر دِي.

توڪل تسليٰ ٿَن وچ ميڏي، ’لاتَقَنطُو‘(8) لات،
تيڏي ڪُوڪَ قَدردي.

جَنتَ جائِين جيڪي وَلِ جاوَن، ”مُحبَ“ طلب ھي تات،
تيڏي نَوڪَ نظرِدي.

◆

---

(1) ڏانھن (2) ڪَپر بلا (3) زھر (4) موت کان اڳي مرڻ (5) الله جو ذڪر (6) مدد (7) کان سواء
(8) الله مان آسرو نہ لاھيو (ق. ش)

(7)

منزل مشڪل بيحد ڀاري، عاشق ٿيوڻ الله دا،
عاشق ٿيوڻ الله دا، هَئي سَنِٽا سانگا ساهہ دا.

عشق دا دهشت والا دريا، ويک اڪابر ٿِيوَن چريا،
جِٿان نہ ٻيڙي ٽُنبا نہ ٿَريا، ماگ نہ جِٿان ملاح دا.

عشق اهيندا مذهب مرڻا، سجده هئي سر سُوليءَ ڏرڻا،
شريعت ڪار ڪُسڻ دِي ڪرڻا، رکڻا ڪات ڪُلاه(1) دا.

اَلف دِي اُلفت اوکِي آٽڻ، منزل مُوٽو دي وچ ماٽڻ،
’اَلعِشقُ نار الله‘(2) جاٽڻ، ٻَکُ هَئي ٿيوڻ باه دا.

حق دا عاشق تڏهان سَڏاوين، جڏهان جسم تون جان جَلاوين،
”مُحبَ“ اندر وچ مِيمُ ملاوين، مرشد رهبر راه دا.

◆

(8)

عاشق روز الله ڏي، پرتئون پير پَرِين…

لائق لا مقصود جو ڏُريئُون ڏيان ڏَرِين…

طالبَ طَلبَ الله ۾، پنهنجو تَنُ ٽَرِين…

چڏي دگ دارين(3) جا، صوفي سَيرَ ڪَرِين…

غازي غير گمان کي، ڄيري(4) منجھ ڄَرِين…(5)

”مُحبَ“ سدا محبوب جي، محبت ڪاڻ مَرِين…

◆

---

(1) ٽوپي (2) الله جو عشق باهہ آهي (3) ٻئي جهان (4) باهہ (5) ساڙين.

(9)

آهي عشق وارن کي بيان بات ٿُنهنجي،
بيان بات ٿُنهنجي، ڏينهان رات تنهنجي….

لحظو نہ لاهن ٿا اِها اونَ(1) عاشق،
طبع ۾ ٿنهين کي آهي تات ٿُنهنجي….

لِڳين لوڪ سان گڏجي گذارين غازي،
هِينئين ۾ هميش حڪايات تنهنجي….

"فَاَينَما تُوَلّو فَثَم وَجَہُ الله"،(2)
موهي پئي متارن کي تجلات تنهنجي….

دارينَ ۾ دل جو ارادو تون آهين،
مَگن ڪِينَ مُوران عاشق انعامات تنهنجي….

سوين سيڪڙُو(3) تنهنجي سندا دِيدَ دلبر،
"مُحبَ" ڪن مدامي مَدحون(4) مقالات تنهنجي.

◆

---

(1) ڳڻتي (2) الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ "توهان جيڏانهن بہ نهاريو تہ توهان کي منهنجو رخ نظر ايندو." (3) طلب گار (4) تعريفون.

(10)

منهنجو عشق وڃايو آرام، مون کي سُمهڻ نٿو اچي سيج تي.

عشق اندر ۾ آگ اُٿارِي، سورَ سوين ۽ بيقراري،
دردن جو پيو دام، مٺيو سُکُ ڏکن جي ڏيج تي.

رات گذاريان رويو رويو، گُذري منهنجو ڏينهن ڏکويو
ساري سڄڻ جو نام، پِنونّ روح روئڻ جي ريج تي.

دل منهنجي ٿي درد جو داٽو، گُهمي پيو جنهن تي گُهور جو گهاٽو
فجر اڳين توڙي شام، آئون پئي هلان انهيءَ جي هيج تي.

”مُحبَ“ ميم جو جلوو ٿيندو لهي لطف سان وهم هي ويندو
تون سندس آهين سامَ، جيڪو قائم ڏٺي آهي ڪيچ تي.

◆

(11)

مَتو عشق عقل جو جهيڙو جن من ۾ مچايم ميڙو.

آتئي باربره جو باري، ٿيندءِ خلق سَڄِيءَ جي خواري،
وَٺ موڳامَتِ مون واري، نہ تہ ٻُڏي ويندءِ سڄو ٻيڙو.

مون کي پُورُ عشق جو پيڙو جنهن وَس کان بيوس ڳيڙو
ڇڏي وهم عَقُلَ تُنهنجو ويڙو جڏهن گهائي ڪيائين گهيرو.

منصور جو بنيو مارِي، ڇڏيو رانجهن تخت هَزارِي،
پَتِ ڪنهن سان عشق نہ پارِي، ڏس قَيسَ جو حال ٿيو ڪهڙو.

ڪيو عشق امامن حاصل، ويچي وحدت سان ٿيا واصل،
ويچي جوان جنت ٿيا داخل، جن سان خود خداوند پيڙو.

اک عشق مٿي اتڪائج، لئون لال تنهين سان لائج،
ڪِينَ مُنهڙو "مُحبَ"مَتائج، سدا نينهن سان رهجان نيڙو.

◆

(12)

اڇي عشق ٿيو اڄ سُونهُون، جنهن درد ڏکايم ڏونهون،

جڏهن ڄاڻُ عشق جو ڄاتم، وڃي ٻيوس دلڙي لاتم،
وڃي ٻيڄ پرين سان پاتم، هاڻي کهڙي ڪريان هُونَ هُونّ.....

هي سرڙو سجڻ تان گهوريان، سدا ناتو عشق جو ٽوڙيان،
ڪپي ڪنڌ اڳيان وڃي ڪوريان، سِرُ جان سجڻ تان ڏوُنهون.....

عجب عشق جي بازي، ڪي ڪامل پسندا قاضي،
ڪين هرگز هٽندا غازي، مٿان "مُحبَ" مَٽائِين مُونهُونّ.....

◆

(13)

عاشِقَ ٿيو اظهار يار، جيئري جسم جلائن ٿا،
جيئري جسم جلائن ٿا، هو وحدت وڪڙي وڏائن ٿا.

دوُر دنيا جا دل تان لاهيو، ٿين لاهوتي لُنگَ لڳايو
نانگا ٿيو نروار يار، خيال خوديءَ جا ڪائن ٿا.

جوڳي ٿي هليا ويسَ مٽائي، شرم حيا جا وضع[1] وڃائي،
باندر جيئن بازار يار، نانگا نفس نچائن ٿا.

ماڳ مدينہ مقدس مَڪيو تَن ۾ تيرٿ جاڻن تڪيو
سيِ دل اندر ديدار يار، مَنَ ميخانو مچائن ٿا.

"مُحبَ" رِندِيءَ جي رنگَ رَچايُن، عبد منجهان جنهن اَحَدُ سَڏايُن،
سُورِيءَ سر هَسوار يار، 'اَنَاالحَقُ' اَلائن ٿا.

◆

---

[1] نمونا

(14)

جيڪي عشق ڪيا اسرار، تن جي خوب خبر پئي چار،

عشق ڪيو عزازيل تي آرو آدم ڪان جنهن ڪيو انڪارو
خواريءَ جو ٽنهنجي سرتي ڪارو ڦوڙائو ڦتڪار.....

نوح مٿان طوفان تي آيو ذڪريا تي جنهن گرٽُ وهايو
يونس پيٽ مڇيءَ جي پايو يوسف مصر بازار.....

ابراهيم ڪي آڙاه تي آندو ڪين ايوب وره ڪان واندو
ذَبِيحُ(1) الله بره ۾ باندو يَسوعُ(2) صَليبَ(3) تي يار....

پوش حُسين پريم جو پاتو ڄاڻُ سمورو عشق جو ڄاتو
دل کي داغ درد جو لاتو سجدي ۾ سر ڏار....

جوش انهيءَ منصورُ جلايو شمسَ جي کل خوبُ ڪَلايو
برهَ بلاولُ گهاٽي گهمايو سَرمدَ سِيسُ ڪٽار....

عشقُ "مُحبَ" اوتار ٿي آيو 'قُمربااِذني'(4)' حڪم هلايو
سيني تنهن کي سِيس نمايو اڻ کُٽُ هِيءُ ايثار.

◆

---

(1) الله جي خاطر ذبح ٿيڻ وارو يعني حضرت اسماعيل عليہ السلام (2) حضرت عيسيٰ عليہ السلام (3) ڦاسي (4) "اُٿي منهنجي حڪم سان." (شمس تبريز رحہ)

(15)

جن کي عشق لڳو آهي آڪسِير آديون،
ڪهڙو تابُ ٿَنهين تي ٿَعزِيرُ(1) اديون.

نينهن جي نانگ آهي جن کي ڏنگيو،
وجهي وات وِرهَ جا واسينگ وَنگيو،
سارو جگر جِنهين جو آ زَهرَ زَنگيو(2)
ڪانهي تن جي تيگڙَ جي تدبير اديون.

آيون عشق آري سي ڪيون چاه چريون،
هَمَہ حِيلَن سان واپس ڪِينَ وَريون،
مٿن بار بره جا ٻيون پاڻ پَريون،
آڻي عشق ڪيون سي آسِير اديون.

---

1 (1) سزا (2) ڪٽيون ڪارو ڪيو

لڳي لئون ڪا وِيَنِ لاچار ٿيون،
نڪري ناتي ننگ ڪان نروار ٿيون،
ساري خلق مان ڏِڪجي ڏار ٿيون،
ناهي زِندو تن جو ضمير اديون.

منڊيو محبت پنهنجو مڪان جتي،
ڪونهي دين ڌرم جو امڪان اُتي،
ناهي هَستِي هُئڻ جو حَرفانُ هُتي،
وڃي طابع ٿيون تقدير اديون.

اُهي سُورَ سَڙيون روح نہ رام آتن،
دل ۾ نقش پرينءَ جو هڪ نام آتن،
مورت محبوبي قِبلو قيام آتن،
پڙهن تصور جو ٿيون تفسِير اديون.

جيڪي شاه حُسن جي شهيد ڪيون،
اُهي صاف سِرِيُون ٿِي سَعيِد(1) پيون،
مَرفُوع(2) "مُحبَ" اُهي ٿي وَعِيد(3) ويون،
تن تان معاف قلم تَقصِير(4) اديون

◆

---

(1) سڳوريون (2) انهن تي گناهہ ۽ ثواب جو قلم نٿو وهي سگهي. (3) ڏراپو عتاب، تنبيهہ (4) ڏوهہ، گناهہ.

(16)

ادیون عشق اهڙو آفاتِ(1) آهي،
کري مست مدهوش جنهن کي واتُ پائي.

ڏيئي چوٽَ چِهِري، هٽي نيشَ(2) نهري، سَمايَلُ آ سَپَ(3) ۾ اهو ڪيفُ(4) قَهِري،
مَتارن کي ماري، پَهرينءَ سان پُڄائي.....

ڪوڙي عشقُ جاتي، عَلَمُ پَنهنجو آڏي، عَقلُ پُڻ اُتاهون تَڏو پَنهنجو تاڏي،
جَبرَ(5) ساڻُ جِيتي، ٿو ديرو دَمائي(6).....

طَلبَ جِنِ کي تَنَ ۾ لڳي تيز تابَشِ، (7) لاٽا بِرهَ پڙڪا اندر تِنِ جي آتشِ، (8)
سدا سَوزُ ساڙي، جِگرُ ٿو جَلائي.....

ڪري عشق آيو هِي آگم اَلسِتي، مُدامِي "مُحبَ" کي مَتِي موجَ مَستِي،
ڪري بِرهُ بجلي، وِرهُ(9) پيو وَسائي.....

◆

---

(1) 'آفت' جو جمع (2) نانگ جا ڏند (3) نانگ (4) زهر، نشو (5) زوريءَ (6) جمائي (7) گرمي (8) باهه (9) عشق، سوز غم.

(17)

ڪيو آهي عشق عَليلُ(1) دارون دَرشَن(2) رِيءَ ٻيو ناهي.

ڪيرُ لهي سُڌِ(3) سورَ منهنجي جِي، اوهان رِيءَ ٻيو اَصِيلُ(4). دارون.......

دَرشَنُ دَردَمنديءَ ڪي تُنهنجو آهي طَبِيبَن تَمثِيلُ.(5) دارون.......

هَر دم هِيڻي حالَ ۾ حاضُر، وِلهيءَ(6) جو تون وَڪِيلُ. دارون.......

سارِي خبر توکي سُورَن جِي، دل جو جاڻين دَلِيلُ.(7) دارون.......

مَرضُ مَسِيحا منهنجي مَنَ جو تون ڪرين تَحلِيلُ.(8) دارون.......

آهِين مُدامِي "مُحبَ" تون مُنهنجو خَاصَئون خاصِ خَلِيلُ(9) دارون.......

◆

---

(1) بيمار (2) ديدار (3) خبر (4) جوانمرد، اصلي (5) مثال (6) هيڻيءَ (7) خيال (8) ختم ڪرڻ، حَلُ ڪرڻ (9) دوست.

(18)

عشق جَنين کي آلائِي لَغارَ
سَدا عُمرِ اُهي سِڪنديُون سِڪنديُون.

محبتَ مرضَ جَنين کي ماريو ڳُجهَئون ڳُجهه جي ڳالهِيُن ڳاريو
ڪائِڻُ پيئَڻُ ۽ ڪِلَڻُ ڪاريو بُوءِ بِرهَ جي گيون بيمارُ
چاڪَ[1] اِنهيءَ ۾ چِڪنديُون چِڪنديُون.

لوڪَ جي لانَشَ، مَهڻا ۽ طعنا، طَلبَ واريُن کي ڳِهڻا[2] ڳانا،
سَهَن سِرَ تي بَديُون بُهِتانا، نِينهَن جي ناتي گيون نِروارُ
لوڪئون ڪِيئَن سي لِڪنديون لِڪنديون.

هِجرَتِن جا حال کيا هِيڻا، ٻُڪِيُن[3] سان سي ٻهُون[4] ٽِيَن پِيڻا،
وَسُ نہ ويڄَن[5] ڦَڪيون[6] ۽ ڦِيڻا، آئِي ٻهَرَ ٽَنِ اِهو آزارُ
ويڄن جهوريءَ ۾ جهُڪنديُون جهُڪنديُون.

دوستَ جو جِنِ دَرشَنُ پايو پريِنءَ جن کي پاڻُ پَسايو
وِرهَ تن جو ويهڻ وڃايو "محبَ" اُنهن تي ناهي مَيارُ
تيمُ[7] نہ هوُ ڪو تِڪنديُون تِڪنديُون.

◆

---

(1) وَيَئي سُورَ ڦَٽَ (2) ڳهه زيور (3) دوائن (4) ويتر وڌيڪ، گهڻا (5) حڪيمن طبيبن (6) دوائون (7) ٽائيم وقت

(19)

عشقُ اديون اهڙو آهي، ڏِيو چوٽ(1) چَنبن ۾ چائي،
عشقُ جنهن تي ڪري اُليرُون،(2) ڳَليءَ ڳَليءَ سو ڳائي،
ڪن کي فرش تان عَرشِ اُماڻي، ڪن کي تَختُ ڇَڏائي،
شاهَ حُسينَ جهڙا شَهزادا، شوُقَئون شَهِيدُ ڪرائي،
مَردن کي ڏَيو ڪَئين مهميزُون،(3) گهاٽَنِ ۾ پيو گهُمائي،
سَوَنِ وَرِهيَن جي سِڪَ جا سِڪايَلَ، وڇڙيا "مُحبَ" مِلائي،

◆

---

(1) جهَٽ، لامارو (2) حملا (3) سختيون

(20)

عشقُ اَهڙِي ذاتِ آهي زابِرُ،[1] قدم ڪُلَ تي ڪُڏائي ٿو۔

ڌَيا[2] تي اُن سندو ڏاڪو عَرشَ تي وِيرَ[3] جو واڪو
ملائِڪُ، جِنُ، بَشَرُ،[4] چاڪو حُڪُمُ هَرَ تي هلائي ٿو۔

بَهادُرُ بانڪو،[5] بيچُونِي،[6] وِڙهي ٿو راندِ ڪا جهُونِي،
هَنيو نوڪُون ڪي نَظرُوني، گهُورُن سان گهوٽ گهائي ٿو۔

عقل ۽ علم جا صاحبَ، نظر سان ٿو ڪري نائِبَ،
رَمزَ سان رِندَ[7] وڏا راهِبَ،[8] مستُ مَجنون بنائي ٿو۔

عشقُ اِسلامُ ڇا جاڻي، نَڪِي ديول[9] مَندِرُ[10] ماڻي،
عوشاقَن تي اَثَر آڻي، مِلّتِ[11] پَنهنجِي مچائي ٿو۔

اول آخر عشقُ اَعليٰ، بِرهُ بَرتَر آهي بالا،[12]
ڪري ٿو "مُحبَ" متوالا، اَثَر عَقلِي اُڏائي ٿو۔

◆

---

(1) ظالم (2) ڌرتي (3) بهادر (4) انسانُ (5) دلير (6) سمجهه ۾ نه ايندڙ (7) درويش (8) عيسائين جا تارڪ الدنيا فقير (9) عيسائين جي عبادتگاهه (10) هندن جي عبادتگاهه (11) مذهب (12) مٿانهون

(21)

عشق جا اهڙا ڪمَ، ڍِيڍُن سان ڪري يارَ ديوانا.

عشقُ عزم[1] ڪري جنهن گهر آيو دَردَ جو ٿنهن ۾ ڏِيپُ[2] جلايو،
شوق وڏا ڪري شمَ، پڙ تي پچائي ڪئين پروانا. - عشق جا......

"سُبحاني[3] مااَعظم شاني"، هَرِ جا هوڪا ڏِئي ٿو حقاني،
دُرسُ[4] هٽِي اهڙا دمَ، نيزي تي ڪري سِرَ نِشانا. - عشق جا......

عشق جي ٻيڙي قَدم جن ڌَريا، بَحرُ[5] عميقَ جو ٿهدل ٿَريا،
غَرقُ ڪري سارا غمَ، اوڙڪ[6] ۾ تن ڪيا آستانا.[7] - عشق جا......

"مُحبَ" مسيحا[8] عشقُ اُهوئِي، مُئَل دِليون ٿو جِياري جوئِي،
هادِي[9] ساڻُ حُڪمَ، ٻرهُ ميٺي ٿو مِڙيئي ٻهانا. - عشق جا......

◆

---

(1) ارادو (2) ڏيئو (3) "آئون سهڻو ۽ وڏي [illegible]ن وارو آهيان" (4) سچ پچ (5) اونهو سمنڊ (6) ختم ٿيڻ جي حد (7) رهڻ جي جاءِ (8) جيارينڌڙ حضرت عيسيٰ جو لقب (9) مرشد، هدايت ڪندڙ

(22)

اهڙو ڪو اَثر عشق ۾ اظهار ٿي پِيُس،
ناتا ڇِني ننگ نِيات جا، نروار ٿي پِيُس.

مَئي جي محفل موج ۾، مون پيئڻ کان پرهيز ڪئي،
محبوب جي هڪ ميڄَ[1] تي، مَيخوار ٿي پيس.

مون اَمُر کي آمين ڪيو ۽ اَنجمن[2] ڪئي آفرين،[3]
سَر بَسَر ساقيءَ اڳيان، سَچار ٿي پِيُس،

هيءُ سِحرُ ڪنهن ساحر ڪيو يا عشق جو احڪام هو
صنم کي سجدو ڪري، ڪُفار ٿي پيُس.

تون مُحتَسبَ[4] مجبور جي، هيڏي هِجِوَ[5] ڇو ٿو ڪرين،
ڏوهئون ثوابئون ڏينهن ٿيا، ويسارُ ٿي پِيُس.

”مُحبَ“ تون مجلس اڳيان، ڪر حال حاضر هُوبهو
ڪنهن شوريده[6] شهباز جو شڪار ٿي پيس.

◆

---

(1) اشارو (2) محفل (3) شاباش (4) حساب ڪندڙ چوڪسي ڪندڙ (5) گِلا (6) ڪاوڙيل، مچريل، ڏنگو.

(23)

جي هُجين عاشق تہ اچ، هي اچڻ جو وقت آ،
ٿي نينهَہ ۾ نانگو نِسَنگُ، هي نَچَڻَ جو وقت آ.

جلاد(1) جِي ڏِسيو ڇُرِي، عاشق نہ ڏِيَنِ آڏو ٽِرِي،
ڪر اڳيان قاتِلَ سِرِ، هي ڪُسَڻ جو وقت آ. - جي هجين......

تون نامَ ٿو عاشق ڏَرين، پيو مَرڻَ کان موشو(2) ڪرين،
ڇو نٿو پيالو پرين، هي پيڻ جو وقت آ. - جي هجين......

عاشق هجين تان ڇڏ عُذُرُ(3) صادق ٿي ڪر سينو سُپَرُ(4)،
پروانو ٿي پِڙَ ۾ پَڌَر(5) هي پچڻ جو وقت آ. - جي هجين......

جي سِڪَ "مُحبَ" توکي سَهِي، تہ عشق ۾ لاشڪ لَهِي،
رمز رِنديءَ ۾ رهي، هي رَچَڻ جو وقت آ. - جي هجين......

◆

---

(1) قاتل (2) حجاب، پاسو (3) بهانو (4) مٿيرو سامهون (5) ظاهر.

(24)

آهي بره بهادر سُورمون،⁽¹⁾ دليون گهائي وجهي ٿو گهوُرَ مُون.
زهر جو لقمو ٿا عاشق کائن، چور کائين پلي چوُرمُون.⁽²⁾
”فَالذکرُونِي“⁽³⁾ آذکُرکُم“ سان، پَلَکُ نہ پاسي ٿئي پوُرمُون.⁽⁴⁾
عشق عشاقن جي آمهون سامهون، نينهن نهاري ٿو نوُرَ مُون.
آيو عشق کري امداديون، دم نہ ٿئي ٿو دُور مُون.
سَوَ لکَ ”مُحبَ“ سلام عشق تي، جو آيو آ هادي حضور مُون.

◆

(25)

تن ۾ تُنهنجِي تات، ويرو تار وجود ۾ وائي.......
ازلي آئون عليل عشق ۾، اثر ناهي ادويات.......
صورت تنهنجي کي ٿو سمجهان، قديمي قبلات.......
”فَاذِکرونِي اَذِکر کُمّ“ ميان، لئون لئون ۾ لفظات......
”فَثَمَ وَجَهُ اللهٰ“ وسين ٿو هر جاءِ تو حُسنات......
تو بن تَرکُ مٽيئي مقصد، ”مُحبَ“ مُرادون مات......

◆

---

(1) بهادر (2) چُوري (3) ’تون ياد ڪر مون کي تہ آئون ياد ڪريان توکي‘ (4) خيال

(26)

محبت رِيءَ مولا جي، ڪِينَ الفت اؤر ڪجي الا،
وحدت وره وجود ۾، ٻي چِنتا چُورُ ڪجي الا.
اِسم عجائب الف جو ڪٽي نافذ نُورُ ڪجي الا.
مَنُ ڪٽي مالها ٿاهجي، ٿَنهنجي دُرَ[1] دُرَ دؤر ڪجي الا.
ڪوهُ ڪَلِيمُ الله جو هيءُ تن ڪٽي طورُ ڪجي الا.
دل اندر درگاه ٿئي، جتان حاصل حضور ڪجي الا.
ماسوِيٰ جهڙي موه ڪي، ڪٽي ڏيهيءَ ڏورُ ڪجي الا.
ڪِرتِ اهائي ڪمائجي، ٻي "مُحبَ" نہ مورُ ڪجي الا.

◆

---

(1) موتي، داڻي داڻي تي.

سوزِ عشق

(1)

هِجر(1) ۾ هِي حالُ آ، مُونجَهه مَلالُ(2) آ،
مِلو جَلدُ جِيءَ جا جِيارا، وِڇوڙو وَبالُ(3) آ.

دَمِ دَمِ لَبن تي تُنهنجوُن يارَ باتيون، وِڇوڙي ۾ گُذِرَن ڏُکيا ڏِينهن راتيون، سالَ تي سالُ آ، هِيڻو مُنهنجو حالُ آ، جدا يار توکان جيئَڻُ مَرڻَ جي مِثالُ آ.....

اَلستِي اوهان سان آهي پيچُ پِيڙو اُڏامِي عقلُ ۽ هَٽان هوش وِيڙو جوشُ جَلالُ آ، اندر ۾ اُبالُ(4) آ، ڀَلا نيٺ سائين تنهنجي ڀَلائِيءَ جو ڀالُ آ.....

اکڙيون اَزلَ کان اوهان لءِ اُداسِي، صَنم تنهنجي صُورتَ پَسڻَ لءِ پِياسِي، خوُبان خوبُ خيالُ آ، ناله تي ناله(5) آ، ڪيو مَستُ مون کي ساجن ڪِيو(6) تُنهنجي خيال آ.....

سوين سُورَ سَختيون ۽ صدما سَهان ٿو مگر "لاتَقنطوُ"(7) جي تاريءَ تڳان ٿو طَلبِ وِصالُ(8) آ، ذوق لازوال(9) آ، مُکَ(10) تي مُدامِي تُنهنجِي "مُحبَ" مَقال(11) آ.....

◆

---

(1) جدائي (2) ڏک (3) مصيبت (4) تَسِڪڻُ (5) شڪوه (6) خوش ڪيو (7) "آسرو نه لاهه"
(8) ميلاپ (9) نه ختم ٿيڻ وارو (10) مُنهن (11) ڳالهه

(2)

پَونِ يادِ پَل پَل پِرينءَ جون پَچارُون،
وَٽان مست موهيو لڳيون ڪي لَغارون.

نَٿيون ويرَ(1) وِسِرَن عَزم سان ٿيون اُسِرَن،
نَيون ٿيو پيون نِسرن، پِريمِي پُڪارُون.....

چَڙهِي چوٽَ ڳَن ٿيون، ڏيکايُون ڏِيَن ٿيون،
پَلءِ مون پَون ٿيون، هِجِرَ جون هُونگارُون.....

گهايو ڪن ٿيون گهيرا، وِچن ڪين ويرا،(2)
لائِنِ دل ۾ ديرا، عشق جون اُچارُون(3).....

هي رَمِزُون رَسائِن، پرين ٿيون پَسائِن،
”مُحبَ“ ٿيون مِلائِن، طَلبَ جون ڪي تارُون.....

◆

---

(1) گهڙِي (2) هِڪ گهڙِيءَ لاءِ (3) يادون.

(3)

پلپل تنهنجي پياس پرين، من مست ڪيو مَخمُور آ،
دُور گذارڻ توکان دلبر، سَهڻ وڏو مون کي سُور آ.

دَمِ جنهن توسان دِيد اَڙِي، جِيءَ سان جِيءُ ۽ جان جَڙِي،
هِي سينو منجه پيو سوزَ سَڙِي، جڻ تو ۾ تجلي طُور آ.

روئندي گذري رات ڏکن جي، ساعت سنيران ڪِينَ سُکن جي،
دل ۾ دُونهِي دُودَ دُکن جي، نينهَن چِڪيو ناسور آ.

ڏينهن هجي توڙي رات ڪٽي، تن ۾ تنهنجي تات گهٽي،
هڪ جاٽي پَرورُ پاڪ ڏٺي، اهو دم دم سان دستور آ.

“محبُ” ٿو عاصي عرض ڪري، ڏي ڪو وصل جو جام پري،
هڪ توبِن ساعت ڪين سري، ٻيو محبت ڪيو مجبور آ.

◆

(4)

نَمونا نينهن وارن جا، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا،
اِشارا عشق وارن جا، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

مَچِي ميخاني ۾ مُحڪم(1) پِيَن ٿا پُر ڪري پيالا،
مَٿِيءَ(2) وَٽِ سِرَ مَتارن(3) جا، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

جاتي مدهوشَ ڪن محفل، رِهاڻيون راز جون کولي،
مزا اُتِ ميخُوارن(4) جا، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

هميشه سي هجر وارا، مُثَلَ محبتَ سندا آهن،
اُنهن کي پَهَ پيارن جا، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

قربدارن تي ڪئين پيرا، ڪري ٿو گستَ(5) مان ڪاهيو
حُسنُ حملا هٿيارن جا، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

وِرِهَ(6) وارا وَڏيل ويهي، بَتائِن بِرِهَ جون باتِيون،
سُخن سهڻا سچارن جا، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

ازل کان عاشقن آهي، ملامت ”مُحبَ“ مَنظورِي،
مٿي سِرَ بارَ بارَن جا، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

◆

---

(1) ثابت قدم (2) شراب جي مٽيءَ (3) پهلوانن (4) شرابين (5) ڪاوڙ تيزي (6) سوز عشق، ڏک.

(5)

بيوَسِي آهي قيد ٿي، محبوب جي دامَن(1) ۾ دل،
جيئن پکي ٿئي قيد پنجري، سور جي سامُن(2) ۾ دل.

اهڙو ڏنم جلوه جِڪُسِ،(3) دل تي بنيو نوري نقش،(4)
تصوير جو اعليٰ عَڪس،(5) موهي ويو مامُن(6) ۾ دل.

اڪ ڪي ڏسڻ جي رِيسَ پئي، حاڪم حُسن جي هِيسَ ڪئي،
جڻ ڪَشَشِ مقناطِيسُ(7) ڏَئِي، ويو آ جهَٽي جهامُن(8) ۾ دل.

اهڙي عنايت عشق ڪئي، اڪِ سان اڪِ آٽڪِي پئي،
دلڙي هٿن مان دور وَئِي، گوندَرَ(9) سندي گامَنِ(10) ۾ دل.

آخر خبر مشهور ٿِي، هن عشق جي مذڪور جِي،
”مُحبَ“ جِي منظورِ ٿي، نينهن جي نامَنِ(11) ۾ دل.

◆

---

(1) جهولي، پکين ڦاسائڻ جي ڄار (2) آجَهن، اوٺن، پناهُن (3) سندس، هُن جو (4) چِٽُ، تصوير (5) پاڇو (6) ڳُجَهه ڳوهَ (7) لوهه ۽ چانديءَ وغيره کي ڇڪَ ڪندڙ ڌاتو (Magnet) (8) جهَٽِڪَن، ڇڪَن، ڪشِشِ (9) ڏک، هڪ قسم جي ڦلِ (10) ڳوڙَن (11) نالن.

(6)

منهنجي دل کي دلبر ڪُهِي ڪيُئہ ڪباب،
ڪريان ڪيئن مان هاڻي بنايُئہ بيتاب.

پرين تنهنجي پُورن، سڄڻ تنهنجي سورن،
گهايو تنهنجي گُهورن، عوشاقي عذاب.

منهنجو قلب ڪوري، وِڍيَئہ جان جهوري،
ڏيان سِرڙو گهوري، مان شاهي شتاب.(1)

نظر نيڪ نرمل،(2) ڪجان نوري نورل،
مٿان "مُحبَ" مُرسل(3) حشر جي حساب.

◆

---

(1) جلدي (2) پاڪ (3) رسول ڪريم صہ

(7)

دل تي چري پئي دلبر، طلبِ وصال ۾ ميان،
’سِجنِ[1] الّقَلبُ‘ کيو تو قربِ ڪمال ۾ ميان.

شمس و قمر چا ايندا تنهنجي مورت مثال ۾ ميان،
چوڏهن طبق تي ويا روشن، حُسنِ جمال ۾ ميان.

تنهنجي صفت آ سهڻا، اعليٰ احوال ۾ ميان،
شاعر لکي چا لکندو عزتِ اقبال ۾ ميان.

طالب رهن ٿا تنهنجي، قِيل و مَقال ۾ ميان،
تنهنجي تي هاڪ هرجاءِ، جنوب[2] و شمال[3] ۾ ميان.

شب روز گذري توبِن، حيرت جي حال ۾ ميان،
هردم آ ”مُحبُ“ مَفتون، مجنون مثال ۾ ميان.

◆

---

[1] قلب جو قيد ۾ پوڻ (2) ڏکڻ (3) اتر.

(8)

جدائيءَ ۾ تنهنجي جاني، فِراقن دل ڦَٽِي آهي،
فراقن دل ڦٽي آهي، ڪا سوزن دل سَٽِي آهي.

رهي پيو روز شب تُنهنجو تَصَور صوُرَتِي مَنَ ۾،
يڪايڪِ يادگيريءَ ڪان، نہ هرگز دل هَٽِي آهي.

وجودئون ويا مِڙَئي وِسرِي، ڪائڻ خوراڪ خوشحالي،
رهيو آ سوز بَرِ سينہ(1) خوشِيُن ڪان دل ڪَٽِي آهي.

هُجي آغوشُ بَسِ تُنهنجو ڳبو ڇا زُهد و(2) تَقِويٰ ڪي،
بِنا بوسي(3) لَبِي تُنهنجي، ٻِي لَذتَ دل لَٽِي آهي.

مُدامي "مُحبَ" آ من ۾، مَتو مَذِڪورُ(4) مَحِبوُبي،
عطا ٿيو عشق آ اَبِدي(5) نہ محبت دل مَٽِي آهي.

◆

---

(1) دل تي (2) عبادت ۽ پرهيزگاري (3) چمي (4) ذڪر، ڳالهہ (5) هميشہ قائم رهندڙ.

(9)

سرتيون ھي سور فراق جو لٿو نڪي لھندو
لٿو نڪي لھندو اِھو روز پيو رھندو.....

جِيءُ نہ ڄاڻان جيڏيون، اھو سوز ڪيسين سَھندو. .....

سَنڌو پئي نہ سورَ کي، پر پاڙان وڃي پَھندو.(1) .....

ڳَري ڳَٽين وچ ۾ منھنجو ڊؤل وڃي ڊھندو. .....

گَر(2)ھَلُ منھنجي قرب جو پيو قاصد ٿي گھَندو. .....

اٿم آس الله ۾ وري "مُحبُ" اچي ملندو. .....

◆

---

(1) وڏندو (2) اُٺ.

(10)

ڪڏهن محبوب سان منهنجي وصل جو ڏينهن خدا ٿيندو
خوشيءَ سان غم ويندو مٿجي، وڇوڙو الوداع ٿيندو.

ازل کان ان سان ٿي الفت ٻڳچيءَ ۾ دام پيو زُلفت،
ڪندس آئون ڪينڪي ڪُلفت، توڙي دنيا کان دم جدا ٿيندو.

ڪريان ٿي درد مان دانهون، سُڄ الله تون آهون،
ڏسان شل ڏينهن سو آئون، عرض منهنجو ادا ٿيندو.

دلڙي ٿي جنهن کي ساري، وصل جي واڳ شل واري،
اچي مون وٽ گهڙيون گهاري، گلي جو گل سدا ٿيندو.

”مُحبَ“ کي يار ملاءِ مولا، سيئي ڪم ٿين سولا،
اڪين جا هي لهن اولا، نہ تہ فڪر ۾ سر فدا ٿيندو.

◆

---

(1) وارن جو دام.

(11)

دل ۾ سهڻي يار جي تصوير هردم ياد ڪر،
۽ وسائي بره بوندون دل چمن آباد ڪر.

پُورَ ۾ رهجان پرين جي، سور ۾ گهارج سدا،
پتنگ وانگر پاڻ پنهنجو بره ۾ برباد ڪر.

پرت وارو پيچ پائي، فڪر ۾ ٿي وڃ فنا،
جان ۾ تون جوش ٻاري، درد سان دل شاد ڪر.

قول رک قائم اندر ۾، ٻول نا ٻئي کي ٻُڌاءِ،
رات ڏينهان دل جو دل ۾، فڪر جو فرياد ڪر.

من ۾ ٻارج موج مستي، پير نا پوئتي هٽاءِ،
سر وڍي ساجن اڳيان، اُٿي "مُحبَ" تون ماد(1) ڪر.

◆

---

(1) خوشي خمار.

(12)

حوالي سِرُ حَسِينَن جي، جيڪا منٺار جي مرضي،
دکائي دل دلاسو ڏي، جيڪا دلدار جي مرضي.

وڌيون دل ۾ سچڻ ساحر،[1] زنجيرون زلف جون ظاهر،
ڏڪاري يا ڪري واهر، اڳيئون اختيار جي مرضي.

ارادو يار جو آهي، خنجر کي خوب پيو لائي،
اسان سِرڙو ڏنو نائي، طمع تلوار جي مرضي.

بحِرِ غم دل غرق گهاري، لڳي ڪنهن پَرِ سا ڪناري،
ٻوڙي يا تار مان تاري، عشق جي آر جي مرضي.

ڪيان آئون نِتُ اڳيان آزي، نهايت نياز سان نيازي،
رهن راضي يا بي راضي، پِريَن جي پيار جي مرضي.

"مُحبَ" جنهن سان اڙيو آ انگ، تنهنجي ڏِسُ راز جو تون رنگ،
اسان جو پڻ ننگيءَ تي ننگ، سندم سردار جي مرضي.

◆

---

[1] (1) جادوگر

(13)

دل ڪنون ڏوري نهين هي، درد ڪو دم يار دا،
درد ڪو دم يار دا، غالب جگر غم يار دا.

اکڙيان ساجن ديان ڳُنڌڙيان ڪاليان،
روز ڪُهن سي رمزان واليان،
دم دم مارن ديد دو ناليان،
حاضر هدف(1) هم يار دا.

قرب دا ڪوئي پُر جام مئن پيتا،
جو پُر ڪر پيارل مئن نون ڏوران ڏيتا،
عشق اندر آسِتانہ ڪيتا،
ٿاڪُ(2) اُٿهان ٿمُ(3) يار دا.
اِهو بره دا بادل بن ڪر آيا،
جنهن قلب اُتون ميڏي ڳڙڪا لايا،
واءُ وره وحِدت وسايا،
جهُڙ اُٺا جهَمُ يار دا.
عشق لڳا هئي اِهو آٿباتي،
ڪي رند ڏيوَن اڳُون چيري چاتي،
ڏيک "مُحبَ" مُڏڙي نال ڪاتي،
هي ڪُهڻ ڪم يار دا.

◆

---

(1) نشانو (2) ويهڻ جي جاء (3) لِڪي ويهڻ جي جاء.

(14)

اصل عاشقن جون دليون دار[1] غم جو
گلي ۾ گُلابِي هِجرُ هارُ غم جو.

دل ۾ ڪن سي دانهون، ٻڌي نہ عام آهون،
ٻي ملامت مٺاهون، بِرهُ بارُ غم جو.

روح ۾ روڄ راڙو پَسي ٻيو ڪين پاڙو
تنواري جيئن تاڙو ٻِرهَ پارُ[2] غم جو.

پل پل ٿا ڪن پُڪارون، ديدار تن جو دارُون،[3]
تَنَ ۾ تمام تارُون، نيٽن آ نارُ غم جو.

من ۾ "مُحبَ" محبت، سورن سان تن جي صحبت،
عَڪسُ[4] عجيب اَلبَت، اٿن نارُ غم جو.

(15)

جيڪا ڏِيل ڏکن ۾ ڏاري ٿي،
مولا وارث ورڪي سا واري ٿي.

نيچ سڏايو چي نام ڪي، مَئن ڪي ڪڍيو جا ماري ٿي.
پايو چي پاند ڳچيءَ ۾، جيڪا هئي هئي هنجيون هاري ٿي.
رکيوچي سِرڙو سَٿَ ۾، گهايل گهڙيون جيڪا گهاري ٿي.
اَلست بِرَبڪُم قالُو بَليٰ، سچو "مُحبَ" سخن جا ساري ٿي.

◆

---

(1) گهرُ، تختو (2) ڏوراپو يادون (3) دوا (4) پاڇو.

جام ساغر و مينا

(1)

مدهوش جي مُغَنَ(1) مان، ڪو ساغرِ پيارِ ساقي،
پُرُ جام ڏي پريمي، اِنَ مَئي جو آهيان مُشاقِي.

ساقي چو دير لايءِ، پيالي ۾ پَٽُ(2) نہ پايءِ،
روح ۾ رِجا(3) رهايءِ، خوش دل ڪيءِ نہ خاڪِي.

سو جام ڪر عنايت، مَجِنُونُ جنهن جي ماهيت،(4)
ٿئي نيبهُ نشو نهايت، جو دم جيان پيو جاڪِي.(5)

ڪر ظَرفُ(6) پُر ظَهُورا،(7) جنهن سان نہ تُل(8) طَهُورا،(9)
ٿين پنج ئي حواس پورا، بوءِ ڪا رهي نہ باقِي.

حاصل ٿئي هوُنگَ هوُ جِي، وڃي تات تون ۾ مون جي،
منجهہ ”مُحبَ“ تونهين تون جي، ٿَنَ مان ڪُلي ڪا تاڪِي.(10)

◆

---

(1) شراب (2) شراب جو ڍڪُ (3) حسرت، آرزو (4) اصليت (5) جيستائين (6) ٿانءُ، پيالو (7) ظاهري شراب (8) برابر (9) بهشت جو شراب (10) دَري

(2)

پُرجام عشق دا پيتا مئن، سرگهور سچڻ تون ڪيتا مئن.

ريب دي وچ ڪوئي زيب هويا، حُسن دا تجلا غيب هويا،
اهو جام هٿاوڻ عيب هويا، سو تہ نال سمل(1) ڪر نِيتامئن.

مئي دا پِيوڻ مَرڪُ مئينون، جام ڪِيتا غم غرق مئينون،
هويا پَسڻ پريان دي فرق مئينون، سو تہ مَرِ مَرِ ڪي هُڻ جِيتا مئن.

سَهِي ڪيتوسين مئي دا پِيوڻ، مَست مَحوُ متوالي ٿِيوڻ،
سجڻ سواءِ هُڻ ڪيها جيوڻ، قرباني سِرُ ڪيتا مئن.

”مُحبُ“ پيتاهُڻ جام وصل دا، ننگيءَ مٿي ننگ نام نسل دا،
اهو پيالا ڪوثر آب اصل دا، هادي نَبِي هَٿِ ڏِيتا مئن.

◆

(3)

پرين پياريو پرت مان وصل جو ڪو جام جام،
وصل جو ڪو جام جام، اَٿوَ الله نام نام.

اک اڙائي مَندَ پڙهائي، جادوُ سان وئين جِيءُ جَڙائي،
قرب ۾ وئين مون کي گَڙائي، دوست وجهي دام دام.

پرت پيئي سُرت ويئي، ڏک جي ڏسيان ڳالهہ ڪيهي،
ويامَتِ عقل ۽ هوش ٿيئي، هِنئين سَندِي ڪا هام هام.

مهر ڪري ڏيان ڏري، پرين اڄ تون پير پري،
ساعت نہ هڪ منهنجي سري ڇاڻِي تون پنهنجو ڇام ڇام.

ڏينهن قيامت شاهي شامت،(2) ”مُحبَ“ تان لاهين ملامت،
نوري ڪجان تون نور جي نيامت،(3) سيد تنهنجي سام سام.

◆

---

(1) سمر يا سفر جو سامان (2) تڪليف (3) نعمت، مهرباني.

(4)

اندر محبوبَ ميخاني، ڪِهيو(1) مينا(2) پيِ قُل(3) قُل قُل،
سَجڻَ هَٿَ ۾ ڪٽي ساغر، پياريو پٽُ(4) ٿي پِلِ پِلِ پِلِ.

منهنجي دلڙي پيئي هِرڪِي، چَپُمِ ساغرَ ۾ ڏي سُرڪِي،
پياريئين مَئي مَستُ مُرڪِي، وجهي وحدت جي وَلِ(5) وَلِ وَلِ.

عقل گم ٿيو پيالي ۾، نيائين رنگَ نرالي ۾،
عشق آيو اُجالي(6) ۾، چيائين، ”ڙي هوشَ هَلُ هَلُ هَلُ!“

طبع(7) جي تَبِ(8) تفاوت جِي، خبر پئي مَئي جي ماهيتَ(9) جي،
رِندِيءَ جي ”مُحبَ“ راحت جِي، لڳي وَئي جِيءَ ۾ جَلِ جَلِ(10) جَلِ.

◆

(5)

آسانون هي ذوق زهردا، ويسُون موڪي دي ميخاني

موڪي ڏيسين پَرمست پيالا، ويڳُ وِرهُ وِڪُ وحدت والا،
دم تنهن ٿِيسُون ديواني.

’عرقُ آفعيِ‘(11) پِيِ عشقِ دا شربت، علم عقل ڪون ڏيسون رخصت،
نِينهن وچ ٿِيسُون ناداني.

مئي(12) پِيِ من ڪُون مست ڪريسُون، موڪِي دي وچ ماڳ مريسُون،
حُب وچ ٿِيسُون حيراني.

”مُحبُ“ آکي اسان مُول نہ مُڙسُون، سَروّ سُبحانِي دي سوزوچ سَڙسون،
جيوين پچندي شمع پرواني.

◆

---

(1) چيو آواز ڪيو (2) شراب جي بوتل: مشهور پکيءَ جو نالو (3) بوتل مان شراب اوتجڻ جو آواز
(4) شراب جو ڏُڪُ (5) وري وري (6) روشني (7) مزاج (8) تذهن (9) اصليت (10) باهہ (11) نانگ جو زهر
(12) شراب

نيڻ اکيون

(1)

دلبرَ دم دم دَرشن تون ڏيندو رَهہُ، آڏو يارَ اکين جي تون ايندو رَهہُ.....

دل يار اوهان لءِ اُداسي ٿِي، هڪڙو پَلڪ پرين ڪين پاسي ٿي،
ايڏو وِرهُ وِڇوڙو ڪِينَ باسي ٿي، هادِي حالَ جو مُحرمُ(1) تون ٿيندو رَهہُ.....
ڪريو گُفتا گَڏُ ڪي گُذارَڻَ جا، مِٺا گهَرِ تہ اسانجي وَرِي گهارَڻَ(2) جا،
ديدار سان دل کي ٺارَڻَ جا، چؤبولَ(3) چَپَن سان تون چِيندو رَهہُ.....
اکيون گهوريون گهُمَن، تو لءِ يارَ سدا، سُکِ ٿِي ڪِينَ سُمَهن توکان جاني جُدا،
آهي خيال اِهو هِڪُ تو ڄاڻي خدا، پنهنجي نالِ اسان کي تون نِيندو رَهہُ.....
اِچي دردَ وارن کي ديدارَ ڏِجن، ڪِينَ ماٺا ايڏا "مُحبَ" ڪجن،
جيڪي طالبَ رکندا طلبَ هُجَن، ويڙهي(4) يارَ ٿَنين جي تون ويندو رَهہُ.....

◆

---

(1) ڄاڻو (2) گذارڻ (3) مٺڙا آواز (4) پاڙي ۾

(2)

ناگهہ(1) نيڻ اچو ٽا اٽڪن، بره يارو ٽي بي اختيار اچي ٽو.
عشق عدم ڪان ئي عامل ڪامل، هرفن جو ٽي فنڪار اچي ٽو.
ظاهر باطن آ ظهورو اُن جو حسن منجهان ٽي هبڪار اچي ٽو.
وس ڪان بي وس وره ونگي ٽو نيٽن مان ٽي نروار اچي ٽو.
لوڪ ملامت طعنا پائي ڳانا، هر حملي ڪان ٽي هوشيار اچي ٽو.
سوين سرن جو صدقو ڏيئي، خدائيءَ جو ٽي خريدار اچي ٽو.
"مُحبَ" مَلڪُوتي(2) منصب(3) خاطر، عشق اصل ٽي اوتار(4) اچي ٽو.

◆

---

(1) اوچتو (2) عالمِ ملڪوت (تصوف جي هڪ منزل) (3) عهدو (4) ولي، نبي.

(3)

مارِيُوَ اسان کي نيٽان نهاري، ڪوڙيو نينهن نيزو نيهي نظاري
جوڙي جوڙ جنگي جلوو ڪيو تو پري باڻَ(1) بٽڇون بَلوو ڪيو تو
پنهنجي حُسن جو حملو ڪيو تو سگهي ڪير سامهون بازي بيهاري

تنهنجي حُسن جو هر جاءِ هاسو(2) ڏِٺي دِيدَ جنهن ٿيو خادم خلاصو
مَفتُونُ(3) مَجنون مُڙي ڪين ماسو آٽي اَڏِيءَ تي سِرَ کي سينگاري

نظرن جي سامهون جيڪو اچي ٿو ڪڏهن ڪين هر گز بينل بچي ٿو
پرواني وانگيان پِڙَ تي پچي ٿو مري توڙي جيئي اوهان جي اشاري

'اَرِني '(4) اکين ڪيئي مهمير(5) ماريا، ماري اِذن(6) سان جُڳُ جُڳُ جياريا،
ڏيئي "مُحبَ" محبت وحدت ڏي واريا، چڙيا عشق تُنهنجي عالم اُجاري

◆

---

(1) تير (2) خوف، دبدبو (3) فدا ٿيل (4) حضرت موسيٰ عليه السلام رب پاڪ کي چيو هو تہ 'رَبِ اَرِني' يعني "اي رب! پنهنجو جلوه ڏيکار" ۽ جڏهن رب پاڪ جلوه ڏيکاريو تہ حضرت موسيٰ بيهوش ٿي ڪري پيو هو ۽ جبل طور سڙي پيو هو. هي 'ارني' ان واقعي ڏانهن اشارو آهي. (5) بهادر (6) حُڪم.

(4)

نيڻن واري ناز سان، مون کي پِرينءَ لَئون لائي.
محبت ميخ مجاز جي محڪم، جَڙ لڳيم جائي......
عشق واري اسباب جي اعليٰ، ڪَل پِيَم ڪائي......
سُرتِ واري سَمونڊ ۾ سالم، ٻُڏِي ڪُل ٻيائي......
’اَنا اَحمَّد بِلا مِيمِي‘، صورت پڻ سائِي......
”مُحبَ“ مُدامي عشق عطا ٿيو وحدت جي وائي.....

◆

(5)

نگاهن تيز تنهنجين کي، سُپرَ(1) سينو نہ کو ڏيندو
تنهنجي تجليءَ جي تيرن جو تخمينو(2) نہ کو ڏيندو.

ٽُنهنجي نينَنِ سندا نيزا، دُلارا(3) دِلِ وَسن دائم،
منهنجي مظلوم دل جهڙو ٻيو زخمينو نہ کو ڏيندو.

چِشِمَ چوٽون ڏين اَهڙيون، اچوکن حَلقَ(4) تي حملا،
مِثِل اِنَ ريت مون جهڙو مُقيدِينوُ(5) نہ کو ڏيندو.

’عِشوهِ(6) عين‘ مان جنهن دم اچن شوخِيءَ سَنديون شاخون،
مقابل غم زده مون سان، ٻيو غمگينو نہ کو ڏيندو.

عجب محبوب اک ٽُنهنجِي، ’مِرِاَةُ الحَقُ‘(7) محض(8) آهي،
”مُحبَ“ لءِ آرسِي اهڙي، ٻيو آئينو نہ کو ڏيندو.

◆

---

(1) سامهون، ڍال (2) اندازو (3) دل وارا، سهڻا (4) نڙيءَ (5) قيدي (6) ’اک جو نخرو‘ (7) ’حق جي
آرسي‘ (8) فقط

(6)

تنهنجي ديدن سان دويدو ٿي، جيڪي عاشق ٿا يار آٽڪن،
ڪنيو پنهنجا هو سر ترِيُن تي، پرپاسي يار ڀِٽڪن.

تنهنجي نظرن جيڪي نهاريا، سي واپس ڪنهن نہ واريا،
اُهي مجنُونَ مستَ ماريا، سُهڻين جي يار سَٿِڪن.

اکڙيون ٿيون ڪن اُڏامون، سُورهيہ ايندا ڪي سامهون،
طَلِبين دل جو طعامون،(1) ڏيو جهام(2) يار جَهتِڪن.

هي جلوو جتي بہ ٿيو آ، تہ پتنگن ۾ جوش پيو آ،
اڇي تجليءَ جو طواف(3) ڪيو آ، ڪِٿان جي يار ڪَٿَڪن.(4)

نظرن جون نوڪُون نيزا، ڪن ٿيون روح ريزا(5) ريزا،
ٿَبرون(6) هڻن ٿيون تيزا،(7) هَٿيون نہ يار هَٿِڪن.

آيا مانجهي مَلِهي(8) مَٿِيءَ(9) تي، ۽ حاضر حُسن هَٿِيءَ(10) تي،
هو پُر ٿي ڪريا پَٿيءَ(11) تي، اُهي "مُحبَ" يار مَٿِڪن.(12)

◆

---

(1) ڪاڌو طعام (2) ڇڪ، ڪشش (3) چوڌاري چڪر لڳائڻ (4) وڏا ميڙ (5) ذرا ذرا (6) ڪهاڙيون (7) تيز (8) خوشيءَ سان (9) شراب جي مَٿِي يا حسن جي مَٿِي (10) هَٽُ، دوڪان (11) اُتي جو اُتي (12) مَٿَن تي.

(7)

قُرب وارن ڏي الا ڪِينَ يار شوخيءَ ساڻ ڏِسُ،
ڪر نظر ڪا مِهرَ وارِي، حال هِيڻيءَ جو تون پَسُ.

توجا هَنئين قاتل نظر، عشق توڙيا سڀ عذر،
تو بنا ڪيئن ٿئي گذر، آهين جان جوهر جو تون جَسُ.

هامَ تنهنجِيءَ پئي هلان، جِيءَ ۾ جانب پئي جلان،
پر بدنَ هن بي ڪلان(1) جي، روح جِي آهين تون رَسُ.

لَڪَ اميدون ٿي رڪان، دم دم عَرِيضِيون(2) ٿي لِڪان،
پئي سبق سُورَن جو سِکان، اڇي قلب تان ڪورين تون ڪَسُ.

ويٺين مون کي ڪيئن وساري، اڄ سڄڻ منهنجي اوتاري،
پر "مُحبَ" تي هاڻي مهر واري، مِينهن وانگر ٿي تون وَسُ.

◆

---

(1) بي طاقت (2) درخواستون

اسرار سارو اندر ۾

(1)

پنهنجي پاڻ کي پڙهي ڏس، پيا پڙهين تو ڪتاب ڪھڙا.
دل 'اُمُ الڪِتاب'[1] آهي، پيا نُوچِين[2] نصاب ڪھڙا.

هِي چارئي ڪتاب شاهي، تنهنجي ٿا ڏين گواهي،
آهين ساڳيو تون سِر اِلاهي، پيا حالي حجاب ڪھڙا.

آهين سامهون ۾ سُوبَسُو[3] تون، حاضر ۾ هُوبَهُو تون،
هي ديدار دُوبدُوتون، پيا ناحق نقاب ڪھڙا.

تون آهين اصل عجوبو ۾ ساري دنيا جو صوبو
تون خُوبن ڪان آهين خُوبو پيا خيالي خطاب ڪھڙا.

هِيءَ معنيٰ جي "مُحبَ" ڄاڻين، آهي حباب[4] ساڳيوئي پاڻي،
جي تون صورت وجهين سڃاڻي، پوءِ حرفي حساب ڪھڙا.

◆

---

(1) ڪتاب جي ماءُ (2) غور سان پڙهين (3) هر طرف (4) پاڻيءَ جو بوڙبندو.

(2)

جوڙي ڳول جسم، ’وَفِي اَنفُسڪُم‘[1]
سارو راز ربي، آهي منجهيئي مُبَهَم.[2]

ناهي دلبر دُور، ڇوٿو ڳولين ڏُور،
ويجهو وَنحَن تو ۾، ڪيو ذات ظهور،
هردي[3] منجهه ٿئي حضور، اندر الک اسم.

ڏس تون ڌيان ڌري، اونهو غور ڪري،
ڪُوڙي ڪايا ۾ جِيوَت جوت ٻري،
اُن جي ذوق ذري، ڪٽي پيئي ديهي دم.

تو ۾ تيرٿ تڪيو هادي هوت هڪيو
جامو سير صفاتي، آهي ڍول ڍڪيو
شڪَ ۾ ره ناشڪيو آهي هِيءُ هوُ هَمُ.

پوٿي دل جي پَٽي، معنيٰ ”مُحبَ“ جَهٽي،
حق تون حاضر ڇئو سارا سبب سَٽي،
ڪينو غير ڪٽي، ڪر ٻيا خيال ختم.

◆

---

(1) الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ ”آئون توهان جي نفس ۾ موجود آهيان“ (ق ش) (2) ڳجهو لڪل (3) دل.

(3)

صورت ۾ آ سَير سڄڻ جو ديهِيءَ ۾ ڏِيدارا نور نظارا
’خلقِ آدم عليٰ صورته‘، جامي ۾ جنسارا سَوين سينگارا.
’اَلانسان سِرِي وَ اَناسِرَه‘، پيچِي پيچ پيارا ناز نيارا.
’اَنا اَحمّد بِلا مِيمي‘، اهڙا ڏئي اعتبارا سُخن سچارا.
هر مظهر ۾ هادي هرجاءِ، ”مُحبَ“ رهي مُختيارا حسن هزارا.

◆

(4)

پنهنجي پاڻ پَسَڻَ لئه، اَلَهُ آيو آ. آيو هِي رنگ لايو آ.
عشق عدم جو پردو هٽائي، چوڏس کي چمڪايو آ.
’خلقِ آدم عليٰ صورته‘، پوش آدم جو پايو آ.
’اَلانسان سِرِي و اَناسِرَه‘، فُرقانَ ايئن فرمايو آ.
بَسِمِي(1) بشر جو بيک بنائي، بار بره جو چايو آ.
محبت جي ميدان ۾ محڪم، مَچڙو ”مُحبَ“ مچايو آ.

◆

---

(1) خاڪي چولو.

(5)

پنهنجي من ۾ پائي جهاتِي، داوِري دربار ڏِسُ،
داوري دربار ڏس، تون هُو وري هربار ڏِسُ.

بي رنگي آ رنگ ۾ آيو ويجهو وَنحَن پيو وسي،
ٿي نفخ⁽¹⁾ نُورِي اثر کان، خاڪ خوشبودار ڏس.

صاف صورت ۾ سراسر، آيو صورت جو سبحان،
آدم عليٰ صورت سبحاني، مظهري مختيار ڏس.

جسم ۾ جاني جنهين کان، جسم جلوه گر ٿيو،
ٿِيل ’اَناسِرَه‘ اشارو السٽِي اقرار ڏس.

”مُحبَ“ مُورت ۾ مَحو ٿي، سِکُ اهوئي تون سبق،
خود آيل معنيٰ خدائي، عبد⁽²⁾ ۾ اظهار ڏس.

◆

---

(1) هوا يا الاهي دم (2) عبد= ٻانهون.

(6)

اَلَهَ انسان جي دل ۾ نمايان ناز تو نهين تون،
سراسر رنگ صفاتيءَ ۾، اندر آواز ٿُونهين تون.
'نَفَختَ فِيّهِ(1) مِنَ الرُوحِي'، پيئي ٿُراب(2) ۾ تجلي،
اندر گِلِ وَ آبَ(3) جي آهين، روحاني راز تونهين تون.
'اَنَا سِرَه' چئي آدم جي، رهين پيو مام ۾ مخفي،
بَصِيرُ(4) ٿي خود اچي بڻئين، سَمِيعُ(5) وَ ساز تونهين تون.
"مُحبُ" مشتاقُ تون محبوبُ، پَساءِ تجلي ڪا طالب ڪي،
بس محتاج مان آهيان، نڌر(6) نواز تونهين تون.

◆

(7)

دَرميان آهي دل جي داوَرُ(7) مسجد، مڙهي، مندر اُتي،
لوح وَ قَلم، ڪُرسي ۽ ڪعبو اَرض(8) وَ سَماءُ اندر اُتي.

نِتُ وَهن جِتِ نُورَ جا، درياءَ دهشت ڌوم سان،
پر بنيو آهي بره جي، ڪو بازِندَن(9) بَندَرُ(10) اُتي.

شَمسُ اُت شعلا ڪري، مشرق ۽ مغرب جي مٿان،
هُو رَينَ(11) جو روشن ڪري، سو چمڪندڙ چَندرُ(12) اُتي.

"مُحبَ" ڪر معلوم تون، آهي درگاه دل داوَرَ سَندِي،
پر رِندَن جي آ رياضت، وحدتي وِندُرَ اُتي.

◆

---

(1) "آئون آدم ۾ پنهنجو دم پلٽيان پوءِ ان کي سجدو ڪريو." (ق ش) (2) مٽي، خاڪ (3) پاڻي ۽ مٽي (4) ڏسندڙ (5) ٻڌندڙ (6) بي سهارو (7) داتا، مالڪ (8) زمين ۽ آسمان (9) بازي ڪيڏندڙ رانديگر (10) بندرگاه (11) رات (12) چنڊ

(8)

جيڪي ديھيءَ(1) ڪن درشن، سي ڪِين گنگا ويا گودڙيا.......
اُهي هردوار نہ هليا، نڪي تہ بندرابن.......
هردي منجهہ تہ هَرِيءَ جو دؤر دَرُوني(2) ڪن.......
رام تَنَهِين جي روح ۾، ڪايا ۾ ڪرشن.......
تِلڪُ تَنَهِين توحيد جو جنم ڪئون جوڳين.......
وِرتُ(3) رکيو ويساه جو نانگا ناٿَ نَمِن.......
تيرتَ(4) تِن تياڳي(5) ڇڏيا، اُهي منجهيئي "مُحبَ" ملن.......

◆

(9)

وڄن ٽا تہ وجود ۾ يار سندا يَڪِتارا....
هارمونيون حال جون، ڳائِن سَرگمَ سارا.....
سارَنگيون سُرَ تارَ تي، ڪَن ٽَنِ نَنَ ٽوُن ٽَنڪارا.....
وَڄن ڏُگڙيون ڏِيانَ جون، ڏَم ڏَم ڏوُڏَڏِڪارا(6)....
لائِين رِم جهِم روحُ ۾، ڇيرِيُن جا ڇمڪارا.....
ڇُرن ڇَپڙِيوُن چاهہ مان، ٿَه ٿَه ڪَنِ نَهڪارا.....
گهائي گهوُرَ گهَٽَن جي، اُهي گُرَ تي ڪَنِ گُفتارا(7).....
رَتِي محفل راڳَ جِي، ٿيو "مُحبُ" مَنگهن(8) مننارا....

◆

---

(1) پنهنجي جسم اندر (2) اندروني يا روحاني (3) روزو (4) زيارت جي جاءِ (5) ترڪ ڪري (6) وڏا آواز (7) ڳالهيون (8) مست نوٽ: هيا لفظ رڳو سازن جي نالن ۾ سندن آوازن تي مشتمل آهن.

(10)

دَمَ دَمَ جا ديدار ڪري، آئين يارَ مسافرخاني ۾
چار عناصرِ[1] چولو پائي، بشرِي بيکَ[2] بَهاني ۾ - آئين ……
طرح طرح جا ڪرين تماشا، طِفل،[3] پِيرَ،[4] جَواني ۾ - آئين ……
سالِڪُ[5] تي ڪاٿي سبق ڏئين ٿو مَحوُ ڪاٿي مستاني ۾ - آئين ……
ڪرين شمع جا شيل[6] شِتابي، پوشُ وٺي پرواني ۾ - آئين ……
بستيءَ مان تُنهنجي بوءِ اچي ٿي، واسو پُڻ ويراني ۾ - آئين ……
مومن توکي ڳولن مَسِيتان، بِرهمڻَ بُت خاني ۾ - آئين ……
روز رِندَن جون توسان رهاڻيون، پرت واري پيماني[7] ۾ - آئين ……
عجب ڪيا اسرار اِچي تو "مُحبَ" واري ميخاني ۾ - آئين ……

◆

---

(1) جزا، اصطلاحاً، مٽي، هوا، باهه ۽ پاڻي، جن مان انسان جو بت ٺهيو آهي. (2) ويس، پوشاڪ (3) ٻار (4) پوڙهو (5) سمجهو (6) شعلا، چمڪاٽ (7) پيالو.

وحدة الوجود: منصوري مام

(1)

هِتي ٻہ تون آن هُتي ٻہ تون آن،
ڏَرن عجب تو ڏارِي، آهي عجب تُنهنجِي اظهارِي

ڪاٿي الله تون اعظم، ڪاٿي اَبُو الّبَشَر آدم،
ڪاٿي خان تہ ڪاٿي خادم، پاڻ پنهنجو پوڄاري

ڪاٿي احمد آهين آقا، ڪاٿي مُرسَل آهين موسيٰ،
ڪاٿي آذر ڪاٿي عيسيٰ، گوتم ۽ گرڌاري

ڪاٿي تون وانَ(1) جو واسي، ڪاٿي گنگا جو رهواسي،
ڪاٿي گرهستي(2) ڪاٿي سنياسي،(3) ڪاٿي برهمچاري(4)

ڪاٿي تون ويد سان واصل، ڪاٿي قرآن جو قائل،
ڪاٿي عاقل ڪاٿي ڪاهل، ڪاٿي پَر اُپڪاري(5)

ڪاٿي اول ڪاٿي اَبداً، ڪاٿي ظاهر ڪاٿي باطن،
ڪاٿي هندو ڪاٿي مومن، ڪاٿي نَر ۽ نارِي

ڪاٿي تون "مُحبَ" جو مالڪ، ڪاٿي خلقت ڪاٿي خالق،
ڪاٿي مست تہ ڪاٿي سالِڪُ، بابُو(6) ڪاٿي بيڪارِي(7)

◆

---

(1) وان پرست= ڌرم لاءِ تبليغ ڪرڻ واري اوستا (2) گرهستي= ٻارن ٻچن جي پالنا ڪرڻ واري اوستا (3) سنياسي= تارڪ الدنيا ٿيڻ واري اوستا (4) برهمچاري= ويدن جي سکيا وٺڻ وارو وقت يا اوستا (5) پر اُپڪاري= ٻين جي مدد ڪرڻ وارو (6) بابو= فقير (7) بيکاري= پينو فقير.

(2)

حق تون آهين تون آهين،
پَڪَ ڄاڻ تہ ٻيو ڪو ناهين.

جامي (1) جي اڇي ڀيد (2) ۾ ٻُلئين، ذات اصل ڇئو ڇاهِين.
مرڻ جيئڻ هتي طلسم (3) تنهنجو جتي رهڻ تون چاهِين.
هڪڙيون عجب پوشاڪون پهري، ٻيا لڳڙَ (4) پيو لاهين.
اُهائي صورت بيهندي تنهنجي، جيئن تون پاڻ کي ٺاهين.
حق موجود آهي هاديءَ ڏسيو وَٽُ (5) "مُحبَ" ڪيڏانهن پيو ڪاهين.

◆

(3)

تون ڇئو هُو هُو حق موجود، آهي سائين سدا موجود.
اول آخر ظاهر باطن، هرجاءِ هيڪُ وجود.
مؤمن ڪافر گبر گو سائين، ياڪِي هجي يهود.
هر صورت هر نالو ان جو نصر توڙي نمرود.
پاڻ هٿن سان ٺاڪر ٺاهي، پاڻ ڪري ٿو سجود.
پاڻ ٿو ٻولي پاڻ هر ڇولي، حامد سوئي محمود.
ايندي ڪين عقل ۾ هرگز لِيلا (6) لامحدود.
هم ڪي حق ڄاڻڻ وارو "مُحبَ" رکج مقصود.

◆

---

(1) جسم (2) راز (3) جادو (4) ڪپڙا (5) وري (6) لِيلا = تعريف

(4)

عجب ڪري اسرار هادي واه جو رنگ رَچائِيِي،
واه جو رنگ رچائِي، بره جو باغ بنائِي۔

مڪي ۾ آئين مظهر پائي، احد جي وچ ۾ ميم ملائي،
احمد ٿي اوتار(1) هادي ڪلمون پاڪُ پڙهائِي۔

مُرلي وڄائي تِلڪَ لڳائي، ڪرشن ڳنيو نام سڏائي،
ڪري ارجن سان اُپٽار هادي گيتا گيان ٻُڌائِي۔

اَمرتَسر اُپديش(2) ڪيو تو ساکِي ٿي سَت نام چيو تو
نانڪُ ٿي نروار هادي جَپَ جو جاپُ جَپائِي۔

سيني سان تون سَنمُکُ(3) سائين، هر ڪنهن جو تون هادي آهين،
قائم تون ڪلتار(4) هادي درشن ”مُحبَ“ دِکائِيِي۔

◆

---

(1) نبي (2) اُپديش = هدايت، نصيحت (3) منهن جي سامهون (4) مالڪ، الله

(5)

آهين اعليٰ عجب انمول تون،
رڳو ڀُلَ دوُئِيءَ جي ڀول تون.
'اَلانسانُ سِرِي وَاَناسِرَه'، ڳُجَهه جي معنيٰ ڳول تون.
'خَلقَ الآدم عَليٰ صُورَتهٖ'، ٻُڌُ ٻَهُون هِي ٻول تون.
سِرَ کي صاف سڃاڻڻ خاطر، ڌڙ پنهنجي کي ڍَنڍول تون.
ظاهر باطن تنهنجو ظهورو، پنهنجي خوديءَ کي کول تون.
"مُحبَ" انهيءَ مذڪور جي معنيٰ، تارازِيءَ ۾ تول تون.

◆

(6)

ٻِي ڪُل واٽَ وهم ٿئي، حَقُ اعليٰ عشق اُتم[1] ٿئِي.
هڪ مان جي تون ٻَہ ٿو ڀانئين، پاڻهي پنهنجو جنم گنوائين،
اِهو فرقي بازي فَهَمُ[2] ٿئي.
محبت رِيءَ ٻيا مذهب ٺاهڻ، ڀول انهي تي ڀَروَسُ ڀائڻ،
اِهي رمزون ريت رسم ٿئي.
هوڏ حسد مان حاصل ڇا هي، اِها سموري اٽڪل آهي،
روح ۾ ڪونه رحم ٿئي.
"مُحبَ" مذهب محبت وارو ٻَنِ ٻيو رستو ٻيائيءَ وارو،
اِهو هاديءَ وارو حڪم ٿئي.

◆

---

(1) اوچو يا اعليٰ (2) ڄاڻ سمجهه

(7)

وِيرَ وحدت ڏي وَڄُ ميان، ٻول ٻيا ڪُل ڀَڄُ ميان.
تڙ انهيءَ جو طالب ٿي تون، ٻيون ڪين مرادون مَڃُ ميان.
ڀيل تُنهنجي پيٽ ۾ آهي، ٿاڪَ انهيءَ جِي ٿَڃُ ميان.
موٽي پنهنجي مُلڪ ويجڙ ۾، ناهي حيرت هَڃُ[1] ميان.
پيشانيءَ ۾ آ پڌرو توڪي، اِلاهِي تہ اُهَڃُ[2] ميان.
”مُحبَ“ انهيءَ مذڪور جو مطلب، ساه پنهنجي کي سَڃُ[3] ميان.

◆

---

(1) حيراني (2) نشاني (3) ڏسِ، اشارو ڪر.

(8)

عُشاقَن جي عجب عادت، وَٽَنِ وحدت کي ووڙيندا،(1)
ڀَرِ‍ي هي ڪوٽ ڪثرتَ(2) جو وڃن ٻيائِيءَ کي ٻوڙِيندا.

سَفِينہ(3) سِڪَ جي ٺاهيائون، ڪُلِي قُلزمَ(4) ڏي ڪاهِيائون،
لَڏو لاحَدَ ۾ لاهيائون، وڃن مَڪِڙيُوں(5) سي موڙيندا.

ڇڏي نِجِهرو(6) هي ’ناسوُتِي‘، ماڻيائون سَيرُ ’مَلڪوُتِي‘،
لنگهي سي جُوءِ ’جَبِروُتِي‘، لطفُ ’لاهوُتُ‘ لوڙيندا.

دنيا، عُقبيٰ(7) کي ڇَڏيائون، ٿِي لامقصود(8) لَڏِيائون،
اَجها اَحديتَ(9) ۾ اَڏيائون، جايون جاويد(10) جوڙيندا.

”مُحبَ“ محبوب ۾ پيهِي، نباهي نينهُن ٿيا نيهِي،(11)
وَطنَ وحدتَ اندر ويهِي، چَمَن جو چَينُ چوڙيندا.

◆

---

(1) ڳوليندا (2) گهٽائي (3) ٻيڙي (4) سمنڊ، مجازاً ”الله تعاليٰ جي نور جو سمنڊ“ (5) ٻيڙيون (6) جهوپڙي (7) آخرت (8) بنا لالچ جي (9) هيڪڙائي، اڪيلائي (10) هميشه قائم سدائين زنده (11) نباهڻ وارا.

(9)

هر رنگ ۾ هام هو ڪاري دل،
سڀ ورق وجودي واري دل.

ڪڏهن آدم نام ڏَرايَئين ٿي، ملڪن کي سجدا ڪرايَئين ٿي،
وري وَجهُ[1] الله سجدو وَرايَئين ٿي، هن صفت پنهنجيءَ کي ساري دل.

ڪڏهن شمس ٿي کَلڙِي کَلايئين ٿي، ڪڏهن منصور مَٿن اکر الايئين ٿي،
وڃي سُورِيءَ سِرُ اُڇلايئين ٿي، خود اَنَاالحَقُ[2] اختياري دل.

ڪڏهن ليلا ٿي لئون لائي ٿي، ڪڏهن مجنون ٿيو مئي ڪائي ٿي،
ڪڏهن ساغر ساقي سڏائي ٿي، پَٽ پَٽ پاڻ پِياري دل.

ڪڏهن سچ ڇڏيو صُنعان ٿئي ڪڏهن عبد ڇيو ايمان ٿئي،
ڪڏهن نَصوحَ جِيانّ نادان ٿئي، وريو توبهه سان ٿي تاري دل.

هيءُ وس نہ ڪنهن جي واپار آهي، دل جي ڪُل اختيار آهي،
رُڳو "مُحبّ" اهو درڪار آهي، مؤمن ڪري شل ماري دل.

◆

---

(1) الله جو رخ يا صورت (2) "آئون الله آهيان."

(10)

هردم هوئجي هيڪ خيالو ڪجي ڪثرت جو پوءِ ڪين ڪشالو.

جوڳين وانگي جوڳ ڪي جوڙي، وهم وجودي پيا ڪل ٻري،
اوتارو اندر ۾، عَلَمُ عشق ڪوڙي، ڪجي دؤر دل ۾ رٻو رب جو نالو.

ڪثرت ۾ آهي ڪيڏو نہ ڪِينو حقي ناحقي تہ بہ سڙي پيو ٿو سينو
منهن ۾ جي مومن تان دل ۾ دغينو[1] اِنَ پَرِ نہ آهي ڪو اندر ۾ اجالو.

جهنگل منجهہ جُهوپِي اڏي آشيانو رهجي ٿي راهب[2] مچائي ميخانو
چڱو توڙي چريو چوي پل زمانو ٽُٽِي پوءِ تہ پوندو حُجتَ جو حوالو.

دورنگي دنيا ڪان لائي دُور ديرو ڇِنِي سَڱ سياڪا[3] پڇي ڳُل ڪان پيرو
پَنهنجِي پاڻ ڇيڙڻ تان پنهنجو نبيرو رهجي رِيا ڪان ٿي نڪري نرالو

قربان تنهن تان قدم جنهن ڪُڏايو ڦندن مان ڦڙڪ ڏئي ڇندن مان ڇڏايو
من پنهنجو محڪم "مُحبَ" سان ملايو پيرِ مغان[4] ڪان پيتائون پيالو

◆

---

(1) دغا، ٺڳي (2) تارڪ ٿيڻ (3) دنيوي رشتا، مٽي مائٽي (4) مرشد.

(11)

عالم ۾ عام آهي، اظهار خود خدا جو
جِسمات ۾ آ جلوو جِنسار خود خدا جو.

واحد منجهائون وحدت، ڪُنّ چئي ڪيائين ڪثرت،
ارواح ان ۾ عبرت، اسرار خود خدا جو.

هر جاءِ سڀ حَضُور آ، دُوئِيءَ جو پردو دُور آ،
هي ٿيو نمايان نُور آ، نروار خود خدا جو.

آهي ته سڀ الا هُو وائي نه چؤ ولاه،
’فِي الّدارين‘[1] ۾ الا هُو اقرار خود خدا جو.

ڀُلئين ”مُحبَ“ چاڪئون ڀُل ۾، قائم ڏٺي چئو ڪُلَ ۾،
ڄاڻين ته ڄاڻ دل ۾، ديدار خود خدا جو.

◆

---

[1] ٻئي جهان

(12)

تَڪيا طالبن پنهنجا وحدت ۾ وسايا،
تن ور ۾ وجود ويهي گوندر ۾ گسايا.

ڪيا نينهن نانگا، لاٿئون سِر جا سانگا،
طريقت لڳا تن وچي، لاهوتين جا لانگها،
دنيا جا تن دانگا،(1) عشق ۾ اُنايا.
چڙهي وحدت ويري، سِينا سِڳَ ۾ سيري،
وڏا عاشقن هينئڙا، حقيقت ۾ هيري،
تن سندا جسم جيئري، پتنگ جيئن پچايا.
گيَئون دُور دُويون، ڪُليون تن جون خُويون،
مَٿيون معرفت ۾، رِندَن جون ڪي رُويُون،
اچن برمان بُويون، رِندِيءَ تي رچايا.
هم(2) تيا هُو ۾ هاڻي، صحيح سچ سڃاڻي،
عبد جا اندر مان، تن ڇڏيا ڇرڪ ڇاڻي،
سي مَنَ ۾ "مُحبُ" ماڻي، سره(3) ۾ سمايا.

◆

---

14 (1) تهمتون، خواريون (2) هڪ تيا (3) الله جي ڳجهه ۾.

(13)

جنهن ڏنو دل ساڻ دلبر، عين عبرت جي پَٽي،
دل منجهان دارين جا، اُهو سڀ لاڳاپا ٽو لَٽي.

هَرِدو جَهانِي هاجَ جا، مقصد مٽرئي منهن تان مَٽي،
’حَسبِي‘(1) الله‘ جي هندوري، عشق جا جُهوٽا جَهٽي.

عشق جي احڪام ۾ پيا، قول مذهبي ڪَٽي،
ملت حق موجود ۾، رَهِي باخبر بازي ڪَٽي.

مرد سو منصور جانّ، سر ساه سُوريءَ تي سَٽي،
موت کان اڳهين مئل، تو ڪِينَ هيبت کان هَٽي.

”مُحبَ“ مک محبوب جي، چاش لبن جي چَٽي،
يار ۾ يڪذات ٿي، اهو جال ٽو جيئرو جَٽي.

◆

---

(1) ”اي الله تون ئي ڪيين.“

(14)

جيئن ڪو سمجهي تيئن مان آهيان، آئون تہ الائجي آهيان ڪير؟

آئون تہ الائجي آهيان ڪير، ناهيان پاءُ تہ ناهيان سيرُ.

مسجد، مندر(1) دَيرُ(2) ۽ ديوَلِ،(3) فرق نہ ڄاڻان تَنِ ۾ ڦيرُ......

شِيعا، وهابِي، سُنِي ۽ صوُفِي، آڻيان ڪونہ اُنهن ۾ ايرُ(4)......

دوستَ، دشمنَ، چڱي مَٽي سان، وجهان نہ هرگز ڪنهن سان ويرُ......

بخيل،(5) باغي، سخي ۽ سُوالِي، پوُرو تَنِ سان ڀَريان پيرُ......

لعنت، رحمت، عشق، عداوت،(6) ڀِري سَڀِن ۾ منهنجو پيرُ......

جهڙيون ڀانيان ماڙيون محلاتون، تهڙو خاڪِ مِٽيءَ جو ڍيرُ......

“مُحبَ” مدامي من تان ميٽي، محمّد هاديءَ(7) لاٿو ميرُ......

◆

---

(1) هندن جي عبادتگاهہ (2) يهودين جي عبادتگاهہ (3) عيسائين جي عبادتگاهہ (4) عيب (5) ڪنجوس (6) دشمني (7) مرشد، هدايت ڪندڙ.

(15)

ڪو سالڪ سمجهي ڳالهه انهيءَ ڪي، آئون ساروئي سوالات بہ آهيان
تون چئو تہ ڀلا مان ڇاهيان؟

ڪاٿي رنگ نہ روپ رڪان ٿو ڪاٿي شامل آئون شڪلات بہ آهيان
ڪاٿي اَنُ جَلُ(1) اِڇا(2) نہ منهنجي ڪاٿي خوراڪن آئون ڪيات(3) بہ آهيان
ڪاٿي معنيٰ ۾ آهي ”مُحبُ“ مماتي(4) ڪاٿي هردم آئون حيات بہ آهيان
تون چئو تہ ڀلا مان ڇاهيان؟

◆

---

(1) پاڻي (2) خواهش، مرضي (3) ڪائيندڙ (4) مرندڙ فاني.

(16)

ڪيئي رُوپَ تُنهنجا ڪمالِي ڏسون پيا،
ڪمالي، جمالي ۽ جلالي ڏسون پيا.

ڪٿي زُهد تقويٰ ۽ طاعت(1) جي تياري،
ڪٿي مست مَئي جو موالي ڏسون پيا.

ڪٿي تون ڪرين پيو 'سيماهُم'(2) جا سجدا،
ڪٿي تِلڪ توڪي گُلالِي(3) ڏسون پيا.

ڪٿي شاهه شاهن جو شهنشاهه آهين،
ڪٿي سؤ درن جو سوالي ڏسون پيا.

ڪٿي بستري تي، آهين بيمار بندو،
ڪٿي منهن مسيحا، مثالي ڏسون پيا.

ڪٿي باز شهباز تو آزاد اُڏرين،
ڪٿي پيگ ۾ پاتل ڏُوالِي(4) ڏسون پيا.

ڪٿي "مُحبَ" معنيٰ ۾ ٿيندو شعر شامل،
اجا ڪيئي اسرار عالي ڏسون پيا.

◆

---

(1) اطاعت= فرمانبرداري (2) نماز جا جسم تي نشان، جيئن نراڙ ۽ گوڏن وغيره تي نشان ٿي پوندا آهن. (3) گلال جو رنگ جيڪو هندو هوليءَ تي لڳائيندا آهن. (4) باز جي پيرن ۾ ٻڌل ڏور.

(17)

ڏِسان پيو ڏيهه ۾ جيڪي، رڳو رَحمان بس آهي،
ڪُلِي دنيا جي قدرت ۾، سڄڻ سُبحان بس آهي.

مڪي ۾ ٿيو پرين پيدا، خدائي نُور نُوراني،
’آنا اَحمد بِلا مِيمي‘، اُتس ايمان بس آهي.

عبادت عشق آ منهنجي، نمازون آئون نٿو ڄاڻان،
سدائين سجدو عبرت جو نگهه نِيشان بس آهي.

قلب ۾ خود بڻيو ڪعبو مدينو پڻ منجهه ئي آهي،
اندر ۾ اَحَدُ ۽ اَحمّد، ”مُحبَ“ ميخانُ بس آهي.

◆

سر سسئي

(1)

منهنجو هوتَن ڏي آهي حَرفُ حَقِي،
چِڏي ننڊ ۾ نماڻي، ويا لالَ لِڪِي.

سُجَ ۾ وِجان ٿي آئون سَرِوَرَ،
پردو رکجان پاڪَ تون پَرِوَرَ
شل لطف سان اُڪارين تون جَبلَ لَڪِي.[1]

ڏيرن مون سان ڏاڍُ جو ڪِيڙو
جالَڻُ[2] مون ڪي جَبَلُ هِي پِيڙو
هاڻي هيٽي ڪندي چا تَڪرار تَقِي![3]

"مُحبُ" چوي آئون آهيان عرض منّد،
بِڌجان منهنجو مير تون محمد،
هاڻي عيبن جو ٿي تون ڍوليا ڍَڪِي.[4]

◆

---

(1) لڳڻ وارا (2) ڏورڻ، پنڌ ڪرڻ (3) اي پرهيزگار (4) ڍڪڻ وارو پردو رکندڙ

(2)

ڪنديس آئون تہ ڪِيا[1] پينر هن تہ پنيور ۾.......
ناهيان ٻُڙُ تہ بلو ڇِڪو ڏوڙِ آئون نہ ڏِيا.[2] ....
ڪونہ ساريان ٿي سور ۾، ساٿي سيڙَ سِيا.[3] ....
ووڙينديس وندر ڪي، ٻاري ڏِيلَ ڏِيا. ....
ٻَرن ٻڙڪن ٻُوٽيون، جلن جوش ڄِيا. ....
مون مُدامي "مُحبَ" سان، پيچ اَلستِي پيا. ....

◆

(3)

پُختو پيچُ پنهل سان پيو پيو
منهنجو هِينئڙو هَٿن مان وِيو وِيو.
وَڳو مون تہ وِرهہ جو گُنواريتَڙَ ڪان ڪِيو ڪِيو....
اديون ڙِي مون کي آدِ[4] ڪان نينهن نهوڙِي نِيو نِيو....
ڏينديس مُنهہ آئون موت کي، جيڏيون اوهين شل ڄِيو ڄِيو....
ڪاهِيندِيَس مان ڪيچ ڏي، ڏَسُ ڏونگر[5] جو ڏِيو ڏِيو....
مِيثاقوَن[6] هِي "مُحبَ" سان، عشق آ اَزلِي ٿِيو ٿِيو....

◆

---

(1) ڇا (2) ڏيءَ (3) مائٽ يا پاڙي وارو (4) اصل، بنياد (5) جبل (6) اهو ڏينهن، جنهن ڏينهن رب پاڪ انسانن جا روح پيدا ڪيا.

(4)

پورِي ڪيچ وٽن ڏي ڳهہُ(1) تون،
لوچي(2) لعل پنهونءَ کي لَهہُ تون.
پيرئين پاڪُ پنهل جي، ڳولي پيشاني گهہُ تون....
ٻانهي ڪاڻ ٻروچ جي، سُورَ سَفَرَ جا سَهہُ تون....
حُبَ جو هارُ حَبيبَ لءِ، پاءِ ڳِچيءَ ۾ ٻُڌهُ تون....
'اِهدِ نَاالِصرَاطَ(3) المُستَقِيمُ'، راهہ انهيءَ تي رَهُ تون......
ملاقاتِ "مُحبَ" جِي، عِشقَ ساڻُ اُسَهہُ(4) تون.....

◆

(5)

هِتي ڪِينَ ويسارِي تون ويهہُ ڙِي،
اُتِي ڏورِ پرينءَ جو تون ڏيهہُ(5) ڙِي.
پنهل ساڻ پريت جو عهد(6) ڳيڙُئِي ايهہُ(7) ڙِي....
پورِي هِنَ تہ پَنيورَ ۾، ڪونهي جَتَنِ جو جيهہُ(8) ڙِي.....
مُرادون هُنَ ماڳَ جون، چُلِي ڳنديون توسان ڇيهہُ ڙِي....
'لاتَقَنطوُ'(9) جِي لاتِ سان، روحَ پنهنجي کي ڏي ريهہُ ڙِي....
'فَاذِڪرُونِي(10) اَذِڪُرڪُم' سان، پاڙِي "مُحبَ" تون پيهہُ(11) ڙِي....

◆

---

(1) هَلُ (2) ڳولي (3) "اسان کي سنئين راهہ تي هلاءِ" (قرآن شريف) (4) سفر لاءِ تيار ٿي نڪر (5) ملڪ (6) وعدو (7) اهڙو اهو (8) جهڙو (9) "آسرو نہ لاهہ" (قرآن) (10) "تون ياد ڪر مون کي، آئون ياد ڪريان توکي" (قرآن) (11) ويهہ داخل ٿيءُ.

(6)

مون سين گڏجي ماءُ ٻي ڪانہ ڪا هلندي ڪيچ ڏي
لکيو آ منهنجي لوح ۾ هي اصلئون عشق اُناءُ.
ٻين کي ٻاڻُ(1) نہ لڳڙو آهي مون کي گهٽَ(2) ۾ گهاءُ(3).
پڇاڙا تہ پنهونءَ جي، هتي لاءُ نہ ساءُ(4).
وڃڻ واجب مون پيو ٻيو پيڙو ناهي ياءُ.
جنهن گهر ٻرندي باهڙي، تنهن گهر هوندو تاءُ.
هيءُ اوکو "مُحبَ" مسئلو ڪڏهن ورندو وصل واءُ.

◆

(7)

پنهل جون تہ پُڇائون، ڳَنڍِي آئون وينديس ڪيچ ڏي……
جاڳيو سُورُ سمهڻ مان، ننڊ نِهوڙيَسِ آئون. ……
هوتن جِي هيڪاند(5) لئہ، ڏينديَس ساهَ سزائون. ……
سيئي سَهنديس سِرَ تي، جبل جون تہ جَفائون. ……
ڪندو ڪوهيارو ڪوهہ ۾، آرِي جام عطائون. ……
ميٺيندو اڇي "مُحبُ" چئي، خاوَند پاڻ خطائون. ……

◆

---

(1) تير (2) اندر ۾ دل ۾ (3) زخم (4) مزو (5) هڪ ٿيڻ، ملڻ، ملاقات

(8)

پنهل بنا پرديس ۾، آئون ٿي وندر پڇايان واٽ ڙي

ڏيرن مون سان ڏاڍ جو ڪيڙو هوت ڇني ويا منهنجو هينئڙو
جانب بنا هيءُ جلي ٿو جيئڙو پريم ڳوڙهن ڳاٽ ڙي

جبل جَڏِيءَ سان ڪري ٿو جاڙون، ٽتيءَ ٽڏيءَ ڏيان تنهن ۾ تاڙون،
مِڙن مٿان اچي ٿمي ڪيو ٽاٽو ڇپر وهايم ڇاٽ ڙي

گُرگَ گدڙ ۽ ڀولا ڀِريا، چراخ چيتا هاٿي هِريا،
شير شُتر ۽ گينڊا گِريا، سَپَن ڪيا سُوساٽ ڙي

ديرو دوست جو اوڏو اهوئي، ’وَنحن اَقرب‘ قول جنهن جوئي،
”مُحبُ“ چوي منهنجو وس نہ ڪوئي، هنيو نفس دل ۾ ڪاٽ ڙي

◆

(9)

ڪجان ڪا پنهل پوئواري، آري ميان نام الله جي.

ننگ ڇڏي نڪري وڃڻ، محبت ائين نہ ملهائجي.....

ناهيان مان جوڙُ جتن جي، حُجتَ ڪهڙِي هلائجي.....

وندر جي تہ وٽن ۾، ڀورِي ڪِيَم ڀُلائجي.....

توتي ئي ”مُحبَ“ مدار آ، ٻئي در ڪيئن ٻاڏائجي.....

◆

(10)

اوهان لاءِ آهيان، جوڳياڻي جَبل ۾،
تيءُ هوتَ حاضر، حامِي(1) هَگَلَ ۾.

ڳمِيٽِيءَ جون ڪِيهُون،(2) ٻُڏِي روجُ رِيهُون، ڀَري ڀِرتِ ڀيرا،
ڪري وَصُلَ وِيهُون، ڪوهِيارا قُربُ ڳرِ، تون مشڪل مَهَلَ ۾.

ويسارِيءَ جِي وِڪَڙِي، توڏَن(3) ڪٿون نه تِڪڙِي، ڏونگرُ(4) ڏڪِيءَ ڪي،
ڏاڍِي ڏئي تو ڏِڪَڙِي، پُڇي ڪِينَ ڀِيادِي، اُتَن سان اُڇَلَ ۾.

ڪٿي آئون ڄائِي، ڪٿي آئون نِپائِي، آمُرَ(5) ايئن ڳَيڙو
لِڪِئي لَئون لڳائِي، ٻَنڌِيءَ لئه هو ٻَڌيو آنگُ هِي آزَلَ ۾.

ڇَنِيءَ لاڪئون ڇورِي، نَحسُ(6) ۾ نِڌورِي،(7) هلي ڪِينَ هرگز
سَنڌِي ضَعِيفِ زورِي، ڇگو تَنهن لئه چاهيو اِرادو عَقُلَ ۾.

جيهي آئون تيهِي، ڀَناري تو ڀيئِي، نِباهيو هِي ناتو
ننگُ ساڻُ نيئِي، ڪِنِي توڙِي ڪوجهِي، اوهان جِي اَصُلَ ۾.

ڇِنِي ڪِينَ ڇڏيو ڳولِي ”مُحبَ“ ڳڏيو ڀورِيءَ ڪي ڀاتِي،
ڀَنهنجي ساڻِ سَڏيو وري ڪيو وِلهيءَ(8) تي، ڪو ڦيرو فَضُلَ ۾.

◆

---

(1) مددگار (2) دانهون (3) اُٺن (4) جبل (5) قسمت، لکيو (6) نياڳي (7) بدبخت (8) ڪمزور.

(11)

توبهه جي آهي تات، وائي وات، حجت ناه حبيب سان،
آئون تہ ٻانّيَرِڻ آهيان، تون آرِي اعليٰ ذات،
ٻانهپ جي تہ ٻروچ سان، بنيادي مون بات.
ٻَندَّڻُ ٻاروچل جو هردم ’حَيُ مَمات‘[1]،
ڏُکيءَ ڪي دارين ۾ هوت بنا هيهات[2].
مُدامي آهي ”مُحبَ“ ڪي، ’لاتَقنطُو‘ لات.

◆

(12)

آهين لُطفَ وارو لالُ، سُڻُ هِي سُوالُ،
آلا ڏي پُنَهل پاندُ پناهَ جو.

آڏيءَ اُٿي وِيمِ اوٺِيا، آئون ٿي فَجُرِ پايان فالَ،
واقُفِ نہ آهيان واٽَ جي، ٻيو سَمَرُ[3] ناهيمِ نالِ[4].
آءٌ لِيلاهِيان[5] پئي لَڳَنِ ۾، اَچِي ڳَٽِ ڳَمِيٽِيءَ ڪالَ[6].
مشڪل ۾ هاٿي ”مُحبُ“ چئي، اَچِي حامِي[7] ٿيءُ هَرِ حالِ.

◆

---

(1) جيئري ۽ مرندي (2) افسوس (3) سفر جو سامان (4) ساڻ (5) آزيون نيزاريون ڪريان
(6) موت (7) مددگار

(13)

هوت تہ منجهيئي هُوءِ، آري اوءِ ووڙين چو وٹکار کي....
’وَنحن[1] اَقرب‘ ويجهڙو تون رنگ ۾ پسجان روءِ....
’لَم يَلدِ[2] ولَم يُولَد‘ جي، آهي خاصِي پِريان خُوءِ....
’اَلانِسان[3] سِرِي وَاَناسِرَه‘، جوڙيَئہ جانب جُوءِ....
ملڻ خاطر ”مُحبُ“ چئي کر تَوکلَ ’تَقنطوءِ‘[4]....

◆

---

(1) خدا تعاليٰ فرمائي ٿو تہ ”اي انسان آئون توکي ساھہ جي رڳن کان بہ ويجهو آهيان “ق ش“ (2) ”نہ کنهن جو ڄڻيل آهي نہ کنهن کي ڄڻي ٿو.“ (ق،ش) (3) ”آئون انسان جو راز آهيان ۽ انسان منهنجو راز آهي.“ (حديث قدس) (4) الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ: ”اي انسان ڪيڏو بہ گنهگار هجين تہ بہ منهنجي رحمت مان نااميد نہ ٿجانءِ“ (ق،ش).

سُر سهڻي

(1)

لڳي ويو مَنڙو ميهَرَ ساڻُ، آهي عِشق مَجائِي آڻِ(1)،
پارِ هَلڻَ جِي سارَ سَنجهي مان، آڏِيءَ ڏِسي اُهِڃاڻَ(2).

مُرڪِي پِيتائِين مَئي جِي سُرڪِي، عشقَ ڪيا اِظهار
سِحرَ(3) لڳي ويا مِهرَ منجهان، ڪي بِرهَ چڙهي ويا بارَ
دل ٽِڙي هِڪَ گُلُ تي پيئي، ڏِسي تہ ياڳِئي ياڻَ، – لڳي ويو……

سِڪَ ساهَڙَ جي چِڪَ ڪَئي، هلِي لاڳاپا لاهي،
هوڏَ هلِي سا لوڏَ(4) لاڪِيٽِي، ڪوڏَ(5) مَنجهان ڪاهي،
پُورَ(6) اندرَ ۾ سُور ساهَڙَ جا، ٻَهِڳُڻَ(7) چڙهِي ويس ٻاڻَ،(8) – لڳي ويو……

سِيرَ اڳيان تَقدِيرَ تِڪِي، ڏِنو وينگَسِ(9) سِرُ وارِي،
جهوتَ هنيائين فوتَ فِڪِر ۾، موتَ وِڏي ماري،
الفِراقِي(10) بُتُ بيراڳِي،(11) ڇُلِڪيو پَرجِي ماڻُ،(12) – لڳي ويو……

حَشَرَ ڳَنا ڪري بَشَرَ مڙيئي، مهر ڪندو مؤلا،
پنجَ(13) ڍَڪِيندا هَنجَ(14) اَندرِ لَهِي رَنجَ ويندا رولا،
شافِي ڪندو اُتِ معافِي "مُحبَ" جِي ڪانهي ٻئي جِي ڪاڻِ – لڳي ويو……

◆

---

[1] (1) فتح (2) آثار (3) جادو (4) ٻانهن لوڏي (5) شوقَ (6) خيالَ (7) عشق (8) تِيرُ (9) حسين عورت (10) جدائيءَ وارو (11) بيقرار (12) ماپو زندگيءَ جو پيمانو (13) پنج تن پاڪ (14) جهوليءَ.

(2)

اُونهي سِيرَ اُڪارِ مون کي ميهر سائين،
ميهر سائين، ساهڙَ سائين.....

هِنَ تہ هَزارين ٻوڙيون، پيئون جي پاتارِ.(1) مون کي ....
ٽُرُ(2) ٻڙُ تانگهو(3) ناهِ ڪِي، ٽُرتُ(4) وَهي پيئِي تارِ.(5) مون کي ....
سَندُ(6) نہ ساٽمُ سمنڊ جو ڪارِي ڪارونيارِ.(7) مون کي ....
مانگرَ مُئيءَ جي ماسَ لءِ، چارِي(8) لَڪَ چوڏارِ. مون کي ....
ماندِي "مُحبَ" مَهراڻِ ۾، آهي تو آڌارِ.(9) مون کي ....

◆

---

(1) تري ۾ (2) گهٽ پاڻيءَ واري جاءِ جتي ماڻهون گهِڙي سگهي ٿو (3) ٿوري پاڻيءَ وارو هنڌ (4) تکي (5) پريل (6) سيٽاهہ جنهن جي ذريعي درياءَ ۾ تري سگهجي ٿو (7) اونداه (8) چَرندڙ ڪائيندڙ ڳولائو (9) آسري، سهاري

سُر هير رانجها

(1)

ڪوئِي سوز جگر وچ سمايا هي، جڏهان ماهي مُک وِ ڪلايا هي.

عشق ماهي دا آغاز هويا، شامل شوق شتابي شهباز هويا،
اُٿان الست دا آواز هويا، موهي مُرلي مست بڻايا هي.

چاڪ اکيان لاڪي پاڪ ڪِيتا، دل تون خيال ڪيڙيان والا خاڪ ڪيتا،
اِهين بره ماهي دي بيباڪ(1) ڪِيتا، جڏهان چاڪ چشم چُم چايا هي.

ساجن ويک سُرورُ هويا، ماهي مورت وچ مسرُور هويا،
ظاهر ذات اُهين دِي ظهور هويا، جنهين جلوي نال جلايا هي.

وَجَهُ ماهي دا وَالله ويکيم، مرشد ميم ”مُحبُ“ مولاءُ ويکيم،
اوُلِيٰ احمد آپ الله ويکيم، سانُون هادي پيد(2) بتايا هي.

◆

---

(1) ڊپ ڪان سواءِ (2) راز

(2)

بِرهَ بَندِي نوُن هي بيوس ڪِيتا،
ماهِي(1) بِين بجاوي، نيند نہ آوي

رانجهن روحُ ميڏي دِي راحت،
ڪيڙا(2) ڪام(3) لڳاوي، جگر جلاوي - بره بندي.......

وَلِ وَلِ ماءُ ڏيندي هي مَتيان،(4)
جُون جُون سبق سُناوي، جوش جڳاوي - بره بندي.......

مَرڻ جيوڻِ دِي ڪاڻِ نہ ڪائِي،
چوُچَڪ(5) تير چَلاوي، خاڪِ مِلاوي - بره بندي.......

اِتّان اُتّان گرِ(6) هووي عنايت،
”مُحبُ“ ماهِي مِل جاوي، ديدِ دِکاوي - بره بندي.......

◆

---

(1) محبوب (2) هير جي منگيندي جو نالو (3) ساڙ باهہ (4) سمجهاڻيون (5) هير جي پيءُ جو نالو (6) جيڪڏهن.

(3)

مِلِ جا ماهِي يار، سانوُن تات طلب هي تيرِي،
تاتِ طَلبِ هي تيرِي، حُسن تيڏي دل هيرِي(1)
چِشم چَلا دل چاڪُ(2) ڪِيتوئِي، گھوُران ني دل گھيرِي......
دلڙي ساڎِي دَم دَم رَهندِي، خيالِ تيڏي وِچ ڪيرِي(3)......
جوش تيڏي وِچ جوڳِي بَنِ ڪي، دَرِ دَرِ پاوان ڦيرِي......
رَقيب(4) رُليا راه نہ ڏيندا، واٽان گھِنِ ڳيا ويرِي......
روزِ اَلستئون نالِ جو تيڏي، ”مُحبُ“ مُحبتِ ميرِي......

◆

(4)

چوڙ شرم ڳيا شاهِي دا، جڏهان مُکڙا ويکيم ماهِي دا.
ٻِين بجابي چين چاڪِيتُس، لڳ ڳيا سيف(5) سپاهي دا.
مَئن تخت بخت نُون تَرڪ ڪِيتا، ڳيا ڪل تَرس(6) تباهي دا.
’خلقِ آدم عليٰ صورتهٖ‘، غير نہ آيم گاهي(7) دا.
”مُحبُ“ ماهِي دا مڪتب من وِچ، حاصل حرف اِلاهي دا.

◆

---

(1) هيرائي (2) چيرِيه ڦاڙي (3) بي حس وسائل (4) دشمن (5) ترار (6) خيال، ڊپ (7) نوڪر، غلام.

سُر ليليٰ مجنون

(1)

مون کي لَيلا ٻَر ۾ بيهاريو تو
وري سوچي ڪِين سنڀاريو تو.

انگ ازل ۾ لئون جو لِکائي، مون تي عشق اُتاريو تو.

هيءَ سُجَ ڪري سوغات ڏني تو موٽي منهن نہ ڏيکاريو تو.

توڏي نهاري نيڻ تڪي پيا، نڪري ڪِين نهاريو تو.

توکي ئي دين ايمان تو ڄاڻان، سبق ٻيو نہ سيکاريو تو.

ناهي ”محبَ“ ميارڪا توتي، وِرِيُن جَهلي ويهاريو تو.

◆

سُر مومل راڻو

(1)

سوڏَلَ سياڻا طلبَ تُنهنجيءَ، سِڪَ ڦِٽايو سُڪُ اَٿمِ،
سِڪَ ڦٽايو سک اٿم، ڏينهان راتيان ڏک اَٿمِ.

ڪانگَ ڪي قاصِدُ ڪري، ڳَئِين اڏايم ڪاڪِ جا،
دَرَ اُپِي دانهوُن ڪريان، پيو راهَ ڏي راڻا رُخُ اَٿمِ. ـ سوڍل سياڻا......

ڪاڪِ ڪَڙِي تي پانئيان، ڏکيو آ ڏينهن ڏُهاڳَ(1) جو
پيو سوزَمِ سينو سَڙي، ۽ جيءَ تي جاني جُکَ(2) اَٿمِ. ـ سوڍل سياڻا......

سيجَ تي سوُرِي(3) لڳي ۽ وِهُ(4) وِهاڻا تي ويا،
هِڪُ وِرهَ آ ويران ڪيو ٻي لَئون اَندرِ لُکَ(5) اَٿمِ. ـ سوڍل سياڻا......

مِلُ اَچِي مِيان ميندَرا، ۽ ڏي ڪو درشن ديد جو
درد جو دارون دوا، بس "مُحبَ" تنهنجو مُکُ(6) اَٿمِ. ـ سوڍل سياڻا......

◆

---

(1) نياڳ (2) سوُر، درد (3) ڦاسيءَ جو تختو (4) زهر (5) اونهاري جي گرم هوا، باهہ ساڙو (6) مُنهن.

(2)

توکي سارينديُ سوڏَل سُپَرين،
ڳِئين راتيون روزَ ڳيامِ.....

حِيلا وَسِيلا، هُنرَ حِرفَتون،(1) وَسَ مِڙيئي وِيامِ.
توکي سارندي........

اُٿي اَسُرَ ويلَ(2) جو، هِينئڙي هَٿَ هَنيامِ.
توکي سارندي........

مِهڻا طَعنا مُلڪَ ساري جا، خاطر توءِ کَنيامِ.
توکي سارندي........

حالَ مڙيئي "مُحبَ" ميندڙا، تنهنجي نينهن نِيامِ.
توکي سارندي........

◆

---

(1) اَٽڪلون (2) وَقتِ.

(3)

سوڍل لهي وچ سارَ هِيءَ مانڊِي(1) مومل ٿي مري.
ڪڏهن ايندين وري ڪاڪ تي، تون ٺاڪُرَ(2) اکيُن ٺارَ.
وڇايان تنهنجي واٽ تي، هِي وِڪريل پنهنجا وارَ.
فنا ٿيس تو فراق ۾ نيڻن وَهن پيا نارَ.
سِڪَ ۾ سمهڻ نا اچي، پِرهَ ڪيڏان پيئي پارَ.
مڙئي مَدايون مون مٿي، تو تي ڪانهي "مُحبَ" ميارَ.

◆

(4)

مون گهڻا موهيا مگر، تون مينڌرا موهي وئين.
ڏيئي ڏوراپا ڪيترا، کهڙي ڏوهہ ۾ ڏوهي وئين.
هي نيڻ ٿي نديون وهن ٿا، ڇو وجهي ڇوهي(3) وئين.
پردا هئا جيڪي پيار جا، اُهي ڪَنيَ مڙئي کوهي(4) وئين.
"مُحبَ" ڏِيَئين کهڙيون ميارون، ڳڻتين اندر ڳوهي وئين.

◆

---

(1) بيقرار (2) ٺَڪُر ذات يعني راٺو (3) سيلاب يا طوفان (4) پٽي

(5)

ذي ڪٽي معافي مون، اي راڻا تون، الا آئون عيبن واري آهيان.
منهنجا چارئي پلوَ چِڪَ ۾، هڪ وار نہ وانڊِي لوُنَ.
آهيان تہ غرق گناه ۾، آئون پاپڻ ڪئي آهيان پُونَ.
بخشين مون بدڪار کي، تون بَدِيُن واري بُونَ.
معافيءَ ڪارڻ "مُحبُ" چئي، منهنجي سڻ هيءَ توبهہ تون.

◆

(6)

راڻا ڪَرِمَ رُساءُ، ماريو مومل ويڇين ٿو.

سُومل(1) گڏ هئي سيج تي، ستو ڪين هو سِيتل راءُ(2).
ٻَگِهلا(3) انهيءَ تہ ڳالهہ جو تون وٺين ها واءُ سواءُ(4).
مُنهن تنهنجي رِيءَ ميندرا، آئون ڀانيان ٿي سيڪو ڀاءُ.
پنهنجي ٿو ڇيڙين ۽ پنهنجي نبيرين، اهو راڻا تو منجهہ رياءُ.
ڪِين اچي ٿو هاڻي ڪاڪِ مان، مون کي سوڍل تو بن ساءُ.
تون نالي تہ نام الله جي، مون سان پرين ڪر پرچاءُ.
اچي ميٽِ مدايون "مُحبُ" چئي، هي سندو پاپڻ پاءُ.

◆

---

(1) مومل جي ڀيڻ (2) هڪ راجا جنهن جي باري ۾ راڻي کي شڪ هو تہ هو مومل جو دوست آهي (3) بيوقوف (4) خبرچار.

سُر عمر مارئي

(1)

ڏينهڙا ڪوٽَ عُمَرَ تُنهنجي، قيدُ الماءُ(1) وينِي ڪاٽِيان،
قَيدالماءُ ويني ڪاٽيان، ڇاتي ڇيرنَ سان پئي ڇاٽِيان.

نِتُ نِتُ تي مان نهاريان، ويڙهُ(2) وِچڙ جون واٽِيان. – ڏينهڙا ......

وَڃِي ويرهائِيندِيَسِ ويڙهِ ۾، پيرُن جون ڪي پاٽيان. – ڏينهڙا ......

هينئڙي منجهه هُرنَ(3) ٽيون، مارُن مِٽَن جون ماٽِيان.(4) – ڏينهڙا ......

مَنَ ۾ مارُن جون ”مُحبُ“ ڇئي، لَنئون لَنئون ڏکَن پِيون لاٽِيان(5) – ڏينهڙا ......

◆

---

(1) داٽي پاڻيءَ جي قسمت جا ڏينهن (2) وطن، گهر، پاڙو (3) ياد اچن (4) ڏُڏَ ولوڙڻ جا ٽانوَ (5) باهه جون لاٽون، شعلا.

(2)

ڇو ٿو آڇين عُمرَ مون کي پَٽُ(1) پَٽُ،
ناهي لوئِيءَ اَباڻِيءَ جو مَٽُ مَٽُ.

تُنهنجون پرت پٽيون(2) نتي پايان مان، تنهنجون ڇيڪَ ڇُنيون(3) نتي چاهيان مان،
سدا لوئِي اَباڻِي اَنگِ لايان مان، اِهي ’لَوَنَ‘(4) ڳَوَنَ‘ ساڙي سَٽِ سَٽِ......

تُنهنجون چاشِ چَنگالِيون،(5) مُربا مِٺا، زَردا زيبَ وارا اڳي مون نہ ڏِٺا،
آٽيو پُورَ پُسيُن(6) جا اِهي ڪن ٿا ڳنا، وڃي کاوان اباڻن سان ڪَٽِ ڪَٽِ(7)......

رويو اکڙيُن مان رتُ هاريان ٿِي، پنهنجا سانگي سڄڻ سدا ساريان ٿِي،
ڪنيو نيڻَ نماڻا نهاريان ٿِي، هاڻي قيدَ وِلهِيءَ جا ڪٽي ڳَٽِ ڳَٽِ......

”مُحبَ“ ادا هِيٺي ٻولِ نہ تون، اها ڳالهہ ڳُٽتيءَ جي ڳُول نہ تون،
ناحق روحَ پنهنجي کي رِڻِ رول نہ تون، ايندو اَحمدّ ڄامُ لاهيندو لَٽُ لَٽُ(8)......

◆

---

(1) ريشم (2) هِرِڪَ ڪپڙو (3) اجرڪ جي قسم جو ڪپڙو جيڪو اڳي ٻهراڙِيءَ جون عورتون مٿي تي پائينديون هيون (4) ڪپڙي جا قسم (5) پِيهُون (6) ”ڪرڙ وڻ جا ڪچڙا گل جن جو مارو ماڻهون ٻوڙ رڌيندا آهن.“ (7) ڪتو ڏئنرو (8) دل جي ميراڻ.

(3)

اسين عمر ايلِ[1] پنوھارَ ماڙيون مَرڪُ[2] نہ ماروئڙن جو.
گھاريون گُذارِيون ۽ ڌَڻَ چاريون، چارين مَنجھ ڄمار....
پَرمُ[3] اسان جو رکيو پِٺُن ۾، صاحب ربَ ستارَ.....
گُذَرُ ڏوٿين جو ڏُٿَ تي ڏِھاڙِي، سَرَھا رَھنِ سنگھارَ.....
ماروئڙن ڪي من ۾ مُدامِي، پَلُرَ[4] جي تہ پچارَ.....
“مُحبَ” مُدامِي چُڻڪَن[5] چِتَ[6] ۾، اُتي جا اسرارَ.....

◆

(4)

ھِيءَ سام[7] سنگھارن سومرا، تو ادا عُمَرَ ڪيئن آندي،
تو ادا عُمَرَ ڪيئن آندي، آئون بيوس آھيان باندي،

ڪين رِھائي راءِ ٿي، توسان شريعت ۾ شادي،
وَرُ وسي منھنجو ويڙه ۾، شل ھُتي ٿيان ھيڪاندي
عيش عشرتون عيب اسان ڪي، حيا ڏيمِ شل ھادي،
ويسَ پائي ڪيئن وَڙُ وچايان، سون جواھر چاندي،
سنگھارن سانِ سومرا، منھنجو اَنگُ لکيو آ آدي[8]،
پَلُ نہ پانيان ٿي پاڻ ڪي، رِيءَ وِرِهَ ويڙھيچن واندي،
ادا عمر احسان ڪر، ڏي اَسِير[9] ڪي آزادي،
مارُن سان ھاڻي “مُحبُ” چئي، آئون ملڻ ڪاڻ آھيان ماندي

◆

---

(1) اصلي (2) لائق (3) عصمت، لَڄَ (4) مِينھَن جو پاڻي (5) ھُرَنِ، ياد اچن (6) دل (7) ڪنھن انسان ڪي امانت ۾ ڇڏڻ (8) اصلي (9) قيدي

(5)

راجا ڪَرِ مون رِهائِي، ڪَڏُ تون بَندياڻي بند مان. ……
مَحلين ماروئڙن جِي، اڳ نه ڪا آئي. ……
سا ڪيئن لوئِي لاهيان، جا ٻَنوهارن پائِي. ……
راجا ڪنهن به نه راڄ ۾، تو جيئن رعيت رنجائي. ……
مون ڪي وِرهُ(1) وطن جو وسري ناوائِي. ……
ماروئڙن سان ”مُحبُ“ چئي، من جي ميٺ مدائي.(2) ……

◆

(6)

قيدَ ڪرم جا هي ڪاٿي، پهچان ٻَنوهارن پاس ميان،
پهچان ٻَنوهارن پاس ميان، آهي اِهائي آس ميان.
لحظو ڪين لهي ٿي، اندر منجهه اُداس ميان.
مارُن رِيءَ هِتي ماڙئين، روح نه منهنجو راس ميان.
عُمرَ ڪرين احسان سين، بنديءَ بَندُ خُلاص ميان.
ڪندو مولا مهر سين، نِيئر تنهنجا ناس ميان.
موٽي ملڪ ملير تي، وٺان ولڙين واس ميان.
ماڻِي مُورُ نه ”مُحبُ“ چئي، ٻَنوهارن جي پياس ميان.

◆

---

(1) عشق (2) برائي.

سُرڪاموڏ

(1)

نياز سان نُورِيءَ نمايو سنڌ جي سَمي سردار کي،
سنڌ جي سَمي سردار کي، حاڪم وڏي هوشيار کي.

ڄام ڪيو ڄاڻِي ٻُجِهي، نوريءَ سان ناتو نينهن جو
پاتشاهُ پَرکي ويو مي(1) جي اصل مقدار کي.

محض نوريءَ جي مُحابي، ڪرم ٿيو ڪينجهار تي،
ڪونہ هو ڪامل ڏٺو ڪوجَهن سندي ڪردار کي.

راڄ جي راڻي ٿيڻ سان، نوريءَ نہ هرگز ناز ڪِيو
هن وٽ خزانو ڪانڌ(2) جو اوڏِي نہ وئي اَهِنڪار(3) کي.

بُوءِ هئي جن جي بدن ۾، ءِ مُهاڙِيُون ميرِيُون،
سي سمي سُرهِيُون ڪيون، سوچڻ لڳيون سينگار کي.

”مُحبَ“ سي مقبول ٿي ويا، نياز هو جن جي نماز
پَهَ انهيءَ پهچي ويا، ڏُولَهہ سندي دربار کي.

◆

---

(1) مهاڻي (2) نِوڙت، صبر (3) خودي، وڏائي.

سُر ڪاپائتي

(1)

اُٽي ڪاٽياري ڪجھ ڪَتُ ڙي،
رک چرخي سان ڪو چِتُ چِتُ ڙي،

وقت اَسُرَ جو ويجھو آيو سُسِتي ڇڏ ڪر سيگھ تون سعيو
هاٽي سپيئي لڳائج تون سَتُ سَتُ ڙي،

سنهون سٽر ويندو اڳيان اڳهامي، ٽُرت توريندا وجهي سچ جي ساهمي،
پرشل آگو اگهائي اُت اُت ڙي،

”مُحبُ“ چوي ڪڙ سمر تون ساري، قالُو بَليٰ ڪي ويه مَر وساري،
موڳي وٺ اها مَتِ مَتِ ڙي،

◆

سُر سورٺ

(1)

سِرَ کان سَواءِ سواليءَ اچي، ٻيجل نہ ٻيو ڪجھ ٻوليو.
ڪيئن گدا گِرنارِ آئين، ٻيجَلا مون کي ٻُڌاءِ،
دانَ(1) اهڙي لئہ دنيا ۾، ڳَڙهہ(2) نہ ٻيو تو ڳوليو.

جهولَ ۾ جَهل هاٽي هيرا، ڪڻ وڃي خوشحال ٿي،
ناحق نِنَرَ(3) ڇوڙو وڃين، هِيءِ ڏِياچَ جو گهر ڏوليو.(4)

تخت سان گڏ بخت ڏيان، جي سر مٿان سودو ڪرين،
پيِنا(5) هِيءَ پڳوان جي، توکي ڏيان پيو توليو.

حِيلا هزارين مون ڪيا، مَنگتا نٿو مُورَنهِن مُڙين،
ڪيئن توکي چارَڻَ ڇوان، دشمن ڳنهين توکي دوليو.(6)

سوالي سوين آيا سخي، تو ۾ ٻُخُل ٻِکيا(7) سندو
تون هوڏَ ۾ هاڃو ڪري، وڃين راڄڌانِي روليو.

سر ڏيڻ سُرهو ڪرڻ، آ "مُحبَ" ڪم مَهِمير(8) جو
خون سان ڪارڻ خدا، مردن رنڱيو پنهنجو مولهيو.(9)

◆

---

(1) خيرات (2) شهر، ڳوٺ (3) ضدي (4) تباه ڪيو (5) خيرات (6) دولت ڏئي ورغلائڻ
(7) خيرات (8) بهادر (9) پِٽڪو پڳ

سُر ڪيڏارو

(1)

هَئي ڪري هجرت حُسينؑ دل اندر ويو داڳ ڏئي،
دل اندر ويو داڳ ڏئي، لئون لئون اندر ويو لاڳ ڏئي.

لال ڪيا لَٽڙا حُسينؑ، هَئي طِفل جي خون مان،
پر ٿو وڃي لائق لڏيو اصغر اُجايل آگ ڏئي.

درد ۾ ٿيو قلب ڪارو هاءِ ويو ڪونڌَر ڪُسِي،
ڪِينَ ماڻِي سيج صاحب، ويو خدا وَسِ واڳ ڏئي.

لولاڪ جا مالڪ لَڏي، دارُالبَقا دلبر ويا،
حڪم حاڪم جو مڃي، مروان کي ويا ماڳ ڏئي.

دل ديواني تن پرين لئه، روز رويو ڳچ ڳري،
“مُحبَ” کي ماتم جو رڱ رڱ اندر ويا راڳ ڏئي.

◆

(2)

برابر قهر هو يا ڪربل، ميرا جگر گيا سارا جل.

اصغر نون جب تير لگايا، ملڪ فلڪ ماتام مچايا،
امام ليڪي گود ۾ پايا، پِسَر سوئي پيارل.
شادي شائق جو شهزادا، سوار ديڪا مئن ني صاحبزادا،
اَمُر خدا ڪايَهِي ارادا، گهوٿ هُوا گهايل.
اُتم درجہ حُر آپايا، چوڙ غلامي غازي آيا،
مرشد آگي مُنّه مَرڪايا، يار بنيا يڪدل.
حُسين رضہ ڪا جب آيا وارا، الله اڪبر لگايا نعرا،
تير موذيون ني ايسا مارا، بن گيا بادل.
جب جو هوگا روز قيامت، سب ڪِي اٿاوي علي امانت،
پنج تن هوگا حامي حمايت، ”مُحبَ“ سوئي مرسل.

◆

(3)

سِرُ گهوٽ مٿان بيٺو گهور ڪري،
جنهن جي تابُ اکين ۾ شور ٻري،

بيٺو بابَ بَديُن جا بخشائي، آيو سورهيه تِريءَ تي سِرُچائي،
وري پلڪ ٿيو ڪِينَ هڪڙو پري،

جنهن ڪنڌ ڪپي قرباني ڪيو، نينهن اڳيان نظراني ڪيو،
وڏو عاشق سُوليءَ تي سِرڙو ڏري،

چوي ”مُحبُ“ لُطفَ جو لائق هو، هُو اصل شهادت شائق هو،
جنهن پيتو جنت جو جام ڀري،

◆

سُر رامڪلي

(1)

اُٿي جوڳيئڙا جاڳُ وي،
ڪهڙِي نيٺن ڪي ننڊَ ٿئِي.

جاڳِي جوڳِي جُوءِ تي وِيڙا، پَتا تِنهِين جا پورب(1) پِيڙا،
سَريو تن ڪي سُهاڳُ وي، مليا ويراڳِن وَندَ(2) ٿئِي.

تنهنجو ڪيڙُ ڪُتنب ڏِسُ ڪاتي، ۽ پڻ جاءِ جنم جي جاتي،
مَڙهِي(3) اصل تنهنجو ماڳُ وي، اوڏِهين ڪانہ اُڪندَ(4) ٿئِي.

ڪيو سفر جو سامِيُن سَعيو توڪي رَهڻَ جو رُجَ ۾ رايو
اهڙِي نومَ(5) نياڳُ وي! موتَ وڏا ڪي مَندَ(6) ٿئِي.

رانولَ(7) جاڳِي رامَ ڏي رَمُ(8) تون ”مُحبَ“ نہ رہ ڪو دَيرَ(9) ۾ دَمُ تون،
تَڪِيا(10) تُرتُ تياڳِ(11) وي، روُپَ انهيءَ جي رَندَ ٿئِي.

◆

---

(1) اوپر (2) ورهاڱا (3) جوڳين جي رهڻ جي جاءِ (4) سِڪَ (5) ننڊ (6) جادو (7) شهزادا (8) هَلُ (9) جاءِ، گهر (10) جاءِ (11) ڇڏي وڃ، ترڪُ ڪر.

(2)

جوڳيسَرُ(1) جاني آلا، ڏيئي ويو وِرچَ ويراڳ جي......
مُرليءَ سان موهي ويو ڪا لائي لاثاني الا. ....
عشق اچي اظهار ٿيو بره ٿيو باني(2) آلا......
پائي وِيوم پريت جِي، ڪيمياگر ڪانِي آلا. ....
جوڳيءَ سندڙي جام ۾، ڪا سُرت سبحانِي آلا. ....
دل تہ دائم ٿي رهي، ”مُحبَ“ مستانِي آلا. ....

◆

---

(1) جوڳي فقير مجازاً مرشد (2) اڳواڻ.

سُر سريراڳ

(1)

لُڏي منجھ پَئِي لَھرُن، اَوَنَترِ[1] اَويڙِي[2]،
آلہ شل اُڪارين، منجھان ٻاجھ ٻيڙِي

لڳيون حِرصَ ھِيرُوَن، وَريون جَنھن تي وِيرُوَن،[3]
ڪُوھا[4] ڪرِڪنا[5] ٿيا، پيئون سِڙَھہ[6] ۾ سِيرُوَن،
ڪريان ڪنھن کي ڪِيرُوَن[7] جھَڪُن آھي جھيڙِي آلہ شل.........

سَمُرُ ناھي سو جو ٿئي اونھي ۾ اوجھو
ٻُرايَن جو بيحد، ڪنيم بار بوجھو
وريو ڪُنُ ڪو جو تي نُقصانَ نيڙِي،[8] آلہ شل ....

دَنگِي[9] وِچَ دَريا، ٽُٽا وَنجھ[10] وَريا،[11]
ھَٽِي تابَ تَختا، ڏِڪي ڏارِ ڏَرِيا،
تارُو جِتِ نہ تَرِيا، مدد اُتِ تي ميڙھِي،[12] آلہ شل ....

وَيون سَيئِي واھُون، ڪريان دردَ دانھُون،
”مُحبَ“ چَئِي ڏي مولا، ٻُڏَندِيءَ کي ٻانھُون،
اُڪاري اُتاھون، ڳجان يِرِ[13] تي پيڙِي،[14] آلہ شل ....

◆

---

(1) ڏکي ھنڌ (2) واٽڙي، ٻي سھاري (3) چوليون (4) ٻيڙيءَ ۾ ڪاٺ جو اھو وڏو ٿنڀو جنھن ۾ سِڙُھہ لڳايو ويندو آھي (5) زبون (6) بادبان، ٻيڙيءَ کي ھوا لاءِ ٻَڌل ڪپڙو (7) دانھون، سَڏَ، رڙيون (8) ويجھي (9) ٻيڙي (10) بانس جا ڊگھا لٺا جيڪي ٻيڙيءَ کي ڌِڪڻ لاءِ ڪم ايندا آھن. (11) ٻاجھہ رَسِيون ۽ وٽيل گاھہ جا نوڙ (12) مددگار (13) ڳنڍِي، ڪناري (14) پھچائڻ.

(2)

جاتي لوڪ لَهوارو وَهي، اُتي عاشق اوپارا اچن،
سَمنڊ جا سِيرُو(1) سُهيلا،(2) سُتَترِ(3) سوپارا اچن.

عاشق الله توهار جا، عربيءَ سندي آڏار جا،
نادِ علي نروار جا، اُهي نَرَ هنيو نعرا اچن.

هِن بحر ۾ ڪيئي بَنِي،(4) تي غرق ويا غافل غَنِي،(5)
جاتي ڏِنِي ناهي ڪَنِي،(6) اُتان چُستَ ڪيو چارا اچن.

مال محبت جو ڪٽي، وحدت سندو وَکرُ وَٽِي،
گهُمي ولايت ڪا گهٽي، اُهي پِرتِ پوڄارا اچن.

تار مان طالب تريو سؤدو سچائيءَ جو ڪريو
'اِلاآَصلِهِ'(7) واپس وريو سي وِيرَ وٽجارا اچن.

مهراڻ جو موجون مَتي، ڪُن قَهر جا سارا ڪَتي،
لائق سيئي لَهرون لَتي، اُهي "مُحبَ" موچارا اچن.

◆

---

(1) سِير ۾ هلندڙ ملاح (2) هوشيار (3) سُتي تڙ تي (4) بني بوع انسان (5) دولتمند (6) 'ڏَني نڪا ڪَنِي' يعني ايترو تار پاٽي جنهن جو ڪناروئي نظر نہ اچي (7) 'اِلاآَصلہ' يعني "ڪل شيءِ يرجع اِلاآَصلہ" - هر شئي پنهنجي اصل ڏانهن ورندي

حالِ يتيم

(1)

روئن روز يتيم جا نِتُ نيڻَ، (1)
ڪري ڪنهن کي ڪوني منهنجا والدينَ.

نہ موجود اڄ ماءُ پياري اَٿَسِ، نہ بابا چئي دلڙي ٺارِي اٿس،
سدا غم اَلمُ (2) گِريہ (3) زاري اَٿَسِ، تہ گذري ڏکن ۾ سندس روزُ (4) رَينَ. (5)

پين کي نہ ڳُتي پڪو خوب کيٿُ، گَتِي وئي تہ تازو لٿو آهي چيٿُ،
يتيمَ ئي سندو هڪ بکيو آهي پيٽُ، ڪري سوال ڪِنِ کي هٽي ڪنهن کي سَينَ (6).

جتي ٻار ٻيا ٿا پڙهن پارسي، علمَ سڀ جي تَنِ جي اندر آرسي،
اُتي هڪ يتيم ئي ٿيو بي وارثي، ملي ڪونہ تنهن کي پنو يا ڪا پين.

يتيمن تان جيڪو ڪري سِرُ فدا، ڪري خاص خدمت براهِ خدا،
”مُحبَ“ مهر تنهن تي ڪري سائين سدا، وٺي سو جنت جي چمن منجھ چَينُ (7).

◆

---

(1) اکيون (2) ڏک (3) روئڻ (4) ڏينهن (5) رات (6) پنڻ لاءِ آواز ڏيڻ (7) آرام.

شانِ ميخانہ

(1)

هي مرشد جو در آ ۽ بَيتُ الّفَقَر(1) آ،
هِيءَ دربارِ عالي، مُنِيرُ البَدر(2) آ.

ازل کان ئي آيو فَهم هِت فقيري،
رَوا ڪئي نہ رهبر، ڪا اصلئون اميري،
نہ عربيءَ کي عَجميءَ مٿان ڪو فخر آ.

---

(1) فقراءَ جو گهر (2) چوڏهينءَ جو روشن چنڊ

هلي هت هميشان تي رياضت رباني،
آئي كي تي عِزتئون ملي موڳ ماني،
سدائين سخيءَ جو هي جاري ننگر آ.

هتي فيض جو آهي، درياءُ جاري،
پياسا پِي پُر تيا. هُو اڄ عشق واري،
انهن كي الاهُو جو ذوقئون ذكر آ.

مَندَبيَلُ هيءُ محبت جو ميخان آهي،
سدا ياد صوفين كي سبحان آهي،
هي وحدت جو محمّد ورهايو وكر آ.

اكرن ۾ اڙيل اڳڻ جي اچن ٿا،
وني ورچ وحدت جي رنگ ۾ رچن ٿا،
ترڪ تن تفاوت ڪيو زيدو بكر(1) آ.

مدح(2) "مُحبَ" توكي اجا ڪين آئي،
چوين چونٿو هِت آ خوبي خدائي،
لكڻ توكي لازم 'لا اُحصِي'(3) اكر آ.

◆

---

(1) هڪ عربي پهاڪو جنهن جو مطلب آهي تہ "اسان جو ڪنهن بہ ڏُر ۾ ڪجھ نہ وڃي."

(2) ساراهہ (3) جڏهن حضور پاڪ معراج تي ويا هئا تڏهن الله تعاليٰ جي پوري قدرت ۽ نور جو نظارو ڪرڻ بعد بي اختيار فرمايائون تہ "اي مولا تون پنهنجي ساراهہ پاڻ ڪري سگهين ٿو. اسان کي تنهنجي ساراهہ جي طاقت ناهي."

آجيانم

(1)

اوهان جي اچڻ جون خوشيون ٿا ملهايون.
ڪيو ڪرم قادر پلي ڪيون پلايون.

فُرقَتَ[1] ۾ في الحال هئي دل اُداسي،
اچڻ سان اوهان جي ٿيا روح راسِي،[2]
لٿا دڪ دلين جا مِنٿيُون ماندگايون.

اچڻ جا اسان تي گيَوَ ڪرمَ ڪيڏا،
هئاسين نہ هرگز اسين جوڙ جيڏا،
قدمُ هِڪُ پَدَمَ ڪان پَليرو ٿا پانيون.

عجيبا اچڻ سان اڱڻ ٿيام اُجرا،
وريو بخت بهتر حضوري ٿيا حُجرا،
ماڻهو ڏين مبارڪ ۾ وڻ ٽڻ واڏايون.

سَمون آ سڳورو وصل ويلَ آئي،
ڪري مهر مولا هيءَ محفل مچائي،
اسان جون الله پاڪ آسون پُڄايون.

پرين پاڪ آيا "مُحبَ" ڏيو مَنادِي،[3]
اچو عشق وارا ڪريون شغل شادي،
عطر مُشڪ عنبر سان ميندي ملايون.

◆

---

(1) وڇوڙو (2) خوش (3) اعلان، پڙهو ڏيڻ.

(2)

مرحبا اڄ آيو منهنجي، هلي محبوب ميخاني،
ڪريان قربان سِرُ قدمين، اچا ابتر[1] ٿيو احسانّي.

هميشه دل ٿي ساريو جن، الله آندو آ اڄ پڻ تن،
پُر پيالو وصل جو پِرين، پياريو پاڪ پيماني.

قدم ميخاني ڏريائين، خوشيءَ سان دل ڪي پريائين،
چيم جيءُ جيءُ ٿي پَريانّ ئي، پڙهيو اَلّحَمّد آستاني.

هِينئون هردم هو حسرت ۾، پررِجا[2] هئي رب جي رحمت ۾،
ٿيو مَنُ مَحُو مُسرت[3] ۾، پيئي سو پيش پِرياني.

"مُحبَ" مهرون ڪيائين جيئن، نباهي توڙ شل سو تيئن،
اٿم خاطر هميشان هيئن، ٿينديون ٻاجهون مٿان ٻانهي.

◆

---

(1) گهٽ (2) اميد (3) خوشي

عاجزي

(1)

آهي حيف منهنجي حال تي، شرمندگي پَڇتاءُ،
عمل ويو اخلاق ويو ڪَڄِ گَرندگي(1) پَڇتاءُ.

نفس جي نَوَ تال(2) تي، پويان لڳُس پينار تي،
پَلَوَ ۾ پاپِيءَ وڌو ڏُکُ دَرندگي(3) پڇتاءُ.

ڇا هو ڪرڻو ڇا ڪيو مون، هاڻي ڇا ٿيندو وري،
حَقُ ڇڏي چوپِيُم هَڏو گِل(4) گندگي پڇتاءُ.

بهشت دوزخ جي بهاني، رياض(5) ٿيو سڀ رائگان(6)،
فرض روزا حج زڪواتون، بندگي پڇتاءُ.

پيرِ مُغانّ مون کي پڙهايو حرف حق موجود جو،
پر اک نہ کوليَم ‘اَينَما’(7)، ٿي آنڌگي پڇتاءُ.

”مُحبَ“ ٿيو مايوسُ ڪُن، هِيِ معاملو مذڪور سڀ،
طلبَ رِيءَ توحيد جي، ٿي زندگي پڇتاءُ.

◆

---

(1) ڏنگا ڪم ڪرڻ (2) نفس جا تال، ڏيکاوَ (3) حيوانيت (4) مٽي، گند (5) محنت، عبادت، ڪوشش (6) ضايع، اجايو (7) هرطرف حق ڏسڻ.

(2)

بخشش جو ٻُڌي هاڻ، هيءُ بدڪار پيو اڇي،
بس ڪوئي نہ سمر ساڻ، هيءُ نادار(1) پيو اڇي.

تنهنجي نظر جو زخمي، وڃي ماهِ لقا کي چئو
اَبروءَ(2) جي کشِ کماڻ، هيءُ دوبار پيو اڇي.

منهنجي دَبَنِ(3) لئہ ڊوڙي، ڪا مسيحا کي منت ڪر،
تہ پنهنجو ڪٽايو پاڻ، هيءُ بيمار پيو اڇي.

آخر عشق جي فيض لا، هاديءَ ڏي هٿ ڪَنيُمِ،
يا مرتضيٰ ٻَرِ ماڻُ(4) هيءُ پينار پيو اڇي.

هيءَ نااميدي ڪفر آ، بلبل تون بچي وڃ،
ساري ڪنيو سرهاڻ، هيءُ بهار پيو اڇي.

تون نعره تڪبير چئي، دشمن تي دٻاءُ وجهہ،
ڪيو سيف کي سِيراڻ،(5) هيءُ ڪفار پيو اڇي.

جاني تنهنجي آ جُستجو پنهنجو پتو ڪوڏي،
وَالله ڏَسِ وَٿاڻ، هيءُ حبدار پيو اڇي.

معلوم ناهي ڪجهہ "مُحبَ" کي، تنهنجو رنج يا راضپو
اصل ڪئون اڻڄاڻ، هيءُ لَڄارُ(6) پيو اڇي.

◆

---

(1) سُڃو مفلس (2) ڀرُون (3) دوائون (4) ٽانوَ (5) تيز ڪرڻ (6) لِڄي ٿيل، شرمسار.

(3)

مُنهنجي سائين ڪَج ڪا سَتارِي سَتارِي(1)
تون جو ٻاجَهه ڀَريو تون جو رَحَمَ ڀَريو.

پَردو وِجُهه منهنجي پاپَ تي، آئون جا ڳَميٽي ڪارِي ڪارِي، تون جو......
ڪَرڻِي ۾(2) سوچِيُم تي ڪِينڪي، ڀَرڻِي(3) پِيَم ڀارِي ڀارِي، تون جو......
ڏِيَڻُ ناهي مون ۾ ڏيوڻُو مون هَٿَ اڳئي آ هارِي هارِي، تون جو......
ڳَنڍُ ڪٽان ڪيئن قيامَ ۾، آئون جا مَرَمَ جي مارِي مارِي، تون جو......
اَٿَمِ وڏو تُنهنجو آسِرو ٻي ذري ٿَمِ زارِي زارِي، تون جو......
مولا مَرَهِجِ(4) ”مُحبَ“ کي، بَخشِ بَديون تون بارِي بارِي، تون جو......

◆

---

(1) عيب ڍڪڻ (2) گناهه ڪرڻ وقت (3) قيامت ۾ حساب ڪتاب ڏيڻ (4) مهر ڪج.

(4)

ساري لوڪَ ستارَ منهنجي تون لڄَ رکجان،
تون لڄ رکجان، تون پَتِ رکجان.

آڳِلي پَڳِلي،(1) ڪوُڙي ۽ ڪُپِتي، پَڌرا مون پِر ڪارَ(2).....
عَدَدُ عيبن جو ڪوئي ناهي، اَوگُڻَ(3) تيام آپارَ(4).....
”لا تَقنَطُو“(5) آهي لَنڊِيءَ(6) کي، پلپل توڏي پُڪارَ.....
مَحشر ۾ متان ”مُحبَ“ ڪرين تون، ڪاهِلِ(7) منجهه قَطارَ.....

◆

---

(1) چري، ديواني (2) ڪارناما، ڪم (3) خراب عادتون (4) تمام گهڻا (5) ”آسرو نہ لاهہ“ (ق. ش)
(6) ٻچڙي ٻانهيءَ (7) سُستہ

دنيا فاني ـ هوش ڪر

(1)

دنيا تي اي بندا دل ڪي، ديوانو ڇو بڻايو ٿِئي،
دنيا جو هي دم گذر دفتر، افسانو ڇو بڻايو ٿِئي.

حقَ جي جاءِ حقيقي دل، اها پَڪَ ڄاڻُ اي غافلَ،
تَنهن ۾ تو غير جي محفل، ميخانو ڇو بڻايو ٿِئي.

بندا دل نور جو نُقطو(1) تنهن کي رک پاڪ ۽ پختو
دنيا جي ريبَ(2) ۾ رُخ تو بيگانو ڇو بڻايو ٿِئي.

”مُحبَ“ ٻيون ڏئي مِڙئي ٻَنَ ڪي، سَچِي تلقينَ(3) ڏي تَنَ ڪي،
مجازيءَ(4) تي موڳا مَنَ ڪي، مستانو ڇو بڻايو ٿِئي.

◆

---

(1) ٽيڪو (2) دولاب، فريب، برائي (3) هدايت (4) ظاهري، ڪوڙي

(2)

خدا جو نام آ قائم، زمانو بي بَقاءُ(1) آهي،
آخر هِي جَڳُ فَنا فانِي، مِثلِ لَحظي لَقاءُ(2) آهي.

دنيا کي تو ڀانيو ديرو(3) مسافِرَ! ڀؤنرَ جيئن ڀيرو
ڏکن جو ڇو اَڏين ڏيرو(4) قبر تنهنجو مَڪان آهي.

وڃائي ويا نَبِي نَعرا، عاشِقَ، اولياءَ، عَمَل وارا،
نہ سڪندر جَمجَمان، دارا، نہ ڏيمِيُن(5) جو ڏَڪاءُ آهي.

ڪَمِ نَہ ايندءِ ظلم زورا!(6) اڳيان تُرندا هَلِي تورا،(7)
ڪرين ڇو ڀَئو نٽو ڀورا،(8) تہ قيامت بَرحَقا(9) آهي.

نصيحت "مُحبَ" مَڃُ مُنهنجي حُجَتَ نا هُتِ هَلي ڳنهنجي
سواءِ 'توبہ' اڳيان تُنهنجِي، ڳَنڍِي(10) بي ڪانہ ڪا آهي.

◆

(3)

مٿان آيءِ موت، اجا ڀيو نَحسَ(11) نِنڊُون ڪرين!

ويندي گل مان بُوءِ بهار جي، ڦِهرائيندءِ پوت.(12)

تنهنجو ماڳ مقام ۾، فنا ٿيندين فوت،

غافل ڇڏِي تون، گهوگهرا، اُٿي اَحَدُ اندر ۾ اوت.

"مُحبَ" جاڳائي من کي، رياضت روح ۾ روت.(13)

◆

---

(1) فاني (2) هڪ پَلَ جو ڪيل (3) گهَرُ (4) جهُوپڙو (5) جنگ جي نغارن (6) اي ظالم، اي زور وارا! (7) ڏوهہ ۽ ثواب (8) غافل! (9) سچ پچ اچڻي (10) ڪنارو سهارو (11) نياڳا (12) ڪفن، پوتي (13) ٻوٽو لڳائڻ.

(4)

ڳَر سُرت تي سياڻو ادا، ڪم ڪاج جو ڪرڻو آَئِي،
غفلت ۾ چو گهارين ادا، ويسر منجهان ڇا ورڻو اٿئي.

موڳا اڃا آهين مَنگيل، ٿيندَيءِ سُيان شادي شغل،
ڏس لوح ڪان آهي لڪيل، پيارِيءَ سان پَڳ پَرڻو اٿئي.

ڪو ڏينهن ٿيندُءِ ڪاج جو تون سعيو اڳئي ڪر ساڄ جو
آَڙي اوڳا انهيءَ ازواج(1) جو ٽاڻو(2) نہ دم ٽرڻو اٿئي.

هڪ تون جِنهين جو آهين وياءُ،(3) ٻيا سوٽَن خاطر ايندءِ سيا،
ٻَل ٻَانا وجهي ٻَائيندا ڙِيا، اِهو ساٿُ سڀ سَرڻو اٿئي.

لائُن مٿي هَلندين لَڙِي، تون گهوٽ سِر گهوڙي چڙهي،
نامِ خدا جون نفلون پڙهي، ڏَڙُ سِرُ اڳيان ڏَرڻو اٿئي.

ٻُجَهه ۾ ڳَنڍِيءِ ڪي ڳالهيون، ’وَمَارَبُڪَ‘(4) وَني واليون،
اُتِ اڪڙيون ٿينديءِ آليون، ڏس ڏهڪار ۾ ڏَرڻو اٿئي.

”مُحبَ“ هِيءَ ڪافي نہ عام، آ ”ڪُل شئي(5) هالڪ“ جو ڪلام،
ڪندو اڄ سُيان تو در سلام، هي مذڪور سڀ مرڻو اٿئي.

◆

---

(1) زالون (2) وقت (3) اولاد (4) تنهنجو رب ڪهڙو آهي؟ (ق ش) (5) هر شئي کي هلاڪ ٿيڻو آهي (ق ش).

(5)

آهي اهو ارمان، نام اَلله جي کان نيارو رهين پيو.
سانگين وانگي سَير سفر ۾، محض آهين مهمان......
موٽَڻُ تُنهنجو ماڳ انهيءَ تي، آهي اڄ ئي امڪان.....
حِرصُ و هَوسَ ۾ سارِي حياتي، غير ڪيئي غلطان.....
"مُحبَ" مدامي من ۾ مچائج، محبت وارو ميخان.....

◆

(6)

خدا جي يادگيريءَ جو ادا هي وقت آيو ٿئِي،
بقا هوندين ڪو دم باقي اڃا پڻ نفس رايو ٿئي.

بنايُئِي دل ۾ بتخُانو پٿر جي پيو ڪرين پُوڄا،
نٿو سنيران تہ ڪو سجدو نظر حق ۾ نمايو ٿئي.

آماره جي ارادن سان، رهين شب روز پيو شامل،
مگر سچ چؤ تہ ڪا ساعت، سَڄڻُ سيني سمايو ٿئي.

رڪي ملعون(1) سان محبت، محض مُشرڪ بنيو آهين،
مگر هِڪُ دَمُ نہ ڪو دل سان، لطف لِلهِ لايو ٿئي.

"مُحبَ" مشغول ره رب سان، ڪڍي ڪعبہ منجهان ڪافر،
ٿيندين نہ تہ قرب ۾ ڪُوڙو صرف عاشق سڏايو ٿئي.

---

(1) لعنتي، ڌڪاريل.

(7)

اڙي دل ڇا چوان توکي سڄڻ کي ڇونه سارين ٿي،
ڳيلُ قالو بَليٰ قَدرِي، پِرَنُ[1] تون ڇو نه پارين ٿي.

دنيا جي موج مستيءَ ۾، اطاعت ڪئون رهين غافل،
خدا جي خاص وحدت ڏي، وَجَهُ[2] تون ڇونه وارين ٿي.

ٻُتن کي باوفا ڄاڻي، هَنسِين هَستِي ڏسيو ڪُوڙي،
اکين مان حوض ’حُبُ الله‘، هَنجُون تون ڇونه هارين ٿي.

لَوامه سان ڪري لائم، اَماره آشنائي ڇڏ،
مگر مُطمئنه سان مرڳو تون، مُلحَد[3] ڇونه مارين ٿي.

قلبِ آدم آ بيَتُ الله، تو ۾ ميخانو مولا جو،
”مُحبَ“ کي جام وحدت جو پيالو ڇونه پيارين ٿي.

◆

---

(1) وعدو (2) رخ، منهن (3) ڪافر
(i) نفس اماره= گناهه ڏي مائل ڪندڙ نفس.
(ii) نفس لوامه= گناهه کان ڇينپيندڙ يا منع ڪندڙ نفس.
(iii) نفس مطمئنه= پاڪ نفس جنهن ۾ نيڪي ۽ خدا جي يادگيري رهي ٿي.

(8)

لوکؤن بندا هي لَڏٹا، آخر جهان چڏٹا.

شان جِنهان داشاهن شاهي، نادر سکندر حاتم طائي،
ويک رضا انهان رب دي آئي، سرکار دا آيا سڏٹا.

جاڑ(1) کريسئِي جوين جهٹکا، ڄاڻ ايوين جيوين کُنهبي چٹکا،
آخر لَحَمُ(2) تيري دا لٹکا، گوردي وچ هي گڏٹا.

تکيا ويک اِٹهان نهين تيرا، ماڳ جنهين کون پاوين ميرا،
دودن پيچي تيڏا ديرا، عُقبيٰ(3) دي وچ اَڏٹا.

اِها جڏهان کوئي عبرت آٹي، "مُحبَ" مُشهدا(4) تڏهين ماٹي،
افضل بات ايوين کر ڄاٹي، طلب دنيا کُون تڏٹا.

◆

---

(1) بيونائي (2) گوشت (3) اڳيون جهان (4) ديدار

(9)

عيد مٿان اڄ آئي، ناهي پاڇي پلاند ۾ پائي.
هن ڏينهن جو ڏاڍو حاڻو[1] هُيڙو سرتين سُڌ پي سڻائِي.
سرتين سهسين سينگار ڪيا، مون کي اَوڳڻ ۾ اڳلائِي.
سُوٽون ڏينم سرتيون سيپئي، جيڪا پيڻ پِرا پَرجائِي.
سَمَرَ وارين جو سَهجُ[2] پَسِي، آئون شرم گهٽو شرمائي.
”مُحبَ“ وِلهيءَ جو وارث موٽِي، ڪندو پورِيءَ ساڻ پلائي.

◆

---

[1] خوف، دپاءُ [2] آساني، خوشي

(10)

ڪهڙي مِٺي هتي مائِٽي، تون آئين بہ اڪيلو ويندين بہ اڪيلو

جيڪا حياتي ڪيئي سال ٿو سمجهين،
آهي ڇَمَرَ(1) جيئن ڇانوَٽِي(2)....

هِي جي هِتي جا رشتا ناتا،
سمجهہ سِحرَ(3) جي سَجاوٽِي(4)....

ٿُرتُ تيار آهي ٻيڙو تنهنجو
وَڃان وَڃان ڪري وانّئِٽي(5).....

اڄ ڪِي سُڀاڻي آخر اَڏِٻي،
رِڻَ پِرِ ٿُنهنجي رانّئِٽي(6).....

"مُحبَ" محض جَڳُ سارو سپنو
ٻٽيل آ باغ بَناوٽِي......

◆

---

(1) بادل ڪِڪر (2) ڇانوَ (3) جادو (4) ٺاهہ ٺوه (5) ٻيڙيءَ تي لڳل جهنڊي (6) ڇوٽو تنبو يعني قبر ڏي اشارو.

(11)

دنيا ۾ ٽيو پيدا عجب جهڙو راز
لڏي لوڪ مان وئي پرت ٽي پرواز.

الفت نہ آهي، عداوت پئي ڪاهي،
ٺڳيءَ تاه تاهي، ڪيو ڪُلفت گوازُ[1].

حيادار هيڻو آهي ڏاڍو ڪميڻو
ڦِڪَتِ جو پيو ڦِيٽو ويو نيڪيءَ جو ناز.

چڱن مان چڱائي، وئي ڀلجي ڀلائي،
دغا ڪوٽِ ٻِيائيءَ جو آهي آواز.

گِلا ڪوڙ خيانت، غضب ڪن اَمانت،
ضعيف آ ضمانت، نيت بدنواز.

نٽا شرم ڪائن، لَڄون پيون لِيلائن،
انڌا پيا اُڏائن، براين جو باز.

”مُحبَ“ موج ويئي، ڪري خلق پيئي،
هاڻي وڃائج تون ويهي. صبر جو ڪو ساز.

◆

---

(1) واڌارو

(12)

ادا ماضي قبل کي ڇَڏجي، وٺي حال کي هردم هَلجي.

جيڪو اڳيون وقت هوءِ جاني، سو وهمن ڳُيئي ويراني،
ڪر هاڻي لاءِ حيراني، هن طمع دنيا کي تڏجي.
ڳُوڙو ڪرين ڇو ڪاپو[1] ڇڏي ڪٽڪ پوکين ٽو ناپو[2]
اڳيان خرچ وڌو توکي ڪاپو ڪِئين پاند ٽَلهي تي پَڏجي.

ڪر دَمَ هي هاڻ سَجايا، جيڪي باقي اٿئي بَچايا،
افسوس وڃن ٽا اجايا، توکي سُرت وارو ڪيئن سَدجي.

اڳ پوءِ جا ارادا ڳِپ تون، دَمَ دَمَ جو جُهوٽو جَهپ تون،
اُتي نام اَلَله جو جَپِ تون، اَندر عشق اوتارو اَڏجي.

”مُحبَ“ مُدامي مَن ۾ رک تارَ توحيد جِي ٿَنَ ۾
سدا ’فَاذِ ڪُروني‘ فن ۾ دل ڏي تہ ڳُروءَ سان ڳڏجي.

◆

---

(1) ڪپڙو اُٺڻ، ڏکيو ڪم (2) پيٽ جي پاڙن مان نڪرندڙ داڻا

شيطان

(1)

تہ بہ ڪِيِنَ ٿو ماسو مُٺِڙي شيطان ۾ اَچا شَڪَ اَٿمِ،
شب روز شرمائي گهٽو لاٿا نفس جا ڳَئين نَڪَ اَٿمِ.

ڪين ٿو حق ڏي هلي، پيو لائي گناهن کي ڳلي،
بدڪار بچڙي جي بِلي، ڪاڏا ڏڪا ڪئين ڏَڪَ اٿمِ. ڪين ٿو......

هن بي حيا خاطر مون بَرَ، ڏوريا گهٽا بَستيون بَحَرَ،
شوق ان جي لاءِ شَهَرَ ڏِسُ ڪئين لَتاڙِيا لَڪَ اٿمِ. ڪين ٿو......

ابليس جي لاءِ مون ادا، ڪيا ڪوڙ ٺڳيون ۽ نِدا،[1]
شب روز ٿو ڇاڻي خدا، هن بي شرم لاءِ بَڪَ اٿمِ. ڪين ٿو......

نفس جي شامَتَ ڪري، وڃانّ 'تَحَتُ[2] الّثري' جيڪر ٽَري،
پر رَبُ پاڪُ پيو رحمت ڪري، اِنهيءَ ڍولَ جا ڪئين ڍَڪَ اٿمِ. ڪين ٿو......

حق تي هلائج يا ڪريم، هيءُ "مُحبُ" راهِ مستقيم،[3]
اهڙي عنايت ڪر عظيم، تنهنجي پَنَهَ[4] ۾ پَڪَ اٿمِ. ڪين ٿو......

◆

---

(1) گلا (2) 'زمين هيٺ تڪليف جي جاءِ، دوزخ (3) حق جي سنئين راه (4) پناهہ.

مُلان ۽ منصور

(1)

ڪيئن مُلان منصور ٿين، تو ۾ عشق جي اُڻ تُڻ نہ آ.
عشق جي اُڻ تُڻ نہ آ، حق جي سچي هُڻ تُڻ نہ آ.

ٿَندُ جِي تَسبيح ڪٽيو اُنَ تي ڪرين الله الله،
ٿو پڙهين نَقلِي نمازون، پَرَ چاهَ جي چُڻ پُڻ نہ آ.

ذڪر ظاهر تون زباني، هوُ ڪريو هُو هُو ڪرين،
پر ”فنا في(1) الله“ وارِي، قلب(2) تو ڪُڻ ڪُڻ نہ آ.

موجَ دنيا جي مزي ڪي، شَهد(3) ٿو ڄاڻين شَبابُ،(4)
پر نفسَ ڪي نائبُ ڪرڻَ جِي، سَمجَهه تو سُڻ سُڻ نہ آ.

”مُحبَ“ ڪر مذڪوُر ڪوٺهُ،(5) سچ چَئُہ پهرين پاڻ ڪي،
طالبوُ ٿَنَ ڪي سَڏائين، پر روُحَ تو رُڻ جهُڻ نہ آ.

◆

---

(1) ”الله ۾ فنا ٿيڻ“ (2) دل (3) ماکي (4) جواني (5) ننڍو ٿورو.

يادِ وطن - يادِ الست

(1)

هيءُ نہ اسان جو ديسُ، يارو ڏوُر گهڻو اهو ڏيسُ..... (1)
مُلِڪَ اُنهيءَ جي نِيتِ(2) نِيارِي، محبت جا ٿي پاڪُ پيارِي،
ناهي 'لوُت لَبيسُ'(3)........ يارو ڏور........

عيب اُتي ڪو مرض نہ مائِي،(4) ڪانهي تانگهہَ طَبِيبَ جي ڪائِي،
لَرزه(5) نا ڪو ليسُ(6)........ يارو ڏور........

جاٿي جوان، طفل نہ ڪوئي، اَنَحَد(7) وارِي اَوَسِتا(8) هوئي،
ڪري نہ ڪوئي ڪيسُ(9)........ يارو ڏور........

اُتي هميشہ ايڪُ اوُنڪارو(10) ڪپڙو ناهي ڪثرتَ وارو،
وحدتَ جو آهي ويسُ........ يارو ڏور........

هيءُ ۽ هوُ بئي "مُحبَ" وساري، واڳ وطن ڏي جيڪو واري،
عاشق اُهو اَويسُ(11)........ يارو ڏور........

◆

---

(1) ملڪ (2) رسم (3) ٺڳي، دوکو (4) ماتا بيماري (5) ڏَڪڻي (6) زڪام (7) جنهنجي حد نہ هجي (8) چمار (9) وارن وارو خضاب (10) آواز (11) حضور پاڪ جو عاشق، مجازاً، سچو عاشق.

مُحبّ سَندا موتِي

{محبّ علي خان ٽالپر جي شعرن جو انتخاب}

مرتب

ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر

(2)

آيو سانگي آ سَير جي سانگي، سانگي آ سَير جي سانگي،
ويڙهيچن جيئن وانگي.

عشق منجهارئون ٿي آدم آيو عدم کي اورانگهي......
’اَنااَلحَقُ‘ جي عام جي اڳيئن، بانگ ڏني ڪا بانگي......
بانڪو بي پرواه بهادر، چِرڪَ آيو ڪُل چانگي......
هر جاءِ هادي هر مظهر ۾، تڙ مڙيوئي پيو تانگهي......
”مُحبَ“ مدامي وِرِهُ وطن جو مُورُ نہ ٻيو ڪُڇُ مانگي......

◆

(3)

هتي عشق آڻي، آهي ڪيو بره بندي،
وڇوڙي وطن جي ۾، آهيون وِرهَ وندي

اول پاڪِ اسمِي، نہ هئي بُوءِ بَسمِي، نَفَخُ نور سان هِيءُ،
بنيو جِيءُ جِسمِي، اسان ٿياسين ڳُل سان قسمِي، سخن ٿيو سُڳندي[1]

سوين هئا سلامِي، بڌي نيڪنامي، آيو عين نقطو ٿي غينون غلامي،
وئي هٿان ’ڪُنّ‘ ڳلامِي، هاڻي بولي هِندِي

هُتي هُو هوياسين، هِتي هِي ٿياسين، ڇڏي ويڙه وَسَندِي،
ڪنهن رضاهِتِ رهياسين، اڇي پرديس پياسين، سڏايون پيا سِنڌي

بَنِي ڳُل مان ڪثرت، اها آڻ عبرت، جو هجين دم حياتي،
سو وِسارِج مَ وحدت، رکج ”مُحبَ“ محبت، اهو سمجھ راز رِندي

◆

---

[1] خوشبوءِ وارو

(4)

آندو پرينءَ کان پيغام، اڄ قاصد نياپو نينهن جو.

دوست کان آيو قاصد ڪاهي، ڇڏيم لاڳاپا ٻيا سڀ لاهي،
آيو الف وارو انجام، ڪيم شرط مطالع شينهن جو.

يار جي آهيان گولن جي گولي، ٻانهپ جِي مون ڪئي آ ٻولي،
ناتَرِ (1) سڏايم نام، مون تي ڏَنُ ٻدّل تنهن ڏينهن جو.

فُرقَتَ(2) جو هي ڪاغذ آيو مون کي محڻ پيو رضا جورايو.
جَرُ تہ وَهايم جامَ، 'اَلمُوتُو' واري مِينهن جو.

اڄ پڻ آيو اَمُر جو اوتِي، قائم ٿي مون لاءِ قضا جي ڪوٺي،
اها "مُحبَ" پَرُوڙي مام، ٻَڌُ ثابت سَندرو سِينءَ (3) جو.

◆

---

(1) مومل جي ٻانهيءَ جو نالو (ناتر) (2) جدائي (3) سچائي، سڏائي.

حياتِ ابدي

(1)

هردم تُنهنجِي حياتي ويءِ، ميتِ مرڻ جو تون يار مُونجهارو.

چِرڪُ چڏڻ جو خوف نہ ڪائج، جامو هِي جِسماتي ويءِ،
ذات زنده تنهنجو سعد(1) ستارو.

پنهنجي ارادي ۽ مرضي مطابق، گيڙُيءِ سَير صفاتي ويءِ،
نام نفيءَ ڪان ليڪن نيارو.

نابوديءَ جي نسل مان ناهين، تون ساڳيو ظهورو ذاتي ويءِ،
نَوَ ڪَندَ ۾ نِتُ تُنهنجو نظارو.

هِتي هُتي پڻ حَيّ(2) تون هرجا، ناهين ”مُحبَ“ مماتي ويءِ،
آهي اَبناسِي(3) تُنهنجو اوتارو.

◆

---

(1) سڳورو (2) زنده (3) نَاس نہ ٿيڻ وارو

اونچي اڏام

(1)

پکيئڙا پَل پَل ۾ تون اونچو عَرِشِ اُڏامُ......
قَفَس(1) ۾ ڇو قيد رهين ٿو آهي گگَنُ(2) ٽُنهنجو گامُ.(3) – پکيئڙا........
کَنيڙون کولي هوُ هوُ ٻولي، ٽوڙِ دغا جو دامُ.(4) – پکيئڙا........
”طوُبيٰ“(5) ۾ آهي تنهنجو ٽَکيو(6) بنيادي بِسِرامُ.(7) – پکيئڙا........
”رَبِ(8) اَرِني“ آهي روزي ٽُنهنجي، کاءُ نہ خاڪِي طَعامُ.(9) – پکيئڙا........
دَمَ دَمَ جو پرواز پرينءَ ڏي، ڪر تون ”مُحبَ“ مُدامُ.(10) – پکيئڙا........

◆

---

(1) پنجرو (2) آسمان (3) ڳوٺ (4) پکين ڦاسائڻ جي ڄار (5) ”بهشت ۾ هيءَ هڪ وڏو وڻ آهي جتي نيڪ انسانن جا روح سهڻن ساون پکين جي صورت ۾ رهن ٿا.“ (6) رهڻ جي جاءِ (7) آرام گاهہ (8) اصطلاحاً ، ”خدا جو نور“ (9) کاڌو (10) سدائين.

(2)

تون پنهنجو خيال عرشين اُڏائي سگھين تو
۽ فَخُرِ زمين پڻ سڏائي سگھين تو.........

تون هر جاءِ هادي ۽ موجود مظهر، آدم جي اولي اعليٰ ۽ اطهر،
اهو پوش پائي مٿائي سگھين تو.........

ٻيو ڪو نہ ٿيندو تنهنجي شان شامل، مٿاهون مِڙِن کان ڪُلي آهين ڪامل،
قدم پنهنجو ڪُل تي ڪُڏائي سگھين تو.........

هتي ۽ هُتي پُڻ تنهنجي بادشاهي، سواءِ تنهنجي سارو هي عالم اونداهي،
حڪم پنهنجو هر جاءِ هلائي سگھين تو.........

سدائين سُرخرو ۽ سڀورو تون سَٿَ ۾، هلائڻ چلائڻ مڙئي تنهنجي هٿ ۾،
اڪرُ ’قُمِ بِاِاذنِي‘،(1) الائي سگھين تو........

قطرو سو قلزم(2) ڪري ”مُحبَ“ جاڻج، حڪايت نہ هن ۾ ذرو غير آڻج،
ڀِرمُ(3) هِنَ هُئڻَ جو ڀُلائي سگھين تو........

◆

---

(1) منهنجي حڪم سان اُٿِي (2) وڏو سمنڊ (3) شڪ

رازداري

(1)

حال محرم(1) سان هميشان، خيال دل جو کولجي،
غير جي آڏو نہ هرگز راز پنهنجو رولجي.

حق(2) ۽ باطل(3) ۾ هميشان، جنگ ٿي جاري رهي،
واسطي ويچار جي، دل جِي ترازِي(4) تولجي.

بره جي بيمارَ خاطر، وَصُلَ جي گھُرِجي وَٽِي(5)،
ويجَ(6) ڇو ويهي اَجايو دِيگر(7) ڦَڪِيُن(8) کي ڦولهجي.

روبرو رِندَن(9) جي زاهِدَ،(10) ڪيمَ تَقُويٰ(11) کي طَلَبِ،
جامُ پِي مدهوش ٿِي، ساري ڀِرمَ(12) کي ڀولجي.

جابَجا ڪري جستجو(13) پَسُ(14) هي ظهُورو(15) ذاتِ جو
عارفن وٽ عيبُ جيئن، ٻيائيءَ جو گلمون(16) ٻولجي.

هيءَ حقيقت حال جِي، ڇا ٻُڌِي ٻوڙا ڪندا،
”مُحبَ“ هن مذڪُورَ خاطر،(17) ڪو ڳُڻَن(18) پريو ڳولجي.

◆

---

(1) ڄاڻندڙ (2) سچ (3) ڪوڙ (4) ساهِمي (5) ميلاپ جو پيالو (6) اي حڪيم (7) ٻِيُن (8) دوائن
(9) درويشن (10) پرهيزگار (11) پرهيزگاري (12) شڪ، گمان (13) ڳولا (14) ڏِسُ (15) اظهار،
پڌرائي (16) ڳالهه اکر (17) ڳالهه لاءِ (18) خوبين.

سجدا

(1)

مومن مولا نون ڪرڻا، سجدا هي ڏوُن قِسم دا،
سجدا هي ڏوُن قسم دا، هڪ جان ٻيا جسم دا.

سؤ سؤ چا سجدي پاوين، رُغبت نہ رب دِي لاوين،
تون گوڏي چا سِر گساوين، اهو هي رڪوع رسم دا.

سالم هي سجدا سوئي، جِس وچ نہ غير دوئي،
ڪري داور دا دل نون جوئي، ميخان هر موسم دا.

تون آپي دا عدم آڻين، تان مقبول سجدي ماڻين،
جڏهان ماسوي(1) نون ڄاڻين، تون ڀات(2) ڪر ڀسم(3) دا.

افضل هي ”مُحبَ“ اِيوين، ڪولين ڪعبہ قلب دا جيوين،
تون عابد اُٿاهِين ٿيوين، ڪرين اثبات هڪ اسم دا.

◆

---

(1) الله کان سواء يعني غير الله (2) قسم، نمونو (3) خاڪ

مرحبا

(1)

مرحبا مرحبا تن کي، جِنهِين مَئِن کي ماريو
جنهين مَئِن کي ماريو، صبر ۾ گذاريو……

نڪو ويرُ ڪنهن سان نہ محبت مطلبي
همہ[1] کي حقيقي تن نظر سان نهاريو……

خودي پنهنجي ڪائي پٽِي[2] پاڻُ ڪِيائون،
ڪري ٽَرڪُ تيريُون[3] ميريُون وجودئي وساريو……

ڇڏي خوف خواهش ٿيا مرد 'مُوتُو'،[4]
عشق سان عوشاقن جيئڻ کي جياريو……

اٿن تات تن ۾ سدا تونهين تون جي،
آلاهُو اسم سان تِن اندر کي اُجاريو……

هِتي ۽ هُتي پُڻ ٿا اُهي "مُحبَ" مَرڪن،
جنهين قول قالوٰ[5] وارو پِرينءَ ساڻ پاريو……

◆

---

[1] سڀ ڪنهن کي [2] خاڪ [3] 'تنهنجون منهنجون' [4] مرڻ کان اڳي مرڻ يعني سڀ نفساني خواهشون ختم ڪرڻ. [5] قالو بليٰ= روزِ ازل جڏهن روحن رب تعاليٰ سان اقرار ڪيو.

نذرانہ عقيدت

(1)

سائين پاڳارا ڀيارا ٻَلا، تون آنُ صاحبُ سنڌ جو.
مٿي تاج مُحمّدِي، آهلِ(1) عليءَ وارا ٻَلا. تون آن ....
سڪندر شاهہ سلطان تون، دينَ سندا دارا ٻَلا. تون آن ....
ڪلمي، دِينَ، قرآنُ جا، توکي سبق سارا ٻَلا. تون آن ....
سُليمانِي سيجَ تي، سونهِين سوڀارا ٻَلا. تون آن ....
”ڀيج پاڳارا ڀيج تون“، هِي نوراني نَعرا ٻَلا. تون آن ....
مُرشِدَ ڏيج ”مُحبَ“ ڪي، دانَ(2) ڪي دوٻارا(3) ٻَلا. تون آن ....

◆

---

(1) خاندان (2) خيرات (3) وري وري.

(2)

دَرويشَ دِلاوَرَ دل جا، هوندين حضورَ ۾،
هوندين حضور ۾، تون ساقي سُرُورَ(1) ۾.
باطنَ(2) ۾ هئين تون باخدا(3)، ۽ ذاڪِرُ(4) ظهُورَ(5) ۾. - درويش.......
تُنهنجي سبقَ سُڌاريا، جيڪي فاسِقَ(6) فُجوُرَ(7) ۾. - درويش.......
وحدت جو واقف ڪري، ۽ ڪاٽِيُءِ(8) قُصورَ ۾. - درويش.......
جيڪي ڏِنمُ تو جامَ ۾، سا طَلبَ نہ طَهُورَ(9) ۾. - درويش.......
"مُحبُ(10) الفقراءُ" مردُ هئين، تون شائِقُ(11) شعوُرَ(12) ۾. - درويش.......

◆

[مرحوم دلاور فقير خاصخيلي بابا سائين جن جو پهريون روحاني رهبر، شاعر ۽ سگهڙ هو. بابا سائين جن هي ڪلام سندن ياد ۾ چيو آهي. فقير سائين تاريخ 9 مئي 1964ع مطابق 26 ذوالحج 1383هجري بروز ڇنڇر رضا ڪري ويا.]

---

(1) آرام، خوشي (2) ڳُجهَ (3) الله سان واصل (4) (الله جو) ذڪر ڪندڙ (5) ظاهر (6) گناهگار (7) بڇڙائي، برائي (8) گهَٽِ ڪيءِ (9) بهشت جو شراب (10) 'فقيرن جي حب وارو' (11) شوقين (12) سمجهہ، ڄاڻ، هوش.

اظهارِ محبت (يادِ رفتگان)

(1)

ڪيئن تون يار وئين ناتا ٽوڙي، محبوب مٺا مُنهن موڙي
ڪهڙي وِيرَ[1] ولايت وِيڙين، ڪَهڙي سِراءِ[2] وڃي ساڪِنُ[3] ٿِيڙين،
چاڪئون پَڳهَ[4] وِئين ڇوڙي – ڪيئن تون……

گهَرَ ٽَڙَ، گهيڙ، گهٽيون، گهَٽَ گهارا، پرين پُڇايم ٿُنهنجا پارا،
واٽون رهيس سڀ ووڙي[5] – ڪيئن تون……

قاصد تو وٽ ڪين پُڄي ٿو ڏاڍو سِٽاٽو[6] هي سفر سُڄي ٿو
تارون مُنجان ڪٽي ٽوڙي – ڪيئن تون……

گذرن ڏينهن رَوان[7] ڪيئي راتيون، وِسِرَن ڪِينَ ٻِنهن تو باتيون[8]
دل جا ڦٽ ڏسي ڪو ڦوڙي – ڪيئن تون……

مُدعا[9] من ۾ ”مُحبَ“ ڌريان ٿو الله جي دَرِ عرض ڪريان ٿو
تنهنجون جايون جنتَ ۾ جوڙي – ڪيئن تون……

◆

[بابا سائين جن جو سيني کان پيارو ڀاءُ خداداد خان 15 ڊسمبر 1965ع تي ڪانئن هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو. هيءُ ڪلام سندس ياد ۾ چيو ويو آهي ۽ سندس مغفرت لاءِ دعا بہ گهري ويئي آهي]

---

(1) بهادُرَ! (2) رهڻ جي جاءِ، مسافر خانو (3) رهاڪو (4) زندگيءَ جي ٻيڙيءَ جو رَسو (5) ڳولي (6) ڏکيو (7) هلندڙ (8) ڳالهيون (9) مقصد، آرزو دعا، پڪار عرض.

(2)

وِيَڙا ماڳئون مٽي، هُو جي جانب جِيءَ جا.
تن جي سِڪَ سَرير مان، هڪ گهڙي نٽي گهَٽي......
ڪي ڏينهن قيدالماءَ[1] جا، ويا قُرب سان ڪٽي. ......
ساري هن سنسار جا، سڀ سِياڪا سَٽي. ......
رمز ڪهين روپوش ٿيا، رَهي ڏِهاڙا ٻَٽي. ......
مَنُ مُدامِي "مُحبُ" چوي، ويا قوڙائي سا قَٽي. ......

◆

نوٽ: هيءُ ڪلام پياري ياءُ خداداد خان جي وفات بعد ان جي ياد ۾ چيو ويو. هيءُ مرحوم 15 ڊسمبر 1965ع تي رضا ڪري ويو.

---

(1) دنيا ۾ آن پاڻيءَ جي قسمت

(3)

هر دم ياد رهين ٿو تون يارَ وَسَندَ.
دم دل تان نہ دوُري دِلدارَ وسند.

جيڪا منهنجي دل سا تنهنجي آ، جيڪا تنهنجي دل سا منهنجي آ،
اها پَڪَ تہ اصل ڪؤِن پنهنجي آ، آهيون ذات يَڪِي صورت ڏارِ وَسَندَ.

اَڻوَ ياد جَنَمَ گڏ پاياسين، اسان نظرِي عشق نِپاياسين،
ڪنهن نِسبَتَ سان نينهَن لاياسين، اِهي اَلستَ ڪؤِن پيا اقرارَ وَسندَ.

ساڳيو نينهن هتي نروار ٿيو، وري وَصُلِي مِيثاقِي وَهنوار ٿيو
پنهنجو پاڻتِ ۾ اِڃي پيار ٿيو اِهي جاڻُ اَزلَ ڪان اِسرارَ وَسندَ.

”مُحبَ“ سَندِي آهي مَن جي مُدعا، دلڙي دوستن ڪان ٿئي ڪِيمَ جدا،
اهو عرض ڪندو شل آمين خدا، پيڙو محبت جو ٿيندو پارِ وَسندَ.

◆

[بابا سائين پنهنجي سوانح حيات ۾ بيان ڪري چڪا آهن تہ ”اسڪول نصير خان لغاريءَ ۾ منهنجو هيڊ ماستر مسٽر وشنداس هو جيڪو منهنجو گهرو دوست هو.“ جڏهن بابا سائينءَ جي اتاهين بدلي ٿي تہ ٻنهي دوستن کي گهڻو افسوس ٿيو ڇو تہ پاڻ ۾ ڏاڍي پريت هوندي هُيَن. انهيءَ وڇوڙي جي ڏک ۾ ٻنهي هڪ ٻئي لاءِ ڪلام ڻاهيا. جن مان بابا سائينءَ وارو ڪلام هتي پيش ڪيو ويو آهي. مسٽر وشنداس کي عام طرح وَسَندُ سڏيو ويندو هو تنهنڪري هتي ڪلام ۾ بہ وسند ئي استعمال ڪيو ويو آهي. ٻيو ڪو عام دوست هن ڪلام مان لطف اندوز ٿيڻ چاهي تہ ’وسند‘ جي بجاءِ ’سڄڻ‘ استعمال ڪري ڳائي سگهي ٿو.

(4)

مُحبت وِڏو آ مامري، ڳالھ ڪريان مان گھڙِي،
آهي عجب جهڙِي

درد هميشان دل ۾ آهي، رمز انهيءَ دل رَهڙِي

رمز انهيءَ مان راه ٿي حاصل، اها سِڪَ سبحاني سَهڙِي

’وَسندَ‘ وصل ٿيو ’شير عليءَ‘ سان، مجلس ”مُحبَ“ جي اَهڙِي

محمّد نور ۾ آ نور سمايل، هِي طرح بنيا سڀ تَهڙِي

◆

[نوٽ: هي ڪلام بابا سائين محب علي، استاد وشنداس (وسند) ۽ علي شير فقير ڪولاچي جو گڏجي چيل آهي.]

اُردو کلام

(۱)

خدایا میں تیرا کرم چاہتا ہوں، نگہ پاک تیری نرم چاہتا ہوں۔
کشمکش مذاہب سے اُکتا گیا ہوں، تیرے اُنس(1) کا بس دھرم چاہتا ہوں۔
کہاں دُور جاؤں کہ دل میں گھر ہے تیرا، یہ نزدیک کعبہ حرم چاہتا ہوں۔
مجھے توفیق فرمادے صبر و شکر کی، زیادہ نہ زر کا درہم چاہتا ہوں۔
عطا ہو مسلسل تیرا ذکر ذاتی، اسی خیال سے دل گرم چاہتا ہوں۔
'محبؔ' کو ہے مطلوب تیری موج محبت، نہیں بہشت باغِ ارم(2) چاہتا ہوں۔

☆

---

(1) پيار محبت (2) شداد واري جنت

(۲)

ہردم ہمارے دل میں اک تیرا خیال ہووے،
بامحبتِ محمد، اور اُن کی آلِ[1] ہووے۔

کٹ غیر کا اندھیرا، کر دور اُن کا ڈیرا[2]،
نظروں میں نقش تیرا، جلوہ جمال ہووے۔

شب روز شوق شاغل[3]، وحدت میں کردے واصل[4]،
ہردے[5] میں تیرا حاصل، قُرب و کمال ہووے۔

فکرات فَا الذِ کرُونی[6]، دیدار دَم دَمونی،
گُفتار گوُناگوُنی، قِیل و مَقالِ[7] ہووے۔

دل کا یہ آشیانہ[8]، تیرا ہو آستانہ،
’محبوبُ‘ کا میخانہ، وحدت وصال ہووے۔

☆

---

(1) ڪٽنب (2) جاءِ (3) لڳاتار مشغول (4) ميلاپ (5) دل (6) ”تون ياد ڪر مون کي، آئون ياد ڪريان توکي“(قرآن) (7) ڳالھ ٻولھ (8) آکيرو.

(۳)

اعلیٰ عشق جسی پر آتا ہے، لا کے رمز اُسی رنگ لاتا ہے۔

عشق جسی پر آئیگا، وہ تن من دھن سے جائیگا،
گلے ہار ہجر کا پائیگا، خالی خون جگر کا کھاتا ہے۔

عشق نے درشن جس کو دیا، اُس کو اَجل(1) سے آزاد کیا،
پیالہ پُرکش(2) آبِ حیات پیا، 'مُوتو قبلِل'(3) وہ مر جاتا ہے۔

جو بھی پریم کا پھل کھائے، آگے دین کفر سے چل جائے،
شمشیر(4) شہادت گلے لائے، چڑھ سولی(5) سیس(6) کٹاتا ہے۔

برہ کا جس نے باب پڑھا، وہ چھوڑ زمیں آسمان چڑھا،
بن کے مرد 'محبؒ' میدان کھڑا، ہر جا گیت 'اناالحق'(7) گاتا ہے۔

☆

---

(1) موت (2) پريل (3) "موت کان اڳي مرڻ" (4) تلوار (5) ڦاسيءَ جو تختو (6) سِسِي (7) "آئون حق "خدا" آهيان.

(۴)

عجب رمز تیری یہ کیا دیکھتا ہوں،
نظارہ نظارہ نَیا دیکھتا ہوں۔

روشن ہے کعبہ تیرے نور سے جب،
صنم میں بھی تیری ضیا(1) دیکھتا ہوں۔

مومن تو ہیں تیرے مقبول بندے،
کفر پہ بھی تیری دَیا(2) دیکھتا ہوں۔

نسبت و ناطے سے تُو ہے نرالا،
مگر جسم سب کا جِیا(3) دیکھتا ہوں۔

عدم(4) سے اُگا کر لائے پھول کتنے،
سوا تیرے سب کو گیا دیکھتا ہوں۔

اگر 'محبؔ' محبت کے لائق نہیں ہے،
تجھے پھر بھی اُس کا پِیا(5) دیکھتا ہوں۔

*

---

(1) روشني (2) رحم و ڪرم (3) روح، جياپو (4) نہ هئڻ (5) محبوب.

(۵)

وہ جو سامنے ہے میرے کھڑا، وہ کون ہے، میں کون ہوں،
لگتا مجھے یہ معمہ(1) بڑا، وہ کون ہے میں کون ہوں۔

ایسے بھی کچھ افراد ہیں، جو میری رکھتے ہیں مُراد،
بن کر عَدُو جو آ کے لڑا، وہ کون ہے میں کون ہوں۔

عشق تو ہے آتش کدہ(2)، لرزے میں سارے لوگ ہیں،
جو سوزِ آتش میں سڑا، وہ کون ہے میں کون ہوں۔

حسن کے حملے میں یارو، کئی تو ہوئے شائق شہید،
جو میدان میں ہے بسمل(3) پڑا، وہ کون ہے میں کون ہوں۔

مجنون گر حق بھی کہیں، تو کیونکر شرع وہ مانتی،
شَطحاتِ(4) پر جو سُولی چڑھا، وہ کون ہے میں کون ہوں۔

ذرا غور سے جو میں نے دیکھا، تو میں عکس ہوں وہ آئینہ،
یہ بیچ میں جو ہے شیشہ جَڑا، وہ کون ہے میں کون ہوں۔

اب دیکھو دَرُونی(5) دِید سے، سارا 'محبؔ' حق موجود ہے،
یہ گھاٹ ہے کس نے گھڑا، وہ کون ہے میں کون ہوں۔

* * *

---

(1) ڳجھارت پرولي (2) باھ جو چولھو (3) اڌ ڪُٺل (4) شريعت جي حد کان مٿي ڳالهائڻ (5) اندر وارِي

(٦)

مجھے ساقی نے آنکھیں ملا کر پلایا،
'لاخَوفٌ عَلَیھِمْ'[1] دلا کر پلایا۔

جب ساقی نے مجھ کو ذرا مایوس پایا،
تو قدح[2] پر تھا کندہ وہ قطعہ[3] دکھایا،
'کُلُو وَشْرَبُو'[4] پڑھا کر پلایا۔

ملا جام گلفام، کیا نوش میں نے،
گنوائی عقل، ہوش دو گوش[5] میں نے،
'صُمٌّ وَبُکْمٌ'[6] بنا کر پلایا۔

یہ خُمر[7] کیا خُمر تھی کہ رِستی چلی گئی،
بڑھی بے خودی تو یہ ہستی چلی گئی،
دنیا اور عقبیٰ بھلا کر پلایا۔

مبارک ہو 'پیرِ مُغاں'[8] صد مبارک،
'محبؔ' مئکدہ[9] وہ مکاں صد مبارک،
اَلا ھُو اسم کو اَلا کر پلایا۔

* * *

---

(1) انهن کي ڪوبہ ڊپ ڪونهي (ق. ش) (2) پيالو (3) شعر جو ٽُڪرو (4) کائو ۽ پيئو (ق. ش) (5) ٻہ ڪَن (6) ٻوڙا ۽ گُنگا (ق. ش) (7) شراب (8) شراب پيئارڻ وارو يعني مرشد (9) ميخانو

(۷)

مجھ سے نظریں ہٹا کر کدھر دیکھتے ہو،
خدارا کیوں نہ ادھر دیکھتے ہو۔
نظر تیری کیمیا(1) جس مٹی پر ہے پڑتی،
وہ ہی خاکِ صحرا یوں نزاکت(2) سے بڑھتی،
وہ ارم بن ہے جاتی، جدھر دیکھتے ہو، خدارا کیوں نہ......
جدائی کا صدمہ یوں زہر نوش لگتا،
زبان خشک ہوگئی لبوں پہ ہے سکتہ(3)،
جب کیافہ(4) پہ میرے یہ اثر دیکھتے ہو، خدارا کیوں نہ......
اٹھو اب مسیحا کچھ نزدیک آؤ،
اپنے پیار کی کوئی پُڑیہ پلاؤ،
دوائی کیوں دانا دِگر(5) دیکھتے ہو، خدارا کیوں نہ......
گر دیکھو نہ دیکھو یہ قسمت ہے میری،
کروں کیسے شکوہ یہ کریمی ہے تیری،
میں قربان جاؤں جس قدر دیکھتے ہو، خدارا کیوں نہ......
فنا عشق میں جو کہ تیرے 'محبؔ' ہوتے،
کرو دستگیری جو تیرے ہی در پہ روتے،
جب شب و روز اُن کا یہ حشر دیکھتے ہو، خدارا کیوں نہ......

☆

---

(1) سون ٺاهڻ واري (2) ناز انداز (3) خاموشي (4) مُنهن جي حالت يا ڪيفيت (5) ٻي

هندی کلام

(ا)

بھگوان(1) بھجن(2) کوئی گاؤ رے، کوئی نغمہ سَنتَ(3) سناؤ رے......
دِھیان، گیان(4) کی دھونی(5) لا کے، سُرتی(6) ساز بجاؤ رے...... بھگوان......
ہردے(7) میں رکھو نام ہری(8) کا، پریم کا پد(9) پاؤ رے...... بھگوان......
آتما(10) میں اوم(11) کا منتر، سینے سَربُ(12) سماؤ رے...... بھگوان......
مہادیو(13) کے مندر میں بھئی، جیون(14) جوتِ(15) جگاؤ رے...... بھگوان......
اَمر(16) دیس میں اُلٹ پُلٹ کر، 'محبؒ' آؤ تم جاؤ رے...... بھگوان......

☆

---

(1) خدا (جو) (2) شبد، گيت (3) اي ساڌو! (4) ڄاڻ (5) مَچُ (6) هوش وارو (7) دل (8) خدا (9) منزل (10) روح (11) خدا (12) رَبُ (13) وڏو ديوتا (14) حياتي (15) روشني (16) نہ مرڻ وارو زنده جاويد.

(۲)

گیان(1) بتائے کیا گیان، میرا گُر گیانی......
نا تُو ہندو نا تو مُسلم، دھرم کیسا دھیان......
نا تُو خاکی رہو تم باقی، بھولا تم بھگوان......
سرگ(2) نرگ(3) سے تو ہے نیارا، آتم(4) امرت(5) جانُ......
تم ہو تیرتھ تم ہو تکیہ، تم ہو کنیا(6) کانُ(7)......
لوک پرلوک میں درشن تیرا، مانکھ(8) مُورت مانُ......
سن کر 'محبؔ' گرو کی گویا(9)، اپنا آپ پہچان......

☆

---

(1) ڄاڻ يا علم (2) بهشت (3) دوزخ (4) روح (5) نہ مرڻ وارو يعني آبِ حيات (6) ڪرشن مهاراج (7) ڪانُ سُجان=هندن جو هڪ درويش راجا هو. (8) انسان، ماڻهو (9) ڳالهه ٻولهه يا هدايت.

(۴)

گُر[1] بن گیان[2] کہاں رے سادھو، گُر بن گیان کہاں رے سادھو۔
گُر بن کرم[3] سپھل[4] نہیں ہوگا، نام جپو تو نشپھل[5] ہوگا،
جیسے دھوپ دھواں رے سادھو۔
جوگی بن جنگل کو جاتا، چھوڑ لگائی[6] پِتا[7] اور ماتا[8]،
مُکتی[9] ناہیں وہاں رے سادھو۔
بھگوا[10] پاکر بن گیا سادھو، گُرو بنا تو ہے مورکھ[11] مادھو[12]،
بیٹھا جنم گنواں رے سادھو۔
کس نے گرو بن اَلکھ[13] لکھا[14] ہے، بتا غُفا[15] میں کیا رام رکھا ہے،
یہ بھگتی[16] بھول بھواں[17] رے سادھو۔
'محبّ' گرو کے چرن[18] چُوم لیو، جو گیان بتائے اُسی پر جئیو،
کاٹے کوُپ[19] کنواں رے سادھو۔

☆

---

(1) مرشد (2) علم، ڄاڻ (3) ڪم، عمل (4) ڪامياب، سٺو (5) بنا ڦل جي، ناڪام (6) زال (7) پيءُ (8) ماءُ (9) ڇوٽڪارو (10) گيڙو ڪپڙا (11) جاهل (12) هندن جو هڪ فرقو (13) الله (14) سڃاتو (15) غار (16) عبادت (17) ڀٽِڪڻ (18) پير (19) وڏي کَڏَ يا کُوه

(۴)

موہے کیا آج گرو اُپدیش(1)، تیرے ہردے بَسے ہری(2) کیش۔

کاہے کو بنیا بن کا باسی، تڑپ رہا بن تیرتھ واسی،
تیرے ہی گھٹ(3) میں گنگا اور کاسی، گوبند، رام، گنیش۔
نہیں تیری کایا(4) نہیں تیری مایا(5)، یہ ہے بدل(6) برھم(7) کی چھایا(8)،
بے رنگ سے بہروپی آیا، آد(9) اَنت(10) میں ایش(11)۔
آتم پکشی(12) انتر(13) بولے، تینوں لوک(14) میں وہ ہی پَر(15) تولے،
اوم(16) اگم(17) اس خاکی چولے، منوھر(18) آپ مکیش۔
گرو کی بانی(19)، امرت پانی، ’محبؔ‘ تو اس کا بھید پہچانی،
ایک سوا کوئی اور نہ جانیں، جگ میں رہا جگدیش(20)۔

☆

---

(1) تلقين، هدايت (2) ڪرشن مهاراج، ڀڳوان (3) اندر ۾ (4) جسم (5) دنيا (6) بادل يا ڪڪر (7) ذات حقيقي يا حقيقتِ محمدي (8) ڇانوَ، پاڇو (9) بنياد يا ابتدا (10) پڇاڙي يا انتها (11) اِيشور يا الله (12) پکي (13) اندر ۾ (14) ٽي لوڪ: سرگ لوڪ، مرتيو لوڪ ۽ پاتال لوڪ (15) اُڏامي (16) ذات پاڪ، ذات بهت، ايشور (17) جنهن جي ڄاڻ نہ پوي يعني ذات پاڪ (18) سهڻو (19) ٻاڻي يا وائي، بيان (20) جڳ جو والي.

(۵)

تُو ہرجا ایک اکوئی، تیرے بن اور نہ کوئی۔
چودشا(1) میں یہ رنگ رنگینیاں، تیرے مُکھ کی لیلا(2) ہوئی۔
سؤ گُہَر(3) کی یہ سُندر مالا، ایک دھاگے میں ہے پوئی۔
ایک کی ریکھا(4) ایک میں بڑھ کر، انت ایک میں کھوئی۔
ایک دانہ سے بیل جو اوُگی(5)، وہ دانہ بیچ سموئی۔
’محبؔ‘ دیکھی تیری اوم اکائی، پرگھٹ(6) ہوا ہے تُو ہی۔

☆

---

(1) چودشا= چارئي طرف (2) لِيلا= قدرت (3) گُهَر= موتي (4) ريکها= لِيڪَ (5) اوُگي= ڦُٽِي. (6) پرگهٽ= پڌرو.

(٦)

ہے راما جی میں تیرے دُوار(1)ے کی داسی ہوں،
کِرَ(2)پا کرو میں تو پریم کی پیاسی ہوں۔

میں نے گھر بار چھوڑا، اور چلی چھوڑ گاؤں،
مَنشا(3) ہے میری کہ تجھے کیسے پاؤں،
بھٹکتے بھٹکتے میں بنی بنواسی(4) ہوں۔

بہت مندروں کے کیئے میں نے پھیرے،
لگائے غفاؤں(5) اور جنگلوں میں ڈیرے،
یون تیرے لئے پریتم، سمے سے سنیاسی ہوں۔

جنم سے ہی لیکر تجھے ڈھونڈھتی ہوں،
ہر کلی پھول میں تیری سگندھ(6) سونگھتی ہوں،
تیرے درشن کے کارن(7)، ابھی تک اداسی ہوں۔

منوھر(8) یہ مکھڑا تیرا، اب دیالو(9) دکھا دو،
نرمل(10) یہ نینا تیرے، 'محبؔ' سے ملا دو،
مدھوا(11) پریم پلاؤ، میں امرت(12) کی آسی ہوں۔

☆

---

[34] (1) دروازي، در (2) ڪرم (3) ارادو مرضي (4) جهنگل ۾ رهندڙ (5) غارُن (6) خوشبو (7) لاءِ واسطي (8) محبوب، سھڻو (9) رحم ڪندڙ (10) پاڪ (11) مدُ، شراب (12) آبِ حيات

حصو ٻيو

ابيات

ذڪرِ الاهي

(1)

بسم الله چئي بيان ڪيان، تو واحد وڏائِي،
قدرت ناه قلم ڪي، لکي پَرورَ پَڏائِي[1]،
کهڙِي عُرفت[2] اک ڪي، جنهن جي ٻَل ۾ ٻَڏائِي[3]،
انسان جي ٻه عقل ۾، آهي جُزو جڏائِي،
پنهنجي جاڻين پاڻ تو عزت اَرڏائِي،
مون ڪي ڇا مجال آ، ڪريان قلم ڪُڏائي،
تو آهي اَڏائِي، هيءَ قدرت ساري ڪُنُ چئي۔

(2)

ساراهيان سچو ڏڻي، ۽ ساراهيان سوئي،
مولا مالڪ مُلڪ ڏڻي، جڳن جو جوئي،
’وَحدَه‘[4] لاشَريڪَ لَه‘، آهي اُهوئي،
’ڪُلَه‘ ڪُفواً[5] اَحَدُ‘، ڪونهي مَٿُ ڪوئي،
ظاهر باطن زيب سين، هر جا هڪوئي،
هيءَ ثنا سَيوئِي، آهي پاڪ الله جي.

(3)

اَنئي پَهر الله جي، ڪر بندا بات بيان،
واحد جو ويساهه سان، ڌاري رکج ڌيان،
وڏائي واحد جي، ڪر ذڪر ساڻ زبان،
”مُحبَ“ آهين مهمان، تون رکج اون[6] الله جي.

(4)

آنئي پَهر الله جو سَڳو تون سوريج،
وندرَ وحدانيت سان، ڏيهه اهو ڏوريج،
هٿئون ڇڏ نہ حُبَ کي، چِتَ اندر چوريج،
دم دم پنهنجي دل ۾ طلب کي توريج،
الف تون اوريج، رکج اوَن الله جي.

(5)

اَنئي پَهر الله جي، تون تات رکج تازي،
اَلا هُو اسم جو ٿيءُ اندر آوازي،
متان "مُحب" وسارئين، هيءَ بره جي بازي،
حال وٺي هوشيار ٿي، تون ميساري ماضي،
ٿي مفتي تون قاضي، رکج اون الله جي.

(6)

اَنئي پَهر الله جي، تون روح ۾ رک رُجعات[7]،
وسارج نہ ويل ڪنهين، هيءَ لطيفي لات،
'فَالذڪرُوْنِي[8] اَذڪُرڪُم' جي، اورج تون آيات،
"مُحبَ" مدامي من ۾ اها تازي رکج تات،
شام صبح پرڀات، رکج اون الله جي.

(7)

اَنئي پهر الله ۾، تون چوري رکج چِتُ،
رکجان ذوق ذڪر سان، جيڪو وسَ ۾ وِتُ[9]،
الف جي اُچار کي، تون پڙهہ نهايت نِتُ[10]،
تون ويچاري وقت، رکج اون الله جي.

(8)

اَٺئي پهر الله جو تون ذڪر ڪر ذاتي،
واري وجهه وجود ۾ اهو اکر اَثباتِي،
ٻوڙي ڇڏ ٻيائيءَ کي، ڪپي سان ڪاتي،
’وَ ذڪر[11] رَبک فِي نَفسِک‘، تون چيري رکج ڇاتي،
محڪم رهجان ”مُحبَ“ تون، جهات پائي جهاتي،
جيسين هُجئي حياتي، تيسين رکج اون الله جي.

(9)

اَٺئي پهر الله کي، تون ويهه مَ وساري،
قالوُ واري قول جي، پَتِ ويچ پاري،
ڪڻ تون قدم قريب ڏي، نِرتئون نهاري،
سڄڻ ساهه سَرير ۾، ٿو گهٽَ[12] اندر گهاري،
”مُحبَ“ سدائين من ۾، اهو الک[13] اوتاري،
ٿو جيسين جياري، تيسين رکج اون الله جي.

(10)

اَٺئي پهر الله سان، تون پڪو رک پاڙو
”مُحبَ“ مدامي من جو هجي لالڻ ڏي لاڙو[14]،
جانب خاطر جيءَ ۾، تون وجهج ولاڙو
مارج تنهن موذيءَ کي، جيڪو آڏو ٿئي آڙو[15]،
جيئن تنواري تاڙو تيئن رکج اون الله جي.

(11)

اَٺئي پَهر الله جو تون جيءَ ۾ رکج جارُ[16]،
پلڪ پاسي نہ ٿجان، ڏٺيءَ ڪان تون ڏار،
’فَالذڪرُونِي اَذڪرُڪُم‘، اهو آَٺئي اوتار،
آهي اڻانگو گهڻو هي وحدت جو واپار،
ساري سڀ ڄمار، رکج اون الله جي.

(12)

اَٿئي پهر الله ڪي، تون اکين آڏو آڻ،
ويساهہ ڪر وَچَن تي، جيڪو هاديءَ ڏنئِ هاڻ،
’فَاينمَا تَوَلوُ فَثَم[17] وَجہُ الله‘، صورت سڀ سڃاڻ،
مظهر سارو ”مُحبُ“ چئي، اٿئي اِلاهي اُهڃاڻ،
تَن تُنهنجي ۾ تڪيو آهي صاحب توسان ساڻ،
ڪندو ره قرب جي، رب سان خوب رهاڻ،
جيسين پِنڊي[18] ۾ پَرياڻ[19]، تيسين رکج اون الله جي.

◆

معنيٰ ابيات (ذڪر الاهي):

(1) ساراهہ (2) واقفيت (3) ٻاڏائي، ٻير (4) ”هوُ اڪيلو آهي، سندس ڪوبہ شريڪ ڪونهي“ (ق. ش). (5) ”نہ اُن جي ڪو برابر جو آهي“ (ق. ش). (6) ڳڻتي، فڪر (7) لاڙو واپسي. (8) ”تون ياد ڪر مون کي تہ آئون ياد ڪريان توکي“ (ق. ش). (9) طاقت (10) هميشہ، سدائين (11) ”الله جو ذڪر پنهنجي نفس يعني ساهہ ۾ ڪريو“ (12) اندرَ ۾، دل ۾ (13) جنهن کي لَکي نہ سگهجي يعني الله جہ (14) جهوتيون پائڻ، ٻوڙ ٻُڪ ڪرڻ. (15) بند، روڪ (16) جوش جذبو ڳڻتي. (17) ”جيڏانهن بہ نظر ڪريو تہ منهنجو رخ آهي“ (الله جہ) (18) جان، بدن. (19) روح، ساهہ.

شانِ مُرشد

(1)

محمّد مرشد منهنجو آهي گهوٽو گهٽگُهرو(1)،
مون کي هاديءَ هدايت جو ڏنو سُرتِ سَرو
آڻي انسانيت ۾، ڪيائين پاڻ پَرو
ڪيائين ڪمال سان، ٻُڪِي ڏيئي ٻَرو
وڌائين وجود ۾، سندو ذوق ذرو
هادي هِڪَ گَرو(2)، ڪندو ماڙَ ”مُحبَ“ تي.

(2)

محمد هادي منهنجو گهوٽو منهنجو گهوٽ،
آئون وَني هُو وَلَهو(3) منهنجي ڳَجا(4) سندو ڪوٽ،
پَران(5) ٿي در پَتِيءَ جي، ٺُڪر ڪايو ٺوٺُ،
ڪڏهن ڪُسڪي ڪِين ڪي، ڪاريون پَسِي ڪوٺُ،
سرتيون سيپئي ڏيو سندس وفا ڪي ووٺُ،
عارف سو اڻموٺ، ڪندو ماڙ ”مُحبَ“ تي.

(3)

محمد هادي منهنجو گهوٽو آهي گهاٽو
ڪامل ڪڍيا قلب جا، سُورَ هٽي ساٽو(6)،
ڦَڪِي ڏنائين فيض جي، لٿو اندر جو آٽو(7)،
پيرِ مڻان پياريو هي وحدتي واٽو(8)،
اهو مٺيا جو ماٽو ڪندو ماڙ ”مُحبَ“ تي.

(4)

مرشد هادي منهنجو آهي ڪامل گَلان[9] دار
تنهن فائق[10] وٽ فيض جي، آ دُرس ڪلي دربار
’وَسَقيٰ[11] هُم رَبهُم شرابًا طهُورا‘، تنهن وٽ ترت تيار
آيو اُڃيو نہ رهيو اُهو پُر ٿيو پينار
اهڙو محمّد مٹيادار، ڪندو ماڙ[12] ”مُحبَ“ تي.

(5)

مرشد هادي منهنجو آهي گلابي گُل گُل،
اچن ڀؤنر ڀنيوليا، باتيون ڪن بُل بُل.
مَگس تنهنجي مناڙ تي، ڪن چوڌاري چُلپُل.
حُسن ۾ هُٻڪار جو پيو هَر سَمت هُل هُل،
اهو ڦُلواري ڦُل ڦُل، ڪندو ماڙ ”مُحبَ“ تي.

(6)

مرشد هادي منهنجو آهي صاحب صابرين،
فائق فقيرن ۾ سندو عشق اَمين،
مِنو مانيٹو گهٹو مَردن منجهہ مُبِين[14]،
سخي، سادو صاف دل، آهي خوبين جو خزِين،
چمڪي ٿو چئويار ۾، جيئن مٿان ننگ[15] نگين[16]،
’وَتَواصَو[17] بِاالحَق وَتَواصَو بِاالصبر‘ جي، ڪري طالبن تلقِين،
تنهن ياور[18] منجهہ يقين، ڪندو ماڙ ”مُحبَ“ تي.

(7)

مرشد هادي منهنجو گهوٹو پانءِ مَ گهَٽِ،
ٻاريندو اچي ٻاجهہ پئي، هِيءَ وِساٹل وَٽِ،
ڪڪر تنهنجي ڪرم جو ڏِري ايندو ڏَٽِ،
ڦُڙيون وجهندو فيض جون، جهُوپَن تي جهَٽِ پَٽِ،
سُڪاوَڙ ساوا ڪندو جن ڪي رُتِيُن[19] جي رَهٽِ[20]،
تنهن داتا جي ديدار لئہ، اکيون ٻئي اُپٽِ[21]،
هادي ايندو هَٽِ، ڪندو ماڙ ”مُحبَ“ تي.

(8)

مرشد هادي منهنجو آهي بابُو بي نظير،
پاڻ پرينءَ فرمائيو آهيان نالي ذات فقير،
آهي اُن وٽ عشق جي، ڪا ادويہ اَڪسير،
هُو خدائي خوشبوءِ ڪي، ونڊي وينو وِير،
تنهن ڪان طالبن جو ٿيو آ ساه سُڌِير،
پيالو ڏيئي پِير، ڪندو ماڙ ”مُحبَ“ تي.

(9)

مرشد هادي منهنجو آهي اَلستي اولياءُ،
صوفي سالم سُرت سان، ٿيو سَچو سربراه،
اُتي ٻيائيءَ ٻولي ناه ڪا، رڳو الله ئي الله،
دين ڪفر ڏٻجي ويا، ڏسي طريقت جو تاءُ،
ذاتيون اُتي ضايع ٿيون، فقط رهيو فقراءُ،
رَحم محمد جي روح ۾، آهي دَيا سندو درياءُ،
اُهو عارف وني اُپاءُ، ڪندو ماڙ ”مُحبَ“ تي.

(10)

مرشد هادي منهنجو هادي منهجو حق،
عشق واري اسلام جو ڏيندم دانُ دَرڪُ(22)،
ڪدورت جو قلب مان، ڪندو فانُ(23) فرق،
پاڙهيندو پريت سان، وحدت ويءُ ورق،
پياريندو پيرمغان، سندو عشق عرق،
ڪري غير غَرق، ڪندو ماڙ ”مُحبَ“ تي.

معنيٰ ابيات (شانِ مرشد):

(1) خيرخواه (2) سدائين هڪجهڙو (3) گهوٽ (4) حَيا، پردو (5) پَلجان (6) سؤنٽو لَٽِ (7) سوز (8) وَٽو جام (9) وڏي هستيءَ ۾ مان وارو (10) بزرگيءَ وارو (11) ”انهن کي رب پاڪ شرابِ طَهُورا پياريندو“ (ق. ش) (12) مهر (13) ماڪيءَ جي مک (14) ظاهر (15) مُندِي (16) نگُ (17) ”حق تي ۽ صبر سان هلو“ (ق. ش) (18) مددگار (19) موسَمُن (20) رَهڙ تڪليف (21) ڪول (22) سَمجهه (23) فنا، ختم.

الاهي عشق

(1)

عاشق اَلوُهِيَتَ[1] ۾ دُرُسُ[2] لائين ديرو
ويراڱين وجود ۾ ڪو وحدتي ويرو
مليا گهمن "محّبُ" چئي، تِن منٿ ناهي ميرو
پُڇائي پيرو وڃي عاشق گڏيا الله سين.

(2)

عاشق اَلوُهيت ۾ سدا پاسِ پِرِيَن،
غازي غير الله کي، ٿا لائق لَتَ هڻن،
'وَفِي اَنفُسڪُم[3] اَفلا تُبصِرُوُن'، تَن ۾ تيرٿ تن،
'فَاالُذڪرُوُني[4] اَذڪُرڪُم'، "مُحبَ" مطالع ڳن،
ٿا پل پل اُهي پَسن، مشاهدو محبوب جو.

(3)

عشق آيو اوچتو ڪري شوقُ شتابُ،
ويهي وِيرَ وجود ۾ تِڪو رکيو تابُ،
ٻاري ٻاه بره جي، ڳَيَئين قُوتُ ڪبابُ،
ويا وجودئون وسري، سارا ڏوهَ ثَوابَ،
عقل جا اَسبابَ، "مُحبَ" مڙيئي ميٽيا.

(4)

اعليٰ عقل ايءُ، جيئن رَکِين عشق اندر ۾،
عِلمُ ڪُلِ عالَمَ جو حاصل ٿِيَئي هيءُ،

---

(1) مَسِتيءَ (2) سچ پچ (3) "آئون توهان جي نفس ۾ آهيان، مون کي ڇو نٿا ڏسو" (ق. ش)
(4) "تون ياد ڪر مون کي ته آئون ياد ڪريان توکي" (ق. ش)

دُرُس خبر دارينِ[1] جي، ڪري وِرهُ[2] وسيعُ[3]،
پيرِ[4] مُغان ڪان پيءُ، پيالو "مُحبَ" پريم جو.

(5)

جن کي عشق الله جو اُهي سدا سُهاڳي،
دُرُسُ تِنهِين دارين جي، آهي طَمع تِياڳي،
اَلا هُو آواز جو ڪَنِ وِردُ، ويراڳي،
وڃائي وجود کي، صورت ٿيا ساڳي،
"مُحبَ" رهن ماڳي، اُهي عاشق اَلوُهِيَتَ ۾.

(6)

جن کي عشق الله جو تن ڪهڙو ڏوه ثواب،
پَسڻ ڏاران پرينءَ جي، سمجهن سڀ ڪجهه خواب،
نعرو 'اَناالّحق' جو هٽن بي حجاب،
مالڪ ميرُ محمّد تن جو جاني آه جناب،
"مُحبَ" معاف حساب، تن تان ڏينهن قيام جي.

(7)

جن کي عشق الله جو لَڏي وياسي لالَ،
پياري سُرڪِي پيار جي، ڪُهِي ويا ڪَلالَ[5]،
ڳٽتيءَ ڳاري جن جيءَ، هيٽا ڪيا حالَ،
"مُحبَ" اٿم ملالُ[6]، راتو ڏينهان روح ۾.

◆

---

(1) ٻئي جهان (2) ٻره، عشق (3) ڪشادو ويڪرو (4) ساقي، مرشد (5) شراب ٺاهيندڙ (6) ڏک

سِڪ ۽ سوز

(1)

پيءَ پياسو آهيان، پِرِريءَ پاپُ پَساهُ،
بنا مُنّهَن محبوب جي، ٿيو عَطائِي(1) اَرواحُ،
آهون، عرض، عاجزي، شل آگهائي الله،
ساجَنُ ڪري سُهاءُ، تہ لهي مونجهہ "مُحبُ" چئي.

(2)

پرين تنهنجي پِرتِ جا، پَل پَل پَوَنِم پُورَ،
هڪڙا ڳَپين قَلب کي، ٻيا گهايو ڏِينِم گهُورَ،
اچي مِلُّ مُشتاقَ سان، نماڻيءَ جا نُورَ،
"مُحبَ" تنهنجا مُورُ پُورَ نہ هَٽن پوئتي.

(3)

پَلِ پَلِ چڙهن پَهَہ، جَزَرّوَمَدّ(2) جيان جيڏيون،
ڪڏهن ڏُومَ درياءَ جِيانّ، ڪڏهن واهُڙَ(3) وَهَہ(4)،
ڪڏهن ساحِل ڪري سَنڌِيُون، ڪڏهن لُڙاندا(5) لَهَہ،
شالَ مَ اچي شَهَہ، سَندي سِڪَ سَمُونڊَ کي.

(4)

منهنجي دل محبوب سان، عجب رِيتِ اَٽڪِي،
پر وڇايو وصال کي، پينر مون پَٽڪِي،
جيئي جوڀن ڏينهڙا، سي ڄاتم نہ ڇَٽ ڪِي،
مٿان مَلَڪُ "مُحبُ" چئي، ڪالُ(6) آيو ڪَٽڪِي(7)،
وصل وسيلا گم ٿيا، هامَ(8) هِيئينّ هَٽڪِي،

اکين آب وهايو پيون ڇوهَ منجهان ڇُتِڪي،
لَحَدَ(9) اندر لُٽِڪي، مٿي شل ميڙائو ٿئي.

(5)

منهنجي دل محبوب سان، ڳُجهيءَ ريت ڳنڍِي،
وِڏائِيم وجود ۾، سَندي قُربَ ڪَنڍِي(10)،
ملڻ ريءَ محبوب جي، ساهيان(11) ڪين سُنڍِي(12)،
اڳيان ”مُحبَ“ مُنڍِي، ڪُنِي شل قبول پئي.

(6)

پتنگَ وانگر پاڻ کي، پِرَ ۾ پچائيج،
اها آگِ عشق جي، لِڱَن کي لائيج،
سدا سوز سڄڻ جو رُوحَ ۾ رَلائيج،
پير نہ هڪڙو پوئتي، تون هاتِڪَ(13) هٽائيج،
”مُحبَ“ نہ مَٽائيج، پيو وَڏائِج وِرونهَ(14) کي.

(7)

جا مون اَندرَ باهِہ، سا مون سَجَڻَ سَرتيون،
وَهمَ ڪُلِ وجود جا، تَنّهِين ڪَيَمِ تباه،
باقي رهيم ساه، سو پيو ڳولي سپرين.

(8)

اچن ٿا عجيب جا، جو خَطن مٿان خَطَ
حالُ پروڙيم حَقَ جو، وُڙهو ريلا ڪري رَتُ،
”ڪُل نَفسُ(15) ذائِقَتہُ الّمَوتُ“، اِيءَ موڳا ڄاڻج مَتِ،
واندو ٿيومَ وَتُ، ”محّبَ“ اِنهيءَ مذڪور ڪان.

(9)

مشاهدو محبوب جو غازين ڪئي غذا،
فيراقي فضا، مَٿيائون ”مُحبُ“ چئي.

(10)

اک اڙائي نال سڄڻ دي، ولِ دلِ لِڪاوڻُ ڪيها،
جو هوڳيا سودا رَضا والا، سووَلِ مَٿاوڻُ ڪيها،
پريم دا پيالا محب پِلايا، اُهِيندا ڳيفُ[16] هَٿاوڻ ڪيها،
جِٿان جنگ لڳي جوانانّ دي، اُٿانّ سِرُ بچاوڻ ڪيها،
جوئي قلم قضا دي لِک ديا، سو اَنگ ميٿاوڻ ڪيها،
”مُحب“ خنجر آيا اَمُر دا، هُڻُ ڪنڌُ ڳياوڻُ ڪيَها؟

(11)

جي مَرَهِين[17] تہ اج ئي مارِ وِٿي وِجُهہ مَ وارَ جي،
نہ تہ تاسين ڪِي جيارِ جاسين ڪرين مَهِرَ ”مُحّبُ“ چئي.

معنيٰ ابيات (سڪ ۽ سوز):

(1) منگتو راڳائي (2) سمنڊ جون لهرون (3) ننڍيا واهہ (4) وهڪرا (5) اونهي پاڻيءَ ۾ لوڙهڻ (6) موت (7) حملو ڪري (8) ذميواريءَ جي دعويٰ، ہٿاڪ (9) قبر (10) ڳچيءَ ۾ رَسو (11) وَڏان وِيجهان (12) ٻوٽي (گوشت جي) (13) سياڻو داناءُ، بهادر (14) قرب، رهاڻ، مشغولي (15) ”هَر نفس کي موت جو ذائقو چکڻو آهي“ (ق. ش) (16) نشو سُرور (17) مهر ڪرين.

سُر سسئي

(1)

آيئِ ننڊ نياڳ جي، جو دم جاڳڻ هوءِ،
ور وڇائي وينِئَن، پاڻ پتوڙيُئہ پوءِ.

(2)

پنيورياٽيون پينرون، اَٿَوَ نِنڊَ نياڳَ،
مليو ڪين ”مُحبُ“ چئي، سُتين کي سُهاڳُ،
ڏورِين ڏُک ڏُهاڳُ، ساجن ڇڏي جي سُتيون.

(3)

سومَرَ ساٿُ ڪڏي ويا، مون مُٺيءَ کي ماري،
سَگهان ڪين سڄڻ ريءَ، گهَڙِي ڪا گهاري،
شل ڏاتَر ڏيکاري، وري پيشاني پنهونءَ جي.

(4)

سِڄَ مَ سويرو لَهُ، اڃا پنڌ پري ٿيو
الله ڪارڻ آفتاب، تون رِڻَ مٿان ٿي رَهُ،
سِڄَ ڪا ساعت سَهُ(1)، آئون ڪي اڳيري ٿيان.

(5)

شمسَ(2) شايد تون، پيو وچڻ جون وايون ڪرين،
آئون نہ واقف واٽَ جي، آڏو ٻَواِٽِي(3) ٻُون(4)،
مٿان مُٺِيءَ مون، سِڄَ مَ لاهِج سوجِهرو.

(6)

ڪَرِمَ سِڄَ ڪاراڻِ، اَڃا ڪِي اڳيري ٿيان،
مارَڳَ سندو ”مُحبُ“ چئي، ڄَڻِيءَ ناهي ڄاڻُ،
مٿان هيٺيءَ هاڻِ، سِڄَ مَ لاهِج سوجهرو.

(7)

ڳَري ڪِرڙا ڪُوڄُ، تو سِڄَ وِچي سانجهي ڪئي،
مارَڳَ(5) ۾ ”مُحبُ“ چئي، آهن آڏا جَبلَ اوُچَ(6)،
ڪيئن نِڌَرِ(7) پوندي نُوچَ(8)، سواءِ تنهنجي سوجهري.

(8)

آيم وقت اِيءُ، جيئن سِڄَ وِچي سانجهي ڪئي،
پُڪاريندي پَٽَ ۾، پلئِ پيم نہ پِيءُ،
سرتيون سور سنديءِ، آئون ڪنهن کي سُڌِ سُڻايان.

(9)

اَچا آئون اَڏَ واٽَ ۾، تون ڳاڙها(9) وِچي مَ ڳُجهہ(10)،
رَهُ تون نالي رَبَ جي، ڪاتان گهِڙي ڪُجهہ،
وَصَلَ تائين وِجُهہ، ڪي ڪِرڙا هِنَ ڪنگالِ تي.

(10)

مون ڪان اڳ مَڪُرانَ ڏي، سُتَتُ سِڄَ مَ وڃ،
رَهُ تون نالي رب جي، رائي مٿان رُڃَ،
تہ ساڻُ ئي جهاڳي سُڃَ، اوڏي ٿيان عجيب کي.

(11)

سو مون شَلَ ڳولي، جنهن ڳولائو جِندُڙو
ڪيتريون هِنَ ڪوهَ ۾، آيون عشق سندي اولي،
ڪِنِ وچي ڪيچي ماڻيو ڪي ڇَپرَ(11) وِڏيُون چولي،
شل ٻاروچو ٻولي، ڪاوائي مون وصال جي.

(12)

ڪاري رات ڪَنبان(12) پئي، ٻيو جَهڱِ مَڱِ گهڻو جهنگُ،
بَرَ ۾ ٻيوسيءَ جو ننگي رڪج ڪو ننگُ،
لَڳَن وارو لنگهہ، مون کي آگا(13) تون اُڪارئين.

(13)

ڪاري رات ڳنبان پئي، ٻيو جهاتِيارو[14] جهنگلُ،
ووءِ ووءِ ڪريان واڪا، ۽ هَئي هَئي ڪريان هُلُ[15]،
تہ مَنَ ڪا هوتُ هَڪَلَ، سُڻي سِڪايَلَ جِي.

(14)

ڪاري رات ڳنبان پئي، پر ڪُڇان پُڇان تي ڪِينَ،
”لَاتَقنّطُو مِن[16] رَحمَتُ الله“ جو يڪدل[17] ٿيم يَقينُ،
اوڪِيءَ منجهہ اَمِينُ، ڪندو وَرُّ وِلهيءَ تي.

(15)

ڪاري رات ڳنبان پئي، جِتِ چارا[18] نہ چِيلا[19]،
هلن ڪين حبيب سين، اُتِ حُجَتَ ۽ حِيلا،
تون وَرِجان وَسيلا، ڪارڻ مدد ”مُحبُ“ چئي.

(16)

ڪاري رات ڳنبان پئي، جِتِ سَپَن[20] جا سُوساٽَ،
مِرُن جهليا مُنِيءَ جي، ڪي ڳهائِڻَ ڪارَڻِ گهاٽَ[21]،
وَرُ وسيلا واٽَ، اچي اَوَجهڙِ سي اُڪارِئين.

معنيٰ ابيات (سُر سسئي):

(1) ٽَرسُ، برداشت ڪر (2) سچ (3) خوفناڪ (4) زمين (5) رستو (6) وڏا (7) هيٺي (8) نظر (9) اي
سچ! (10) لِڪُ (11) جبل (12) ٻڄان (13) اي الله! (14) گهاٽو (15) گوڙ رڙيون (16) ”الله جي
رحمت مان نااميدي نہ ٿيءُ“ (ق. ش) (17) هڪ دل سان، سچيءَ دل سان (18) پيچرا (19) رستا
(20) نانگن (21) لنگهڻ جا گهٽَ يا رستا.

سُر ڪاموڏ

(1)

نوريءَ کي نياز جو - هو گوهر مليل گنجُ،
ماڻهو جي مياڻ(1) جا - "مُحبَ" نہ تن کي مَنجهُ(2)،
اِن ساري اسرار جو - سَمي کي پيو سَنجهُ(3)،
مورَ سُونهين منجهہ مَڪڙي(4) - وِيرُ هٽي پيو وَنجهُ(5)،
ڏڏن لٿو ڏَنجهُ(6) - ڪينجهر ۾ قرار ٿيو.

(2)

ڪينجهر ۾ قرار ٿيو - مَرڪي(7) پئي مِياڻي،
اهڙي ڪا اتفاق سان - ٿئي نور پري نِياڻي،
لوڇي ساري لوڪ مان - وڏي سمي سُڃاڻي،
ٻيون مارين "مُحبَ" مڇيون - هيءَ راجا جي راڻي،
وڃي سمي سِيباڻي(8) - ڪينجهر ۾ قرار ٿيو.

(3)

ڪينجهر ۾ قرار ٿيو - ويو سڀ وَبال،
سمي جي سهاڳ ۾ - نوري ٿي نهال،
هَڏ هِن ڪونهي هن کي - خوديءَ سندو خيال،
سدائين صبر ۾ - ڪونهينس جيءَ جلال،
مڙني مٿاهون ٿيو - اُنهيءَ جو اقبال،
لٿو "مُحبَ" مَلال(9) - ڪينجهر ۾ قرار ٿيو.

---

(1) مڇي مارڻ واري جاءِ (2) اندر جو راز (3) خبر (4) ٻيڙي (5) تانگهي پاڻيءَ ۾ ٻيڙي هلائڻ لاءِ بانس جو لڪڙو (6) تڪليف (7) فخر پئي ڪري (8) وٺي (9) ڏک

سُرڪاپائتي

(1)

چَرخو(1) چورج چاڳلي(2)، تون پِتِ سندو ڏيئي پَرُ،
ٿَڪُ(3) جا ٿُرڪا(4) ڪري، تَنهنجو وِينگَسِ(5) ڪِيرَ تون وَرُ
پوٽيون(6) جيڪي پاندَ ۾، تون ڏيان تَنين تي ڌَرِ
'وَمارَبُڪَ(7) وَمانَبِيڪَ وَمادِينُڪَ'، تانگهہِ اِهوئي تَرُ،
تڏهن "مُحبَ" لهندءِ مَرُ، ڪاٽيارِي ڪانڌَ(8) اڳيان.

◆

---

(1) اڳوٽو ڪپھ ڪتڻ جو ڪاٺ وارو اوزار (2) چيڳلي، آلي پولي، سادِي (3) چرخي جي وچ واري گول لٺِ (4) ڪٿڙڪا (5) سهٽي جوءِ (6) ٽُنبيل ڪپھ جا ٿَهہ (7) قبر ۾ منڪر، نڪير پڇندا تہ "تنهنجو رب، نبي ۽ دين ڪهڙو آهي؟" (8) مڙس

سُر مومل راڻو

(1)

موٽي آءُ تون مينڌرا، هِيٽو پَسي حال،
تورِيءَ تڳڻ ناه ڪو فَنا ٿِيس في الحال،
ويٺين ڪيئن وِڏوڙِجي[1]، وجهي قرب ۾ ڪالُ،
ڇڏي وئين ڇورِي ڪري، مون وٽ "مُحبَ" مَلال،
پرين تو پرچاءَ لئه، مُنجان ڪهڙو دوسَ دلال،
ڪري ڀلايون ڀالُ، تون ڪامل اچج ڪاڪ تي.

(2)

موٽي آءُ تون مينڌرا، هيٽو حال پَسِي،
اُها مَدائِي ميٺ تون، جيڪا ڪامڻ[2] ڪئي گسِي،
ڪاه ڪرهو ڪاڪ تي، وڃ راتو راتِ رَسِي،
اکين آگم لائيا، تنهنجي واٽن تي وَسِي،
هي گوندرَ وچن گسِي، جي "مُحبَ" مُلاقِي تون ٿئين.

(3)

اچڻ جون آسُون، مون کي ڏي ڪي مينڌرا،
تو لئه ويٺي توريان، آئون باسُن تي باسُون،
راڻا ريجهي آءُ تون، سٽي عرضَ اَرداسُون[3]،
تنهنجي چانگي جون چاسُون[4]، ميڙي رکيون اٿم "مُحبَ" چئي.

(4)

راڻا ريجهي آءُ تون، چانگي تي چڙهي،
ميٺ مَدائِي "مُحبُ" چئي، جيڪا مٿان تو مَڙهِي،
توريءَ تڳڻ ناه ڪو ويئي ڪاڪ ڳَڙهِي،
هاڻي تنهنجو پاٺُ[5] پڙهي، ڏيان پئي سُڏِيرَ[6] ساه کي.

(5)

تنهنجي غيرت غلط نہ پانيان، تہ بہ سوڍا سَهمَتَ(7) ڪَرِ
اندر جي اَمين ڪان، تون پُڇي ٿُهمَتَ ڏَرِ
اگر اگِلي آهيان، تہ بہ تون ئي پَنَه(8) جو پَرُ،
مُنهَن تان لاهِيم مَرُ، مولا ڪارڻ "مُحبُ" چئي.

(6)

مولا ڪارڻ "مُحبُ" چئي، اڄ تون ڪاڪ گهِي،
سوڍا تنهنجي سُورَ ڪي، ٿي سگهان ڪِينَ سَهِي،
راڻا ڪارڻ رب جي، وڃ تون رات رهِي،
ويا سوين سج لهِي، تو ڪي ساريندي سپرين.

(7)

سوڍا سَرِچي آءُ، تہ ڪريون روح رهاڻيون،
تنهنجي ئي تَناءَ(9) جو مون ڪي گهٽ(10) اندر ۾ گهاءُ
مومل ماري هلئين، توڪي ڪونہ آيو گهڪاءُ،
تو ۾ بوءِ بهشت جي، مون ڪي سوڍل اچي ساءُ؛
پرين تنهنجو پرچاءُ، ملندو ڪيئن "مُحبُ" چئي.

(8)

اُٿي اُٿ پَلاڻِ، تون مينڌرا مومل ڏي،
الله ڪارڻ آءُ تون، وري ڪر وَراڻِ(11)،
راهون رَندَ نهاريان، هتي ويٺي هاڻِ،
ميارن جو "مُحبُ" چئي، ايڏو تَندو مَ تاڻِ،
سوڍا توءِ سُرهاڻِ، وري ڪڏهن ايندي ڪاڪ مان.

(9)

اُٿِي اُٿ پَلاڻِ، مينڌرا مومل ڏي،
محبت جون "مُحبُ" چئي، ڪي اُهڃاڻيون آڻ،
آئون جي اگِلي آهيان، تون پنهنجو پاڻ سُڃاڻ،
آئون سوڍا تنهنجي ڪاڻ، ٿِي فجر فالُون پائيان.

(10)

راڻا رُسامي جو مون کي ٿَنَ ۾ وِڌُءِ طوقُ[12]،
ڪارا وڻ ٿيا ڪاڪ جا، سُڪي ٿيڙا سوڪُ،
مهڻن ماري آهيان، لوڪُ آهي مُنهَن موڪُ،
پڌاري پَرلوڪُ،[13] هيءَ مومل ويندءِ مينڌرا.

(11)

ڪارا وڻ ٿيا ڪاڪ جا، ڇَڻِي ٿيڙا ڇوڏَ،
راڻا رُسِي تون وئين، لٿي منهنجي لوڏَ،
تو پڄاڻا مينڌرا، ڳنديس ڪنهن سان ڪوڏَ،
هاڻي ڇڏي هوڏَ، موٽي آءُ تون "مُحبُ" چئي.

(12)

ڪارا وڻ ٿيا ڪاڪ جا، لُوساٽِيُون لامُون،
سوڍا تنهنجي سڪ ۾، منهنجو جَڏو ٿيو جامُون،
اندر اوسيڙو گهڻو، نٿو ٿَنَ وڻي طعامُون،
هينئڙي جون هامُون[14]، ويون تورِيءَ مري مينڌرا.

(13)

ڪالهه مُڪو مون ڪاڪ تان، توڏي راڻا ريٻارو[15]،
آءُ تہ توسان اوريان، سُور پرين سارو
تنهنجي فڪر فنا ڪيو ٿلب ٿِيُم ڪارو
تون رُسِي وينئين راڄ ۾، هِت مومل سين مارو
هِي هينئڙو ويچارو، پيو تڪي راهون تو سنديون.

(14)

توکي ساريان سپرين، صبح سانجهيءَ ويل،
سوڍا تنهنجي سڪ جا، سيني اندر سيل،
اڇين تان اڄ ڪريان، تازا تيل ڦليل،
هاڃو ڪري هيل، مومل ماري هلئين.

(15)

آئون ٿي ڄاڻان ايئن، تہ اِجهو راڻو آئيو
ڏيان دلاسا دل کي، مَنَ هينئون وندري هيئن،
محب تو ماري آهيان، پئي ڪارُون ڪريان ڪيئن،
توکي ڄاڻي ساريان جيئن، تيئن وڇوڙو ٿو وَڌِ ڪري

(16)

راڻا تنهنجي روح ۾، ڪو ويهي وهم ويو
مون جيئن چاهيو مينڌرا، تيئن توکان ٿِڙُ نہ ٿيو
هن منهنجي حال تي، توکي ترسُ نہ پيو
هيءُ توکي ڏيهہ ڏيو وڃي ڏکِي چڙهندي ڏاگهِ(16) تي.

(17)

پلپل پَوَنِم پُورَ تنهنجي وڇوڙي جا وَلها(17)،
ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، سامهان ٿيڙم سُورَ
مينڌرا "مُحبُ" چئي، تنهنجي گهائي وِڌيسِ گهُورَ
تون اچين جي اَسُورَ تہ سيني لائي سِڪَ لاهيان.

(18)

راڻا تنهنجي رُسَڻ جو مون کي عجب آهي اِيءُ،
کهڙي سبب ڪاڪ جو آهي تو وساريو وِيءُ(18)،
ڪنهن نارِيءَ توکي نِگهِيو ڪِي جادوءَ جَڙيُءِ جيءُ،
جي مون ڏي ڪا مُهارَ(19) هئي، تہ سوڍا سامهون ٿِيءُ،
ڳالهيون ڳُجهاندر(20) جون، پَرَپُٺِ ڪجن نہ پِيءُ،
هي راڻا توکي رِيءُ(21)، مومل چوي ٿي مينڌرا.

(19)

راڻا رُسامُون ڇڏي، تون سوڍا سانجهيءَ آءُ،
گنايان ٻيئي ڪاڪ تان، تنهنجي گوري جوگو گاءُ،
مومل سان "مُحبُ" چئي، ڪو سهڻو رک سُياءُ،
جيئن وڻ بہ ڪن واهہ واهہ، ۽ ماڻهو بہ ڏين مبارڪون.

(20)

سوڍا سانجهيءَ نہ آئيين، تون آڏيءَ رات ٻہ اچ،
مَڙهِي تو مَيارَ جا، اُها سوڍا ڀانءِ مَ سَچُ،
ڦِٽي اڄ قارُون ٿيو روح منهنجي جو رَڃُ[22]،
جانب جدائيءَ جو من ۾ ٻري ٿو مَچُ،
تون پرين اچي پَرچُ، متان رُٺا ئي رهجي وڃون.

(21)

آڏي گذري اَسُر ٿيو ڪُڪڙَ ڏين ٻانگون،
مُلا هليا مَسِيت ڏي، ڪي ڏَڪائي ڏانگون[23]،
مون ڪئين مُڪيون ميندڙا، توڏي ڪاڪ منجهان ڪانگون[24]،
آنئي پَهر اُباٽڪِي، تنهنجون تن اندر تانگهون،
آئون ميندڙا مانگون[25]، پئي ڪريان تنهنجي قرب جون.

(22)

نَڪي هو راڻي روح ۾، نڪا مُومَل ڪئي مذاق،
ٻنهي ٻانهُن وچ ۾، سُومل هئي سَفاڪ[26]،
راڻو رُسِي هليو وري آيو نا اوطاق،
مومل پيئي مامري، ڦَٽِي منجهہ فراق،
آخر ۾ ٿي عاق[27]، وڃي مومل پيئي مڇ ۾.

(23)

نَڪي هو راڻي روح ۾، نڪا مومل ڪي مَڳِي،
ٻنهي ٻانهُن وچ ۾، سُومل ساکَ ڀڳِي،
مومل اچي پئي مامري، لوري جنهن لڳِي،
تِهان پوءِ ڪِين تڳِي، وڃي مومل پيئي مڇ ۾.

◆

هفتيوار بيت ـ مومل راڻو

(1)

آچر ٿيو آءٌ پرين، تون راڻا ڇڏي رَنجُ،
ڪهڙي سبب سِڏارئين، ”مُحبَ“ نہ ڏِنُئِي منجهُ(28)،
انئي پهر اُباڻڪِي، ٻيو اوسيڙو ۾ اَهنجُ،
ڏيئي مون کي ڏنجهُ(29)، ويچين ڍوليا ويٺين ڊَٿَ تي.

(2)

آچر ڏينهن نہ آئيين، اڄ پيئي سومر رات،
تڪيندي تارن کي، پره ڦٽي پريات،
ماري وئين ”مُحبُ“ چئي، ڪري مينڈرا مات،
اچي ڪِين ارواح کي، ٿِي تو بنا تسلات،
هينئڙي ۾ هيهات(30)، ٿا ٻرن مَچَ مجاز جا.

(3)

سومر سِڪندي گذريو، اڄ اڱارو آيو
ويٺي واٽ نهاريان، نيڻ پرين نايو
ڪهڙي سبب ڪاڪ تي، وري پير نہ تو پايو
آءٌ تہ پرچون پاڻ ۾، آهي اُلجهَڻ اَجايو
”مُحبَ“ نہ مِچايو مون سين هيڏو مامرو.

(4)

اڱارو ويو اُڪِري، اربع پڻ آئي،
مون کي تنهنجي مينڈرا، آهي وات سدا وائي،
معافي ڏيڻ ”مُحبُ“ چئي، آهي خصلت خدائي،
توکي رحم نہ روح ۾، ڪو رَتِيءَ پر رائِي،
تو پنهنجي پُڄائِي، آئون ٿي گوندر گهاريان ڏينهڙا.

(5)

اربع آئين ڪينڪي، اڄ خميس ڏينهن ڪٽي،
مون کي تنهنجي مينڌرا، آهي ٿَنَ ٿٽِي،
سورن ساڙي آهيان، پُورَن ڪيس پٽِي[31]،
توريءَ ڪُوري ڪانئيان[32]، هي هيرا هار هٽِي،
نالي نام ڏٽيءَ، موتي آءُ تون "مُحبُ" چئي.

(6)

خميس خالي وئي هلي، من جمعو پائي جَسُ[33]،
ويٺي نِتُ نهاريان، تنهنجي گوري سندو گَسُ،
سِڪان ۽ ساريان گهڻو، وِلهيءَ ڪونهي وَسُ،
مران ٿي "مُحبُ" چئي، تون راڻا اچي رَسُ،
هيڪر اچي هَسُ، تہ وڃن سور سَنڌا ڪري.

(7)

جمعي خود جلايو، آيو ڇنڇر ڇوهَ ڪري،
ڪڏهن ايندين ڪاڪ تي، تون پيارا پير پري،
روئان ۽ رِيهُون ڪيان، اکين آب پري،
آءُ تہ اندر ٺاريان، ٿي مومل "مُحبَ" مري،
وري شال وري، تنهنجو ڪامل ڪرهو ڪاڪ تي.

◆

معنيٰ ابيات (سُر مومل راڻو):
(1) ڪاوڙجي (2) عورت، زال (3) منٿون (4) ڇَس وارا ڪاڏا (5) سبق (6) تسلي، سڪون (7) ميڻ، هم خيال تيڻ (8) پناهہ (9) ڇڪتاڻ (10) اندر ۾ دل ۾ (11) واپسي (12) ڳٺُ، ڪنئو (13) هوُ جهان (14) ذميواريءَ جون دعوائون، ٻٽاڪون (15) قاصد (16) وڏو مَڇُ، هندو عورتون مڙس وڃڻ کان پوءِ ستي ٿيڻ لاءِ ڏاگهہ تي چڙهنديون هيون (17) گهوٽَ! مڙس! (18) چراگاه، وَسندِي (19) مَيار (20) دل جو راز (21) روڄ راڙو پاراتو (22) اُڪير، سَڌَ (23) ڍڳهيون لئيون (24) قاصد، ڪانگا (25) گهُرجوُن، تمنائون (26) ظالم (27) لادعويٰ، الڳ (28) دل جو راز (29) ڏک، تڪليف (30) هاءِ هاءِ، افسوس (31) خاڪ، مٽي (32) ساڙيان (33) شاباس

سُر سُهڻي

(1)

سهڻي گهِڙي سِيرَ ۾، رب جو رازْ مچي،
اچي اَلفِراقَ جِي، پِيَس ڪُوڪَ ڪَنين،
’ڪُل نَفِسُ ذَائِقَتُہ المَوت‘(1) جي، ڪَئي خون ڪَني(2)،
هاڻي امر ڪيئن پجي، جيڪو ”مُحبَ“ لکيل ميثاق ڪان.

◆

---

(1) ڪُل نَفِسُ ذَائِقَتُہ المَوت: هر نفس کي موت جو ذائقو چکڻو آهي. (2) ڪَني: تلوار

سُر ڪيڏارو
حر شهيد جا بيت

(1)

آيو حُرُ حضور ۾، رکي سِگَ سچي،
پارؤن پياري امام جي، بيٺو مرد مچي،
توڪل ڪيائين ٿُرهو ويو پروانو پچي،
اَمُرَ ساڻ اچي، ”مُحبَ“ گهڙيو ميدان ۾.

(2)

آيو حُرُ حضور ۾، راضي ٿي هُو رِندُ،
گهوٽَ مٿان جنهن گهوريا، جانِ ساري ءِ جِندُ،
جُڙِيَسِ جاءِ جنت ۾، ٻيو هميشہ لاءِ هَندُ،
خنجر هيٺان ڪنڌُ، اچي ”مُحبَ“ رکيائين ميدان ۾.

◆

ڏور

(1)

ڪُوڙو موتي هو ڪينڪِي، هئي ڪوڙي موتيءَ ڪاڻِ،
نيئي نامَ الله جي، وڪيائين پنهنجو پاڻ،
لائق هو جنهن لقب جو سو سچاتو سُڃاڻ،
”مُحبُ“ چئي موتيءَ ماڻُ، ڪٽي مولا موچارو ڪيو.

◆

مٿيان بيت ۽ ڏور انهيءَ حر شهيد لاءِ چيا ويا آهن جيڪو ميدانِ ڪربلا ۾ يزيد جو پاسو ڇڏي حضرت امام حسين جن سان اچي شامل ٿيو هو.

جي توڪي سَڌَ.......

(1)

جي توڪي سَڌَ(1) سُلوڪَ(2) جي، تہ ڪَرِ ڪاپڙِين(3) جي ڪارِ
”وحده، لا شَرِيڪَ له“(4)، ويهي اندر منجهہ اُچارِ(5)،
سدائين سجڻ ڪي، تون ساعت ساعت سارِ
پَرِ اِهائي پارِ، تہ پويئي سُڌِ سُلوڪَ جي.

(2)

جي توڪي سَڌَ سُلوڪَ جي، تہ ڪَهُ(6) ڪاپڙين جي ڳَڍِ(7)،
جيئري مرڻ جڳ ۾، اِيءَ آڏُوتِين(8) جِي اَڍِ(9)،
ويرُ مڙيوئي وَڍِ، تہ پويئي سُڌِ(10) سُلوڪَ جي.

(3)

جي توڪي سَڌَ سُلوڪَ جي، تانّ گِيانُ(11) گُرُوءَ(12) کان وٺُ،
ڪوري ڪَڍُ قَلبَ(13) مان، حرص(14)، خودي(15) ءِ هَٺُ،
سونهين گَڏُ نہ سونَ سان، مِسُ(16)، پارو ءِ مَٽُ(17)،
رَهُ ڪاپڙين سان ڪَٺُ(18)، تہ پويئي سُڌِ سُلوڪَ جي.

(4)

جي تُوڪي سَڌَ سُلوڪَ جي، تہ لاءِ عشق جي لئون،
هِردي(19) منجهہ هَرِيءَ(20) جِي، چوري رکج چِئون(21)،
تِيءُ گروءَ ۾ گُئون(22)، تہ پويئي سُڌِ سُلوڪَ جي.

---

(1) خواهش (2) فقيريءَ (3) جوڳين (4) ”آئون هڪ آهيان، منهنجو ڪوبہ شريڪ نہ آهي“ (قرآن شريف) (5) پڙهہ، ياد ڪر (6) هَلُ (7) پويان (8) دنيا کان بي پرواهہ فقير (9) عادت (10) خبر (11) ڄاڻ (12) استاد، مرشد (13) دل (14) لالچ (15) وڏائي (16) ٽامون (17) ڪوڙو ڌاتو (18) ساڻ، گڏُ (19) دل (20) الله (21) يادگيري (22) گم

(5)

جي توکي سَدَّ سُلوڪَ جي، تہ لؤُن عشق جي لاءِ،
خَرقو(1) لاه خوديءَ جو پوشُ حَليمي(2) پاءِ،
هاديءَ جي هدايت کي، اُتي "مُحبَ" مَلِهاءِ،
ناتَ(3) اڳيان سِرُ ناءِ، تہ پويئي سُڌِ سُلوڪَ جي.

(6)

جي توکي سَدَّ سُلوڪَ جِي، تہ آڌوُتيُن وٽ اَچُ،
مدامي محبت جو من ۾ بارج مَچُ،
جُوني(4) هن جهان ۾ سدا ڳولج سَچُ،
پَهَ اِنهيءَ ۾ پَچُ، تہ پويئي سُڌِ(5) سُلوڪَ جي.

(7)

جي توکي سَدَّ سُلوڪَ جي، تہ ويهُ ويراڳين وَٽِ،
اڳوٽي عادت کان، مُنهَن مڙيوئي مَٽِ،
سودو ڪر ساه جو سِرُ پڻ تَنِ جي سَٽِ(6)،
ڪاپڙين جي قربَ سان، پُوريل دَرَ کي پَٽِ،
لاڳاپا پيا لَٽِ، تہ پويئي سُڌِ سُلوڪَ جي.

(8)

جي توکي سَدَّ سُلوڪَ جي، تہ سِرُ ساڌُن وٽ سَٽِ،
وٺي گيان گروءَ کان، اکيون ٻئي اُپَٽِ(7)،
ڪِميا(8) واري خيال سان، پنهنجو مَنُ مَهَٽِ،
پِريُوءَ(9) جي پريم ۾، 'ما سوِيٰ'(10) کي مَٽِ(11)،
جُهوٽو اهو جَهٽِ، تہ پويئي سُڌِ سُلوڪَ جي.

---

(1) ويس (2) نهٺائيءَ وارو (3) الله (4) ڪوڙي (5) خبر. (6) اڳيان اُڇلِ (7) کول (8) نوڙت (9) الله (10) "مون کان سواءِ ڪير نہ آهي" (الله (11) اڳتي لنگهي وڃ.

(9)

جي توڪي سَدَّ سُلوڪَ جي، تہ گُروءَ ڪان وٺ گُنُ(1)،
ڪڍج ڪامَ(2) ڪروڌَ(3) جو اندرَ مان اَوَگُنُ(4)،
لوڀَ(5)، موهَ(6)، اَهِنّڪارَ(7) ڪان، اَبدِيِ(8) پاءِ اَمُنُ،
چوري رکج چِتَ ۾، چاهَ منجهان چيتَنُ(9)،
’صُمُ(10) ٿيءُ بڪُمُ(11)‘، تہ پويئي سُدِ سُلوڪَ جي.

(10)

جي توڪي سَدَّ سُلوڪَ جي، تہ چَرَنَ(12) گُروءَ جا چُمُ
ڏِينڌُءِ گِيانُ گوبِندَ(13) جو ”وَفِي اَنّفُسَڪُم(14)“،
دري ڪولي دل جي، گَهرَ اندر ئي گُهمُ
ڪاشِي(15)، ڪعبو قلبَ ۾ باوا(16) ءِ بَرَهَمُ(17)،
تَنَ اندرِ ٿيءُ تُمُ(18)، تہ پويئي سُدِ سُلوڪَ جي.

(11)

جي توڪي سَدَّ سُلوڪَ جي، تہ گروءَ وٺ گذارِ
ڪِميا(19) جي خنجر سان، مَئِين(20) جو مِرون(21) مارِ
سبق سَتَ گُروءَ(22) جو اَلَکُ(23) پيو اُچارِ
ڪڍِ اندر مان اَهِنّڪارُ(24)، تہ پويئي سُدِ سُلوڪَ جي.

---

(1) چڱو عمل (2) شهوت (3) جهيڙو جهڳڙو (4) خراب عادت (5) لالچ، ٺڳي (6) حِرص (7) هٺ، وڏائي، فخر (8) هميشہ لاءِ (9) الله (10) ٻوڙو (11) گُنگو (12) پير (13) مرشد (14) ”آئون اوهان جي نفس ۾ آهيان“ (الله) (15) انڊيا جو هڪ وڏو شهر، جتي هندن جي وڏي زيارت گاهہ آهي (16) مرشد، پائو (17) الله (18) پرپُور ڪر. (19) نوڙت (20) وڏائي (21) جانور سوئر (22) استاد، مرشد (23) الله (24) فخر

جي پائئين جوڳي

(1)

جي پائئين جوڳي ٿيان، تہ ڪُلهي وِجُهہ ڪِسّتو[1]،
بِکيا[2] پِنُ بِاالله[3] جي، جا نفسُ ڪري نِسّتو[4]،
مُدامي محمّدي تون، ”مُحبَ“ هٽج مَسّتو[5]،
اِنَ رهبرَ جو رستو، وٺ تہ وصالي ٿِئين.

◆

---

[1] سمنڊ ۾ هڪ وَلِ ٿيندي آهي جنهن جي ڦَرَ ڪي ٻہ اڌ ڪري فقير پنڻ لاءِ هڪ ٺانءُ ٺاهين ٿا.
[2] خيرات [3] الله واري [4] هيٺو [5] نعرو.

جي ڀانئين حال

(1)
جي ڀانئين حال حاصل ڪريان، تہ وڃ صوفيءَ ڏانهن سِري،
وڏي ڪنهن ويساهہ سان، پئو قدمن منجهہ ڪري،
گَٿَر توڪي ڪِين پئي، آئين گهٽا ڦوڪ ڦري،
جي ملئي “مُحبَ” مِري، تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.
(2)
جي ڀانئين حال حاصل ڪريان، تہ وٽ صوفيءَ جو پاسو
وڏي ڪنهن ويساهہ سان، ٿيءُ خادم خلاصو
لاهہ مايوسي منهن تان، ڏي دل کي دلاسو
ڏُکائيندءِ دل ۾ ڪو وحدت جو واسو
جي “مُحبَ” ملئي ماسو، تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.
(3)
جي ڀانئين حال حاصل ڪريان، تہ صوفيءَ جو ڪر سُنگُ(1)،
وڏي ڪنهن ويساهہ سان، لائي ويهج لُنگُ،
ڪاٽيندءِ قرب سان، ٻيائيءَ جو ٻُنگُ(1)،
جي ملئي “مُحبَ” مُڱُ، تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.
(4)
جي ڀانئين حال حاصل ڪريان، تہ وڃ صوفيءَ ڏانهن وري،
وڏي ڪنهن ويساهہ سان، تون پئج ماڳ مري،
ٻيڙو تنهنجو ٻاجهہ سان، ويندو توڪل ساڙ تري،
جي ڪا ملئي “مُحبَ” ذِري، تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.

(5)

جي پائين حال حاصل ڪريان، تہ ڏي صوفيءَ کي سِرُ،
وڏي ڪنهن ويساهہ سان، قدمن ۾ پئي ڪِرُ،
لائيندُءِ لِڱن ڪي، سندو عشق عطُر،
توڙي "مُحبَ" ملئي تِرُ، تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.

(6)

جي پائين حال حاصل ڪريان، تہ وڃ صوفيءَ ڏي ڪاهي،
وڏي ڪنهن ويساهہ سان ويهہ لاڳاپا لاهي،
خوف، خيال، خطرا، ٻيا ڊاءَ وِجهج ڊاهي،
سارِيِ سُڌِ سَرير جي، انهن وٽ آهي،
"مَن عَرف نَفسَہ(3) فَقَدَ عرف رَبَہ"، اهو ڏس ڏنو ڏاهي،
جي چاڙهينئِي ڦاهي، تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.

(7)

جي پائين حال حاصل ڪريان، تہ وٺ صوفيءَ جو اولو
وڏي ڪنهن ويساهہ سان، ٿيءُ ڳولن جو ڳولو
پائي ويهہ پريت سان، هيءُ چِيڙَڪ(4) جو چولو
جي "مُحبَ" ملئي تولو تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.

(8)

جي پائين حال حاصل ڪريان، تہ صوفيءَ کي سڃاڻ،
وڏي ڪنهن ويساهہ سان، پَڌَّر وِجهِج پاڻ
"اَلفَقرُ فَخرِيءَ"(5) سندو ڄاڻي رکج ڄاڻ،
جي ڪو "مُحبَ" ملئي ماڻ، تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.

(9)

جي پائين حال حاصل ڪريان، تہ رک صوفيءَ منجهہ پَتِي،
وڏي ڪنهن ويساهہ سان، تون سُڻج ڳالهہ ڳَتِي،
ڳُوڙها(6) ٻَڌِج ڳنڍِ ۾، اها مرشد جي مَتِي،
جي ملئي "مُحبَ" رَتِي، تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.

(10)

جي پائين حال حاصل ڪريان، تہ وٽ صوفيءَ ڪان سبق،
وڏي ڪنهن ويساه سان، هِتي ڄاڻج حق،
حُصُولِيُن(7) جي حال تي، شيوڪ(8) آڻ مَ شڪ،
پنهنجي من ميراڻ کي، هڻ ڏوٻيءَ وانگر ڏَڪُ،
جي ”مُحبَ“ ملئي ڦَڪُ، تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.

(11)

جي پائين حال حاصل ڪريان، تہ سبق صوفيءَ ڪان وٽ،
وڏي ڪنهن ويساه سان، هستي مارج هَٽُ،
ماري ڪيج من مان، هي ٻِ سَنگهي جو ٻَٽُ،
جي ”مُحبَ“ ملئي مَٽُ(9)، تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.

(12)

جي پائين حال حاصل ڪريان، تہ صوفيءَ سان رک سِڪَ،
وڏي ڪنهن ويساه سان، پيئج وٽانئس پِڪَ،
قدم ڪٽج قرب جو لوڪان ڪري لِڪَ،
جي توکي ملي تِڪَ(10)، تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.

(13)

جي پائين حال حاصل ڪريان، تہ اَٽِئي صوفيءَ ڪان سَرٽُو
وڏي ڪنهن ويساه سان، هي پارج پِريٽُو
رازي رهج رضا تي، گهرج ڪِيم گهٽُو
جي ملئي ”مُحبَ“ ڳٽُو تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.

(14)

جي پائين حال حاصل ڪريان، تہ صوفيءَ ڪان ڪجهه سِڪُ،
وڏي ڪنهن ويساه سان، لائِقَ سَندُنِ لِڪُ،
هٿان هادي پاڪ جي، تون وٺي پيئج وِڪُ(11)،
جي ملئي معنيٰ مِڪُ(12)، تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.

(15)

جي پائين حال حاصل ڪريان، تہ صوفي آٿئي سياڻو
وڏي ڪنهن ويساه سان، ٿيءُ ڄاڻَ وٺي ڄاڻو
هن سڳوري ساعت جو ٽارج مَ ٽاڻو
جي دانهُ ڏئي داڻو تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.

(16)

جي پائين حال حاصل ڪريان، تہ رمز صوفيءَ سان رَکُ،
وڏي ڪنهن ويساه سان، چاٽِي عشق جِي چَکُ،
مِلندُءِ ڪونہ مُلَن ڪان، توڙِي لُٽائين لکُ،
جي ڪامل ڏيئي ڳَکُ، تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.

(17)

جي پائين حال حاصل ڪريان، تہ وڃ صوفيءَ ڏي ڊوڙِي،
وڏي ڪنهن ويساه سان، هِيءَ پار ڪجان پؤڙِي،
ڪڏهن ڇڏيندُءِ ڪينڪي جي ڪا سخت پَوَءِ سوڙهي،
جي ڪامل ڏئي ڪوڙِي، تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.

(18)

جي پائين حال حاصل ڪريان، تہ صوفيءَ جو وٺ ساءُ،
وڏي ڪنهن ويساه سان، تون پورو رک پَرِياءُ[13]،
’وَذکر ربک في نفسکَ‘[14]، تن اندر رک تاءُ،
جي پرين ڏينئي پاءُ، تہ پارس ڄاڻج پاند ۾.

◆

---

(1) صحبت (2) ڳوَنچُ، ٻُور، ڪچو سَنگُ (3) ”جنهن پاڻُ سڃاتو تنهن تحقيق خدا کي سُڃاتو“ (4) بيقراري، محبت، شوق (5) ”مون کي پنهنجي غُربت تي فخر آهي“ (حديث) (6) مُنجهيَل (7) جن حاصل ڪيو آهي (8) شيوا ڪندڙ خدمتگار (9) سون چانديءَ ۾ ملايل ٽامون، ڪچو ڌاتو (10) وڏو ڏکُ، ڳِيتَ (11) زهر (12) هڏن جو گودو (13) طاقت، ڏات، اُتساهہ (14) ”ساهہ ۾ رب جو ذڪر ڪريو.“

اللّه مان اثبات

(1)

عشق زوراور ذات، ڪونهي همسر[1] هن جو
هي ارادو پاڪ الله جو ۽ تيز گهٽي تجلات،
بنيو بهاني ان جي، هيءُ محمّدي محلات،
اول آخر ظاهر باطن، آهي حضرت عشق حيات،
ڪا "مُحبَ" وٺي مصلات[2]، آهي الله مان اثبات ٿيو.

(2)

الله مان اثبات ٿيو هي جابر[3] جُنگ جُوان،
"ڪُنتُ ڪُنزاً مخفياً"[4]، هيءُ راز سندو رحمان،
وٺي آيو وره جو هُو ساروئي سامان،
بدلائي بَدُوءَ[5] مان، ٿو عشق ڪري انسان،
اُتي محبتي ميخان، ٿو مچائي "مُحبُ" چئي.

(3)

الله مان اثبات ٿيو هيءُ جذبو جولاني[6]،
آيو ٿي انسان لئِ، هي رهبر رباني،
اچي وڃي ٿو اوچتو منجهه روُيت روحاني،
"المومن مِرآة المومن"[7]، ٿو پسي پيشاني،
وٺي صورت صمداني[8]، "مُحبَ" آيو ميدان ۾.

(4)

الله مان اثبات ٿيو هي بانڪو(9) بي پرواهه،
ملڪن ۾ مشهور ٿيو آهي بره بادشاهه،
ٿُرت سو طابع(10) ٿئي، ڪري جنهن تي ڪاهه،
دِليون ان جي دام ۾ اڪيون ۽ ارواح،
اُن جي ”مُحبَ“ مداح، اچي عقل ۾ ڪين ڪي.

(5)

الله مان اثبات ٿيو عشق وٺي اقبال،
رکي ٿو روحن ۾ هو جبر جوش جلال،
الله آدم وچ ۾ آهي بڻيو دُرس دلال،
مرده دل مڪروه ڪي، ڪري حضرت عشق حلال،
ڪٿي ميٺي ”مُحبَ“ ملال، ڪٿي سُوريءَ چاڙهي سپرين.

(6)

الله مان اثبات ٿيو وٺي عشقُ اِذِنُ(11)،
سَير ساروئي اُن جو هِيءَ زمين ۽ زَمنُ(12)،
محبت وارو ”مُحبُ“ چئي، محض ڳولي ٿو من،
ڪٿي آڙه(13) منجه اَمُن، ڪٿي سوريءَ چاڙهي سپرين.

(7)

الله مان اثبات ٿيو عشق وٺي اَفِسُون(14)،
اچي جنهن جي اندر ۾ جاڳائي جنون(15)،
هيءُ جادوگر جهان جو ٿو ”مُحبَ“ ڪري مجنون،
ارزان(16) عوشاقن جو ٿو خوب وهائي خون،
ڪٿي سچن لاءِ سَتُون(17)، ڪٿي سُوريءَ(18) چاڙهي سپرين.

(5)

عشق آذر پاڻ ۾، ٻنهي ساڳيون پنڌ،
هڪڙو ناهيندڙ ناڪر جو ٻيو نمائي ڪنڌ،
اچي ٿو عشق کي، صورت منجهان سُڳَنڌُ(14)،
اِن مورت ۾ مخفي ٿيا گرو ۽ گوٻِندُ،
آيو عشق کي آنند(15)، پسي مورت "مُحبُ" چئي.

(6)

عشق آذر پاڻ ۾، چال ٻنهي چينچل،
هڪڙو صانع صنم جو ٻيو چاڙهيس ٿو ٻَل(16)،
صورت جي سڃاڻ ۾، هِي آهي عشق اول،
'اَلانسان سِري وَاَناسِره'(17)، اهو راز پَسِي رَل مِل،
ٿو هلائي هلچل، عشق پنهنجي اسلام جي.

(7)

عشق آذر پاڻ ۾، ڪا ڏرن(18) ويڻا ڏاري،
هڪڙو صانع صنم جو ٻيو داسُ(19) بنيو ڏُواري،
هُو عنبر آرتيءَ(20) ۾، ٻهگڻ ٿو ٻاري،
سجايو سينڌُور(21) سان، ٻيو صنم سينگاري،
پوءِ عشق اوپاري، ڏنو صورت ۾ ست(22) نام کي.

(8)

عشق آذر پاڻ ۾، ٻيئي انوکو روپ،
هڪڙو صانع ٿيو صنم جو ٻيو ڏَڳائي(23) ڌوپ،
عشق ڏنو اعتبار سان، صنم جو سروپ(24)،
صورت مان ثابت ٿيو آهي برهم(25) جو بهروپ(26)،
"مُحبَ" ٿيو آهي مورت ۾، هي سارو ارٿ(27) الوپ(28)،
ڪڏي ڪلپت(29) ڪُوپ(30)، گڏيا ٿيئي پرچي پاڻ ۾.

(9)

مٽيءَ مان موجود ٿيو آدم اَچُوتو(31)،
’وَنَفَخۡتَ فِيه مِنّ الرُوحي‘(32)، ٿيو ٻوليندڙ طوطو
هيءُ ڪنهن بڻايو ٻوتو اڳ تہ آذر ڪو نہ هو.

◆

معنيٰ ابيات (عشق ۾ آذر):

(1) حضرت ابراهيم عليہ السلام جو پيءُ جيڪو بُتَ ٺاهيندو هو (2) ٺاهيندڙ (بُت تراش) (3) نمي سلام ڪرڻ، پوڄا ڪرڻ (4) پؤنر (5) ديوانو (6) فيصلو (7) بُتُ (8) نمي سلام ڪرڻ (9) جنهن جي عبادت ڪئي وڃي (10) ٻرو (11) قربان (12) "مون آدم کي پنهنجي صورت تي ٺاهيو آهي" (الله جا) (13) پاڪ (14) خوشبوءِ (15) آرام، سڪون (16) قرباني (17) "انسان منهنجو راز آ ۽ آئون انسان جو راز آهيان" (الله جا) (18) اٽڪل، نمونو (19) پاڻهُون (20) هندن جي رسم جنهن ۾ صدقي گهورڻ وانگر خوشبوءِ جو واس ڏيندا آهن (21) هڪ ڳاڙهو پائوڊر جيڪو مڙس زالن جي سينڌ ۾ وجهندا آهن، سهاڳپڻ جي نشاني (22) سچو نالو يعني الله (23) ٻاري (24) سٺو سهڻو روپ يعني الله جو (25) خدا (26) ڪوُڙو روُپ، مٿيل روُپ (27) مطلب (28) گُم، غائب، لڪل (29) ٻيائي، وَهم (30) انڌيرو ڪوهہ، اونهي کڏ (31) انوکو عجيب، نرالو (32) "۽ آئون جڏهن اُن ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان" (ق. ش)

تيرِ نگاه

(1)
منجهان مِياڻ(1) نڪري، نگاهن ترار
زِرِهَ(2) پوش دليون ٻہ، ٿين زيربار(3).
(2)
دل جي خاطر نين تنهنجا، ٿو سڄڻ سمجهان سراج(4)،
تلف(5) ٿئي تارِيڪ(6) تڏهين، ٿو جڏهن چمڪي چراغ(7).
(3)
جي دل چون ڪَعبہ الاهِي، برحق سو آهي بيت الله(8)،
تان چشم(9) کي گهرجي چوڻ، چنديا چراغِ بيت الله.
(4)
تنهنجي اکڙين جو عجائب، تِير آ تَنَ(10) کي لڳو،
سي جيئڻ کان ٿيا جَڏا، هوُ جِيءَ ۾ جَنِ کي لڳو.

◆

---

(1) چمڙي جي اها ڊگهي ٿيلهي جنهن ۾ ترار رکبي آهي (2) هيءَ رُڪَ جي چادر ٺهيل هوندي آهي، جنهن کي سپاهي ميدانِ جنگ ۾ سيني سان ٻڌي تيرن ۽ تلوار جي ڌَڪَ جو بچاءُ ڪندا هئا، پر هينئر اهو رواج ختم ٿي چڪو آهي (3) هيٺ مٿي (4) سج (5) برباد، ختم (6) اونداهي (7) ڏيئو (8) 'الله جو گهر' يعني ڪعبو (9) اکيون (10) بدن.

خطن لاءِ بيت

(1)

عرض عاصي[1] آئون ڪريان، جي ڪرڻ جي موڪل ملي،
سِرُ گپي قدمَنِ ڏَريان، جي ڏَرڻَ جي موڪل ملي.

(2)

يا الاهي يار منهنجي کي سدا آباد رک،
مون اَياڳِڻِ[2] جي اندر ۾ عشق کي آباد رک.

(3)

احوال منهنجو اي عجيبا![3] مڙيوئي تو معلوم آ،
جي ڪُهين يا قرب ڏين، حاضر اڳيان مظلوم آ.

(4)

اڄ اچي مون کي مليو ڪو ناز نامون يار جو
اُنَ ۾ اچڻ جو هو لڪيل، ڪو انجام نامون يار جو.

(5)

پرينءَ جو پُرزو[4] ڏسي، ڏڪندو[5] ويو سيِ ڏُور[6] تي،
هن دنيا جا درد دل تان، دم اندر ويا دُور[7] تي.

(6)

تنهنجي بيماريءَ جي بَسِ بَسِ، ڪانهي دوا مون وٽ مريض،
وصل[8] واري جامَ[9] جَسُ[10] جَسُ مان شفا[11] ٿينديءِ مريض

---

(1) گناهگار (2) نياڳي (3) اي محبوب (4) چِٺِي يا خط (5) ڏک، سور (6) پري (7) پَري (8) ميلاپ (9) پيالو (10) واه جو ڏاڍو سٺو (11) چوٽڪارو.

(7)

دل نہ هَٿُ ڪو دَمُ تون هرگز ڪر پُڇاڙي[1] يار سان،
توڙي ڪٽي توکي ملي، وَڄُ جي وراڻي[2] يار ڪان.

(8)

حُسن تي پنهنجي هميشہ نازنينن[3] کي ناز آ،
هاڪ تن جي وئي هُلي[4]، اَرض[5] و سَماءِ[6] آواز آ.

(9)

ٿو ڪري محبوب جي دَرِ عاشق هميشہ التجا[7]،
معشوق ماڻي ۾ غرق، نٿو عرض کي آڻي بجا.

(10)

رات ڏينهان ٿو رهان، اي يار تنهنجي ياد ۾،
زندگي ساري زهر ٿي، فڪر ۽ فرياد ۾.

(11)

معاف ڪر محبوب سائين، جي هجيئي کهڙو بہ رَنجُ،
محبت ڏني مانو[8] نہ ٿئي، صاحب سخا تنهنجيءَ جو گَنجُ.

(12)

پُرزو نہ جاڻج هي پرين، بلڪ منهنجو روح آ،
درد ڪيئن ظاهر ڪندو ناڪتڙ وارو ڪوُه آ.

(13)

اميد آهي عرض منهنجو ڪرم سان پوندو قبول،
آڻي خبر خوش[9] رُوءِ خاطي[10]، نا تہ دل رهندي ملوُل[11].

◆

---

(1) پڇاڙي (2) جواب (3) حسينن (4) پکڙي، مشهور ٿي (5) ڌرتي (6) آسمان (7) عرض
(8) گهٽِ (9) سهڻو (10) خط آڻيندڙ (11) ڏکويل.

ابياتِ متفرقه

(1)

جِنّھِين ڳوليو جيءُ سي ئي سوڀارا ٿيا،
”وَنَحنّ اَقِرَبُ“ ويجھڙو اَندرِ اشارو اِيءُ،
پاڻ منجھيئي پِيءُ، ماڻيائون ”مُحبُ“ چئي.

(2)

’نيستي‘ نٿي چوي، سَندو سَچَ سَبَقُ،
’هستي‘ ٻولي ’حق‘، سُپر ڪيو ’صفت‘ ڪي.

(3)

گناهن کان ٿِئين ڪِيمَ جيتر جدا،
مَ چؤ پاڻَ کي، ائين تہ عاشقِ خدا.

(4)

هرگز هندو ناهيان، نڪي مسلمان،
سکيو پاٺ پريم جو ٿيڻ سچو انسان،
اسان جو ايمان، محبت آهي ”مُحبُ“ چئي.

(5)

وئي بهاري موڪلائي، بس بدن باقي رهيو
ويو اڏامي گل گلابي، بس چمن باقي رهيو.

(6)

ويا جي اچن وري، تہ پڻ ساه سُڏير ٿئي،
”ڪُل شَيءٍ يَرجعُ اِلا اَصُلِهِ“، اها آهي ڳالھ ڳري،
جيڪي ويا ”مُحبَ“ مري، آهي مشڪل موٽڻ تن جو.

◆

پنجن جو پاسو

(1)

هلاءِ سنيالي سَيفَ کي، جي تون پِرَ پياسو
’وَجَہُ الله‘(1) وجود کي، ڏي کو وحدتي واسو(2)،
چڏ ’پنجن‘ جو پاسو تہ ”مُحبَ“ مشاهدو ماڻئين.

(2)

هلاءِ سنيالي سَيفَ(3) کي، جي تون پِرَ پياسو
’وَجَہُ الله‘ وجود کي، ڏي کو وحدتي واسو
وٺ ’پنجن‘ جو پاسو تہ ”مُحبَ“ مشاهدو ماڻئين.

نوٽ: بيت نمبر (1) ۾ پنجن نفساني خواهشن: ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه ۽ اهنڪار کان پاسو ڪرڻ جو چيو ويو آهي. بيت نمبر (2) پنجن يعني پنجتن پاڪ جو پاسو يعني سهارو وٺڻ جو چيو ويو آهي.

---

(1) وَجَہُ الله: الله جو رُخ يعني انساني روپ (2) واسُ يا خوشبو (3) سيف: تلوار- پر هتي اصطلاحاً ”زبان“ جي معني ۾ رکي ٿي.

سِہ حرفي (ٽيهہ اکري)

تون اُتي الف سان اور بيئون بره جي باب ڪي.

تيئون ترڪ طمع ڪرهاٽي، ثيئون ڏسجان سچ سچاٽي،
جِيمؤن جفا پائي جورُ[1]، ڪڍ حيئون حِرصَ حسابَ ڪي.

خيئون ڇڏ تون خيال خوديءَ جو ڏالئون دل مان ظلم ضديءَ جو
ذالئون وڄائج زور، ريئون رضا جي رباب ڪي.

زيئون ذڪر پڙهي ڪر زارِي، سِينؤن ڪتجان سِڪَ جِي ساري،
شِينؤن شهادت شور، ڏس صادؤن صَبُر ثواب ڪي.

ضادؤن ڏسجان ڏاتر ڏوري، طوئي ’تَقَنطوُ‘[2] تَن ۾ توري،
ظيئون لائي تون زور، پيءُ عينؤن وصل جي آب ڪي.

غَينؤن غفلت ڇڏ تِيءُ غازي، فيئون فنا جي بني آبازي،
اُتِي ڪافئون ڪنڌڙو ڪور، پڙهہ قافئون ڪلمي ڪتاب ڪي.

لامئون لاڪ لڱن ڪي لائج، ميمؤن مرشد سان مَنُ ملائج،
نُونئون نبيءَ جو نور، ملين واوئون وَنحَن وهاب ڪي.

هيئون ميجان حُڪم حَقاني، لامئون ٽيندُءِ لُطف لاثاني،
”مُحبَ“ الفء عبادت اور، ڇُمِي بيئون يڪدل رحماني رڪاب ڪي.

◆

---

(1) تڪليف (2) ’الله جو آسرو ۽ ڇوٽڪاري جي اميد نہ لاهڻ‘

مَذهب ۽ مَتِ ڀيد

صفت ڪريان صاحب جي جو سُگورو سُبحان،
آندو جنهن عدم کان، جوڙي هِيءُ جهان،
هر شئي پنهنجي حَسبَ سان، اچي ٿي عَيانُ،
پر سندو ماڻهوءَ مرتبو مڙني کان وڌ مانُ،
ان کي عطا ٿيو عقل جو تَر ڪشُ تير ڪمان،
ٻي نوازشُ نطق جي، ٿيو لائق منجھ لِسان،
’خَلَقَ الاِنسانُ عليٰ صورتهٖ، پائي آيو ڀَهرانُ،
ٿيو خليفو خدا جو ۽ شَرفُ سندس شاهان،
’اَلانِسانُ سِرِي وَاَناسِره‘، ان جو اَرٿُ ناهي آسان،
عُرفت ۾ اونهو گهڻو جيئن بَحر بيڪرانُ،
تاهم عقل هوندي ايتري، آهي پلپل پريشان،
دنيا دين ڌرم جي، ڪيو مسئلن مُونجهانُ،
اَنئي ڀَهَر اندر ۾ ان چرخي جو چالانُ،
ٻولي ٿو سڀ ڳالهه ۾ نفعو ڇا ۾ نقصان،
مَچِڙ ڪنهين ٻـ مت جو ٿيو انهيءَ لئہ امتحان،
آيا ڪيئي اوتار ٿي، ٻيا نبي ڏَسَڙَ نيشانُ،
هي واٽون سڀ وندر جون، ماڻين جيئن مڪرانُ،
مطلب مڙني هيڪڙو جي تون ڇڏين توهمانُ،
هرڪا واٽ آ حق جي، پر عمل عقيدي سانُ،
رڳو پولو پاشائن جو آهي اَرٿُ ساڳيو اَڪرانُ،
چاهي ڪو هندو ٿيو ۽ ڪو ٿيو ڪِرستانُ،

ڪوئي سِڪُ، ٻُڌُ، جِينُ ٿيو ڪو مُسلم ٿيو مردانُ،
عبث پيئي انهن ۾ ڪائي نفرت ناگهانُ،
پَنٿ بنائي پانهنجا، ٿيا حسد رکي حيرانُ،
آئون پڻ شامل تن ۾ هڪ مذهبي مَتوانُ،
اچي هڪ ڏينهن اوچتو ٿيم اندر ۾ ارمانُ،
ڪيڏو نفرتن نکيڙيو ڪري آدم کي آنانُ،
سوچيم سمجهان ڳالهه کي، هِن اوُنِتيءَ جو امڪانُ،
هڪ ڏينهن هاديءَ حضورَ ۾ اچي ٿيس عرضانُ،
مون کي مَذهبَن مُنجهائيو تون سالڪ آهين سلطانُ،
مذهب ۽ مت پيد جو اصل چاهي عنوانُ،
ڏيو حقيقت حق جي، توهان صاحب آهيو سَچوانُ،
هاديءَ هدايت ڪئي، ۽ اهم ٿيو اعلانُ،
ته مذهب گويا هڪ مارڳ ٿيو سِڌي راه ربانُ،
جنهن تان واٽهڙو ويساه سان، لنگهي ٻئي لوڪانُ،
جيئن خالق پڻ خوشنود ٿئي، ۽ بَهرَوَر بندگان،
نياڻي به نيڪ بخت اُها، جيڪا ملهائي ٻئي مهلان،
پَتِ پڻ رکي پيگن جي، ۽ سُونهي پڻ سَهُران،
ماءُ پويان ڪو مسلم نه ٿئي، نڪي ڏاڏي اَبي ڪان ڏانُ،
نڪي مَختُونِي مومن ٿئي، نڪي لائق لِباسانُ،
آهي شامل شرط انهيءَ ۾، ”تصديق بِاالقلب وِاقرار بِاالّسانُ“،
تنهن رِيءَ ڪِين تمام ٿئي، جيڪو اسلامي ارڪانُ،
گهيو بعد قرآن ۾ ڪريو عمل صالحانَ،
عمل صالحُ اخلاق جو آهي توڙئون ترجيحانُ،
جيڪو عاري نيڪ عمل جو تنهن جِيءَ اندر جَهِلانُ،

خطا ڪم ته آ خاڪِيءَ جو پرڪو هجي حَيادانُ،
جو سچاٽي نوڙِيءَ نانگ کي، رَهي نفس مٿان نگرانُ،
اهي اَمُر وساري اسان ڪيو ڪٽي اماره اڳوانُ،
ڪنهن ڪُڪُڙَ ڪُتا جهيڙيا، ڪو سُوئر پٺيان سيلانُ،
ڪِن جون رهاڻيون رِڇن سين، ۽ ڪيا شوق شَبانُ،
ڪو پالي پرمارن کي، ٿيو خوشامدڙين خانُ،
ڪو چوري زوري ۽ ڏارِيءَ ۾، آشِرَ ۾ شُتروانُ،
ڪو آهي گُرگُ گَليُن جو ۽ زابر ضعيفان،
محبت مرم نه من ۾، آهي انڌو سو عريانُ،
اَمّن معنيٰ اسلام جِي، هُو هردل جو هيجانُ،
اُن جي رهت ريزال جو آهي دلين مٿي دهمانُ،
پاڻ نه پَسي پانهنجو ڪري پيو هندو هراسانُ،
دم هڻي پنهنجي دين جو ٻين تي طعني زني تانُ،
اهڙي مورک مسلمان ڪان، پيو قومن منجهه ڪوسانُ،
دين وساري دُزُ ٿيو هو غرضن منجهه غلطانُ،
ڪو مُلا منجهه مَسِيت جي، خَتمن جو خواهانُ،
۽ طمع تعويذن ۾ زِيست ڪيائين زيانُ،
آهن عبادتون اُن جون، سڀ رِياءَ ڏي رُجحانُ،
مَڪَرَ ۾ ماهر ٿيو ٻيو خودِيءَ سندو خفقانُ،
رڳو جِيفي پويان جُستجُو جيڪو ڳِڌُن جو گذرانُ،
اڃا پڻ اڳتي آرزو بهشت سندو بُستانُ،
ايندو استقبال لئه رحمت سان رضوانُ،
حُورون هونديون هنج ۾ ڪندو غلامي غُلمانُ،
اِهي ناسورِي نفس جا، جيئن هُوبهو حيوانُ،

اُلفت ناهي الله جي، رڳو حرص منجهہ حرصانُ،
’وَالله خَيرُالّماڪِرِين‘، اهو ڳنين ڪِين سُئان،
ڪن ٿا اَٽِڪلُون الله سان، جيڪو روحن رازدانُ،
ڄاڻي ڄاڻڻهار ٿو تن جي اندر جو اَفسانُ،
’اِنمااَلاّعمالِ بِاَلّنيات‘ ۾ آهي داور ٿيو دل جان،
’لِباسُ الّمؤمِنينِ و قَلوبَ الّڪافِرينِ‘، تن ۾ آهي اَنومانُ،
چائت رکيو جن چِتَ ۾، اُهي چور ٿيندا چالانُ،
قادر تن کي ڪِين ڪري، فيض منجهان فيضانُ،
پر جن معنيٰ پَروڙِي مُصَحافَ جِي، تن جو اوتارو آسمانُ،
تن ڪاٽيو ڪفر قلوب جو جيڪو زحمت جو زندانُ،
محبت مذهب تن جو هو سِين مٿان سائبانُ،
اُهي سچا مؤمن محمدي، ۽ صادِقُ صَرِيحانُ،
تن پورا ڪيا پريت سان، جيڪي آيا اَمُرَ اُتانُ،
تن ورتي راه رسول جي، جنهن ۾ سلامتي سَڀنانُ،
انهن سڃاتو صورت کي، دوئِي ڪڍي درميان،
تن منافرت ميٽي ڇڏي، ٻيو خاطر جو خُدشانُ،
تن جو سِينو سورج گل جيئن، ڪِڙي ٿيو خِندانُ،
اُهي آلہ بعد عباد جي، رهيا حقن مٿي حِفظانُ،
بندا راضي جن مان، ٿيو الله راضي اُنهانُ،
’رَضِي الله وَرَضوُعَنه‘ ٿيو تن لئہ ترجمانُ،
دُرس رهيا پنهنجي دين تي، نہ ڪيائون اِهانت اَديانُ،
سي آيا ملڪ امان ۾ هي ماري من مروانُ،
اهي هميشہ حيات رهن، تن جو عرش مٿي آشيانُ،
’لايَموت وَلايَفُوت‘ آ، ثابت صفت سَندانُ،

مٿي مبارڪ تن جي، رهندي دائم درخِشان،
آهي مليو تن کي مراد ۾، هي دنيا عقبيٰ جو دانُ،
وري ڪو هٿ ڏرمي هندو ٿيو بنا گيان وِگيان،
گيتا جي گمَ ڪانڪا، رڳو جٽئي ڪيو جوانُ،
آتم گيان نہ اُن کي ڪيو ڏوتِيءَ ڏرموانُ،
اَنيئہ جوت نہ اُتِ ٻَري، هو سَنسي ۾ سُنسانُ،
سَتگُر ڪِي سمجهائيو تہ بہ اَوِديا اوسانُ،
چيلي چَڪيو ڪِينڪِي، نِرمَلتا جو نانُ،
روز جي رامائِڻ ٻُڌي، تہ بہ فهم جو فُقدانُ،
ڪهڙِيءَ سُچاپي ڪينڪي، رِيءَ رُوءِ پسڻ رِيحانُ،
گلپت ڪوڙ قلب ۾، ٿو سڏائي سَنتانُ،
هن ساڌو سَنت سڏايو پِنَڻ لئہ پَڪوانُ،
پَرشادن پويان هلي، جيوت ڪيائين ڄِيانُ،
تَتُ نہ ڄاڻي تِلڪَ جو ڪري ضايع زعفرانُ،
جاد نشاني جوڳ جي، هن لئہ ڏيکارو ڏيهانُ،
هِن کي پِرِيُوءَ مُڪو پاڻ لئہ، هُو مايا در مهمانُ،
هِردو جاءِ هَرِيءَ جِي، هِن ٿاهيو ٺڳن ٿانُ،
رام نہ راضي رسم سان، آهي پِريميُن پُرسانُ،
آهي آنتريامِي اِيشور، دِلين سَندو دِيوانُ،
ڪوڙو لڪندو ڪين ڪي، ڇَل ڪري ڇَلوانُ،
ٿيو شيوَڪُ شري رام جو پر نِشچي ۾ نِرڏانُ،
اندر اوجل ڪين ٿيو ڪيو تَموگن تابانُ،
من ۾ باه بُغُضَ جِي، شعلو جيئن شمشانُ،
پلو پائئي ٿو پاڻ کي، ٻين بندن کان بُچانُ،

ڪڏهن پَسي ٿو ڪينڪي، گرمُ پنهنجو ڪو جهانُ،
چئي هندو چڱو هر ڳالهه ۾، آهي مسلم مَلِيڇانُ،
هو پَڏائي ڌرم پانهنجو ٻين ڌرمن کي ڌِڪانُ،
نفرت نالو نرڳ جو آهي دل جو درد دُخانُ،
سيڪنهن ڌرم ڌڪاريو جيڪو پنهنجو پَڏاوانُ،
جنهن محبتيءَ ميلاپ ڪيو اهو سَتِي سَرڳوانُ،
پرڪيندڙ آهي پرماتما تُنهنجون ڳالهيون ڳجهه ڳُجهانُ،
پاتو جنهن نہ پريم کي، تَنهنجو پاپي ٿيو پَرانُ،
چِتُ نہ چيتن جنهن جو تنهن هارِي هَڙَ هَٿانُ،
ڀُليو جيڪو ڀڳوان کان، تنهن کي چوراسي چَڪرانُ،
پر جي هندو مت ۾ هريءَ جو ڪو اهڙو پُرڪُ پُرجهانُ،
جنهن ويهي ويد ويچاريو جا حقيقت حَرفانُ،
سو پڙهي پاٺُ پريم جو ٿيو واقف وِدياوانُ،
جنهن گيتا مان گل چُونديا، اُهو سالڪ سُرتِيوانُ،
ڀڳتيءَ گڏ ڀڳوان جي، رهيو داسَن جو داسانُ،
تنهن مِٽايو مت ڀيد کي، وَچن سُٽي ويدانُ،
ماري ڪڍيو تنهن من مان، هٺِيلو هامانُ،
پنج ئي ساگر پار ٿيو سو پُورن پهلوانُ،
وِيسَ ڪلپَٽ قلب مان، ٻيو خَلَلُ ڪِنچاتانُ،
تنهن لئہ هندو مؤمن هڪ ٿيو ۽ ويو وهم وِڇانُ،
اهو ٻٽيو ڏَڏُ ڏکين جو هوندي هٿ پڇانُ،
جتي هڏڏوڪي هندوءَ جو اُتي ٻانهن ٻيلي پڻ ٻيانُ،
هو سَنمُکُ رهي سيڻ سان، آهي سَتِي ستياوانُ،
ٿيو آجو آواگون کان، اُن جو آمرت ۾ آشنانُ،

اُهو پڪي پارک ديس جو ۽ مَنشُ مُڪتيِوانُ،
جي سچ ٽا چئون سِڪَ کي، تہ ڪڍي ٽو ڪِرپانُ،
نہ تہ نانڪ نفاق هو توڙيو ڏسو ٻالو ڪير مردانُ،
پَوتَر گِرنٿَ پِياريو هو پريمي پيمانُ،
نِيَت خاصي ڪري خالصو نڪي جنگ جَبرُ جولانُ،
اهي مذهب مُهاڏو ڪري، ٿيا اڪَرين اَسيرانُ،
پُنِيرا ٿيا پريم کان، آهي ضد منجهن زورانُ،
نڪو هيج هندوءَ سان، نڪا محبت مؤمنانُ،
پهريون وچن پريم جو ٿيا وساري وَحشانُ،
ساڏَنُ سَقل ٿئي تڏهن، جڏهن محبت ماٺهوئان،
آهي پلو اَهنڪار کان، ڪميا سندو خَزانُ،
سوئي پائي ست نام کي، جنهن جو پَلَوُ پَوِتَرانُ،
ناهي اُلفت عِيسائيُن ۾، مگر ڪُلفَتَ قَلوُ بان،
آهي مذهب محض ماٺهپو ڏنو عيسيٰ هِي عرفانُ،
پر دِليُن جي دهليز تي، وينو دوئيءَ جو دربانُ،
ڪَدُورَتَ ڪَثِيفُ ڪيو تن جي اندر جوايوانُ،
چڙهيو تن جي چيلهہ تي، ڪو پانئِڙَ جو پُوتانُ،
طمع خاطر تن ڪيو آهي چوڏس کي چؤگانُ،
اُهي چورَتِ ڪن ٽا چور کي، ۽ ياڳين پائيوانُ،
اَٿن پِچلو پيٿ جو ۽ موهَ سندو مهرانُ،
ڪَنِهين قوم نہ پائيو نفعو ڪئون نَصرانِ،
ويچي ڪو ڪو راهب رهيو روح الله رمزدانُ،
شال موتي مَسيحا اچي، جو دارُون ڏئي درمان،
آهي اصل اسرائيل کي، پرڻ بُغضَ جو بُحرانُ،

جن وچان حسد وِ ڪائيو يوسف منجهه مِصرانُ،
اُهي فسادي فِتِنَتِي، نہ ملندي مِهر منجهانِ،
هوندو ياد يهود کي، تيهَ جو بَرُ بَيابانُ،
مَن سَلوِيٰ مُيسر هوندي، فڪر ڏانهن فِرعانَ،
مهڻا ڏيندا رهيا موسيٰ کي، تو آ رُلايو رَندان،
جن جي نبيءَ سان نيت اِها، سي ڪيئن ٻِيَن ٻاجهوانَ،
اَٿن ڪَدُورتَ قومن سان، ساڙو منجهه سِينانِ،
جي ڪڏهن ٻہ جوکو جهان کي، تہ ٻرندي اُن ٻُنيانِ،
اڄ ٻُڌِي پڻ ويئي ٻوڏ مان، جيڪي اصلي اصولان،
آهي سبق سَدارَٿَ جو سارو سونَ سَمانُ،
هن ٻُوٽو پَٽِيو ٻيائيءَ جو ڪِڍي اُوچ نِيچانُ،
ايڪي پريم پرياءَ جو تنهن دَرس مُڪو ديسان،
هن جا پوئلڳ پنيرا ٿيا، ڇڏي سِکيا مُنِي سوُجهان،
سَرُمُنائڻ ڀڳوو پائڻ، پر دل نہ دَياوانُ
جِيوَ اَهَنّساجن وٽ هئي، سي گلهاڪن قربانُ،
اڄ مارڻ تن جو مشغلو ۽ ويڙهه سَندُن وَجدانُ،
خون خدائي خلق جو اڄ اُنهن وٽ آرزانُ،
ڀِڪشُو پڻ ڀلجي ويا، جيڪو مارڳ هو مَهندانُ،
هاڻي گيان گوتم ٻُڌَّ جو باقي رهيا اکرَ اڳيان،
هيءَ مختصر مذهبن جي، مون ڪئي بات بيانُ،
جي معنيٰ ۾ متفق ٿيا، تن جو مقصد هڪ مَڪانُ،
جيئن اَٿن عقيدو ايڪ ۾، ٿامڃن هڪ مَنانُ،
تنهن نالا نِر آڪار جا، ٿيا صادر مٿي صفتان،
اِسمَ اِلاهِي اَڻَ ڳڻيا، ٿيو آ ڏٺي ڏَڄاوانُ،

’فَاينَما تَو لُو فَثم وَجَهُ الله‘، اتي ڪونهي نُور نِڌانُ،
اول اُهو آخر اُهو آهي ظاهر و باطنانُ،
جُڳائي ٿي جبار کي، اها وَڏائون وڏ واڪاڻ،
هر وَستُوءَ وِياپَڪُ ٿيو سَندس نُور نِهانُ،
هادي هِردي سيڪنهين، جيئن گولي جو گمانُ،
توريتَ زَبُورَ انجيل ۾، ڏٺي ٿو پاٺُ پُرانُ،
ساڳي سڳوري ذات جو آهي فهم ڏَسيو فُرقان،
آهي لاحَد لِيلا اُن جي، جتي عقل ٿيو اوچانُ،
هرڪو هندو مسلم آ، اُن پاڪ سندو پُوڄانُ،
پوءِ ڪافر چئجي ڪنهن کي، هرڪو مولا مَدَحَ خُوانُ،
هر ڌرم مطابق ڏٺيءَ جو ٿيو جَپٽو جداگانُ،
روزا ورتَ رياضتون، مَٿيو تن پڻ طريقانُ،
هرڪو چئي آئون حق تي، ٻيون واٽون ڪل ويرانُ،
آهي اوُچو مذهب منهنجو خوبُ گنان خُوبانُ،
سچو صادق مُصَطفيٰ، ۽ سين سندو سَروانُ،
متو انهيءَ تان معرڪو ٿيا ديني دشمنان،
ڪوئي مڃي نہ ڪنهن کي، پر هڪٻئي جو هرجانُ،
مورک مڃين نہ مت کي، ٿيو انڌن کي اَيمانُ،
هيءُ عامَ نہ اَرٿُ سمجهيو ٿيا رسمن ۾ رُسوانُ،
نہ تہ سوئي الله اِيشَور، سوئي ڏُولَهُ سو ڌَيانُ،
سوئي رام رحيم آ، گاڊ سوئي يَزدانُ،
سوئي سچ ست نام آ، سوئي رب رازق رحمانُ،
مسجد مندر ديوَل ۾، آهي انهيءَ جو آستانُ،
گُردواري ۽ گَيا ۾ رهي پَرمُ اهو پاڪانُ،

هو اڪرن ۾ آڙجي پيا، ڇڏي معنيٰ جو ميدانُ،
ٿيا روڳي ريت رسم جا، تڏهن پين تاوانُ،
ظاهر تي زور گهڻو پر اندر ناهي ايمانُ،
هرڪو هوڏ حسد ۾، ٻئي ڪان ٿيو ٻلوانُ،
نفرت ۽ نَزاعَ جو تن جي سيني ۾ سرطانُ،
جيڪا پَوِتَر راه پريم جي، تنهن ڪان نِسورو نِسيانُ،
جنهن سبق وساريو سچ جو ڪيئن پَدُ ماڻي پَرڌانُ،
دَيا نه جنهن جي دل ۾، اُتي ڌرم نڪو آهي ڌيانُ،
هِردي حسد جنهن جي، سوشارِڪُ ۽ شيطانُ،
جنهن جي تن ۾ تعصبو سو عاصي منجهه عَصيان،
بُغُضُ بغاوت مذهبي، آهي قدم ڏهؤن ڪُفران،
آهي اندر جنهن جي ايڪتا، تنهن جي ڀاڳي ٿيو ڀڳوانُ،
هِيءَ معنيٰ هئي مت ڀيد جي، جيڪا ظاهر ڪيم زبان،
هيءُ مسئلو مورڪپڻو آهي باطل خيال بُهتانُ،
وِديا جيڪا ويدن جي، سائي منجهه صَحِيفانُ،
پيغمبرن ته پڙهائيو آهي آدم ڪُل آخوانُ،
نصيحت نيڪ عمل جي، منجهه ڪُل ئي ڪِتابان،
ڪنهين ڪتاب نه لکيو ٿيءُ راه سندو رَهزانُ،
آهي مُول مقصد مذهبي، اصل ٿيڻ انسانُ،
ڪن خبيثن ڪڙو ڪيو هِي توهِينِي طوفانُ،
جي تو ۾ ناهي تفرقو ته احمد وٽ آمانُ،
جي تو ۾ ناهي تفرقو ته ڪامل آهي قرآنُ،
جي تو ۾ ناهي تفرقو ته ڪرشن گلاوانُ،
جي تو ۾ ناهي تفرقو ته گيتا ساري گيانُ،

جي تو ۾ ناهي تفرقو تہ نانِڪ وٽ نِرٻانُ،
جي تو ۾ ناهي تفرقو تہ گِرَنٿُ آهي گُڻوانُ،
جي تو ۾ ناهي تفرقو تہ ٻُڌُ آهي ٻُڌِيوانُ،
جي تو ۾ ناهي تفرقو تہ آهي سِکيا مُنِي سُرهانُ،
جي تو ۾ ناهي تفرقو تہ آهي عيسيٰ اعليٰ شانُ،
جي تو ۾ ناهي تفرقو تہ بائيبل منجھ بُرهانُ،
جي تو ۾ ناهي تفرقو تہ آ موسيٰ مهربانُ،
جي تو ۾ ناهي تفرقو تہ ٿَوريتُ ئي تو شانُ،
جي تو ۾ ناهي تفرقو تہ زَبُورُ ئي ذِڪِرانُ،
تن تلقين ڪئي توحيد جي، جنهن ۾ فرق ناهي ڦيرانُ،
آهي قادر مُڪو هر قوم ڏي بَشِيرو نَذِيرانُ،
هي منو ميوو محبت جو ڪيو تفرقي ٿُرشانُ،
ڇا هِي ٻوليندڙ ٻُڌُ ٿيو يا گَبَرُ، هندو اَفغانُ،
ڇا ۾ مسلمان مليڇ ٿيو ڇا ۾ بهتر بِرهمانُ،
تن جا عَنصَر اعضاءَ ساڳيا ۾ ٿيو خاڪِي خَمِيرانُ،
هِردي واسِي هر ڪنهين، اُهو اَلڪُ آتمانُ،
قادرَ هَٿِ قدرتَ جو آهي قائم قلمدانُ،
اُهو راڪو روپ محل جو آهي پرور پاسبانُ،
تنهن حاڪم جي حضور ۾، سڀ يَڪ نظر يَڪسانُ،
هو بارِي بي پرواهہ آ، غالب غيرت وانُ،
اُت حجت ناه هندوءَ جي، نڪي مؤمن ڪي مُمِڪانُ،
هو شائق آ شُڀ ڪرم جو رهي اَرهو اَجوگانُ،
گَتي جيڪا گَرتار لئہ، تنهن جو سُٺُ ٿيو سڦرانُ،
تاهم قبولي تہ ڪِرپا ڪري، نہ تہ ڏئي ٿو موٽ مٽانُ،

جتي لَرزو ساري لوڪ کي، نِتُ ڪيرتِين ڪنبانُ،
اُن دهشتي درگاه ۾، آهي سڀ ڪنهن کي سَڪتانُ،
هُو سَمِيع اوهان جي سوچ جو آهي خِرد مند خاقانُ،
جنهن چاهي تنهن چڱو ڪري، ڏئي درجو دوستانُ،
اوهين رَهاڳُو رڻ ڪڇ جا، رڳو خيالن جو خيابانُ،
پوءِ ڪيئن ٿا لاف لڳائيو منهنجو آ خاصو خاندانُ،
هُتي واحدَ وٽي ٿي وينتِي، نٿو جاتِ پَسي جَل شانُ،
هاڻي هِردي منجهه هٽي ڏسو اَوهين گوتو گريبان،
تان مٽِيئي مذڪور جو ٿوهِين پايو مُڪَ ۾ پانُ،
جي الله راضي اسلام ۾، تہ پوءِ هي ڪُفر ڪُڄاڙان،
جي ڪعبو آ گهر ڪريم جو تہ هي بٽيو ڪٿان بتخانُ،
هي ڪافر مؤمن ڪنهن ڪيو ۽ هندو هَنُومانُ،
ڪنهن مِهتُون مندر ٺاهيا، ڪنهن اَڏيو آتشدانُ،
هيءَ مَشِيعَتَ موليٰ پاڪ جي، جنهن جو ڪامل ڪاروانُ،
هِيءُ اَخفيٰ راز الله جو جتي دَڳُ نہ دِيگرانُ،
ڪا ذات نہ غافل ذڪر ڪان، آهي سڀ شئي اُتِ سجدانُ،
جيڪو مُنڪر انهيءَ مام جو سو قدرت جو گذبانُ،
آهن ساجد سڀ ستارجا، پر واٽون ٿيون وِيهان،
جا واٽ وحدت ويساه جي، تنهن ۾ رب ٿئي پاڻ رَسانُ،
اُتي جاءِ نہ جُزي عقل جي، هيءُ ڪل جو ڪرشمانُ،
هاڻي روڪيو حرف هِجِوَ جا، جن ۾ غِيبتَ جو گردانُ،
آهي ڳِلا مثل گرداب جي، جيڪو سوسو سمونڊان،
ڇا پاڻي ولوڙي پاڻ ۾، هي ٽَرِي ويندؤ طُغِيانُ،
ڇوٽا اَهنِڪارِي آڱُر ڪٽي، ڪريو ٽِپٽي ۽ ٽيڪانُ،

سڀ سافِرِ سَرجَڻهار جا، توهان ماڻهن پيو مَهِتانُ،
ائين قادر چاهي ٿو ڪينڪي، وڏو آ توهان تفرقانُ،
هاڻي ڀڃو ڀانئڻ جي ڀِتِ کي، اَوهين تِريون هٽي توڙان،
اچي پاڪر پائي پاءُ ٿيو ڪريو محبت جو ميلانُ،
هي پاشَڻُ ڪين پلائجو جنهن ۾ ايڪي جو اِلحانُ،
انهيءَ توهان اُپديش کي، سمجهي ٿيو سُجانُ،
اچا پاڻ محمّد مخاطب ٿيو مون سان گهوٽو گهڻگهُرانُ،
جيڪو مرشد ڪامل منهنجو صاحب دل صوفيانُ،
تون ڪيئن توهَم ۾ پِئين، جيئن تنهنجي راه رِندان،
هن ڏرمن جي ڏُبَڻ ۾، آهين ڪيئن ٿيون قيدانُ،
تون ٿيءُ نرالو نڪري، هن گوڙ گنان گوشانُ،
آهين طالب تون توحيد جو جتي آخر اطمينانُ،
وحدت ۾ ويساه رک، ۽ ٻيائيءَ کي هڻ ٻانُ،
پوڄا ڪر تنهن پاڪ جي، جنهن مَنڊيو هِي مانڊانُ،
پيا اَمُر ادب ڪرڻ اُن جا، جيئن فائق جو فرمانُ،
تنهنجو دَستُ ڏنم دستگير کي، جيڪو پِيرَن جو پِيرانُ،
جو ٻُڏَن کي ٻانّهُون ڏئي، ڪري شڪسته شادانُ،
جنهن ۾ سلامتي سڀ ذات جي، تنهن ڪري راهَ روان،
تنهن جيلانيءَ جي جُودَ جو آهي ڪير نه قدردانُ،
تون به مٽيو تنهن مالها جو منجهه فالم فقيران،
هاڻي اَڏج اَهنڪارين ڪان، ڳچ ميل پري ميخانُ،
محبت جي معراج جو اُتي دل ۾ ڪول دڪانُ،
'اَلحُبّ لِلهِ وَالبُغُضّ لِلهِ' جو تون "مُحبَ" رکج ميزانُ،
ادب نياز اخلاص جو رک سموهي سامان،

پائي تارازِيءَ تورجان، هر صورت حق حقانُ،
جي ڪو راست رستو رکئين، تہ بہ دور ڪجان دوغلانُ،
تون عوشاقي اسلام گُهرُ، جنهن جو محمدّ ميزبانُ،
اڳي مادري مسلم هئين، تون اصليت ڪان اَنجانُ،
هاڻي 'اَلاهُمَّ اِني' پڙهي، ٿيءُ موٽي مسلمانُ،
عربيءَ کوليو اتحاد لئہ، آهي دائم دبُستانُ،
جمع جتي جَمهُور جو ٿيو قائم ڪُتبخانُ،
آهي عالمِ مُتَعلِمُ اُن جو ٻيو صوفي سالڪان،
اُتان ڪر مطالع ماڻهپو جيڪو مذهب معقولان،
پوءِ توکي سمائي سيکو تون سيني سَماوانُ،
اٿئي سچي راهہ سلوڪ جي، جيئن جنم ٿئي نہ جڏانُ،
هاڻي ٻانهَپ جي ٻيڙي چڙهي، ڏي سَروَرَ هَٿِ سُڪانُ،
تون ڪلمون پڙهج ڪريم تي گَري شامل رب شُڪرانُ.

◆

مذهب ۽ مت پيد شعر جي ڏکين لفظن جي معنيٰ

- سبحان= پاڪ، پاڪن پاڪ
- عدم= نہ هئڻ، ضد وجود
- حسب= اصليت، ذات، نمونہ مرتبو.
- عَيان= ظاهر، پڌرو.
- ترڪش= تير جو هڪ قسم.
- نطق= ڳالهائڻ
- ڪُل لسان= سڀ ٻوليون ڳالهائڻ
- خلق الانسان عليٰ صورةٖ= مون آدم کي پنهنجي صورت تي خلقيو آهي.
- الانسان سِري واَناسرہٓ= انسان منهنجو ڳُجھ ۽ آئون انسان جو ڳجھ آهيان.
- اَرٿُ= معنيٰ، مطلب، شرح.
- عُرفت= ڄاڻ سڃاڻ.
- بي ڪران= جنهنجو ڪنارو ئي ڪونهي.
- بحر= پاڻي، سمنڊ.
- مونجهان= منجهي پيل، مُنڌل.
- مَتِ= مذهب، ڌرم، فلسفو
- اوتار= خدا جي طرفان موڪليل رهبر، يعني نبي.
- وندر= بلوچستان جي هڪ جابلو حصي جو نالو جنهن مان ڪيچ ڏي رستو ويندو آهي.
- توهمان= وهم، سنسو
- ياشا= ٻولي
- عبث= اجايو هرويرو
- ناگهان= اوچتو
- پنٿ= ٽولو جماعت، گروه.

- متوان= متوالو ديوانو چريو.
- انان= بيوقوف، نيرانو ٻڪايل
- اونٽي= ناتو ٽوڙڻ، جدا ٿيڻ.
- مت ڀيد= مذهبي فرق ۽ تنقيد.
- مارڳ= رستو، واٽ.
- ٻئي لوڪان= ٻئي جهان، دنيا ۽ عقبيٰ
- خوشنود= راضي، خوش.
- ڀهرور= فائدي ۾، ڀلائيءَ ۾.
- بندگان= بندو بندگي ڪندڙ.
- نيڪ بخت= ڀلي ڀاڳ وارو
- مِهلانُ= اصل ۾ مِهلاڻُ= هي لفظ اڃا تائين ڪدڙا فقير استعمال ڪن ٿا. جنهن جي معنيٰ آهي تہ ٿورن ڏينهن لاءِ ڪٿي منزل ڪرڻ. ڪدڙن جي مستقل رهائشن واري جاءِ کي مڙهي چئبو آهي.
- ڏان= فيض، ڀلائي، ڏات.
- مَختوني= طهر ڪيل، ختنو ڪيل.
- ”تصديق باالقلب وَ اقرار باللِسان“= يعني تہ الله جي ذات تي ايمان ڪامل تڏهن چئجي جو انسان پنهنجي دل ۾ ان غيبي طاقت کي سچائيءَ سان مڃي ۽ ان جو ظاهر زبان سان بہ اقرار ڪري. اسلام ۾ هيءُ ايمان جو خاص جز آهي.
- تمام ٿيڻ= پورو ٿيڻ، مڪمل ٿيڻ
- اَرڪان= رُڪن جو جمع آهي جنهن جي معنيٰ آهي ٿنڀ يا پايو اصول.
- تَرجِيح= وڌيڪ اهميت ڏيڻ.
- عاري= انڪار ڪندڙ نٽائيندڙ.
- جهلان= جهالت، مونجهارو اونده.
- نگران= نظر رکندڙ.
- نفس= انسان جي اندر ٽي نفس آهن اِماره، لوامہ، مطمئن. هنديءَ ۾ نفس کي مَن چون ٿا.
- اَمُر= حڪم.
- اَماره= نفس آماره

- سَيلان= سير ڪندڙ ڳولائو.
- شَبان= شڪاري، ڌنار
- پرمار= مجازاً، باز ڏُرو شِڪرو بانشو يعني خوشامدڙيو.
- ڏاري= زناخوري.
- شِرُ= برائي، فساد، فتنو.
- شُتروان= اٺن هڪلڻ وارو چالاڪ.
- گُرگ= بگهڙ
- زابر= زور وارو
- مَرم= حيا، شرم.
- عريان= اُگهاڙو.
- هِيجانُ= ڏپ، خوف واري حالت
- رَهت= رهڻي، عادتون، اخلاق
- رِيزال= بري، خراب، ڪم اخلاق
- هراسان= خوف زده
- دم هڻڻ= فخر ڪرڻ
- طعني زني تانُ= ٺٺولي ڪرڻ
- ڪوسان= گرمي، غصو تيزي
- دُزُ= چور
- تائيت= تعويذ
- زيست= جياپو زندگي.
- رياءُ= انساني عمل جو اهو نمونو جنهن ۾ رڳو ظاهري ڏيکاءُ هجي پر حقيقت ۾ ڪوڙ هجي يعني مڪر.
- رُحجان= لاڙو جذبات
- مَڪَر= ڪوڙ فريب.
- جيفو= ڏُونئي، مئل جانور
- گِدَ= ڳِجَهه.
- آرزو= اميد، آسرو خواهش
- رضوان= بهشت جي داروغي جو نالو. دوزخ جي داروغي جو نالو مالڪ آهي.

- نفس= انسان جي قلب جي هڪ اهڙي ڪيفيت جنهن ۾ ڪانءِ ڪا گهُرَ يا تمنا هوندي آهي.
- ”وَالله خيرُ الماڪِرِين“= يعني الله توهان جي مَڪر کي گهڻو ڄاڻي ٿو يا الله گهڻو مڪر ڄاڻي.
- رازدان= راز ڄاڻندڙ.
- ”اِن الاعمال باالنيات“= نيڪ عمل ڪان نيڪ نيت بهتر آهي.
- دل جان= دل جو راز ڄاڻندڙ.
- ”لِباس المومنين وَ قلوب الڪافرين“ يعني پوشاڪ مسلمانن واري پر دل ۾ ڪافر آهن.
- چائت= رياءُ، مڪر، ٺڳي.
- مصاف= مصحف يعني قرآن شريف.
- زندان= اونداهو غار، قيد.
- سائبان= تنبو.
- صادق= سچو
- صريحان= چٽا، پڌرا، سنوان سڌا.
- منافرت= نفرت ڪرڻ
- خاطر= دل، قلب
- خدشو= وهم، خوف
- خِندان= کِلندڙ ٻهڪندڙ
- عِباد= خدائي مخلوق
- حفظان= سنڀال رکڻ وارا.
- رضي الله وَ رضو عنہ= انهن ڪان الله راضي ٿيو ۽ هو الله ڪان راضي ٿيا.
- ترجمان= ترجمو ڪندڙ ڳالهہ کي چٽو ڪندڙ.
- دُرس= ٺيڪ ٺاڪ
- آهانت= گلا، غيبت
- اَديان= دين جو جمع، گهڻا دين ٻيا دين.
- من= نفس، نفس اماره ڏي اشارو
- مروان= هڪ عرب جو نالو جيڪو حضور پاڪ جي حضور ۾ ايندو هو، هو ظاهر ۾ اسلام تي هو پر دل ۾ ڪوڙو هو. هن قرآن شريف جي سورة آل

عمران کي ڪاتي آل مروان لکيو جنهن تان ڪيس لوڏي ڪڍيو ويو ۽ مديني منوره کان سئو ميل پري جلاوطن به ڪيو ويو. مروان لفظ جي اصطلاعي معنيٰ آهي ڪوڙو مڪار.

- آشيانہ = تڪيو گهر.
- ”لايموت ولا يفوت“ = اُهي الله جا دوست نڪي مرندا نڪي فنا ٿيندا.
- درخشان = روشن، چمڪندڙ.
- مراد = جزا، صلو آرزو معنيٰ.
- دان = خيرات، انعام.
- گيان = علم، ڄاڻ.
- وِگيان = روحاني علم جي ڄاڻ.
- هٺ ڌرمي = ضدي، پنهنجي ڌرم تي فخر ڪندڙ.
- گمَ = خبر، ڄاڻ.
- جَڻيو = هيءَ هندو ڌرم جي هڪ رسم آهي. جيئن ته هندو بلوغت جي ڏينهن ۾ برهمڻ کان سُٽَ جو ڌاڳو وٽائي ٻارن کي ڳچيءَ ۾ پارائيندا آهن، ان جي پائڻ کان پوءِ هو سچو هندو چيو ويندو آهي. جڻيي کي ”زُنارُ“ به چئبو آهي.
- آتم گيان = روحاني علم.
- اَنيئي = الاهي عرفان.
- سَنسو = وهم، اجايو خيال.
- سُنسان = ويران.
- سَتگُر = سچو مرشد.
- اَوديا = بي علمي، جهالت.
- اوسارڻ = عادت.
- نِرمَلتا = ڪشاده دلي مجازاً ذاتِ، پاڪ، صاف، حقيقي، صبر، ڌِيرج، نرمي.
- رامائڻ = هندن جو ڌرمي ڪتاب، جنهن ۾ شري رام جي جيوت جو بيان آهي.
- گيتا = هن کي ڀڳوت يا ڀاڳوت گيتا به چوندا آهن. هيءَ به هندن جو مذهبي ڪتاب آهي جنهن ۾ ڪرشن اوتار ڪُرو ڪيتر جي يُڌِ (جنگ) ۾

پنهنجي شِشَ يعني چيلي کي سندس سوالن جا جواب ڏيندي نصيحتون ڪيون آهن. چيلو 'ارجن' هو.

- نُقدان= گهٽتائي، ڪمي.
- رُوءِ= منهن، شڪل
- ريحان= ناز بوءِ.
- گلپت= ميرائي، بي ويساهي.
- سنتان= سنت، ساڌو اولاد، انسان جي رانَ.
- پرشاد= دان، خيرات، ڀيج.
- جيوت= زندگي.
- جِيانُ= زيان.
- اَرٿ= معنيٰ
- تَتُ= ارٿ، معنيٰ، حقيقت
- جاد= چوٽي جيڪا هندو مٿي جي وارن جي رکندا آهن.
- پريو= ڏڻي تعاليٰ
- مايا= دنيا.
- هِردو= دل، قلب
- هَرِي= ڀڳوان، ڏڻي تعاليٰ، گُرو.
- ٿانُ= جاءِ، تڪيو آستانہ.
- پُرسان= پڇندڙ.
- آنترِيامي= دل جو راز ڄاڻندڙ غيب جو علم رکندڙ.
- ڇَلُ= مڪر، فريب.
- ڇلوان= مڪر ڪندڙ فريبي.
- شيوڪ= شيوا يا خدمت ڪندڙ چيلو مريد.
- نِشچو= يقين، ويساه
- نِرڏان= نِرڌن، سُڃو ڪنگال.
- اوجل= صاف، شفاف
- ثموگُن= ڀڳوت گيتا ۾ انسان جا ٽي گڻ ڄاڻايل آهن:
- سَتوگن (ii) تموگن (iii) رجوگن.
- سَتوگن= سچاءِ سهڻا اخلاق.

- تموگن= خوبيون گهٽ ۽ خاميون زياده
- رَجوگن= تمام گهڻيون خاميون
- هِردو= قلب، دل.
- تابانُ= تباه، برباد
- شَمشان= هندن جو مساڻ، لاشن ساڙڻ جي جاءِ.
- بُڇانُ= بڇڙو گندو خراب
- ڪَرمَ= ڪم، فعل
- ڪوجهانُ= ڪوجهو بُرو
- مَلِيڇان= اصل مليڇ= گندو گهٽ، ذات
- ڏِڪان= نفرت
- نرڳ= دوزخ، سرڳ= جنت.
- دُخانُ= دونهون.
- پڏاوان= پاڻ پڏائيندڙ.
- سَتِي= پاڪ
- سرڳوان= بهشتي، جنتي
- پرماتما= اصل روح، الله جل شانه
- پِرانُ= ساه، هندومت وارا ساهه کي ٻن حصن ۾ ورهائيندا آهن.
- اَپانُ= اندر ايندڙ دم
- پرانُ= ٻاهر نڪرندڙ دم.
- چِتُ= خيال، قلب.
- چَيتَن= هوشيار سمجهو سجاڳ.
- چوراسِي چَڪران= چوراسي، چوراسي لک جُوڻيون، ا چوراسي لک عمريون، هندن جي عقيدي موجب جيڪڏهن انسان هن جيون ۾ چڱا ڪم نٿو ڪري ته پوءِ ان جو ڇوٽڪارو نٿو ٿئي ۽ هو چوراسي لک دفعه جنم وٺي ٿو ۽ زندگي ۽ موت جا چڪر ڪاٽي ٿو هن کي "فلسفهءِ تناسخ" به چون ٿا. اسلام هن فلسفي کي نٿو مڃي ڇو ته اسلام ۾ انسان جي حياتي هڪ دفعو آهي.
- پُرک يا پُرش= ماڻهو انسان
- پُرجهانُ= ڄاڻو سمجهو.

- پاٺ= سبق
- پاٺڪ= شاگرد.
- پاٺشالا= اسڪول
- وِدياوان= عالم، علم جو ڄاڻو.
- سُرتيوان= سُرت رکندڙ هوشيار.
- ڀڳتي= عبادت.
- داسن جو داسانُ= ٻانهن جو ٻانهو
- داسُ= ٻانهو.
- وَچن= ٻول، وعدو فرمان.
- هامانُ= حضرت ابراهيم عليہ سلام جي وقت ۾ هامان نالي ڪافر نمرود بادشاهہ جو وزير هو.
- پنج ساگر= پنج سمنڊ، اصطلاحي معنيٰ
  - ڪام= شهوت.
  - ڪروڌ= ڇڙ.
  - لوڀ= لالچ.
  - موه= دنيا جو پيار.
  - اَهنڪار= هٺ، وڏائي، فخر.
- پُورن= سچو پڪو همت وارو.
- ڪِنچاتاڻُ= دنيا جي ڇڪتاڻ.
- سَنمَڪُ= آمهون سامهون، مليل، هڪجهڙو.
- ستياوان= سچو پرهيزگار.
- آواڳُون= اچڻ وڃڻ، فلسفہ تناسخ. روح جو دنيا ۾ بار بار جنم وٺڻ.
- اَمرت= آبِ حيات، نہ مرڻ وارو پاڻي.
- اَشنان= شنان، وهنجڻ.
- پارک ديس= ذاتِ حق جو اهو مقام جتي هن جو ڪوبہ تعين ڪونهي، يعني نہ صورت ۽ نہ ڪو وري رنگ روپ، ذاتِ بحت.
- مُڪتيوان= ڇوٽڪاري وارو.
- مَنش= ماڻهو
- ڪِرپان= ننڍي ترار، خنجر.

- ڀالو ۽ مردانو= شري گرو نانڪ جا ٻہ چيلا. ڀالو هندو هو ۽ مردانو مسلمان ميراثي هو.
- گِرنٿُ= سِکن جو مقدس ڪتاب
- پيمانو= پيالو.
- جولاڻُ= ڪاوڙ
- جبر= سختي
- وحشان= وحشي = ٿَهندڙ
- اسيران= اصل، اسير = قيدي
- ساڌن يا ساڌنا= بندگي.
- سقل= سجائي، سٺي نتيجي واري.
- ڪِميا= نئڙت، عاجزي.
- سَتِ نام= سچو نالو الله تعالي.
- پَوِتران= اصل پَوِتر = پاڪ، صاف
- دهليز= دروازو چائنٺ.
- ڪدوُرت= دل جي ميرائي.
- ڪثيف= ميرو گندو ڪنو.
- ڀانئڻ= پاڻ کي وڏو سمجهڻ.
- پُوتان= اصل پوت = جن، ديو.
- نصران= حضرت عيسيٰ عليہ السلام ناصريءَ جي علائقي ۾ پيدا ٿيا. ان ڪري ڪيس ناصري بہ چوندا هئا ۽ سندن شاگردن کي نصارا يا نصران بہ چئبو آهي.
- راهب= اهو عيسائي فقير جو دنيا کي ترڪ ڪري
- روح الله= الله جو روح مجازاً حضرت عيسيٰ عليہ سلام.
- مسيحا= حضرتِ عيسيٰ جو لقب. پاڻ کي اها ڪرامت مليل هئي جو جنهن بہ بيمار تي هٿ ڦيريندا هئا اهو ماڻهو يا جانور انهيءَ مهل جيئرو يا شفاياب ٿي پوندو هو. ان هٿ ڦيرڻ کي "مسح" چئبو آهي. يعني صاف پاڪ ڪرڻ. اڄڪلهه اصطلاحي معنيٰ ۾ حڪيم ۽ ڊاڪٽر کي بہ مسيحا چوندا آهن.
- دارُون= دوا

- درمان= درد جي دوا
- يهود= يهودي
- تيهہ جو بيابان= هيءَ اهو رڻ پٽ آهي جنهن مان حضرت موسيٰ يهودين کي ساڻ ڪري مصر مان فلسطين ڏانهن لنگهيو هو.
- مَن و سَلويٰ= من هڪ قسم جا داڻا يا سَتوءَ جا ننڍا ٽڪر هوندا هئا ۽ سلويٰ هڪ قسم جا پکي هئا. اهي ٻئي شيون اسرائيل جي اولاد کي رڻ ۾ هر روز قدرتي طرح ملنديون هيون جن تي سندن گذران هوندو هو. تہ ٻہ هو حضرت موسيٰ کي مهڻا ڏِيندا هئا تہ اسين اهي ڪائي ڪَکِ تي پيا آهيون، اسان کي فرعون جي ديڳڙن جي بوءِ تي اچي، ائين ڪفرانِ نعمت ڪندا هئا.
- زَندان= واٽن تي
- ٻَنيان= اصل ٻنيو يعني دروازو
- ٻُڌي= سمجهہ، سوچ
- ٻوڌِ= ٻڌ ڌرم وارا.
- سدارٿ= گوتم ٻڌ جو اصل نالو.
- سِکيامني= ٻڌ ڌرم جو مقدس ڪتاب.
- ڀڳوو= گيڙو رنگ جا ڪپڙا.
- ديا وان= رحم وارو.
- جيوَ آهنسا= ٻڌ ڌرم جو اصول آهي تہ ڪنهن بہ ساهہ واري کي مارڻ مهاپاپ آهي، ڪنهن ساهہ واري کي مارڻ.
- وجدان= شوق، مستي، جذبو.
- ارزان= گهٽو سستو.
- ڀڪشو= ٻڌ ڌرم جا زاهد فقير.
- منان= رب پاڪ
- نِرآڪار= جنهن جي شڪل صورت نہ هجي، مجازاً ذاتي تعاليٰ.
- صادر= پڌرا ٿيا.
- ڏَچاوان= ڏَچا جو صاحب.
- ڏَچا= جتي رياضيءَ جو ڳاٽيتو ختم ٿي ويندو آهي. جنهن شاهوڪار جي دولت ڳاٽيتي کان وڌيڪ ٿي ويندي هئي تہ اهو پنهنجي گهر جي مٿان

ڳاڙهي رنگ جي جهنڊي لڳائي ڇڏيندو هو. ان جهنڊيءَ کي ڌڄا چيو ويندو هو. الله تعاليٰ جا نالا به بي شمار آهن تنهن ڪري اها ذات به ڌڄاوان آهي.

- فَاَينما تَولُو فَثم وَجَه الله= توهان جيڏانهن به نگاه ڪندؤ ته منهنجوئي رخ نظر ايندو. يعني الله هر طرف پاڻ ئي آهي.
- وَستُو= شئي.
- وياپڪ= سمايل
- نِهانُ= ڳجهو لڪل.
- پُران= هندن جو ڌرمي ڪتاب. پُران 18 آهن ۽ هندن جا شاستر 6 آهن.
- لِيلا= قدرت، ڪيئي روپ.
- لاحد= جنهن جي ڪا حد نه هجي.
- مدح خوان= ساراهه ڪندڙ
- جپٽو= عبادت
- وِرت= هندن جو روزو.
- رِياضت= اهي ڪم جن مان خدائي مخلوق کي فائدو پهچي. رياضت به عبادت ۾ شمار آهي.
- ويدُ= هندن جو مذهبي ڪتاب، چار ويد آهن= (i) رگ ويد، (ii) سام ويد (iii) يجر ويد (iv) اٿر ويد. فقراءَ وارا پنجون ويد به ٻڌائين ٿا.
- ”سُسمر ويد“ يعني انساني قلب، هنن ويدن ۾ مذهبي روحاني ۽ معاشي مسئلا حل ٿيل آهن. هي دنيا جا قديم ترين ڪتاب آهن.
- سَروانُ= سرواڻ، اڳواڻ.
- مُعرڪو= جنگ، فساد، ڪچهري
- هَرجانُ= نقصان رسائڻ.
- رُسوان= اصل رسوا يعني خوار، بدنام
- دَيانُ، يزدان= ڌڻي تعاليٰ جا نالا.
- گُر دُوارو= سِکن جي عبادت گاهه.
- گَيا= انڊيا جو هڪ شهر جنهن ۾ ٻڌ ڌرم جا گهڻا پگوڊا يعني مندر آهن.
- پَرمُ= پاڪ ذات، ڳجهي ذات، هن مان پرماتما به نڪتو آهي.
- روڳي= بيمار

- تاوان= نقصان
- ٻلوان= زور وارو طاقت وارو
- نزاع= تڪرار جهيڙو ڪشمڪش.
- سرطان= ڪينسر جي بيماري.
- نِسيان= ويسارو.
- پَدُ= درجو منزل.
- پرڌان= وڏو درجو وڏي درجي وارو.
- عاصي= گنهگار
- عصيان= گناهہ.
- ايڪتا= اتحاد، ٻڌي هڪ تيڻ.
- وديا= علم
- صحيفو= ڪوبہ آسماني ڪتاب
- اخوان= ڀاءُ
- خبيث= اندر جو پليت
- توهِين= گلا
- نِرِبانَ، نروان= ڇوٽڪارو مڪتي
- بُرهان= دليل، ثبوت، اعتبار.
- توشان= اصل ۾ توشو يعني قيمتي مال
- تلقين= نصيحت، اپديش
- بشيروَ نذير= خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيجاريندڙ الله تعاليٰ ق،ش ۾ فرمايو آهي تہ مون دنيا جي هر قوم ڏي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيجاريندڙ موڪليو آهي يعني نبي موڪليو آهي.
- تفرقو= فرق، تفاوت.
- ٽُرِشان= ترش يعني ڪٽو.
- گَبر= باه جو پوڄاري.
- عَنصَرَ= جزا، جن مان آدم عليہ السلام جو بوتو ٺهيو= هوا، باهہ، پاڻي، مٽي.
- اعضاءَ= عضوي جو جمع.
- خَمِيرُ= اها مٽي جنهن مان آدم عليہ سلام بنيو.
- واسِيِ= رهندڙ.

- الکُ= جنهن ڪي لکي يا پروڙي نہ سگهجي يعني الله جل شانہ.
- آتما= روح
- قلمدان= محڪم، حڪم ڪرڻ جي طاقت
- راکو= رکوال، سنڀاليندڙ.
- روپ محل= دنيا جنهن جا ڪيئي روپ آهن.
- پاسبان= سنڀاليندڙ.
- شُڀ ڪرمَ= چڱا ڪم.
- آرهو= ناخوش، ناراض.
- اَجوڳان= اصل ۾ اَجوڳ يعني اڻ جڳائيندڙ ڪم جنهن کي اجوڳ ڪرم چئبو آهي.
- ڪرتار= ڪلتار ڌڻي تعالي.
- سَڦران= سڦرو سنو ڀلو
- ڪِرپا= نوازش، مهرباني، فضل.
- ڪِيرتن= ٻاڏائڻ، عبادت ڪرڻ ڪيرت ڪرڻ.
- ڳنڀاڻُ= ڏڪڻي، ڊپ
- سَڪتاڻُ= اصل ۾ سڪتو جا هڪ بيماري آهي جنهن ۾ مريض بالڪل مردي وانگر ڏسڻ ۾ ايندو آهي.
- سَمِيع= ٻُڌندڙ.
- خِردمند= داناءُ، عقلمند، سياڻو.
- خاقان= قديم چيني بادشاهن جو لقب مجازاً بادشاه.
- لاف= ٻٽاڪ
- خَيابان= بيابان ۾ ڪو سرسبز زمين جو ٽڪرو.
- وينتي= عاجزي، ٻاڏائڻ، ليلائڻ.
- گوتو= غوطہ، ٽُٻي.
- گريبان= دل ۾، اندر ۾.
- مُک ۾ پان پائڻ= اصطلاع طور ڪم آيل آهي يعني سچي حقيقت توهان کي معلوم ٿي ويجي.

- هَنومانُ= اهو پولڙو جيڪو شري رام جو چيلو هو. ان جي وفاداري ۽ اعتماد جو رامائڻ ۾ ڪافي بيان آهي. هندو هن جو تمام گهڻو احترام ڪندا آهن.
- آتشدان يا آتشڪده= اها جاءِ جتي آتش پرست باه ٻاريندا آهن جيڪا هميشہ ٻرندي رهندي آهي ۽ باه جو وسامڻ هنن لاءِ گناه يا بدشگوني هوندي آهي، ان آتش ڪده ۾ سؤ سالن بعد هڪ جانور پيدا ٿيندو آهي، جنهن کي ”سمندر“ چوندا آهن.
- مِهتُون= مسجدون.
- مَشِيعَت= مرضي، ارادو حڪمت
- اَخفيٰ= ڳجهي ۾ ڳجهو.
- ديگران= ٻين کي.
- ڪذِبان= ڪوڙو ڪندڙ.
- جزي عقل= ٿورو عقل جيڪو انسان کي عطا ٿيل آهي. عقلِ ڪُل يا ڪلي عقل الله تعاليٰ جو آهي.
- وحدت= خدا جي هيڪڙائي.
- ڪرشمو= معجزو، حڪمت.
- هِجوَ= گلا، غيبت.
- گردان= ڦيرو، چڪر.
- گرداب= درياءَ جو ڪُنُ.
- سوسو= ڇڪيندڙ ڇُوسي ونڻ، سوسِ پيدا ڪرڻ.
- پاٽي ولوڙڻ= اصطلاع، يعني اجايو بحث مباحثو ڪرڻ.
- طغيانُ= درياءَ جو چاڙهہ وارو وهڪرو
- ٽپٽي ٽيڪانُ= اصل ۾ ٽيڪا ٽپٽي يعني تنقيد ڪرڻ.
- سافِر= سفر ڪندڙ.
- سرجڻهار= پيدا ڪندڙ.
- ڀاشڻ= واعظ تقرير، نصيحت.
- الحان= مٺو آواز.
- رندان= رندن فقيرن واري.
- مانڊاڻ= ڪا اڏاوت، ڪائنات.
- فائق= مٿاهون.

ضميمو

ڪتاب جي اصل موضوع کان علاوه جيڪڏهن ٻيو ڪو مواد شامل ڪيو وڃي ته ان کي ضميمو چيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪتاب جي سهڻائپ لاءِ ڪي ضروري شيون ان ۾ لکيون وينديون آهن. هن ڪتاب جو ٻه اصل مقصد بابا سائين جن جي سوانح حيات، تعليمات، صحبتين جو ذڪر ۽ ڪلام پيش ڪرڻ هو. ضميمي جي هن حصي ۾ وري بابا سائين جن جي ڪجهه صحبتين جو ڪلام ۽ ڪجهه سڄڻن جا تاثرات ۽ سندن رضا تي عقيدت ۽ محبت جو اظهار شامل ڪيو آهي. گهڻن دوستن بابا سائين جن جي وصال تي پنهنجا تاثرات ۽ عقيدت جو اظهار لکيو. اهي مضمون مڪمل ته لکي نه سگهبا پر انهن مان ڪجهه اقتتباس ضرور ڏبا. جن سڄڻن ”الوداعي تاثرات“ لکيا تن جا نالا هي آهن: استاد عزيز الله ٽالپر، استاد غلام نبي ٽالپر، ڊاڪٽر الطاف حسين ٽالپر، حاتم علي، ياءُ مير علي ٽالپر، فقير فيض محمد سرهيو، پرسومل ولد وشنداس اُميداڻي، فقير عبدالله ٽالپر، فقير عبدالله ابڙو فقير محمد صفر ابڙو فقير لالو عمراڻي، سيد جان محمد شاهه، سيد اسدالله شاهه عرف مَنُ سائين، استاد غلام شبير سومرو غلام نبي سومرو حاجي غلام شبير پٿو محمد نواز قريشي، سيد مونڻ شاهه، فقير عزيز الله ميتلو ممتاز فقير نوناري، ساجد لعل پوري، نثار احمد بالادي، لکاڏنو خاصخيلي، ڪرم خان نظاماڻي وارو سيد اياز شاهه ’عاقل‘، فقير محمد بخش سهتو ۽ فقير غلام حسين ميمڻ ۽ ڊاڪٽر سهراب خان.

گلهائي عقيدت مان اقتباسات

- استاد عزيز الله:

”زندگي شايد ڪٿي گذري ته هئي،
پانيان تو ڪنهن تانگهه ۾ ترپي ته هئي،
هانءَ ۾ ڪندا اچا پيا تا چُپين،
ڪن گلن سان دوستي هوندي ته هئي.“
(استاد بخاريءَ جون سِٽون)

- استاد غلام نبي:

چني گل گلاب جا، گيئِي ڏارئون ڏار
اڙي موت ميار، ايڏو ساڙ سُڳنڌ سان.

- ڊاڪٽر الطاف ٽالپر: ”استاد محبّ علي سائين جي جدائيءَ جو خال پرڻ هن صديءَ ۾ تمام مشڪل آهي. پاڻ فقير جي رنگ ۾ انسان ذات جي جيڪا خدمت ڪئي ۽ محمدي راهه جو بنياد وڌو سو مثال آهي. پاڻ هي جهان ڇڏي به زنده ٿي ويا.“

مرڻ ڪان اڳيئي مري جي ڏنوسين،
زهر کي به زم زم ڪري پي ڏنوسين.

- فقير فيض محمد سرهيو:

پڙاڏو سوئي سڏ، جي وَر وائيءَ جو لهين،
هئا اڳيئي گڏ، پر ٻُڌڻ ۾ ته ٿيا.

”قطرو وچي قلزم ۾ مليو اسان هڪ شفيق ۽ محبت واري روح کان محروم ٿي ويا آهيون. ساٽس گذريل گهڙيون وسارڻ جون نه آهن.“

- پُرسومل وسنداس: ”سائين محبّ علي جو اسان جي سرڳواسي بابا سائين وسنداس ۽ اسان جي ٽوٽل خاندان سان ازلي پيار هو. سائين محبّ جهڙا انسان هن صديءَ ۾ اٽليپ آهن.“

◈ **فقير عبدالله ٽالپر:**

ڪٿا منجهه قرار هئا هيڪاندا سنگ ۾
ڳاهي ڳاهه فراق جي، ڪيا ڏارو ڏار
نه ڄاڻان پيهار ڪير ملندو ڪنهن ڪي.

اهڙا هيرا هيءَ زمين روز روز پيدا نه ڪندي آهي. سندس يادون، هدايتون ۽ ٻول مرده دلين کي زنده ڪرڻ لاءِ انمول خزانو آهن.

◈ **عبدالله فقير ابڙو:**

محبوب اڄ رُسي ويو بهارن کي ڇا ڪبو
آئي خزان دل ۾ نظارن کي ڇا ڪبو
’عبدالله‘ ڏينهن قيام جي، بخشش ٿيندي ضرور
محبوب محبّ اُتي هوندو حورن کي ڇا ڪبو.

◈ **صفر فقير ابڙو:**

سائين محبّ محبت ۽ عشق جو شهنشاهه فقير هو. وحدت الوجود ۽ راهِ هدايت تي هلڻ جي تلقين ڪندا هئا.

”پکين جي خبر وڻن کان پڇو وريا نه وري آکيري “

◈ **لالو فقير عمراڻي:**

سائين محبّ تي لکڻ لاءِ مون کي تعليم ۽ تجربو ناهي، پر سائين سان چوڏهينءَ جي هڪ رات اعجاز فقير جي سنگ سان گذري سا سڄي حياتي نه وسرندي.

محبت پائي من ۾ رنڍا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهايو.

◈ **سيد جان محمد شاهه لطيفي:** ”چاچا سائين استاد محبّ انسانيت ۽ روحانيت جا وڏا قدردان هئا. فقيرن، غريبن، يتيمن سان تمام گهڻو پيار هئن. فرمايائون ته ميخاني جي رهنمائي اعجاز فقير جي حوالي آهي، هاڻي ڪو فڪر ناهي. آخري عمر ۾ ڪنهن بيوه عورت سان شادي ڪرڻ جو پئي سوچيائون ته اسان کان پوءِ اسان جي پينشن گورنمينٽ نه کائي پر ڪنهن بيوه مسڪين کي ملي.“

◈ **سيد اسدالله شاهه (مَنُ سائين):** ”افسوس آهي جو سائين محبّ علي سان زندگيءَ ۾ ملاقات نه ٿي سگهي. ڊاڪٽر سهراب جي دوستيءَ ۾ ميخاني تي

آياسين ۽ سائينءَ جي زيارت ڪئي۔ الله تعاليٰ ڪين جنتِ فردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي۔"

◈ **استاد غلام شبير سومرو:**

مرد نہ مرن ڪڏهين، ديهي هوءِ نہ هوءِ،
هِن ديهيءَ تان هٿ ڌوءِ، لڪين ديهون اُن جون۔

استاد محبّ علي سائين نہ فقط فقير پر هادي سائين بہ هئا چو تہ اسان جي مرشد هادي فقير غوثل سائين جن محبّ سائين جن کي فرمايو تہ "سائين هي منهنجا ٻالڪ توهان کي پرتل آهن۔" "سائين جن ڪچهريءَ جا مور، علم جا اجهاڳ، پيار جا پروانا ۽ سندن جملن ۾ عشق جي آتش پئي ٻڪندي هئي۔" بابا سائين جن جو ڪلام 'توهر جا ايک اکوئي…' مڪمل لکيو اٿن۔

◈ **غلام نبي سومرو حاجي غلام شبير پٽو محمد نواز قريشي (ڊرائيور):** "اُهي لفظ ڪونہ ٿا ملن، جيڪي محبّ سائين جن جي حضور ۾ حاضر ڪريون۔ فقير محمد سائين جي طالبن جي تسبيح جو هي هڪ گوهرِ ناياب هو۔ آگسٽ 1997ع جي هڪ ملاقات جيڪا سندن ميخاني تي ٿي اها اهڙي تہ پيار ڀري ۽ پر تاثير هئي جنهن جي قلم کي لکڻ جي طاقت ڪونهي۔ محمد سائين جي درگاهہ تي بہ محبت ٿيندي رهندي هئي۔ 'مُوتُوا قِبل اَنت مُوتُوا' کي لبيڪ چوڻ واري محبّ سائين سان رهاڻيون ڪڏهن ڪين وسرنديون۔"

◈ **سيد موتڻ شاهہ:** "استاد محبّ سائين اسان فقراءَ جا رهنما هئا ۽ آهن۔ اسان فقراءَ جي مالها جا ٻي بها موتي هئا۔"

مرد نہ مرن ڪڏهين، جن الک ڪيو اثبات،
ٻي جِهت ۾ جهاتِ، سَير سيوئي اُنِ جو۔

◈ **فقير غلام حسين:** "جيڪي سائين موتڻ شاهہ چيو آهي اهو برحق آهي۔ سائين محبّ جو احوال ان کان بہ وڌيڪ آهي۔"

◈ **فقير عزيز الله ميتلو:** "استاد محبّ علي فقيرن جو همراهہ، يتيمن جو ياور ۽ عشق کي اُجاريندڙ هو۔"

◈ **ممتاز فقير نوناري:** "حضرت محبّ سائين جن کي الهامي علم، فقيري فهم حضرت عشق نصيب ڪيو۔ پاڻ سالڪن جا سردار، عارفن جا امام رياني رازن جا رازدان، خيالن جي خدائيءَ ۾ پرواز ڪندڙ حقيقت جي باغ

جا گلِ رُمان هئا. علم عرفان جا ڄاڻوءِ روحاني رهبر هئا. اسان کي بہ سلوڪ جي راهہ ڏيکاري. بابا سائين پنهنجن فقيرن کي پنهنجو روحاني اولاد سمجهندا هئا. هيءُ فقير بہ انهن مان هڪ آهي.“

قلم چئي لِکُ، آئون ڇا لکان؟
جيڪي مون لکيو سو مالڪ ڄاڻندا.

◈ ساجد لعل پوري:

موڪلائي اوچتو اڄ، ساهہ جو سرور ويو
مون کي مونجهارو ڏئي، اڄ دوستو دلبر ويو
اڄ سُجو ٿو پاڻ کي، سنسار ساروئي لڳي،
ڇو جو دنيا مان لڏي، پيارو پرين پَرور ويو.

⁂

هر وقت ياد آهي، هر وقت ياد رهندو
وسري ڪڏهن نہ ويندو منٺار محبُ منٺو.

◈ نثار بالادي: ”آئون اڳيئي پينو- اهڙين جاين تي گهڻو ڪجهہ ملي ويندو آهي. ڪامريڊ لکاني جي صحبت ۾ محبّ سائين جي درگاهہ تي پهتاسين. زيارت ڪري سائينءَ جي پيارن اعجاز سان ملاقات ٿي تہ روح کي قرار اچي ويو. مالڪ ڪندو تہ هي ميخانا سدائين محبت ۽ انسانيت جو درس ڏيندا رهندا.“

◈ ڪامريڊ لکاڏنو خاصخيلي:

”ويٺي جنين وٽ، ڏکندو ڏور ٿئي....“

”اعجاز سائينءَ سان ملاقات جي گهڻي تمنا هئي، اڄ اها پوري ٿي. هي ميخانا سدا کان بي تعصبي، سَهپ ۽ محبت جا درسگاهہ رهيا آهن.اميد تہ اهو ڪردار نڀائيندا رهندا. پلي هوا ڪيتري مخالف ڇو نہ گهُلي.“

◈ فقير محمد بخش سهتو:

ڏسو سائين محبّ فقير،
ڏسو سائين محبّ فقير...
الله ڪندو هي ڪچهريون قائم،
ٿيندا ڏهاڙا هِي درويش جا دائم،
هي شعر لکيا محمد بخش فقير،
ڏسو سائين محبّ فقير.

◈ ڀاءُ مير علي: ”اسان جا والد بزرگوار هڪ عظيم الشان هستي هئا. آئون ڇا لکان، خود هڪ آئينو هئا. جنهن ۾ سندن عڪس عيان آهي. شفيق استاد، روحاني رهبر ۽ غريبن جا همدرد هئا. سندن سمجهائڻ جو طريقو شفقت وارو ۽ پُر معنيٰ هوندو هو. هتي هڪ واقعو بيان ڪريان ٿو جنهن مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. هڪ دفعي بابا سائين جن جي آخري بيماريءَ ۾ آئون ڳوٺان رات جي خدمت ڪرڻ لاءِ شهدادپور آيس. ان رات بابا سائين جن جي طبيعت ڪجهه وڌيڪ ناساز هئي. صبح جي وقت به طبيعت ٺيڪ نه هئي ۽ مون کي ڳوٺ ڊيوٽيءَ تي به وڃڻو هو. مون کي پريشان ڏسي فرمايائون ته ”مير صاحب! (مون کي مير صاحب ئي چوندا هئا) محبّ لفظ جي معنيٰ اچئي ٿي؟“ مون چيو ها بابا سائين محبّ معنيٰ پيارو. پوءِ پاڻ فرمايائون ته ”ڏس بابا الله سائين پنهنجن پيارن کي تڪليف ۽ آزمائش ۾ ان ڪري وجهندو آهي ته جيڪي به هن دنيا جون ڪثافتون هجن، اهي هتي ئي لهي وڃن ۽ اُتي هي روح پاڪ حالت ۾ وڃي قلزم ۾ شامل ٿئي. پنهنجي پاڻ کي تڪليف ڏئي وري خدمت به پاڻ پيو ڪري. سامهون ڏس منهنجي خدمت ڪرڻ لاءِ ڪيترا ويٺا آهن. هرڪو چوي پيو ته مون کي خدمت جو موقعو ملي. ان ڪري تون نه گهٻراءِ خوش ٿي ڊيوٽيءَ تي هليو وڃ. پٽ ڇو ڪٽي منهن لاٿو اٿئي.“ پوءِ آئون مطمئن ٿي ڊيوٽيءَ تي هليو ويس. اها ڳالهه منهنجي دل تي نقش ٿي وئي ته بابا سائين جن اڃا هتي ئي هوندا، جيستائين هتي رهڻو اٿن.

بابا سائين جن فرمائين ٿا ته:

. جي مَرهين ته اڄ ئي مارِ وِٿي وِجُهه مَ وار جي،
نه ته تاسين ڪِي جيارِ جا سين ڪرين مَهر محبّ چئي.

بابا سائين جن واقعي مَرهي ويا آهن. مٿن الله سائينءَ جي مهر ٿي وئي آهي.“

◈ سيد اياز شاهه ’عاقل‘:

سَوَ هزارين غم ملن ٿا، ٿو روئاري يار غم،
وقت ٿو ويڇا وجهي، هينئون ٿو ڏاري يار غم،
محبّ سائين جي جدائيءَ جو ٿو ماري يار غم،
عالمِ دنيا ۾ جو آيو سو ٿو گهاري يار غم،
بيوفَا آ زندگي، اُن ۾ جدائي ٿي وئي،
هن جدائيءَ ۾ جدا، ساري خدائي ٿي وئي.

*

جو ڏنو تو آ سبق، پوريءَ طرح اڄ ياد آ،
جا نصيحت تو ڪئي، سا ذهن ۾ آباد آ،
ٿي ڪيو تسليم هرڪ، هي ٻه هڪ استاد آ،
اوچتي تنهنجي وڇڻ تي، دانهن آ فرياد آ،
حسرتون جيڪي هيون، دل ۾ اُهي رهجي ويون،
جي اميدون ٿي رکيم، سي ميسجي مِٽجي ويون۔

*

محبَ صوفي، محبَ صادق، محبَ شاعر نامدار،
محبَ حاذق، محبَ خادم، خلق جو خدمت گذار،
محبَ جي ٿي ڳالهه ڪهڙي، محبَ هو يارن جو يار،
محبَ واقعي محبَ هو غم ۾ رهيو ٿي غمگُسار،
مون چيو هاتف کي سَنُ ڏس، مَن ٿيو رَنجوُر آ،
اُن ٻڌايو لِکُ اي 'عاقل'، سَنُ "چراغِ طوُر" آ۔
(سَنِ وصال: 1419ھ)

◆ حاتم علي: "بابا سائين جن صاحبِ ولايت صوفي، سخاوت جا ساگر، هيڻن جا همراه، غريبن ۽ يتيمن جا سهارا هئا۔ پاڻ سڳورا هرهڪ جي ڀلائي چاهڻ وارا ۽ بُرن سان به ڀلائي ڪرڻ وارا هئا۔ هر انسان جيڪو هنن سان مليو هوندو اُهو ائين ئي چوندو هو ته بابا سائين جن جو مون سان سيني کان وڌيڪ پيار آهي۔ پاڻ سڳورا پنهنجي شخصيت ۾ شفيق والد، بهترين ذهين استاد، حاذق حڪيم ۽ عظيم صوفي شاعر هئا۔ منهنجا ته والد محترم، استاد، محسن ۽ هادي رهبر آهن۔ سنڌن ڳُڻ ڪهڙا ڳائي ڪهڙا ڳايان۔ هن قلم کي سنڌن مڪمل ثنا لکڻ جي قوت ڪونهي۔

◆ ڊاڪٽر سهراب خان: آئون ننڍڙو هئس جو منهنجو والد خداداد خان رضا ڪري ويو۔ ان بعد بابا سائين جن مون کي پنهنجي ٻچن وانگر پاليو ۽ بي انتها پيار ڏنو۔ آئون سنڌن احسان ڳڻي ڪونه سگهندس۔ منهنجا بابا سائين ۽ هادي رهبر هئا۔ بابا سائين جن کي راز واريون ڳالهيون مون سان ڪيون سي پيش ڪريان ٿو:

- 1996ع جي آخر ۾ بابا سائين ڪافي ناچاق ٿي پيا هئا۔ هڪ رات مون خدمت ۾ زور پئي ڏنا ته بابا سائين جن جي اک لڳي وئي۔ مون ڏٺو ته

سندن ٽنگن مبارڪ ۾ ڪافي دفعا ڏڪڻي ٿي. صبح جو مون عرض ڪيو تہ ”بابا سائين رات ڪا تڪليف هئي جو توهان جي ٽنگن ۾ لرزش پئي ٿي؟“ فرمايائون تہ ”ابا توهان کان ڇا لڪايان. رات مون خواب پئي ڏٺو تہ آئون توهان گهر وارن کان ناراض ٿي ڪنهن ٻئي جهان ڏي وڃان پيو. رستي ۾ هڪ فقير بہ مليو ان بہ چيو تہ سائين توهان نہ وڃو پر آئون اڳتي وڌندو رهيس. مون اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اڳيان بم قاڻ لڳا ۽ منهنجي ٽنگن ۾ ڏڪڻي ٿيڻ لڳي. بهرحال مون کي اڳتي وڃڻ جي اجازت نہ ملي ۽ آئون واپس موٽڻ لڳس تہ رستي ۾ هڪ کنڊرات نظر آيو. اتي مون کي ڪنهن ڪجهہ ڪاغذ ڏنا ۽ چيائين تہ هي حاتم جا آهن ان کي ڏجو. آئون واپس موٽي آيس. اهي ڪاغذ حاتم کي ڏنم. خواب ۾ مون اهو بہ ڏٺو تہ مون مرشد سائينءَ جا بہ ميلا بہ ڪيا آهن. ابا اها هئي حقيقت.“ بابا سائين جن جو اهو خواب بلڪل سچو نڪتو. هڪ مهيني بعد ياڻو حاتم کي حج جو ليٽر مليو ۽ بابا سائين جن رضا کان اڳ بہ ميلا بہ ڪيا.

- ان بيماريءَ مان صحتياب ٿيا تہ پڇيائون تہ ”ابا مون کي بيماريءَ ۾ چِڙ تہ ڪونہ ٿي هئي؟“ اسان چيو تہ: ”نہ بابا سائين“ پاڻ فرمايائون تہ: ”شڪر الحمدلله جو رب پاڪ صبر عطا ڪيو.“
- آخري سالن ۾ بابا سائين جن صحتمند هوندي بہ کائڻ گهٽائي ڇڏيو. مون هڪ ڏينهن عرض ڪيو تہ: ”بابا سائين توهان خوراڪ ڇو گهٽائي ڇڏي آهي؟“ پاڻ فرمايائون تہ: ”ابا اها ڳالهہ ٻڌائڻ جي تہ ڪانهي پر توهان ٻچن کان ڇا لڪايان. حقيقت اها آهي تہ مون ’سُنتِ محمدّي‘ تي عمل ڪندي کائڻ گهٽائي ڇڏيو آهي. ابا هاڻي مون کي کاڌي جي طلب ئي محسوس نٿي ٿئي.“ بابا سائين جن جون ڳالهيون کهڙيون لکي کهڙيون لکان!

ڪلامِ مرشد محمّد سائين گهوٽو

(1)

دِيدان دل ڪَسينديان، ڪَسِ دِليان نوُن نَسيندِيان،[1]
هجر وصال ڏَسيندِيان، وِچ وَلا ڪي وَسيندِيان.
ديدان دم دم ديد لاوَن، شورِيدي[2] شهباز آوَن،
مشتاقان دا ماسُ ڪاوَن، نال فَڪَل[3] دي ڦَسيندِيان.
ديدان دا دستور ويڪو ڪَيفي ڪَيفُ ڪَلوُر ويڪو
سوُلِي تي منصور ويڪو راه اِنّهِين ۾ رَسيندِيان.
ديدان دا جِس دام پِيا، ڀَڄ ڪفر اسلام ڳيا،
لا غرضي دا پاءِ لِيا[4]، آپ ڪوُن آپ پَسيندِيان.
’محمّد‘ مَنصب دار[5] اڪيان، روز ازلي ٻيئي ٻَڪيان،
رمز رفاقت نال رَسيان، گُر گوهَر ٿي تہ گَسيندِيان.

(2)

جي تون چُڻِين پيارا، نيشان مان بہ آهيان،
جي تون شمع شتابِي، پَروان مان بہ آهيان.
تنهنجي عشق ۾ اُداسي، بي جان ٿو قِران مان،
جي سِر ونين تون سهڻا، نَظرانُ مان بہ آهيان.
بي رنگ بنائي بازي، ڪٽندين تون گوءِ غازي،
فُٽ بال جي هُجين تون، مَيدان مان بہ آهيان.
عَينن جا ڏئي اشارا، حيران ڪَيئِي هزارين،
ڪولِين اڪيون تون سهڻا، خواهان مان بہ آهيان.
’محمّد‘ مُدام مؤلا، طالب طلب اوهان جو
سلطان جي هجين تون، دربان مان بہ آهيان.

---

(1) پاسو ڪن ٿيون پڄن ٿيون (2) چِڙيل، مَچريل (3) ننگي دوکو (4) ليئو جهاتي (5) مان مرتبي واريون

(3)

قرب جي قطري قرار وڃايو سِڪ اوهان جي سُمهڻ نہ ڏي ٿي.
ڪاف ڳشالا ڪاتِيم ڪيئي، باه بره جي بيهڻ نہ ڏي ٿي.
بيوس آهيان وَس ۾ ناهيان، جهورِي اوهان جي جَهلڻ نہ ڏي ٿي.
جيڏِن سَرتِن جهيڙ جِهٽڪان، سور ٻي ڪنهن سان سَلڻ نہ ڏي ٿي.
زهد عبادت تقويٰ طاعت، رنگ اِنهيءَ ۾ رهڻ نہ ڏي ٿي.
چِٽنگ چُٽائِي لَعلَن لاتِي، عشق جا اُلا اُجَهڻ نہ ڏي ٿي.
’محمّد‘ جي دل دلبر توسان، ٻي در ڪاڏي وڃڻ نہ ڏي ٿي.

(4)

اسان ساڳِي سِر سُلطان آهيون، پڙهي آيت اَلاِنسان آهيون.
ڳڏهن صاف سمندر هوُن، ڪڏهن مَڙهِي مَسجد مَندر هوُن،
ڪڏهن بره واري اسان بَندر هوُن، ڪڏهن مرد مڇي مَيخان آهيون.
ڪڏهن ڪانَ سُجانَ قَلندر هوُن، ڪڏهن گورَڪناٿُ مَڇندَر هوُن،
ڪڏهن دارا ڪڏهن سڪندر هوُن، ڪڏهن شائق شَوق شاداَنَ آهيون.
ڪڏهن نازڪ نوُر نوُراني هوُن، ڪڏهن پاڪ پَسڻ پيشانِي هوُن،
ڪڏهن ’اَعظم اَعليٰ شانِي‘ هوُن، ڪڏهن سُبحانڪ سُبحان آهيون.
ڪڏهن ذات زُليخا زَناني هوُن، ڪڏهن يوسف مرد لاثاني هوُن،
ڪڏهن مصر ڪڏهن ڪِنعانِي هوُن، سڀ صورت جا سامان آهيون.
ڪڏهن عين عَلي اظهار آهيون، ڪڏهن حَسَن حُسين هَسوار آهيون،
ڪڏهن آڙين جي آڏار آهيون، ڪڏهن ’محمّد‘ مير زمانَ آهيون.

◆

ڪلام دلاور فقير

دلڙي ڪِين ٽِڪي منهنجي ڪوٺَن ۾
آهي تہ سورن جي سدا اوٺُن ۾.
مست اچي مينگهہ ملهار ٿيا، ڪِڙِي ڪِنوڻِ ڪَڪَرَ جي ڪوٺَن ۾...... دلڙي....
مينَهن جي خبر مشهور ٿي وئي، هاڻي ڳالهہ هَلي پئي ڳوٺَن ۾...... دلڙي....
مُلِڪَ ملير تي مينهن وٺا، ساوا گاهہ ڦُٽا وَرِي پوٺَن ۾...... دلڙي....
دل تہ ”دلاوَرُ“ چئي منهنجي يارو اَچي مارُن سان ويئي چوٺُن ۾...... دلڙي....

◆

ڪلامِ وَسَندُ[1]

جو دم ڪٽين سو دم سَنيار، دم ڪان ٻاهر ڪِيمَ گُذارِ.
دم جي محلي اندر ماڙي، ڏکي چڙهڻ جي چاڙهي چاڙهي،
پير پُختا تائين پچاڙي، قائم ڪج وچي منجهہ ڪپارَ.
دَمَ جو دَم ڏَرج ڏيان، گُرَ جي گُفتي سندو گيان،
تلوار ٽِڪي اٿئي منجهہ مِيانِ، تنهن سان ڪاٽج سڀ ڪُفار.
گُر جي گادي جوڙي جسم ۾، دم ڪي هلائج اُن جي حڪم ۾،
دَرسَن ٿيندءِ دلبر دم ۾، گُنگو ٿي ڪج گفتار.
دم ڪي سڃاڻج پاڻ سڃاڻج، پاڻ سڃاڻي پِرَ ڪي سڃاڻج،
تنهن ۾ نہ تِرِ جو تفاوت آڻج، وَهمَ ”وَسند“ ٻيا سڀ وسار.

◆

---

[1] هي ڪلام بابا سائين جن جي پياري صحبتي استاد وشن داس ’وَسند‘ جو آهي.

ڪلام فقير اعجاز

(1)

سِر يار بره دا آيا، آيا درد جگايا.

درد اَساڏي دل دي وچ، عجب ڀهاري لاتي
فڪر فنا في الله اساڏا، حق دي نال حياتي
ذات اساڏي ذات اُهائي پهريا خَرقا خاڪِي
ويڙهي اساڏي دلبر آيا، محبّ هويا جو مُلاقِي
ڪار گُسڻ دي روز اسانڪون سِيس اَڏِي تي نوايا.

لَڄ حَيا تي مَت شَرم، حُجت رهي نہ حجابان،
طعني ٽُنڪي لوڪ دي مهٽي، عجب ملي تہ خطابان،
مئي دي مستي آن چڙهِي، لب پيتو سي لُعابان،
ٻُلي اسان ڪون مندر مسجد، ڏوه رهي نہ ثوابان،
ايهو بار ملامت والا، اسان ڪوُن ٻهون هَي ٻايا.

ساري خيال ختم خودِي دي، خاصن خاص خيالِي
چال چلت عجب آساڏِي، رمز هوئِي جو نرالِي
سانگ سَنيوسي سوڌي سَيوئي ملڪيت ڪيا جو مالِي
هرڪو آکي ماڪِر فَريبي، ڪوئي نہ سمجهي چالِي
جان جلي تي جسم اساڏا، تير جگر تي چايا.

نصيب "اعجازا" هويا اسانڪون، عشق مليا جّو خدائي
ميخان اساڏا آستان هويا، ڇُٽ پئي هر جائي
آپ اپڻا آپ ويکيو سي، ڪنهن دي خبر نہ ڪائي
راه اِهائي وحدت والِي هادي محبَ بتائي
قسم قُرآني چا مَٽن آکان پيا سڀ پنڌ اجايا.

(2)

پُرگَش مست پيالا، نينهن والا،
محبّ پلايا مَيڪون، جام وصل دا.

تَرگَش تير چشمان دي چُٽڪي،
بره بچايم پالا، نينهن والا....

ڀُل ڳَئي ساري خيال خودي دي،
اُلٽا اُلٽ هوئي چالا، نينهن والا....

شرم حَيا مَتِ حجاب جو ڳَيڙي،
مهٽي پاتم ڳل مالا، نينهن والا....

محبّ بڻايا مَيڪُون بيراڳي،
سُرت نِرت هويا سَنيالا، نينهن والا....

مرد ”اعجازا“ مَهِير ڪوئي ماٽي،
منزل عشق دِي مَحالا، نينهن والا....

كلام چاچا نواب خان ’ملازم‘

(1)

اَڄ پرديسي دلي حال اوريون، وڇوڙي جون اؤکيون گهڙيون شال گهوريون.
نڪي توسان گڏجي گذاري سگهان ٿو نڪي توکي دل تان وساري سگهان ٿو،
ڪجي سو ڪجي ڇا، ٻئي ڳالهيون ڳؤريون.
هلي وس تہ هيڪر اچي پيش ٿيان مان، سَندءِ پير ڌوئي اکين سان پِيان مان،
ڇَرِي دل کي چاڙيون، وڃن اهڙيون چوريون.
پلا ڇئو تہ منهنجو پيو ڪير آهي، ڳراٽيون وجهي دل جا سيئي درد لاهي،
اِهي منهنجون تو ۾ اميدون سڳوريون.
سدا خوش سلامت هجين سهڻا سائين، ”ملازم“ سان محبت ڪجائين توڙتائين،
ڏکن سان ڏهاڙي، ڪري پيار ڏوريون.

(2)

هاڻي قسمت ڪيو ڌار پيارا، منهنجا مٺڙا سڄڻ حال وارا.
پلا ڇا ڪان تون ويئين وساري، تنهنجي ماڻَن ڇڏيو يار ماري،
هي ڪنهن کي ڏيان ڏک اُڌارا.
ڏنيون سوُرن گهڙيون ئي صلاحون، ٿيون تنهنجي طرف ڏي نگاهون،
هاڻي ڪڏهن اچي ملندين جِيءَ جيارا.
ڪري ياد گذريل زمانا، ويا ڪاڏي خوشيءَ جا خزانا،
ٻَلِ ڳوڙها وَهن ٿا ويچارا.
تنهنجي ڏاڍي لڳي توکي ڇاهي، دعا ڪر وڃان شل ناتو نباهي،
هاڻي آهيون ٿيا هَلڻ هارا.
تون پنهنجي راز وارو آهين، ڪڏهن وسريل ’ملازم‘ ڪان ناهين،
منهنجا محبّ سائين موچارا.

ڪلامِ حاتم ’يڪدل‘

(1)

دِيدوُن يارَ ڪري دوچار، سِڪَ جو سبق سِڪائي وئين،
سِڪَ جو سبق سِڪائي وئين، مون کي مَستُ بنائي وئين.
اَزلِي مون کي محبّ مٺا تون، پيچُ پريت جو پائي وئين.
جِيءَ اندر ۾ جهاتِي پائي، جَلڻَ جو جوش جَڳائي وئين.
دِلڙِي منهنجِي ڪري ديواني، سيني سَوزُ سَمائي وئين.
هر دم لئه تون ڏَئِي حيراني، درد جو دُودُ دُکائي وئين.
’يڪدل‘ کي تون دل ۾ دِلبرَ، طَلبَ جو تِيرُ لڳائي وئين.

(2)

پنهنجي ارادي مرضيءَ آدم ٻٽجِي آيو
اچي سَيرَ سانگي، پاڻ آ پَسايو.
ڦِري جامُون صِفاتي، ظاهِرَ ۾ آيو ذاتِي،
ذاتِي ناهي مَماتِي، سَيَت منجھ سَمايو.
ڪاٿي سَهي ٿو ڏُکڙا، ڪاٿي ماڻي ٿو سُکڙا.

ڪاٿي محبُ ڏيکاري مُڪرڙا، ڪاٿي ٻِرهُ آ ٻَچايو.
‘يڪدل’ الله ياڪِي رهندو اهوئي باقِي.
جَنهن جي محبت ڪيو مُشاقِي، تنهنجي نينهَن آ نَوايو.

(3)

داتا دِيڻُ جو ڏي دانُ، تنهنجي محبت ڪيو مستانُ،
نيڻَ لهن نيلمَ ڪئين، ملُهه مهانگو مانُ، داتا......
مهندانَ ئي مولا ڪيو اڪرين جو اعليٰ شانُ، داتا......
ڪٽي پياسَ پَسڻَ جي، آيس منگتو ٿِي مهمانُ، داتا......
جانبَ تِمِ هڪ چِندڙو سو ڳِچليُن تان قربانُ، داتا......
هڻ پيري ”حاتمَ“ ڪي، ڪو ڳمائين مان ڪانُ، داتا......

(4)

ڳُجُهه اَندرَ منجهه ڳولِ تون، اُٿي عشقَ پنهنجي ڪي اُڪولِ تون،
اِسرارُ سارو تُنهنجي اَندرَ ۾ ٻاهر ڪِيمَ ٻولِ تون ......
جِيءَ اندر ۾ جانِبُ آهي، رُخَ پنهنجي ڪي مَ رولِ تون ......
رِندنَ واريءَ راهَ ۾ خيالُ ڪاهوڙي ڪولِ تون ......
‘يڪدل’ يار جو تو منجهه تَڪِيو ٻولَ نه ٻئي ڪنهن ٻولِ تون......

(5)

گولي ٿي مان گذاريندِيُس، وعدا وچن پنهنجا پاريندِيَس،
پنهل رات ڪٽي ويا، ڪين گهڙِي هِت گهاريندِيَس، واعدا......
هوُ جي ساريندَمِ ڪِين ڪِي، آئون ته ٻاروچا ساريندِيَس، واعدا......
هوتن ڏانهن هلڻ لئه، پنهنجو خيال خُماريندِيَس، واعدا......
محبت جي ميدان ۾ باه بره جي ٻاريندِيَس، واعدا......
‘يڪدل’ يار پنهل لئه، ڏونگر پڻ آئون ڏاريندِيَس، واعدا......

⁂

ڪو گهُمَندي گهورُ، آيمَ ٻاروچن جو
ڇَڏِيندِيَس پنيورُ هِنئُون هِت نه وِندرِي
(لطيف)

اختتام

هن ڪتاب جي پڇاڙي آئون مولانا جاميءَ جي هڪ دلڪش ۽ نصيحت آموز رباعيءَ سان ڪرڻ چاهيان ٿو:

بايار به گلزار شدم رهگذری،
برگل نظری فگندم از بیخبری،
دلدار به طعنه گفت شرمت بارا،
رخسارِ من اینجاست تو درگل نگری.

معنيٰ: ”هڪ ڏينهن پنهنجي دوست سان باغ ۾ پئي گهميس ته اوچتو جهالت ڪان گل تي نظر ڪيم، اهو ڏسي دوست طعنو هڻي چيو ته توکي شرم نٿو اچي جو منهنجي گلابي ڳل هوندي به تون گل کي پيو ڏسين.“

باطوني مطلب: ”اي انسان! تون هن دنيا جي ڪوڙي سونهن ڏي نظر ڪرين ئي ڇو ٿو، جنهن صورت ۾ الله پاڪ جي سچي سونهن تولاءِ ڪافي آهي. ان کي ئي ڏس، ان جو ئي ديدار ڪر ۽ ان جي ئي تات ۾ رهه. هرويرو هن دنيا جي فريب تي ڇو ٿو موهجين؟“

غور ڪري ڏسبو ته بابا سائينءَ جي سڄي ڪلام جو روح ۽ هن ڪتاب جو تَتُ مٿينءَ رباعيءَ جي باطوني معنيٰ ۾ سمائجي ٿو وڃي.

حق موجود
سدا موجود

خادمِ فقراءُ
ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر

سنڌ صوفين جي سرزمين آهي جنهن ۾ معرفت جا ڪيئي گل ٽڙيا آهن جن سان اسان جي هيءَ ڌرتي مهڪي رهي آهي. اسان جا مرشد هادي بابا محبّ علي خان ٽالپر به انهن گلِ رنگ و خوشبو مان هڪ گل آهن. پاڻ سڳورن پنهنجي علم و عرفان ۽ روحاني تعليمات سان ڪيئي چراغ روشن ڪيا.

پاڻ سڳورا سن 1923ع ۾ ڳوٺ مهر علي ٽالپر تعلقو شهدادپور ضلع سانگهڙ (جيڪو ان وقت نوابشاهه ضلعو هو) ۾ مهر علي خان ٽالپر جي گهر ۾ تولد ٿيا. هيءُ ڳوٺ شهدادپور کان اٽڪل 5 ميل اتر اولهه طرف آهي. ڪنهن زماني ۾ هتي واريءَ جون ڀِٽون، ڪبڙ، ڪرڙ ڪنڊا ۽ جهنگل هوندو هو چو ته ڪنهن وقت ۾ هتان درياءِ سنڌ وهندو هو جيڪو هن وقت رخ مٽائي هالا پراڻا کان وهي رهيو آهي پر هينئر جاگرافيائي حالتون تبديل ٿي چڪيون آهن ۽ ڳوٺ جي چوڌاري سرسبز ٻنيون نظر اچن ٿيون.

1970ع ۾ مون کي بابا سائين جن جي ڪلام سهيڙڻ جو خيال دل ۾ پيدا ٿيو. ان لاءِ ضروري سمجهيم ته ڪلام سان گڏ سندن زندگيءَ جا ظاهري توڙي روحاني حالات به قلم بند ڪجن. مون کين عرض ڪيو ته پنهنجي سوانح حيات لکي ڏيو ته نوازش ٿيندي. منهنجي عرض کي قبول فرمائي پاڻ سڳورن 1970ع تائين پنهنجي زندگيءَ جا حالات و واقعات لکي ڏنائون جيڪي نهايت دلچسپ ۽ سبق آموز آهن. اُهي سندن ئي زباني ۽ 1970ع کان بعد جا حالاتِ زندگي، سندن تعليمات، مرشد سائين، صحبتين ۽ طالبن جو احوال، شاعري ۽ ضميمو پنهنجي تحرير ۾ پيش ڪندس، شال فقراء کي هي ڪاوش قبول پوي.

ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر

فقير اعجاز علي ٽالپر گادي نشين درگاه فقير روشن ضمير محب
علي ٽالپر

صوفي فقير سائين ولي محمد ٽالپر

(محڪم مرد مئيخانو)

درگاه روشن ضمير محب
علي ٽالپر